
شاهه لطيف
هر دور جو شاعر
ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# شاهه لطيف
# هر دور جو شاعر

## ڊاڪٽر بشير احمد شاد

Sindhica
سنڌيڪا

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب نمبر
245

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڇهريون ڇاپو : | 2008ع |
| ڪتاب جو نالو : | شاهہ لطيف ـ هر دور جو شاعر |
| ليکڪ : | ڊاڪٽر بشير احمد شاد |
| ڪمپوزنگ : | احسان ۽ اظهار |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | نديم احمد سولنگي |
| ڇپيندڙ: | آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي |
| ڊجيٽل ايڊيشن: | سنڌ سلامت 2020ع |
| | www.sindhsalamat.com |

قيمت : 150 رپيا

**SHAH LATIF HAR DOR JO SHAIR**
By: DR. Bashir Ahmed Shaad
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-2737290
www.sindhica.net
Email:sindhica_academy@yahoo.com

لکپڙهہ ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ
**سنڌيڪا اڪيڊمي**
B_24 نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ
ڪراچي 74400

# انتساب

سنڌي ٻوليءَ جي عظيم ڏاهي
۽ شاهه لطيف جي وڏي پارکو
**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**
جي نالي ڪيان ٿو
جنهن پنهنجي سموري حياتي
سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ارپي ڇڏي آهي.

**(ڊاڪٽر بشير احمد شاد)**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**شاھ لطيف ھر دور جو شاعر**" اوھان اڳيان پيش آھي. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ سمايل فڪر ۽ پيغام بابت مقالن ۽ مضمونن جو ھي مجموعو ناميار ليکڪ ۽ محقق **ڊاڪٽر بشير احمد شاد** جو لکيل آھي. پاڻ لکن ٿا:

"آئون پنھنجي ھن ڪتاب ۾ ڀٽائيءَ جي ڪلام جو فني توڙي فڪري جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. حقيقت اھا آھي تہ لطيف جي شاعري ايڏي تہ گھڻ رخي ۽ وسيع آھي جو سندس ھڪ ھڪ بيت ۽ وائي جا ڪئي پھلو ۽ منجھن ندرتن جا ڪيئي جھان نظر اچن ٿا. منھنجي ھن ڪتاب ۾ اھڙا ڪيئي مقالا آھن جن ۾ اوھان شاھ جي ڪلام جي انفراديت، فني ۽ فڪري عروج ۽ ٻوليءَ جي حسناڪين کي محسوس ڪري سگھندا."

ھي ڪتاب 2008ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


| | |
|---|---|
| ٻہ اکر | 08 |
| • لفظي ۽ معنوي ندرت | 10 |
| • نفي جو فلسفو | 16 |
| • سنڌي سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي | 28 |
| • پورهيتن جي پچار | 34 |
| • ٿرين جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذڪر | 57 |
| • جدوجهد جو پيغام | 71 |
| • سُر سورٺ ۾ علامت نگاري | 88 |
| • شاهہ جي نظر ۾ مومل جو مقام | 96 |
| • اکين جا احوال | 106 |
| • تجنيسِ حرفي جو ڪمال | 116 |
| • سُر يمن ڪلياڻ ۾ علم ۽ عمل جو تصور | 136 |
| • سُر ڪوهياريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سنيهو | 142 |
| • تشبيهن جي سونهن | 149 |
| • سُر رپ ۾ وڇوڙي ۽ ويراڳ جا ورلاپ | 161 |
| • سُر ڪاپائتيءَ ۾ وقت جي وقعت ۽ پيار پريي پورهئي جو پيغام | 168 |
| • سُر ڪارايل ۾ سچن سان صحبت جو سبق | 174 |

- صنعتن جو استعمال 180
- انساني عضون جو ذڪرِ انهن جي معنوي حقيقت 196
- قادرِ مطلق جي هستيءَ جو تصور 208
- سُر ڪاموڏ جو روحاني راز 212
- سُر ديسيءَ جو معالعو 219
- سُر آسا جو مطالعو 228
- سُر سامونڊيءَ جو مطالعو 238

# ٻہ اکر

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر ۽ فلسفي جي ڳـَـٽ ڪرڻ نهايت اوکو ڪم آهي. شاھ جي ڪلام ۾ جيڪا گهرائي، وسعت ۽ لطافت آهي، هن جي لفظن ۾ جيڪا سڳنڌ، ڪشش ۽ معنويت آهي تنهن کي ڪي صاحبِ علم ئي پرکي، پروڙي ۽ سوجهي سگهن ٿا. آئون هڪ طالبِ علم جي حيثيت ۾ ڀٽائي جي شاعري کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ جي ڪوشش ڪندي سندس فني ۽ فڪري پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ جي جستجو ۾ گذريل 40 سالن کان مصروف رهيو آهيان. مون جيڪي ٻہ رنڊا روڙيا آهن، تَن لاءِ مون هميشہ پنهنجي من ۾ محبت جو وکر ضرور رکيو آهي. لطيف فهميءَ جي دعويٰ نہ آئون اڄ ٿو ڪيان نہ اڳ ڪڏهن ڪئي آهي، ڇوتہ لطيف سائين عقل، آگهي، علم، شعور توڙي تصوف جي رمزيت جو اهڙو ساگر آهي جنهن کي پار ڪرڻ سولو نہ آهي.....

آئون پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڀٽائيءَ جي ڪلام جو فني توڙي فڪري جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت اها آهي تہ لطيف جي شاعري ايڏي تہ گهڻ رخي ۽ وسيع آهي جو سندس هڪ هڪ بيت ۽ وائي جا ڪئي پهلو ۽ منجهن ندرتن جا ڪيئي جهان نظر اچن ٿا. منهنجي هن ڪتاب ۾ اهڙا ڪيئي مقالا آهن جن ۾ اوهان شاھ جي ڪلام جي انفراديت، فني ۽ فڪري عروج ۽ ٻوليءَ جي حسناڪين کي محسوس ڪري سگهندا.

هن ڪتاب ۾ مون شاھ جي شاعري جي انهن رخن تي بہ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن تي لطيف جي پارکن جي يا تہ ٻنهہ نظر ئي نہ وئي آهي يا وري انهن موضوعن کي رڳو سرسري طور ئي ڇهيو ويو آهي. خاص طور ڪلام جي فني پهلوئن تي قلم کڻڻ وقت مون انهيءَ ڳالهہ کي ذهن ۾ رکيو.

لطيف، سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. هو سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مهندار هوندي، سنڌي شاعريءَ جي جديد روايتن سان بہ سلهاڙيل آهي. پٽائي جي فڪر ۽ ذڪر ڪان سواءِ سنڌي شاعريءَ جي مالها مڪمل ٿيڻ ممڪن ئي نہ آهي. جيسيتائين سنڌ قائم رهندي ۽ جيسيتائين سنڌي ماڻهو زنده هوندو تيسيتائين پٽائي جو فڪر زنده رهندو...... اسين پوٽا ٽي سو سالن ۾ لطيف جي عظمت کي جيترو سمجهي سگهيا آهيون، اها رڳو ابتدا آهي. ڇوتہ شاهہ جي عظمت ۽ حيثيت کي سمجهڻ لاءِ اڃا صدين جي سفر جي ضرورت آهي.

مون پنهنجي هن ڪتاب جو نالو ”شاهہ لطيف هر دور جو شاعر“ ان لاءِ رکيو آهي تہ شاهہ جو فڪر ڪڏهن بہ پٺي پراڻو ٿيڻ وارو نہ آهي بلڪ جئن جئن وقت گذرندو ۽ جئن جئن ماڻهوءَ جي شعور ۾ پختگي ايندي تئن تئن انسان جون سماعتون ۽ بصارتون ان جي تازگي ۽ حسن کي ڀرپور نموني محسوس ڪنديون.

آئون اميد ٿو ڪريان تہ منهنجي هن پيار ڀريي پورهيي کي اوهان هميشہ وانگر محبت ۽ مانَ جي نگاهہ سان ڏسندي قبول ڪندا.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

01 مارچ 2008
سميع آباد ۔ لاڙڪاڻو
03013470052

# لفظيءِ معنوي ندرت

ادبي ٻوليءَ جي بنيادي خوبين ۾ لفظيءِ معنوي ندرت کي وڏي اهميت حاصل آهي. اها خوبي ٻوليءَ کي معياري ۽ خوبصورت بڻائي ٿي ۽ منجهس نواڻ ۽ مٺاس پيدا ڪري ٿي.

شاهه سائينءَ جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو شاهڪار آهي. جيڪو سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي معياري ۽ سڌريل ٻولين جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو. رسالي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته منجهس لفظيءِ معنوي ندرت جو خزانو پريل آهي. هيٺ مختلف سُرن مان اهڙا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا.

سُر يمن ڪلياڻ جو بيت آهي:

ويجَ مَ ٻڪي ڏي ، الا چڱي مَ ٿيان
سجڻ مانَ اچي ، ڪر لاهو ٿي ڪڏهن

مٿيون بيت لفظي توڙي معنوي ندرت سان سينگاريل آهي. لفظي ندرت ۾ بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ ’ڪر لاهو‘ تي غور ڪجي. ڪَر معنيٰ خبر ، ’لاهو‘ معنيٰ لهندڙ يعني خبر لهندڙ. لطيف سائين خبرگيري ڪرڻ لاءِ هڪڙوئي لفظ استعمال ڪري بيت ۾ ندرت پيدا ڪئي آهي. معنوي ندرت جي لحاظ کان پڻ ڏسبو ته هرڪو انسان ويج يا طبيب کان چڱ ڀلائيءَ وارو علاج طلبيندو آهي. پر هتي عاشق طبيب کان اهڙي ٻُڪي ٿو طلبي جنهن سان چڱو ڀلو ٿي نه سگهي. هو ان بيماريءَ واري حالت کي سجڻ جي ملاقات جو سبب بڻائڻ ٿو چاهي ته من منهنجي اگهائيءَ جي خبر سڻي محبوب مونکان پڇڻ لاءِ اچي نڪري.

سُر سهڻيءَ ۾ لفظي ندرت جو مثال ملاحظه ٿئي:

گهڙو ڀڳو تہ گهورئو، مر ٻيڙ ٿئي ٻاهم
طالب المولىٰ مذڪر، اي ڀَرِ اساهم
پئان نہ پاهم، مون ميهار من ۾

ٻاهم ، اساهم ۽ پاهم لفظي ندرت جا مثال آهن. ’ٻيڙ ٿي ٻاهم‘ مان مراد آهي تہ ميهار جي محبّت ۾ گهڙو ڀڳو تہ گهورئو. هاڻي ٻَل منهنجي ٻانهين ٻيڻي ٿئي. ’ٻانهنم‘ معنيٰ ٻانهن يا ٻانهين. اهڙيءَ ريت اسانجي معنيٰ ۾ ’اساهم‘ ۽ پوئتي جي معنيٰ ۾ ’پاهم‘ لفظ استعمال ڪري لطيف سرڪار هڪ طرف منفرد قافيہ آندا آهن بہ ٻي طرف ٻوليءَ ۾ ٽن خوبصورت لفظن جو اضافو ڪيو آهي.

ساڳي سُر مان هڪ ٻيو مثال پيش آهي:

وڇين سان وينٽي ، سور وياڇي سهڻي
آن ڪاتي ڏينٽي ، مينهن جي ميهار سين

هتي سهڻي وڇين سان وينٽي سورَ اوري. سورن اورڻ لاءِ ’وياڇي‘ جو منفرد لفظ استعمال ٿيل آهي. جڏهن تہ ٻي سٽ ۾ ’ڏينٽي‘ ملاقات جي معنيٰ ۾ آيل آهي. سهڻي وڇين سان وينٽي احوال اوري ۽ پڇي ٿي تہ ڀلا توهان جي ميهار سان ڪا ملاقات ٿي آهي!

سُر سهڻيءَ مان لفظي ندرت جو هڪ ٻيو مثال ڏجي ٿو:

ڪارا ڪُنَ، ڪاري تڳي، جتي ڪاريهر ڪڙڪا
مئي متي مهراڻ ۾ ، اچن دوپارا دڙڪا
ويندي ساهڙ سامنهان ، جهول ڏنس جهڙڪا
ڪرڪن جا ڪڙڪا ، سونهان ٿيئڙس سير ۾

بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ ’دوپارا‘ آيل آهي ، جنهن جي معنيٰ ٻنهي پاسي آهي. دو معنيٰ ٻہ. پارا معنيٰ پاسا يعني ٻئي پاسا يا ٻنهي پاسن کان. ٽين سٽ ۾ ’جهڙڪا‘ جي معنيٰ ضربون يا چپيٽون آهي. ٻئي لفظ لفظي ندرت جو عمدو مثال آهن. اهي معنيٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان اهڙا تزُ آهن جئن منڊيءَ تي ٽِڪَ.

سسئي آبري جو هڪ بيت آهي :

ڪُوڙين پچن ڪيچ ، هوت پچن هتهه
جن پنهونءَ سين پيچ ، تن پيرين پنڌ وسارئو

مٿين بيت ۾ لفظ 'هتهه' هتي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي، جيڪو پڻ لفظي ندرت جو نمونو آهي.

سُر حسينيءَ ۾ پڻ معنوي ندرت جا خوبصورت مثال ملن ٿا.

آئون ڏوريان شال مَ لهان ! پرين هيئن پَري
هڏِ نہ ساهہ سري ، تَنَ تسلي نہ ٿئي

هن بيت ۾ عاشق پنهنجي مطلوب ۽ مقصود کي ڏورڻ تہ چاهي ٿو پر ان کي حاصل ڪرڻ جي تمنا نہ ٿو رکي ۽ چاهي ٿو تہ ڪائنس پل پرين پري هجي ، جئن سندس اها تڙپ ۽ تانگهہ قائم رهي ۽ اندر مان اڪير نہ لهي ۽ تَنَ کي تسلي نہ ٿئي ، متان محبوب جي ملڻ ڪانپوءِ انهيءَ تڙپ ۽ تانگهہ ۾ گهٽتائي اچي وڃي. بيت ۾ ڪيڏي نہ معنوي ندرت سمايل آهي.

لفظي ندرت لاءِ لفظ 'هيئن' هجڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي. ساڳئي ئي سُر ۾ اهڙي مفهوم وارو هڪ ٻيو خوبصورت بيت ملي ٿو.

ڏوريان ڏوريان مَ لهان ، شال مَ ملان هوت
من اندر جا لوچ ، مچڻ ملڻ سان ماني ٿئي

مٿيون بيت معنوي ندرت جو عمدو مثال آهي.

سُر معذوري مان لفظي ندرت جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

وَڏو ڪيم وٽاهہ ، اونچا ڏونگر مَ ٿيو
ٽِمو مَ نيٽاهہ ، تہ پير نهاريان پرينءَ جو

هتي لفظ 'وٽاهہ' وٽن جي معنيٰ ۾ آيل آهي. جڏهن تہ ٻي سٽ ۾ 'نيٽاهہ' جو مطلب نيڻ يا اکيون آهن. ٻئي لفظ نواڻ سان ڀرپور آهن. ٻي سٽ جو مفهوم ۽ مطلب معنوي لحاظ کان ڪيڏو نہ سهڻو آهي. سسئي پنهنجي اکين سان مخاطب

آهي تہ توهان نير نہ وهايو، ڳوڙهن سان نہ پرجي اچو، جئن مان پرين جو پيرو لهي وٺان. اکين ۾ ڳوڙها پرجڻ وقت چٽو نہ ڏسي سگهبو آهي.

معنوي ندرت جو سُر ليلا چنيسر مان هڪڙو مثال ڏجي ٿو.

الا ! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهين ڏک ڏسن
مون سين مون پرين ، پورائيءَ ۾ پال ڪئا

گهٽي ڏاهپ ڪڏهن ڪڏهن انسان ۾ غرور ۽ گهمنڊ پيدا ڪندي آهي ۽ سندس گمراھ ٿي پوڻ جا قوي امڪان پيدا ٿي پوندا آهن. تنهن ڪري الله جي ٻانهن هميشہ پنهنجي هست کي نيست ڪيو ۽ پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ ڀانيو بلڪہ مالڪ کان هميشہ اها دعا گهري تہ اسان کي اَڻجهن ۽ اياڻن کي شمار ڪر، ڇوتہ اهڙن انسانن تي مالڪ جي خاص مهر ڀري نظر هوندي آهي. آقا کي اگلڙا پسند هوندا آهن. بيت ۾ معنويت جي لحاظ کان ڪيڏي نہ نواڻ نظر اچي ٿي.

سُر سورٺ مان لفظي ندرت جو هڪ سهڻو مثال پيش ڪجي ٿو :

سوءَ سِرن پائي ، جي تند برابر توريان
اٿل اوڏاهم ٿيي ، جيڏاهن ٻيجل ٻُرائي
سَڪڻو هڏ آهي ، سِرَ ۾ سيڄڻ ناھ کو

هن بيت ۾ لفظ 'اوڏاهم' ان پاسي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي ۽ 'سيڄڻ' مان مراد نذرانو ڏيڻ آهي. لفظي ندرت کان علاوه بيت ۾ وڏا معنيٰ جا موتي سمايل آهن. راءِ ڏياچ هڪ سِرُ تہ ڇا پر سوءَ سِرَ ڏئي سرخرو ٿيڻ ٿو چاهي ۽ ان عمل کي نذرانو تصور ٿو ڪري. سندس عقيدت جي انتها آهي جو هو سوءَ سرن کي تند برابر تورڻ بعد بہ اُٿل ان پاسي ٿو پائين جنهن پاسي ٻيجل ٻينو تند تنواري.

ساڳئي سُر ۾ ساڳئي مفهوم ۽ معنيٰ وارو هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي :

مٿي اُتي مهجي، جي ڪوڙين هُوَنِ ڪپار
تہ وارئو وارئو وڍيان، سسيءَ کي سوءَ وار
تہ پڻ تند توار، موهان مٿائون مڱڻا!

مٿين بيت ۾ لفظ ’هُوَنِ‘ هجن جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. ٻئي سٽ ۾ ’وارئو وارئو‘ بار بار يا وري وري جي لاءِ استعمال ڪيل آهي. ٽين سٽ ۾ ’موهان‘ جي معنيٰ مونکان آهي. اهي ندرت جا سهڻا مثال آهن.

سُر آسا ۾ لفظي خواهه معنوي ندرت جو هڪ خوبصورت بيت ملي ٿو.

الا ڪر جيئن ، مدي جن جي من ۾
اسان ۽ پرين جون اميدون پسن
تهان پوءِ مرن ،سڙي انهي سور ۾

هرڪو انسان چاهيندو آ هي تہ سندس دشمن نيست ۽ نابود ٿئي. پر هتي معاملو ٻئي اور آهي. عاشق پنهنجي حريف ۽ دشمن جي عمردرازيءَ لاءِ منفرد دعا گهري ٿو. هو چاهي ٿو تہ سندس دشمن تيسيتائين جيئرو هجي جيستائين سندس ۽ پرينءَ جي من جون مرادون پوريون ٿين. اهي مرادون ڀَسي پوءِ سندس دشمن ڀل انهي سور ۾ سڙي مري. بيت ۾ ڪيڏي نہ معنوي ندرت سمايل آهي. لفظي ندرت جي حوالي سان لفظ ’تِهان‘ جو مطلب ’ان کان پوءِ‘ آهي.

سُر مارئيءَ مان لفظي ندرت جو مثال هن ريت آهي:

واجهائي وطن کي ، ساري ڏيان ساهہ
بت مهجو بند ۾ ، قيد مَ ڪريجاهہ
پرڏيهاڻي پرينءَ ريءَ ، ڏار مَ ڏريجاهہ
ٿڌي وسائج ٽرن جي ، مٿي مُئيءَ مٿاهہ
جي پوبون ٿي پساهہ ، تہ نجاهہ مڙهہ ملير ڏي

مٿين بيت ۾ ڪريجاهہ ، ڏريجاهہ ، مٿاهہ ۽ نجاهہ لفظي ندرت ظاهر ڪن ٿا. ’ڪريجاهہ‘ معنيٰ ڪجانءِ. ’ڏار مَ ڏريجاهہ‘ يعني ڏار نہ ڪجانءِ. ’مٿاهہ‘ معنيٰ مٿان ۽ ’نجاهہ‘ جو مطلب موڪلجانءِ. مارئيءَ جي اندر جو آواز آهي. مٿيان لفظ ٿر ۾ عام مستعمل رهيا آهن. تهنڪري لطيف سائين بيت ۾ اهو ئي رنگ اختيار ڪيو آهي.

سُر ديسي ۾ لفظي ندرت جا ڪيترائي مثال ملن ٿا.

سِڪي جان ستياسِ ، تان سِڪَ سمهڻ نہ ڏئي
جاڳي ستيس جن لئہ ، سي آيا تان نہ اٿياس
پيئر آئون پلياس، نہ تہ سڪ سمهڻ ڇا لڳي

هن بيت ۾ ستياس ، اٿياس ۽ پلياس لفظي ندرت جا نمونا آهن. ’ستياس‘ معنيٰ سمهي پيس. ’اُٿياس‘ جو مطلب تہ اُٿيسِ ۽ ’پلياس‘ معنيٰ پلي پيس. جتوڻيڪ سمهيس ، اٿيس ۽ پليس تمام سادا ۽ سولا لفظ آهن پر لطيف سائين انهن لفظن ۾ مناس پيدا ڪري وڌيڪ رنگين ۽ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي. بيت جي سٽاء ۾ مذڪوره لفظ ردم جي لحاظ کان بہ سهڻي جاءِ وٺي بيٺا آهن.

سُر رِپَ جو هڪ بيت پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ لفظي ندرت ملي ٿي.

گوني ۽ گُوني ، پرين پٽائين گج جنءَ
جي منجهوني ، سي ڪئنءَ وجن وسري

بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ ’منجهوني‘ جي معنيٰ من ۾ اندر يا منهنجي من ۾ آهي. ’منجهوني‘ لفظ بالڪل نئون آهي. پهرين سٽ ۾ عاشق پنهنجي محبوب جي حسن ۽ نزاڪت جو مثال خوبصورت گلن ٻوٽن واري پٽ پٽيل ريشمي گج سان ڏئي ٿو. اهڙو سهڻو محبوب ڀلا ڪيئن ٿو وساري سگهجي جيڪو عاشق جي من ۾ جائگير آهي.

# نفيءَ جو فلسفو

قرآن حڪيم جي روشني ۾ ڪائنات جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ڪائنات جي تخليق ئي نفي سان ٿي آهي. يعني عدم ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو سواءِ پاڪ هستيءَ جي. پوءِ خلقڻهار ’ڪُن‘ يعني ’ٿيءُ‘ جو حڪم فرمايو تہ ’فيڪون‘ سان ڪائنات تخليق ٿي پئي.

توحيد جي عقيدي جو بنياد پڻ نفي تي آهي. ’لا اِلٰه‘ چوڻ سان نفي ڪجي ٿي، يعني ’ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي.‘ پوءِ ’اِلا الله‘ يعني ’سواءِ الله جي‘ چوڻ سان اثبات ٿئي ٿي. اهڙي ريت صوفين جي فلسفي موجب انسان جيستائين پنهنجي وجود جي نفي يا هستيءَ جو انڪار نہ ٿو ڪري، تيستائين هن ڪي روحاني منزلون حاصل ٿي نہ ٿيون سگهن. وحدت الوجود جي نظريي مطابق حقيقي توحيد فقط اها آهي جو وجودِ اڪبر (الله تعاليٰ) ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ وجود قبول نہ ڪيو وڃي. ڇا عرش تي ڇا فرش تي.

نفي جي فلسفي بابت هند سنڌ کان علاوه دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن جي صوفين لکيو آهي. پر هتي فقط پنهنجي ملڪ سان تعلق رکندڙ اهڙن اهل الله ۽ صوفياء ڪرام جي ڪلام مان نموني طور فقط هڪ هڪ بيت تي اڪتفا ڪجي ٿي.

مرڻ کان اڳ مرڻ جي فلسفي کي حضرت سلطان باهو بيت جي ٻن سٽن ۾ هن ريت سمائي ٿو :

واه نصيبا اوهدا ، جيهڙا وچ حياتي مرَدا هو
مرن تون اگي مرگئي باهو ، تان مطلب نو پايا هُو

ساڳي نظريي جي اپٽار بلهي شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ هن انداز سان ڪري ٿو:

موئي تان روز حشر نون اُٿن ، عاشق نہ مرجاوي گا
جي تون مرين مرن تون پهلان ، مرني دا مُل پاوي گا

بابا فريد ان فلسفي کي بيت جي چئن سٽن ۾ هيٺين ريت پيش ڪري ٿو :

جنگل جنگل ڦِري فريد ، اور ڪانٽون ڪانٽون جائي
اپني من مين جهانڪي نا تو ، جنگل مين ڪيا پائي!
اگر فريد هي دانش تجهہ مين ، ڪالي ناڪر ليک
اپني سر ڪو جهڪاڪي پگلي ، بڪيي گريبان ديک

سچل سائين رحہ نفي جي فلسفي کي چئن سٽن جي مالها ۾ هن ريت پوئي ٿو :

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي پاڻ سڃاڻ
مکڻ آکر هيڪڙو، سو ئي کير سڻياڻ
اهو اٿئي اهڃاڻ، ڳهلا انهي ڳالهہ جو

بيدل فقير پنهنجي ڪلام ۾ نفي جي متعلق فرمايو :

نفي ڏاران ناه ڪا، ويراڳي ٻي واٽ
ساميئڙا سر ڪاٽ، تہ اوڏو ٿئين اثبات کي

سيد رکيل شاهہ صوفي ان سلسلي ۾ رقمطراز آهي :

ڳلرَ ڪيري مٿي پايان، نہ ڄاڻان پاڻ ڪجهہ آهيان
وڃائي وجود دک پايان، پڙهايم بره هي باتي
ڇڏيم هستي خودي ماري، ڪري پئمال هڏ ڳاري
ائين ٿو عشق اوجاري، هميشہ درد دل جاني

خوش خير محمد هيسباڻي پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ نفي جي فلاسافي کي هن ريت پيش ڪري ٿو :

جي پڙھدي تڪبير فنا دي ، ھٿ اکر ’لا‘ دي ڪاتي
مخفي مرڻ تنھا دا ھويا ، رھن ھميشھ حياتي
خوش خير محمد بنان مرڻ نہ ٿيوي، عشق اھو اثباتي

سنڌ جي ھڪ ٻي صوفي شاعر ۽ سچل سائين جي خاص مريد نانڪ يوسف نفي بابت پنھنجو خيال پيش ڪندي فرمايو آھي :

اول نفي نيارو، پوءِ الا الله اشارو
منجھہ عشق ھينئن گذارو، آھي پرتوو پرين جو

اھڙي طرح صوفي غمدل فقير پنھنجي ڪلام ۾ نفي جي حوالي سان فرمايو :

پاڻ پنھنجو پاڻ ۾، پاڻ ڪري پئمال
پيھي پَس پاتار ۾، جلويگر جمال
وحدت وره جو، واصل وٺي وصال
ھاديءَ سندو حال، غمدل پروڙج پاڻ ۾

شاھ لطيف پڻ ساڳي منزل جو پانڌيئڙو ۽ مذڪوره صوفيا ڪرام ۾ ٻين ڪيترن جو پيش رو آھي. ھاڻي اسين نفي جي فلسفي بابت ڀٽائي جي ڪلام جو جائزو وٺندا سين.

’سُر آسا‘ ۾ لطيف نفي جي اپٽار ڪندي فرمايو آھي :

جان جان پسين پاڻ، تان تان ناھ نماز
سڀ وڃائي ساز، تھان پوءِ تڪبير چئہ

---

جان جان پسين پاڻ، تان تان ناھ سجود
وڃائي وجود، تھان پوءِ تڪبير چئہ

الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ وقت وقت پنھجي وجود جي نفي ڪرڻ ضروري آھي. ڀٽائي سائين جي آڏو اھڙي عبادت ئي بي معنيٰ آھي، جنھن ۾ انسان پنھنجي وجود جي نفي نہ ٿو ڪري. جيسين ھو خديءَ جو بندو آھي، تيسين خدا جو بندو

ٻڌجي نہ ٿو سگهي. پوءِ اها عبادت ۽ رياضت ئي ريا واري آهي. پنهنجي دل مان سمورا غير گمان ڪڍي باطل حيلا وسيلا ترڪ ڪري، وهم ۽ وسوسا وساري اندر کي اجرو ڪرڻو آهي. ان کان پوءِ ئي رب جي عبادت ۽ اطاعت جو صحيح معنيٰ ۾ حق ادا ٿي سگهندو. ساڳي سُر جي هڪ ٻي بيت ۾ لاڪيٽي لطيف فرمايو آهي :

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي
ڪبي اُ ت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳُجهہ جي

جن انسانن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ۽ پنهنجي وجود جي نفي ڪئي، سي فنا في الله ٿي ويا. انهن ئي معرفت جون اعليٰ منزلون ماڻيون. اهڙن انسانن الله تعاليٰ جي حڪمن جي بجا آوري ڪري دراصل پنهنجي عبديت جو حق ادا ڪيو ۽ علم وعرفان جا صاحب ٻڌجي ويا. انهن کي جيڪا منزل حاصل ٿي ۽ جيڪي عجب اسرار مٿن کليا، تن جو ذڪر ڪرڻ انهن جي لاءِ مشڪل ۽ محال آهي ڇالاءِ تہ ربّ جي ذات بي مثل آهي.

سُر پرڀاتي جو هڪ بيت آهي :

ڄاڻين تہ بہ نہ ڄاڻ، ايءُ در اٻوجهن جو
ان در سي ئي اگهيا، جن نہ ڀانيو پاڻ
ريجهائڻو راڄاڻ، آهي اٻوجهن جو

مٿين بيت ۾ لطيف سائين ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ انسان کي پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي گهمنڊ هر گز نہ ڪرڻ گهرجي. علم جو تہ ڪو اَنُو مَنُو ئي ڪونهي. ڪو ڪيترو بہ ڄاڻي پر پوءِ بہ اهو عقلِ ڪل يا علمِ ڪل ٻڌجي نہ ٿو سگهي. سواءِ انهن هستين جي جن لاءِ خدا پاڻ چاهي. تنهن ڪري عام انسان کي گهرجي تہ ائين ڄاڻي ڄڻ هو ڪجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻي. يونان جي مشهور ڏاهي سقراط بہ اهو ئي چيو هو تہ ”مان ڄاڻان ٿو تہ مان ڪجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻان.“ جن پاڻ کي ڀانيو يعني ’مان‘ ڪئي اهي ڀٽڪي ويا. مهربان مالڪ جي در تي تہ فقط انهن اڻ ڄاڻن ۽ اٻوجهن جو مانُ

آهي، جيڪي من ۾ محبت پائي رنڊا روڙيندا آهن. پوءِ فقط انهن جو ئي اڻ توريو اگهي ويندو آهي.

ساڳي مفهوم وارو هڪ بيت سُر آسا ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ پڻ شاهہ سائين وجود جي نفي جي نتيجي ۾ مالڪ جي مهربانين جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو :

اوڳڻ رُسي سپ ڪو، ڳڻين پرين رُنام
ليڪيم جي لسان سان، سي ڪر ڪين ڪئام
پاڻُ وڃائي پاهيجا، ٿورا ٿڪ هنئام
بندگي شرمندگي، اها ميڙ مڪام
تڏهن پرين پرچئام ، ’آئون‘ جڏهن اُٿ گئي

اها هڪ مسّلم حقيقت آهي تہ بد اعمال، بد افعال ۽ بڇڙي انسان سان تہ پنهنجا توڙي پراوا سڀ ناراض هوندا آهن. پر هن بيت ۾ لطيف پرينءَ ڪي پنهنجي اهڙي طالب سان رُسندي ڏيکاريو آهي، جيڪو صاحبِ ڪردار بہ آهي تہ عبادت گذار بہ. پر اهڙي طالب جڏهن پاڻ سنڀاليو تہ ڪيس پنهنجا اوڳڻ بہ آڏو اچي ويا، ۽ پرينءَ جي رُسڻ جو سبب بہ معلوم ٿي ويو. پوءِ اهڙي طالب جڏهن پنهنجي ’مان‘ کي مات ڪري بندگيءَ تي بانور چڙهي پرينءَ کي پرچائڻ لاءِ حيلا هلايا تہ سندس محبوب مٿس مهرباني جي ڇانوَ ڪئي.

سُر سهڻي ۾ شاهہ سائين نفي جي فلسفي کي اجهو هن ريت پيش ڪيو آهي :

پاڻ مَ ڪڇ پاڻ سين، ري وسيلي وڃ
پيلو پيري پيچ ، اڪنڊن ڪڻ عميق ۾

مٿين سٽن ۾ شاهہ صاحب سهڻي کي تلقين ٿو ڪري تہ ڪنهن بہ باطل سهاري بغير ميهار جي محبت ڪارڻ فقط سچي سِڪ جو سهارو وٺي موجن پريي مهراڻ ۾ ڪُڏي پئہ، ۽ پيلي کي پيچي پورا ڪر تہ مقصد ماڻي سگهندينءَ.

اهڙي طرح سُر رامڪلي ۾ سچن سالڪن جي نفي جو ذڪر ڪندي لطيف سائين فرمايو :

نہ ڪي ڪٽڻ پاڻ سين، نہ ڪو ساٽڻ پاڻ
اهڙا جن اهڃاڻ ، آئون نہ جيئندي ان ري

سچا سالڪ ۽ موليٰ جا متوالا فقر جا قائل هوندا آهن ۽ صحيح معنيٰ ۾ فقيري جو حق ادا ڪندا آهن، اهي سادگيءَ کي پنهنجو شعار بڻائيندا آهن. هٺ ۽ وڏائي وٽن نالي ڪارڻ بہ ڪانہ هوندي آهي. هو تہ پنهنجي ’مان‘ کي ماري، خوديءَ کي ختم ڪري فقط مالڪ جي محبت ۾ مست و مگن رهندا آهن. پنهنجي وجود جي نفيءَ جي اظهار لاءِ هو ’پاڻ‘ کي پيهي پامال ڪندا آهن.

ذات جي نفي کان علاوه حالات ۽ ڪيفيات جي نفيءَ بابت پڻ لطيف سائين جي انمول رسالي ۾ نهايت خوبصورت ۽ با معنيٰ بيت ملن ٿا. جن جو ذڪر ڪرڻ کانسواءِ پانيان ٿو تہ مقالو اڌورو رهجي ويندو. تنهن ڪري مُٺِ مان خرار پرکڻ جي مصداق چند اهڙا بيت پڻ پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

جهانن جي خالق هن ڪائنات جي جوڙجڪ کهڙي نہ حڪمت ۽ ڪاريگريءَ سان ڪئي آهي. اسان ڏسون ٿا تہ دنيا جي ڪيترين ئي شين ۽ حالات جا هڪ کان وڌيڪ رُخَ تخليق ڪيا ويا آهن. جهڙي ريت اونده جو ٻيو رخ روشني، خشڪيءَ جو تري ۽ بلنديءَ جو پَستي وغيره. اهڙي ريت انساني ڪيفيتن ۾ خوشيءَ جو ٻيو روپ غم، محبت جو ٻيو رخ نفرت ۽ زندگيءَ جو ٻيو رخ موت آهي. الله پاڪ انسان کي انهن سمورين ڪيفيتن سان نہ فقط روشناس ڪيو آهي بلڪہ کيس انهن ڪيفيتن مان گذرڻ جو حوصلو بہ عطا ڪيو آهي. جڏهن تہ عام انسان هميشہ انهن ڪيفيتن جي فقط روشن رخ جو متمّني رهيو آهي. هن هميشہ محبت، خوشي، سُک ۽ زندگي طلبيا آهن.

پر هن دنيا ۾ ڪي اهڙا بہ اڏول، اورچ ۽ عظيم انسان پيدا ٿيندا پئي رهيا آهن، جن خوشيءَ تي غم، سُک تي ڏکَ ۽ زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏني آهي. اهڙن الله جي پيارن ٻانهن جي انهيءَ ترجيح جي اوٽ علم ۽ حڪمت جا بيش بها خزانا پنهان آهن.

لاکيڻي لطيف جو شمار پڻ اهڙن ئي عظيم ۽ اڏول انسانن ۾ ٿئي ٿو. مون سندس رسالي مان چند اهڙا بيت پڻ کنيا آهن جن ۾ لطيف حالات ۽ ڪيفيات جي نفيءَ جي فلسفي جي اپٽار ڪئي آهي. هن وصل بدران فراق، سُک بدران ڏک، منزل بجاءِ جستجو ۽ ڏاهپ بدران پورائيءَ کي پسند فرمايو آهي. پر انهيءَ فراق، ڏک، جستجوءِ پورائيءَ جي خواهشن جي پٺيان وڏو فلسفو بيان ڪيو اٿس.

سُر حسيني جو هڪ بيت ملاحظه ٿئي.

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شال مَ ملان هوت

من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سان ماندي ٿئي

انسان هميشه منزل تي رسڻ لاءِ ئي سفر جون صعوبتون برداشت ڪندو آهي، ۽ مطلوبه ماڳ تي پهچڻ کي پنهنجي لاءِ ڪاميابي تصور ڪندو آهي. پر هتي معاملو ئي اور آهي. لطيف سرڪار کي پنهنجي جستجو جاري رکڻ ۾ ئي منزل نظر اچي ٿي. هو نه ٿو چاهي ته سندس اندر ۾ پنهنجي محبوب، مطلوب ۽ مقصود لاءِ جيڪا لوچ ۽ لوڇ، طلب ۽ تات، تڙپ ۽ تانگهه، ووڙ ۽ واجهه آهي، تنهن ۾ ڪا ڪمي اچي. تنهن ڪري سندس اها خواهش آهي ته اها جستجو جاري رهي ۽ اها اڪنڊ ۽ اُڪير تاحيات قائم رهي، متان منزل ملڻ تي اندر جي اُڪير ۾ ڪا ڪمي واقع اچي وڃي.

شمس العلماء علامه دائود پوٽو صاحب مذڪوره فلسفي کي هيٺين لفظن ۾ ۾ بيان فرمايو آهي :

”عاشق جي معشوق لاءِ تلاش ۽ سندس آخري ميلاپ جو اڪثر جسماني موت بعد حاصل ٿئي ٿو اها جستجو اڻ ٽڪ، دائم ۽ بي انتها آهي. اها سر گرداني عاشق کي مرگهه ترشنا جي جَلَ وانگر هرڪائي ڪيس لڳاتار گولا لاءِ همٿائي ٿي. تان جو انهيءَ طلب ۾ مرندي وڏي ويڇوڙي بعد پنهنجي يار سان وصال پائي ٿو. جيئن تلاش زياده تيئن طلب ۽ سڪ سبيل. عشق جي واٽ ۾ فوري وصال سالڪ

ڪي خام ۽ ڳچو ٻڌائي ٿو. شاهہ انهي ڪي پي در پي تانگهہ ۽ طلب ڏانهن اشارو ڪيو آهي. فوري وصال ڪري اندر جي لوچ وساميو وڃي.“

لاڪيڙي لطيف جو ساڳي سُر مان ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت پيش ڪجي ٿو:

جيڪي فراقا، سو وصالا نہ ٿئي
اچي اوطاقا، مونکي پرينءَ پري ڪئو

هن بيت ۾ پڻ لطيف سائين وصال تي فراق کي ترجيح ڏئي ٿو. سندس خيال مطابق سالڪ لاءِ جيڪو وڇوڙي ۾ لطف آهي اهو وصل ۾ هرگز نہ آهي. جدائي عاشق جي اندر ۾ سِڪ جي سلي کي سيراب ڪندي رهي ٿي، تنهن ڪري ئي لطيف فرمايو محبوبن جي ميلاپ مونکي مورڳو پرينءَ کان پري ڪري ڇڏيو. جنهن جو مطلب آهي تہ اها محبت ماني ٿي وئي.

سُر ليلا چنيسر جي هڪ بيت ۾ پٽائي گهوٽ فرمايو آهي:

الا ! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن
مون سين مون پرين، ڀورائيءَ ۾ ڀال ڪيا

ڏاهپ جي ڏات سان وانگيل انسان کي هر معاشري ۾ وڏي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ هر هڪ انسان اهڙي انمول دولت سان مالا مال ٿيڻ جي تمنا رکندو آهي پر لطيف کي تہ ڏاهپ ئي ڏکوئي وڌو آهي تنهن ڪري ئي هو ڏاهپ کان ڀورائيءَ کي ڀلو ٿو ڀانئي. هن ڏاهين کي ڏکن هيٺ ڏٺو آهي. ٻي طرف جنهن پرينءَ سان سندس پيچ پيل آهي ان وٽ وري اٽڃاڻن، ابوجهڙن ۽ ڀورڙن جو قدر آهي، ڇوتہ اهي ’مان‘ جي مار ۾ مبتلا نہ هوندا آهن. مالڪ اهڙن ابوجهڙن کي اڏي ڇڏيندو آهي. گهڻي ڏاهپ انسان ۾ غرور ۽ تڪبر پيدا ڪندي آهي. اهڙي ئي فلسفي جي اظهار مان لطيف سائين جي منزل ۽ مقام جو پتو پوي ٿو تہ هن ڪيئن ڏاهپ کي ڏيندي وڏي ڏاهپ جو اظهار ڪيو آهي.

لطيف سرڪار جي نفي جو مظهر هڪ بيت سُر يمن ڪلياڻ مان پيش ڪجي ٿو :

ويڄ مَ ٻُڪي ڏي، الا چڱي مَ ٿيان
سڄڻ مانَ اچي ، ڳَر لاهو ٿي ڪڍهم

اڳهائي ۽ سگهائي هر ماڻهو سان لاڳو هونديو آهن. اَڳهو ماڻهو سگهي ٿيڻ لاءِ وچي طبيبن تات پوندو آهي ۽ ويڄ يا حڪيم کي اها ئي التجا ڪندو آهي تہ ڪو اهڙو علاج ڏي تہ ستت صحتياب ٿي وڃان. پر ان ڏس ۾ لطيف جو جذبو ڪيڏو نہ لطيف آهي. هو ويڄ کي وينتي ٿو ڪري تہ مونکي اهڙو علاج ئي نہ ڏي جنهن سان چاڪ چڱو ڀلو ٿي وڃان.

لطيف جي اهڙي خواهش جو راز بيت جي ٻي سِٽ مان پڌرو ٿي پوي ٿو جنهن ۾ هو فرمائي ٿو تہ مان سَگهو ان ڪري نہ ٿو ٿيڻ چاهيان تہ جيئن منهنجو من گهريو محبوب منهنجي اَڳهائيءَ جو احوال سُڻي من اچي منهنجو اڱڻ اجاري ۽ منهنجي خير عافيت معلوم ڪري.

سُر رامڪلي ۾ سچن سالڪن جي نفيءَ جو ذڪر لطيف سائين هن طرح ڪري ٿو :

پوڄا ڪر مَ پاڻ کي، ٻَلِ پوڄا ڪان پاڻ
ڇاٽي ڇڏي ڇاڻ، پر تون پورب پار ڏي

هن بيت ۾ شاهہ صاحب سچي سِڪ جي پانڌيئڙي کي هدايت ٿو ڪري تہ پنهنجي وجود جي نفي ڪر، پنهنجي پرستش ڇڏي ڏي. ظاهري علم ۽ عقل تي گهمنڊ نہ ڪر، ڇوتہ انهيءَ 'مان' گهٽن کي ئي ماري ڇڏيو آهي. تون 'مان' کي ماري مات ڪر تہ مالڪ جي مهربانيءَ جو حقدار بڻجي سگهين.

وجود جي نفيءَ جو هڪ عمدو مثال سُر يمن ڪلياڻ جي هيٺين بيت ۾ ڏنل آهي :

عاشق عزازيل، ٻيا مڙئي سڏڙيا
منجهان سِڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو

عزازيل جو ٻيو نالو ابليس آهي. قرآن حڪيم ۾ شيطان کي ابليس جي نالي سان بہ ڪوٺيو ويو آهي. عزازيل فارسي زبان جو لفظ آهي. جڏهن تہ عربي زبان ۾ شيطان جي معنيٰ زيادتي ڪندڙ آهي. مولانا رومي بيان ڪيو آهي تہ عزازيل ملائڪن جو بہ امام هو.

صد هزاران سال، ابليس و لعين
بود از ابدال، امير المومنين

منصور حلاج ۽ لطيف جي نظر ۾ شيطان خدا تعاليٰ جو اهو عاشق آهي جيڪو ابد تائين عشق ۽ توحيد جي عقيدي جي سزا ڀوڳيندو رهندو. لطيف ابليس جي ذاتي نالي ۽ صفت ابليس کي نا پسند ٿو ڪري، ڇوتہ ان ۾ غرور آهي. وٽس انسان ذات لاءِ نفرت ۽ ڌڪار آهي.

عزازيل جو الله سان عشق هيو ۽ سندس عشق کي لطيف عاشق ٻڌجي پر ڪيو. جيتوڻيڪ عزازيل هر هنڌ لعنطعن جو شڪار بڻل آهي پر سندس الله پاڪ سان عشق جي حقيقت کي فراموش ڪري نہ ٿو سگهجي. هن حضرت آدم کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪري الله سان عشق جي انتها ڪري ڇڏي پر ان انتها ئي کيس عزازيل مان شيطان لعنتي بڻائي ڇڏيو. ڇالاءِ تہ هن اَمُر تي ادب کي ترجيح ڏني جڏهن تہ اَمُر کي ادب تي فوقيت ڏيڻي آهي. عزازيل کي پنهنجي ’مان‘ مارائي وڌو. جڏهن تہ هن کي پنهنجي وجود جي نفي ڪري خدا وند تعاليٰ جي حڪم آڏو سر تسليم خم ڪرڻو هو.

ڪيفيات جي نفيءَ جو هڪ عمدو مثال سُر آسا ۾ ملي ٿو. لطيف سائين فرمايو آهي :

الا ! ڪرَ جيئن، مدي جن جي من ۾
اسان ۽ پرينءَ جون، اميدو پسن
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾

مٿيون بيت پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان منفرد حيثيت جو حامل آهي، جنهن ۾ ندرت بہ آهي تہ تجسس بہ. پهرين سٽ ۾ لطيف پنهنجي بد خواهہ حريف لاءِ دعاگو آهي تہ سندس حياتي وڏي ٿئي ۽ جُڙيو جيئرو رهي. جڏهن تہ دشمن جي لاءِ تہ دل مان هميشہ بد دعا نڪرندي آهي، پر لطيف سائين جي ان دعا جي پس منظر جي خبر آخري ٻن سٽن مان واضح ٿي وڃي ٿي. هو فرمائي ٿو تہ سندس حريف ان لاءِ جهان ۾ تيستائين جيئرو هجي جيستائين منهنجون ۽ محبوب جون اميدون تڪميل تي رسي وڃن ۽ پوءِ هو انهيءَ سوز ۽ ساڙ ۾ سڙي ڀسم ٿي وڃي.

## جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو


- شاهہ جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهہ جو رسالو ڊاڪٽر گر بخشاڻي
- شاهہ جو رسالو غلام محمد شهوڻي
- ڀٽ جو شاهہ ايچ ـ ٽي سورلي / عطا محمد ڀنيرو
- سچل سرمست جو سنڌي ڪلام مرتب : عثمان علي انصاري
- ڪيميائي سعادت امام غزالي / مرزا قليچ بيگ
- مضمون ۽ مقالا علامہ عمر بن محمد دائود پوٽو
- علمي خزانو مولانا رومي
- عرفانِ لطيف ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- ڀِٽائي 3 (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
- ڪلامِ بيدل مولف : گل محمد انصاري
- نانڪ يوسف جو ڪلام مرتب : تنوير عباسي
- بحر العشق (رسالو سيد رکيل شاهہ) فتح چند ڪارڙا

- ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي مرتب : تنوير عباسي
- ديوان گلزار غمدل مرتب : فقير لطف علي
- حضرت سلطان باهو ڊاڪٽر ڪرپال سنگهہ خاڪ
- پنجاب رنگ شفيع عقيل (مرڪزي اردو بورڊ لاهور)

# سنڌي سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي

هر قوم جي سماج جا پنهنجا پنهنجا آدرشي قدر هوندا آهن. جن جي بنياد تي قوم ڪي پرکيو ويندو آهي. انهن آدرشي قدرن جي نشاندهي ڪرڻ وارا ان قوم جا ڏاها، سپورنج، سخنور، شاعر ۽ دانشور هوندا آهن. سون ورني سنڌ ڌرتيءَ تي وسندڙ قومن جا بہ روشن آدرشي قدر آهن. جن ۾ حب الوطني ۽ بهادري، سخاوت ۽ مهمان نوازي، حلم ۽ هيٺاهين، عزت ۽ غيرت کان علاوه مذهب سان محبت وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌي قوم جي انهن آدرشي قدرن جو عڪاس حضرت شاهه عبداللطيف آهي، جنهن پنهنجي لاثاني ۽ لافاني ڪلام ۾ انهن قدرن جي ڀرپور نموني عڪاسيءَ جو حق ادا ڪيو آهي.

## حب الوطني

اسلام ۾ حب الوطني کي ايمان جو جزو قرار ڏنو ويو آهي. جنهن ڌرتيءَ تي انسان جنم وٺي ٿو پلي نپجي جوان ٿئي ٿو، جنهن زمين جو سينو چيري جياپي جو سامان حاصل ڪري ٿو، جنهن خطي جي پاڻيءَ سان پنهنجي رڳن کي ريج ڏئي ٿو، جنهن سرزمين سان سندس ڏک سک واڳيل رهن ٿا، جنهن جاءِ تي سندس وڏڙن جون مزارون ۽ مقبرا آهن، تنهن ڌرتيءَ سان محبّت رکڻ هر باشعور انسان تي فرض آهي. جيڪو بي حس انسان پنهنجي وطن کي وساري ٿو ويهي تنهن تي ڦٽڪار ٿي وسي. ڀٽائي سائين اهڙن انسانن لاءِ ئي فرمايو :

حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو

ڀٽ ڌڻي سنڌي سماج مان مارئي جي روپ ۾ حب الوطني جو اهڙو لازوال ڪردار ڳولي ڪڍيو جنهن جو مثال دنيا ۾ نہ ٿو ملي. مارئي کي پنهنجي وَرَ ۽ گهر،

ڇن ۽ ڇپر، سانگين ۽ ساٿيهہ سان بي پناهہ محبّت هئي. هوءَ جيئري تہ ڇا پر مُئي کان پوءِ بہ پنهنجو مڙهہ ملير ۾ پورائڻ پسند ڪري ٿي ۽ عمر سومري سان مخاطب ٿي چوي ٿي تہ جيڪڏهن آنءُ ساٿيهہ جي سِڪ سيني اندر سانڍي هن دنيا مان ڪُوچ ڪري وڃان تہ منهنجو مڙهہ مارن جي حوالي ڪجانءِ جيئن منهنجي تربت ٿر جي ٿڌڙي مٽيءَ ۾ جُڙي ۽ پنهنجي اباڻي ڏيهہ جي خوشبودار ولين جو واس اچي ۽ اهڙي طرح آنءُ مري امر ٿي وڃان. لطيف سرڪار مارئيءَ جي اهڙي جذبي جو اظهار بيت جي ڇئن سٽن ۾ هن ريت ڪيو آهي :

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس
تہ گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس
مُيا ئي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي

سانگين جذبن جو عڪاس هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي :

سنهي سُئيءَ سبيو مون ماروءَ سين ساهہ
ويئي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهہ
هنيون منهنجو هُت ٿيو، هِت مٽي ۽ ماهہ
پکن منجهہ پساهہ قالب آهي ڪوٽ ۾

## بهادري ۽ جرئت

بهادري ۽ جرئت ڪنهن قوم جا اهڙا گڻ آهن، جيڪي سندس وجود جي بقا جا ضامن بڻجي وڃن ٿا. بهادر قوم ڏي ڪو ميري اک سان نهاري نہ ٿو سگهي. هيمون، هوشو، دودو ۽ دولهہ دريا خان سنڌ جا اهڙا اڏول ۽ انمول ڪردار آهن جن سنڌ مٿان پنهنجا سر بہ گهوري ڇڏيا.

لطيف سنڌ ڌرتيءَ جي بهادر ۽ اڏول انسان جي ونيءَ جا تاثرات بيت جي ٽن سٽن ۾ هن ريت بيان ڪيا آهن :

’پڳو‘ آئون نہ چوان ، ’ماريو‘ تہ وسهان
ڪانڌ مهہ ۾ ڏڪڙا ، سيڪيندي سُنهان
تہ پڻ لڄ مران ، جي هونس پٺ ۾

بهادري ۽ جرئت جو مظاهرو حق جي واٽ ۾ ڪيو وڃي تہ ليکي ۾ ايندو. اهڙن اڙٻنگ انسانن جو هر قدم اڳي کان اڳرو هوندو آهي. اهي جُنگ جوان، ميدانِ رزم جا شير صف شڪن ٻڻجي اڳتي وڌندا آهن ۽ دشمن کي ماري موٽندا آهن. اهي دلير هميشہ سينا سپر ٿي منهن ۾ ڌڪ جهليندا آهن. انهن بهادرن جون ونيون بہ اهڙيون ئي بهادر ۽ جرئتمند هونديون آهن. انهن کي پنهنجي سر فروش وَرَن جي چيڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي آهي. پڄڻ تہ بزدلن جو شيوو آهي، پٺيءَ ۾ تہ پاڇوڪڙ ئي گهاوَ کائيندا آهن. مرڻ مارائڻ جو خيال مهمير ۽ مرد مٿير ئي ڪري سگهندا آهن.

## سخاوت ۽ مهمان نوازي

سنسار ۾ سخاوت ۽ مهمان نوازي جي خوبين بيان ڪرڻ وقت سنڌ ۽ عرب جي قومن جا نالا سر فهرست ورتا ويندا آهن. سنڌ هميشہ ٻاهرين قومن لاءِ امن ۽ عافيت جو گهوارو رهيو آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي جو اڪثر ٻاهريون قومون هتي ٿانئدي لاءِ آيون ۽ بورچاٽيون بڻجي ويهي رهيون ۽ سنڌ جي اصلي وارثن لاءِ عذاب جو سبب بڻجي ويون. لطيف سائين پنهنجي رسالي ۾ بظاهر سنڌ جي سخي مردن سمن ۽ ابڙن سردارن جي سخاوت ۽ دليري جو ذڪر ڪيو آهي تہ اهي ڪيئن پنهنجي راڄ ڀاڳ جا رکوالا هوندا هئا ۽ سامون ڪٽندا هئا، گڏو گڏ انهن جي سخاوت جا ڳڻ پڻ ڳايا آهن. پر باطني اشارو ٻنهي جهانن جي سردار ڏانهن آهي جيڪي ٻي ڪسن جا ڀرجهلو ۽ اڙين جا آڌر هئا. جن ڪمزورن سندن دامن پڪڙي اهي هميشہ لاءِ حفاظت هيٺ اچي ويا ۽ انهن جا ٻيڙا پار ٿي ويا. سخاوت جي حوالي سان شاهہ سائين جا بہ بيت پيش ڪجن ٿا :

سرڻين جي سُک لاءِ، سام ڪٽي سردار
جي آيون اَبڙي جي آڏار ، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون

—

پرچي تہ پاٽ پري ، ڏمرجي تہ بہ ڏي
جُنگ جکري کي ، ٻئي چڱيون چت ۾

## هيٺاهين / نئڙت ۽ نياز

سياڻن جو چوڻ آهي تہ ميويدار وڻ هميشہ نمي ٻيهندو آهي. نئڙت ۽ نياز، حلم ۽ هيٺاهين، عاجزي ۽ انڪساري اهڙيون خوبيون آهن جيڪي انسان کي عظمت تي رسائين ٿيون. تاريخ گواھ آهي تہ سنڌي قوم ڪڏھن بہ ڪنهن مرحلي تي اڳرائي ڪونہ ڪئي آهي. سنڌ جي سرزمين تي رهندڙ هن قوم کي مٽي ئي اهڙي مٽي نصيب ٿي آهي جنهن ۾ نئڙت ۽ نياز جهڙيون خوبيون اتم درجي تي موجود آهن.

لطيف جئين تہ هن ئي سرزمين جو سپوت هو تنهن ڪري منجهس انتهائي درجي جي نمرتا ۽ نياز هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ پڻ اهڙو ئي سبق ڏنو آهي. فرمائي ٿو:

نِمي ڪمي نهار، ڏمر وڏو ڏک
صبر ۾ سڀ سُک، جي سنواريا سمجهين

يا

هو چونئي تون مَ چئہ ، واتان ورائي
اڳ اڳرائي جو ڪري ، خطا سو کائي
پاند ۾ پائي ، ويو ڪيني وارو ڪين کي

## مذهب سان محبت

سنڌي قوم بنيادي طور مذهبي رهي آهي. منجهس مذهب جو ايتري قدر احترام آهي جو قرآن ڪريم، سيد يا نياڻي وچ ۾ آڻڻ سان خون بہ بخشي ڇڏيندي آهي. صوم و صلوات جي پابند ۽ عقيدن ۾ پختي هئڻ سبب ڪيس ڪو ٽڪڙو ايمان تان ڦيرائي نٿو سگهي. الله، ان جي رسول، قرآن حڪيم، مرشد ۽ سيد جو ايتري قدر احترام ڪندي آهي جو ان واٽ ۾ پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي. مطلب تہ مذهب جي حوالي سان سنڌي قوم منڍ کان پختي عقيدي واري رهي آهي. هن جو مذهب سان محبّت جو وڏو ثبوت اهو آهي جو قرآن حڪيم کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ان جو سڀ کان پهريون ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو ويو. مولانا احمد ملاح وري قرآن ڪريم جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪري گويا مسلماني جو حق ادا ڪري ڇڏيو.

ڀٽ ڌڻي ڀلاري جو تعلق سيد گهراڻي سان هو ۽ هو مذهب جو پڪو پيروڪار هو. تنهن ڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي قوم جي انهيءَ انمول آدرشي قدر کي کولي بيان ڪيو آهي ۽ انهيءَ تي مڪمل طور ڪاربند رهڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي. هن جو الله پاڪ جي هيڪڙائيءَ ۽ نبي مڪرم ﷺ جي رسالت ۾ غير متزلزل ايمان هو ۽ اهڙي ئي پختي عقيدي رکڻ لاءِ اسان کي تلقين ڪندي فرمائي ٿو تہ الله پاڪ کي احد ۽ واحد ڄاڻ ۽ نبي ڪريم ﷺ کي ڪائنات جو ڪارڻي ڪري مڃ. عبادت ۽ رياضت ۾ ئي نجات جو ذريعو سمايل آهي، تنهن ڪري الله سائين جا فرض واجب توڙي رسول پاڪ ﷺ جون سنتون ادا ڪندو رهہ ۽ توبهہ استغفار جي تسبيح جو ورد جاري رکندو اچ ۽ پنهجي نفس کي قابو ۾ رک تہ دوزخ جي باهہ کان بچي وڃي، ڇالاءِ تہ نيڪو ڪارن جي ويجهو دوزخ جي باهہ هرگز ڪانہ ايندي.

وحده لا شريڪ لہ، چئي چوندو آءُ
فرض، واجب، سنتون، تينئون ترڪ مَ پاءِ
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پچاءِ

نگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهه سونهاءِ
تہ سندي دوزخ باهہ تو اوڏيائي نہ اچي

ان کان علاوه ڀٽائي صاحب جو اهو ايمان هو تہ فقط ان ڏاتار کان گهرجي جيڪو ڏهاڙي ڏيندو ٿو رهي. دنيا جا باقي سڀ سهارا ڪوڙا آهن.

مڱ تنهين کان منگتا، جو ڏيهاڙي ٿو ڏي
ڪوڙا در دنيا جا، جاجڪ مڱي جي
سپان تهين کي، موٽي ڏيندا مهہ ۾

نبي مڪرم ﷺ جي عظمت جي واکاڻ جا ڍڪ ڀريندي لطيف سائين پاڻ ڪريمن کي ڪائنات جو ڪارٽي ۽ رحمت اللعالمين ڪوٺي ٿو. فرمائي ٿو تہ سموري ڪائنات ۾ سندن ثاني ڪونہ آهي. پاڻ مڙني مرسلن جا مهندار، سردار ۽ سالارآهن. ڪريمن جو شان بيان ڪرڻ کان مٿي آهي. ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ سان سندن قربت ”فڪان قاب قوسين او ادنيٰ“ جي لفظن ۾ بيان ڪري ٿو ۽ سندن دنيا ۾ تشريف آوري کي الله پاڪ جو احسان ڪري ٿو ميجي. لطيف جو اهڙو عقيدو سموري سنڌ جي ماڻهن جي دل جي ترجماني آهي. ڀٽائي جو بيت ملاحظہ ٿئي :

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان
”فڪان قاب قوسين او ادنيٰ“، ايءُ ميسر تيس مڪان
ايءُ آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙم ههڙو

# پورهيتن جي پچار

شاعرن جي سرتاج ۽ سرواڻ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي قلم کڻڻ وقت منجهي پوندو آهيان تہ هن همہ صفت جليل القدر انسان جي ڪلام ۽ پيغام جي ڪهڙي پهلوءَ تي لکان! سندس ڪلام جي فصاحت تي لکان يا بلاغت تي لکان. سلاست تي لکان يا جدت تي لکان. سندس فن ۽ فڪر تي لکان يا فلسفي تي لکان. سندس حب الوطني تي لکان يا انسان دوستيءَ تي لکان. سندس عالمگير پيغام تي لکان يا روحاني منزل ۽ مقام تي لکان. شاهہ سائين جي ڪلام جا گونا گون پهلو ۽ بيشمار موضوع آهن. هن جو پيغام عالمگير آهي ۽ هو عالمي معنيٰ ۾ محبِ وطن شاعر آهي. سندس پيغام ۽ فلسفو ڪن بہ حد بندين ۾ اٽڪي نہ ٿو سگهجي.

سنڌ جي سڄاڻ ليکڪ محترم مقبول احمد ڀٽي لطيف سائينءَ جي همہ گير شخصيت ۽ شاعريءَ متعلق پنهنجي مقالي ۾ جن لفظن ۾ تعريف ڪئي آهي، آنءُ ان سان سئہ سيڪڙو سهمت آهيان. ڀٽي صاحب رقمطراز آهي :

”شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ امراءالقيص جي رزم آرائي، انوري جي بزم سنجي، متنّبي جي معنيٰ خيزي، عُرفيءَ جي سخن گيري، فردوسيءَ جي فصاحت، عطار ۽ سنائيءَ جي پند و نصيحت، رومي جي رواني، جاميءُ جي علميت، سعديءَ جي سادگي ۽ سلاست، عمرِ خيام جي رندي ۽ مستي، غالب جي بلاغت، اقبال جي بلند پروازي ۽ ٽئگور جي مدبرانہ سنجيدگي موجود آهي. جيڪا شعر جي هر سٽ مان جهاتيون پائي جهلڪندي نظر اچي ٿي.“

مونکي هن مقالي ۾ شاهہ صاحب جي فقط هڪ پهلو يعني رسالي ۾ پورهيتن بابت آيل احوال ۽ جذبن جو ذڪر ڪرڻو آهي. سڀ کان اول ڏسون تہ پورهيت مان مراد ڇا آهي.

’پورهيت‘ جي لغوي معنيٰ پورهيو ڪندڙ ڪاسبي، پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ محنت ڪندڙ ڪمي ۽ مزدور وغيره آهي. اصطلاحي معنيٰ مطابق اهو ماڻهو جيڪو جسماني محنت ۽ مشقّت سان ذريعہ معاش حاصل ڪري. مذهبي لحاظ کان بہ ان پورهيت کي الله جو دوست سڏيو ويو آهي جيڪو محنت سان رزقِ حلال حاصل ڪري. ’الڪاسب حبيب الله.‘ جڏهن تہ فقط ذهني پورهيو ڪندڙ کي بہ پورهيت ئي سڏيو ويندو. جسماني پورهيو ڪرڻ وقت بہ ذهن جو استعمال ضرور ٿئي ٿو.

منهنجي مقالي جو عنوان ’شاهہ لطيف پورهيتن جو شاعر‘ آهي. پروفيسر تاج جويو پنهنجي ڪتاب ’باهيون بيراڳين جون‘ ۾ لکي ٿو:

”شاهہ لطيف سنڌ جو اهو پهريون عوامي شاعر آهي، جنهن بيحد سچائي، چٽائي ۽ سچيتائيءَ سان پورهيت ڪردارن کي ڳايو آهي. ۽ پورهئي جي عظمت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهہ ڏني آهي. هن پورهئي ۽ ڪردارن ۾ فني سونهن ڀري کين اڻ مِٽُ حيثيت ڏئي ڇڏي. مطلب تہ لطيف جي شاعري جو تاجي پيٽو سنڌ جي پورهيت ۽ مارو ماڻهن جي جيوت سان اُٽيل نظر ايندو.“

اها حقيقت روز روشن وانگر پڌري آهي. شاهہ سائين جي رسالي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن پنهنجي دور جي هر طبقي جو وڏي گهري ۽ گيرائي سان مشاهدو ڪيو آهي. پورهيت طبقي ۾ لنگهي، لوري ۽ ڪوري، موچيءَ کان ويندي وينجهارن، وڻجارن، غواصن ۽ ملاحن تائين هر هڪ پورهيت جي محنت کي غور سان جاچيو آهي.

هنن چند صفحن جي مقالي ۾ انهن سمورن پورهيتن جو تفصيلي ذڪر تہ ممڪن ناهي، تاهم ڪوشش ڪئي اٿم تہ گهٽ ۾ گهٽ کان گهٽ پورهيتن جو ڪجهہ نہ

ڪجھہ احوال ضرور اچي وڃي. جن پورهيتن جو هن مقالي ۾ ذڪر آيو آهي انهن ۾ وڻجارو، ملاح، غواص، مهاڻو، ٻيڙا ناهڻ وارو هنرمند، سُٽ ڪتيندڙ ڪاپائتي، نازڪ نينهن وارو ڪوري، ڪنڀار، هاري، لوهار، ڏوٻي يا پريٽ، وينجهار، ڏوٽي يا ڪاهوڙي ۽ نانار اچي وڃن ٿا.

## وڻجارو۔ غواص۔ ملاح ۽ مهاڻو

سُر سريراڳ ۾ ڀِٽائي سنڌو ماٿر جي انهن محنتي ملاحن ۽ وڻجارن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي آڏيءَ جو اٽي پنهنجا ٻيڙا بحرِ ٻي ڪنار جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ ڪي ان اجهاڳ سمنڊ جي جهاڳڻ، ويرين ۽ طوفانن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ هر دم تيار رکندا هئا. اهڙن جان وڃائڻ وارن خطرن سان کيڏڻ بعد ئي اهي غواص پاتال ۾ پيهي سِپون سوجهي موتين سان مالا مال ٿيندا هئا. پوءِ اهي موتي ڏوراهن ڏيهن ۾ وڃي وڪرو ڪري اتان وري ٻيون قيمتي شيون وٺ لاءِ وٺي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پيا پسار ڪندا هئي. اهڙي ريت هو پنهنجي محنت ۽ مشقت جي عيوض خاطر خواهہ فائدا حاصل ڪندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو :

”سمنڊ پار پرڏيهي واپار ۾ سچن موتين جو وڏو قدر آهي. سمنڊ کي سوجهڻ سان ئي اهي اصل موتي ملن ٿا. غواص اونهي عميق سمنڊ جا خطرا سهن ٿا.“

لطيف سائين فرمايو :

سي پوڄارا پر ٿئا، سمنڊ سيئو جن
آنڊائون عميق مان، جُوتي جواهرن
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، ملھہ مهانگو ان جو

ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت ملاحظہ ٿئي :

اي گت غواصن، جئن سمنڊ سوجهيائون

پيھي منجھ پاتار ۾، ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، ھيرا لعل ھٿن سين

محترم بدر ابڙو پنھنجي ڪتاب ’سنڌ جو شاھ‘ ۾ بيڙياتن يا وڻجارن جي ڪرت ٽن قسمن جي ٻڌائي آھي. ھڪڙا اھي جيڪي مڇي ماريندا ھئا. ٻيا اھي جيڪي سمنڊ مان موتي ۽ ٻيا جواھر ڪڍندا ھئا. ٽيان اھي جيڪي ديس بديس سوداگري ڪندا ھئا. پوين ٻن قسمن جي سامونڊين جو ذڪر سريراڳ ۽ سامونڊيءَ ۾ ڏنل آھي. سنڌي وڻجارن جو جيڪو ٽيون قسم سوداگرن جو ھو، اھي ھڪ بندر جو مال ٻي بندر تي پھچائيندا يا وڪڻندا ھئا. سندن سفر جو دائرو ايراني نار، يمن ۽ لنڪا تائين ھو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڻجارن جي واپاري حدن متعلق لکي ٿو :

”جاگرافيائي لحاظ سان سنڌ جا واپاري ۽ ناکئا اولھ طرف عربي سمنڊ جھاڳي عدن تائين ٿي ويا تہ اوڀر طرف گھڻو پري، جاوا سوماترا جي سامونڊرا حڪومت جي گاديءَ جي شھر ۽ بندر ’پرلڪ‘ تائين پھتا. جنھن کي لڪ يا لڪا بہ ٿي سڏيو ويو.“

پيٽ ڏٺي فرمايو :

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اوھريا
سڻي سَونُ لنڪا جو سک نہ سامونڊين
پره پکّھ چوڙئا، کاري کيڙيائين
وڏي ڀاڳ ڀِڙن، جي کھيا کارونڀار ۾

ٻي طرف وڻجارن جون ونيون پنھنجي ورن کي ياد ڪنديون رھن ٿيون. جڏھن سندن پيتار ٻيڙا ڪاھي اٿاھ سمنڊ ۾ ذريعہ معاش حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿي وجن ٿا، تہ نہ ھاٺي اھي تڙ آباد آھن نہ اھي رونقون موجود آھن. انھيءَ وڇوڙي وڻجارن جي ونين کي ماري رکيو آھي. شاھ صاحب سندن دل جي ترجماني ھن ريت ڪئي آھي :

نہ سي تڙ هوڙاڪ، نہ وايون وڻجارن جون
سرتيون سامونڊين جا، اڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ
ماريهون فراق، پاڙيچيون پرينءَ جا

پاڻي جي رخ مٽائڻ جي نتيجي ۾ ڪڏهن آباديون ويرانين ۾ تبديل ٿي وينديون آهن. لطيف سائين هيٺين بيت ۾ اهڙي ئي منظرڪشي ڪئي آهي تہ جن جاين تي غواصن موتي ٿي ميڙيا هاڻي اتي واريءَ جا ڍير لڳا پيا آهن. محصول اڳاڙيندڙ بہ پنهنجا ٿاڪ پٽي ويا آهن.

جتي گهوريو گهاٽئين، تِتي واريءَ ٻُٺَ
سهسين ساٿي مُٺَ، سَرُ سُڪو سونگي گيا

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر پنهنجي پي ايڇ - ڊي ٿيسز ’سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ ۾ رقمطراز آهي :

”شاهه صاحب ملڪي حالتن تي غور ڪرڻ کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو تہ قوم کي احساسِ ڪمتريءَ مان ٻاهر ڪڍجي، ان ڪري هن هيٺين طبقي جي ماڻهن کي تمام گهڻو ساراهيو آهي ۽ سندن ڏنڌي جي واکاڻ ڪئي آهي.“ ڊاڪٽر صاحب مثال ۾ مهاڻن متعلق لطيف سائين جو هيٺيون بيت ڏنو آهي :

سڙهہ سوان ، لاڄو نوان، مهاڻا سندن مير
ساٿي سفر هلئا، ٿيا سڻاوا سير
جي اڇن ساڻ اکير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهہ سين

مٿين بيت ۾ مهاڻي کي ’مير‘ سڏي شاهه صاحب ڪيس احساسِ ڪمتري مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سُر ڪاموڏ ۾ شاهه سائين انهن پورهيت ملاحن يا مهاڻن جو ذڪر ڪيو آهي جن جو گذر سفر فقط مڇي مارڻ تي هوندو هو. انهن جي پورهئي سان گڏوگڏ سندن غربت ۽ سادگيءَ جو احوال هن سُر ۾ جابجا ملي ٿو. هتي اهڙا بہ بيت پيش ڪجن ٿا جن مان اهڙي عڪاسيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

ڪڪيءَ هاٽيون ڪاريون ، ڇيڇيءَ هاٽا ڇڄَ
پاند جنين جي پاند سين ، لڳو ٿئي لڄَ

---

ڄاريون ڪاريون ڇڄ ڇپريون ، جن جي محبّت مڇيءَ ساڻ
رهن وِهن سر ٻانڌين ، سيئي بدبوءِ هاڻ
لُڌڙن جئن لطيف چئي ، پاٽي وجهن پاڻ

## ٻيڙا ٺاهڻ وارو هنرمند پورهيت

’سنڌو ماٿر جي سيپتا‘ جو مصنف محمد ادريس صديقي لکي ٿو :

”موهن جي دڙي مان هڪ مهر لڌي وئي آهي جنهن تي ٻيڙيءَ جي تصوير موجود آهي. انهيءَ تي وچ ۾ هڪ ڪوٺي ٺاهيل آهي ۽ پاڇل تي ميربحر ڊيڪاريل آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو ٻيڙين ٺاهڻ ۽ هلائڻ ۾ وڏي مهارت رکندا هئا.“

جنهن جي شاهدي ڊاڪٽر زاهد خان انصاري جي ڪتاب History & Culture of Sind مان بہ ملي ٿي. هو لکي ٿو :

”مغل ۽ ڪلهوڙا دور ۾ سنڌو درياء ۾ هر هنڌ ٻيڙا نظر ايندا هئا. سنڌ ۾ ڪاٺ جي ڪمي ڪانہ هئي جنهن ڪري هتي بي انداز ٻيڙا ٺهندا هئا. ايتري تائين جو جنگي ٻيڙا بہ بهترين قسم جا تيار ڪيا ويندا هئا.“

اهڙي طرح Will Durant پنهنجي ڪتاب History of World Civlization ۾ رقمطراز آهي :

”سنڌ جا بحري بندر ساموندي ٻيڙن جي صنعت لاءِ تمام مشهور هئا ۽ انهن تي اهڙو تہ خوبصورت ۽ پائيدار ڪم ڪيو ويندو هو جو قسطنطنيہ جي سلطان کي ان ڳالهہ تي حيرت لڳي جو ڪيس مصر ۾ ٺهندڙ ٻيڙن کان بہ وڌيڪ سستا ۽ خوبصورت ٻيڙا سنڌ مان ٺهي مليا.“

شاهہ سائين پنهنجي رسالي ۾ ٻيڙن جوڙيندڙ پورهيتن ۽ سندن پورهئي جو

ذڪر وڏي محبّت سان ڪيو آَهي.

سڙھ سوان، لاڃو نوان، اولا سندن عاج
ساٽي سفر هلئا، پري جنگ جهاج
حاصل ڪرين حاج، واحد! وڻجارن جي

’اولا‘ جي معنيٰ ڳن آهي جيڪو عاج جو آهي. جنگ جهاج جو مطلب وڏا ٻيڙا، تنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هتي ديو قامت ٻيڙا بہ ٺاهيا ويندا هئا. جيڪي پنهنجي مضبوطيءَ سان گڏوگڏ خوبصورتي ۽ نزاڪت ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.“

سُر سامونديءَ جو هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي :

سڙھ ٿي سبيائون، بندر جن ٽڙن تي
سڙھ سبي ساڃا ڪري، ڪوها ڪنيائون
ٻيرقون بحرن ۾، ڇوڙي ڇڏيائون
لهرون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر پنهنجي ٿيسز ۾ مٿين بيت تي رايو ڏيندي لکي ٿو:

”بندرن تي سڙھ سبڻ، ڪوها ڪٽڻ ۽ بحرن ۾ ٻيرقون لاهڻ اهڙا هنري اصطلاح آهن جن مان شاھ صاحب جي سنڌين جي هنرمنديءَ جي تاريخ جوڙڻ جو ثبوت ملي ٿو.“

## ڪاهوڙي / ڏوتي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ترتيب ڏنل شاھ جي رسالي ۾ ڪاهوڙي متعلق رقمطراز آهي :

’ڪاهوڙي‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’ڪاهي‘ يا ’ڪهي وارو‘. ڪاهو يا کهو ڊگهي ڳن سان رنبي مثل سوڙهي ڦر واري ڄڻ هڪ ڪوڏر آهي جنهن سان ڪَنڊن ڪانڊيرن وارو ڏکيو جهنگ وڍجي. ڪاهوڙي اهو پورهيت آهي جيڪو ڪاهو يا کهو کڻي اورچ ٿي لڳي ۽ ڪنڊن وارو ڏکيو جهنگ وڍي صاف ڪري. اڳين وقتن ۾

جڏھن گذران ڏکيو ھو تڏھن ويچارا غريب ۽ ڪنگال پنھنجي پيٽ گذران لاءِ ڪشالا ڪندا ھئا. جھنگن، جبلن ۾ ڦرندا ھئا ۽ ڏٿ گڏ ڪندا ھئا.“

اھڙي طرح ڏوٿيءَ مان مراد بہ اھو ئي پورھيت آھي. جنھن جو گذ ر ڏٿ تي ھجي. ڏٿ وري اھو قدرتي طور ڏرتيءَ مان ڦٽل اَنُ يا ميوو آھي جيڪو جھنگلن ۽ جابلو علائقن ۾ خود بخود اپري ٿو پوي. ڏٿ ۾ للر، لنب، ڪنييون، چيڙ، پرٽ، گولون، سڱر، پيرون، ڪرڙن جي پسي، ڏونرا، ۽ پڪا وغيره اچي وڃن ٿا. انھن مان اڪثر سانوڻ ۾ مينھن پوڻ کان پوءِ اپري پون ٿا. پر سياري ۽ ارھڙ ۾ ڏٿ ڏکيو ٿي پوندو آھي. سوڪھڙي واري مند ۾ جھنگن جبلن ۾ ڪن ٻوٽن ۽ ٻوڙن جون پاڙون کوٽي ڪيڏيون پونديون آھن. جن لاءِ کھا ۽ ڪھاڙيون کڻبا آھن. سنڌ ۾ بہ ٿر جي ريگستاني توڙي جابلو علائقن ۾ ڏٿ جام ملي ٿو. شاھ سائين اھڙن پورھيتن لاءِ فرمايو :

> ڏينھن تتي جو ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪھن
> جھنگن ۾ جھٽڪن، جھہ ڏوٿي ڏٿ گڏئا

ڏوٿي ڏٿ لاءِ ڏورڻ وقت پاڻ سان پاٽيءَ جون کلون بہ کڻندا ھئا، ڇالاءِ تہ سچ جو سفر ھوندو ھو ۽ اُڄ ۾ انسان بيحال ٿي ويندو آھي.

> ھلو تہ ھلون ڏٿ کي، اُٿيو اُٿيو ڪن
> پاٽي پوتڙن ۾، ڪندر سِر ڪلھن
> ڏونئرا ڏور سجھن، وئي وھامي راتڙي

ڪاھوڙين جو پنڌ اٽانگو ۽ منزل ڏور. تنھن ڪري سندن ننڊ حرام ھوندي ھئي. لڳي ٿو تہ لطيف جو بہ انھن ڪاھوڙين سان ضرور ميلو ٿيو آھي جو سندن سربستو احوال وينو ٻڌائي :

> مون ڪاھوڙي لَکيا، سمھن ڪين پَئِي
> سمر ڪنيائون سچ ۾، ڏوري ڏٿ لھي
> ويا اُت وھي، جت نھايت ناھ ڪا

ڏٿ ووڙڻ لاءِ ڏوٿيئڙا جڏهن ڏونگرن جا راهي ٿي وڃن ٿا تہ سندن پونيرن کي اها ٻڌڻ ٿي ورائي ٿي وڃي تہ الاجي ڪاهوڙين کي ڏٿ ڏورڻ ۾ ڪيتري ڪاميابي ٿي! پوءِ هو انهيءَ واٽ ويندڙن کي نياپا سنيها ڏيندا رهن ٿا :

پارا پڇي آءُ، خبر ڪاهوڙين جي
تہ ڏوٿين ڏونگرانءُ، ڪهہ پر ڏوريو ڏٿ کي

ڏوٿين جي ڏکن ڏولائن جو ذڪر شاهہ سائين وڏي تفصيل سان ڪيو آهي. اهي پورهيت پورهئي خاطر ڪڏهن تہ اهڙن مشڪل ماڳن ڏانهن ويندا هئا، جن ماڳن متعلق ڪيترن کي تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ هوندي هئي. پٽ ڌڻي فرمايو :

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سئي نہ ٻڌي
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين
وڃا ائين ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا

ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت ملاحظہ ٿئي :

ڪاهوڙي ڪڄن، پسيو پورهيت ويسرا
ڏوٿيئڙا ڏور وئا، رڃن منجهہ رهن
ڪامِل آهي تن، مون پريان جي ڳالڙي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مٿين بيت جو مفهوم هن ريت لکيو آهي :

”ڪاهوڙين کي وڏي ڏکي ڳالهہ اها لڳي جو پورهيتن کي واندو ويسرو وينل ڏٺائون. ٿئي پورهيت ۽ ويهي ويسرو! ڏٿ ڏورڻ وارا تہ گهٽو پري رڃن منجهہ رهندا آهن. انهن وٽ منهنجي پرينءَ جي ڪا ڳالهڙي آهي.“

## ڪاپائتي

هي دنيا عمل ۽ سعي جو هنڌ آهي جتي انسان کي پنهنجي جيئاپي لاءِ محنت ڪرڻي پوي ٿي. ڪاپائتي جو ڪردار اهڙين پورهيتن جو عمدو مثال آهي. جيڪا چرخو چوري، سُٽ ڪتي پنهنجو پيٽ قوت حاصل ڪري ٿي. شاهہ صاحب

جي دور ۾ چرخي تي سُٽُ ڪتڻ جو رواج هنر جي حوالي سان اوج تي هو. گهڻو ڪري هر هڪ گهر ۾ ائٽ هوندو هو جنهن تي سگهڙ عورتون ڪاپِي جو ڪم ڪنديون هيون. ننڍي ٿهيءَ وارين نينگرين کي گهرَ جي ڪم ڪار سان گڏ سُٽُ ڪتڻ جو هنر بہ سيکاريو ويندو هو جئن هو گهر ڏياٽيون ٿيڻ کان پوءِ ان هنر ۾ بہ ماهر ٿي وڃن. پر جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري ڪو وياءُ وڏو ٿي ويو ۽ ائٽ هلائڻ سکي ڪونہ سگهيو تہ پوءِ وڏي عمر ۾ ان جو هٿ هِرڻ ڏکيو ٿي پوندو هو. لطيف سائين جي لفظن ۾ اهڙي وڏي وياءَ کي هن ريت تنبيهہ ڪئي وئي آهي :

سي تو ويهي وڃائيا، جي ڳتڻ سندا ڏينهن
ارٽ اوڏي نہ ٿيئينءَ، پوري! پوري سينئن
تند پسندينءَ ڪيئن، هاٽي تون وڏي ٿيئن

پٽ ڏٽي ڪاپائتي کي ’ڪاتاري‘ بہ ڪونيو آهي ۽ انهن ڪاتارين جي هٿ جي نفاست ۽ نزاڪت جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو پاءُ
لسي تند لطيف چي، هلي تن هٿاءُ
ململ منجهان ماءُ، جي سکيون تن سون ڪئو

پٽائي صاحب نہ فقط قابل هنرمند پورهيت کي ساراهيو آهي بلڪ جيڪا فقط گذر سفر جي حد تائين پنهنجي حال سارو ٿلهو ڳتي رنڊا روڙي ٿي ان کي بہ ڪونہ وساريو آهي. فرمائي ٿو :

جا سنهو نہ سکي، سا مَر رنڊائي روڙي
سُٽُ تنين جو سڦرو، ويا تارازيءَ توري
ٿلهي ۽ ٿوري، ويچاري سان وڙ ڪئو

مولانا دين محمد وفائي پنهنجي تصنيف ’شاهہ جي رسالي جو مطالعو‘ ۾ لطيف سائينءَ جي حوالي سان ان ڏاڳڻ پورهيت عورت جو ذڪر ڪيو آهي

جيڪا پيٽ گذران لاءِ در در ڀيرا ڏيئي سُٺُ ڪتائڻ لاءِ ماڻهن کي ايلازو ٿيندي هئي.

پلئه پائي پوڻيون، در در ڀيرا ڏئي
ڪا مون ڪاتائي، آنءُ ڪاپائتي آهيان

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي پي ايچ - ڊي ٿيسز ’شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ‘ ۾ شاهه صاحب جي دل ۾ پورهيت لاءِ پيار ۽ قدروقيمت متعلق لکي ٿي :

”پورهيت ۽ هٿ جي پورهئي جي عزت شاهه صاحب وٽ تمام گهڻي ملي ٿي. هو پورهيت جي هٿن کي سونَ جهڙا ٿو سڏي ۽ چوي ٿو تہ انهن مان نڪتل پورهيو ڪڏهن بہ بيڪار ڪونہ ٿيندو آهي.“

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهہ نہ ڪتين رڏ
ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪر، گهتون گوهيون چڏ
تہ سرافاٽي سڏ، مرڪيو هوند مٿائين

جن ڪاپائتين محنت سان محبت شامل ڪري سويل ئي اٿي پنهنجو چرخو چوريو تہ سندن اهڙي خلوص ڀري پورهئي جو صرافن بہ قدر ڪيو ۽ سندن ڪتيل سٽ کي خوشيءَ سان قبول ڪيو ۽ معقول معاوضو ڏنو. لطيف سائين فرمايو :

ڪو جو وهہ ڪاپايتين، ڪنبن ۽ ڪتين
ڪارڻ سود سواريون، آتڻ منجهہ اچن
ان جي سونهن سيّد چي، صرافئي سِڪن
اگهيا سُٺَ سندن، پائي تارازيءَ نہ تورئا

’ آتڻ‘ جو مفهوم اجاگر ڪندي ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو پنهنجي پي ايچ - ڊي ٿيسز ’شاهه لطيف جي شاعري ۾ علامت نگاري‘ ۾ لکي ٿو:

”زندگيءَ جي هر مقصد ۾ ڪاميابي تڏهن ٿيندي جڏهن انسان مقصود جي

حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندو. انهيءَ جدوجهد جي پهلوءَ کي سامهون رکندي لطيف سائين لفظ ’آتڻ‘ استعمال ڪيو آهي. لفظ آتڻ هن سُر ۾ جدوجهد، ڪتڻ ۽ محنت ڪرڻ واري ماڳ مڪان لاءِ ڪتب آيو آهي.“

## ڪوري

پورهئي ۽ هنرمنديءَ جي حوالي سان ڪوريءَ جو شمار انهن اورچ پورهيتن ۾ ٿئي ٿو جيڪو قديم زماني کان وٺي انسان جو انگ ڍڪڻ وارو عظيم عمل سر انجام ڏيندو رهي ٿو. پراڻي دور ۾ هٿ جي هنرن ۾ آڏاڻي تي ڪپڙي اڻڻ جي پورهئي کي پنيءَ جي ڪنڊي واري حيثيت حاصل هئي.

’قديم سنڌ‘ جو مصنف ڀيرو مل آڏواڻي سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت جي قدامت متعلق لکي ٿو :

”جنهن زماني ۾ ڪيترين قومن کي اجا پنهنجي بُت ڍڪڻ جي ئي سُڌ ڪانہ هئي تنهن زماني ۾ ئي سنڌو ماٿر جا رهاڪو ايتري قدر ترقي ڪري ويا هئا. جو شاهاڻيون پوشاڪون پهريندا هئا ۽ ٻين کي بہ خلعتون ڍڪائيندا هئا.“

مهن جي دڙي مان هٿ آيل ڪپڙي جو ٽڪرو مٿين حقيقت تي دلالت ٿو ڪري. جنهن لاءِ تاريخ جي ماهرن جو خيال آهي تہ اها ڪپڙي جي پراڻي مان پراڻي دريافت آهي.

Will Durant ان سلسلي ۾ لکي ٿو :

”دنيا ۾ سڀ کان اول ڪپهہ جي پوک سنڌ ۾ ٿيندي هئي ۽ ان مان اول اول ڪپڙو موهن جي دڙي وارن ماڻهن ناهيو.“

شاهہ صاحب جي دور ۾ هي هنر اوج تي هو. ’سنڌ جو شاهہ‘ ۾ محترم بدر ابڙو لکي ٿو :

”نئي کان ست ميل پري درياءَ جي ڪناري آباد شهر نصرپور ۾ ڪورين جا ٽي هزار ڪُٽنب هئا. جيڪو نئي جيترو ئي وڏو شهر هو. هتي جيڪو ڪپڙو اڻيو

ٿي ويو ان جي ڊيگهہ 17 وال ۽ ويڪر اڌ وال هئي. ان ڪپڙي کي ’جوڙي‘ چيو ويندو هو. ساڳي طرح سيوهڻ شهر ۾ ڪورين جا هڪ هزار ڪٽنب هئا. سيوهڻ جا ڪوري ٻہ سئي قسم جو بافتو اُڻندا هئا.“

لطيف سائين ڪوريءَ جي ڪردار ۽ عمل کي کهڙن نہ خوبصورت لفظن ۾ لطيف جذبن ۾ خراجِ تحسين پيش ڪيو آهي. فرمائي ٿو :

هلو تہ هلون ڪورئين ، جتي گهڙجي نينهن
ڳنڍين سارو ڏينهن ، ڇنڻ مور نہ سکيا

بيت جو هر هڪ لفظ پنهنجي اندر محبت، اتحاد ۽ پنهنجائپ جي سڳنڌ ۾ سرهاڻ سمائي ٿو. گويا ڪوريءَ جو ڪاروبار ۽ عمل سراپا محبت آهي. هو نفاق ۽ نفرت کان نفرت ڪري ٿو.

مولانا دين محمد وفائي ڪورين جي ڪاروبار متعلق لکي ٿو:

”ڪورين کي سُٽُ ڏئي ڪپڙي جو نمونو سمجهايو ويندو هو. ڪي ننڍي ٻَرَ وارا تاڪيا اهڙا هوندا هئا جن جي تاڃيءَ ۾ فقط ٽي سئہ تندون هونديون هيون ۽ وڏن ٻرن وارن ٿانن جي تاڃي هڪ هزار تندن جي رٽي ويندي هئي. جنهن کي ’ڏهہ سَئي‘ سڏيندا هئا ۽ ٽن سوَن واريءَ کي ’ٽِہ سَئي‘ چوندا هئا.“ انهن اصطلاحن کي ڪم آڻيندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو :

تنهنجي ٽہ سَئي تاڻ، هُت ڏکن ڏهہ سَئيءَ واريون

مٿين سٽ مان لطيف سائين جي مشاهدي واري اک جو پتو پوي ٿو تہ هن ڪيئن نہ ڪپڙي جي تاڃي پيٽي متعلق معلومات حاصل ڪئي ۽ اهڙي معلومات کي وري ناصحانہ نڪتن ذريعي پيش ڪندي ڪمال هنرمنديءَ جو ڪم ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ اسان جي معاشري ۾ تنگ نظريءَ سبب ڪوريءَ کي ڪمتر ڪري پيش ڪيو ويندو آهي پر شاهہ صاحب هن پورهيت جي عظيم پورهئي جو قدر ڪندي ڪيس اصل مانَ ۽ مقام تي آڻي ويهاريو. اهو دراصل لطيف جي عظمت

جو ثبوت آهي.

## لوهار

لوهار جو شمار انهن پورهيتن ۾ ٿئي ٿو جن جو واسطو لوهه، سنداڻ، متر ڪن ۽ باهه جهڙين شين سان آهي. جيڪي ڪوئلن جي ڪاراڻ سان راند ڪندا آهن. اهي ڏنوڻ ڏنوين باهه جي شديد گرميءَ آڏو انساني زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن ۽ ٻين سڪ جي شين تلوار، ڪهاڙي، ڪوڏر ڪان ويندي ڏاتي، گهوبي، زنجير، ڪاتي، ڇري ۽ تڪڻيءَ تائين تيار ڪندا آهن. ۽ ائين پنهنجي لاءِ رزقِ حلال حاصل ڪندا آهن. لطيف سائين هن پورهيت جي پورهئي جو ذڪر وڏي محبّت ۽ احترام سان ڪيو آهي ۽ سندس هنر جي حوالي سان بيمثال تشبيهون جوڙيون آهن. مثال طور هي بيت ملاحظه ٿئي :

ڪڙو منجهه ڪڙي ، جئن لوهارن لپيٽيو
منهنجو جيءُ جَڙي ، سپرين سوگهو ڪيو

مٿيون بيت لوهار جي هنر ۽ حرفت جو خوبصورت مثال آهي، جنهن مان سندس محنّت ۽ مشقت پڌري ٿئي ٿي. لوهار ڪيئن نه لوهه کي تپائي ڳاڙهو ڪري متر ڪن جي مهميزن سان هڪ هڪ ڪڙو الڳ تيار ڪري وري ڪڙو ڪڙي سان ملائي هڪ اهڙو مضبوط زنجير جوڙي ٿو جنهن جي مضبوطي ۽ طاقت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو ٻين ننڍين وڏن جانورن کان ويندي هاٿيءَ جهڙو ديو هيڪل جانور بہ اهو زنجير ٽوڙي نٿو سگهي. جنهن مان هن هنرمند جي خون ۽ پسيني جي پورهئي جو پتو پوي ٿو.

اسان جي سماج ۾ هن محنت ڪش جو شمار جيتوڻيڪ عامي پورهيتن ۾ ٿئي ٿو پر درحقيقت هي پورهيت صنعت ۽ حرفت جو گويا سرجڻهار آهي. سُر يمن ڪلياڻ ۾ شاهه سائين هن پورهيت کي وڏو مقام عطا ڪيو آهي. فرمائي ٿو :

سِرُ سانداڻ ڪري، پيچ گهر لوهار جو

ڏَڪِنِ هيٺ ڏري، مانَ گڏنئي رُڪَ سين

مٿين بيت ۾ لوهار جي حيثيت گويا هڪ مرشد جهڙي ڏيکاري اٿس. جهڙي طرح مريد کي پنهنجي مرشد اڳيان انتهائي عقيدت سان هر امتحان مان پار پوڻ واري جذبي سان حاضر ٿيڻ کپي، اهڙي طرح هتي ’مانَ گڏنئي رُڪَ سين.‘ جو مفهوم بہ ساڳيو نڪري ٿو تہ سِرَ کي سنداڻ بڻائي پوءِ اهڙي استاد هنرمند جي وڃي شاگردي اختيار ڪر. سِرَ کي سَنداڻ بڻائڻ جو مطلب اهو آهي تہ جئن سنداڻ متڙڪن جا زبرا ڌڪ ۽ تتل لوهہ جي گرمي پنهنجي مٿان برداشت ڪرڻ جي عادي ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح تون پاڻ کي گرمي سردي سهڻ جو عادي بڻائي ڇڏ. ساڳي سُر جو هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي :

اڄ اڳڙيا آيا، سائو کي سُڄاڻ
لاهيندا مورياڻ، رُڪُ ڪريندا پڌرو

هن بيت ۾ لوهار کي سائوُ ۽ سڄاڻ ڪوٺيو ويو آهي. ڇوتہ اهي ڪاريگر لوهہ تان ڪَٽُ لاهي رُڪُ تيار ڪندا آهن. رُڪَ بابت هڪ ٻيو بيت آهي :

پڇائي پهاڻ جن، رساٽيون رُڪَ سين
تنين سندو ڄاڻ، آهي اڳڙين کي

ڊاڪٽر گربخشاڻي رُڪَ جُڙڻ جي مرحلن بابت لکي ٿو :

”’پِهڻ‘ ڪچي ڌات هوندو آهي جنهن کي پگهاري پهريائين پالتو لوهہ پوءِ گهاڙو لوهہ تنهن کان پوءِ صاف رُڪُ ڪيندا آهن.“

لوهارن جي سخت پورهئي جي عڪاسي لطيف سرڪار هينين بيت ۾ ڪهڙن نہ اثرائتن لفظن ۾ ڪئي آهي. فرمائي ٿو :

ڪَٽُ ڪَڙهَي، لوهہ ٻري، ڌوڌيا جت ڏڳن
متڙڪن منهن ڪيڻا، سانداٽيون سهڪن
اڄ پڻ اڳڙين، ميڙو آهي مَڄَ تي

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي چوڻ مطابق ’سانداٽيون سهڪن‘ مان مراد اها

آهي جڏهن لطيف لوهار جي ڏنوٽيڻ ۾ کي ساهه کڻندي ڏيکاريو آهي.

لوهار ڪنهن به اوزار کي شڪل ڏيڻ بعد ان کي ضرورت مطابق تيز ڪرڻ لاءِ سراڻ تي لاهيندو آهي ۽ اوزارن جي تيزي برقرار رکڻ لاءِ انهن کي مخصوص پاڻيءَ مان گذاريندو آهي. سُر يمن ڪلياڻ ۾ شاهه سائين لوهار کي آڳڙيو ڪري ڪوٺيو آهي. فرمائي ٿو :

اڄ آڳڙيا آئيا، سوڏا سراڻي
پياري پاڻي، تيغون ڪندا تڪيون

يڻائي صاحب اهڙي محنت ڪش کي پنهنجي پورهئي تي مطمئن ڏيکاريو آهي. فرمائي ٿو ته جن جي وابستگي يا ناتو سراڻ سان آهي، اهي سرها نظر اچن ٿا. سندن تيغ يعني تلوار کي ڪڏهن به ڪَٽُ ڪانه ٿي لڳي. جنهن مان اهو مطلب ٿو نڪري ته اهي پنهنجو پورهيو انتهائي سچائي ۽ ايمانداري سان سرانجام ڏئي رهيا آهن جنهن ڪري سندن ظرف ۽ ضمير مطمئن آهن.

سرها ڏٺم سي، جن ساڃاهه سراڻ سين
تيغ تنين جي ڪي، ڪَٽُ نه لڳي ڪڏهم

## ڪنڀار

ڪنڀارڪو هنر قديم زماني کان قائم آهي. دنيا ۾ جيستائين مختلف ڏاتو متعارف ڪونه ٿيا هئا ته فقط مٽيءَ جي جڙيل شين تي اڪتفا ڪئي ٿي وئي. نڪر جا ٿانو اسانکي دنيا جي تقريباً سمورن قديم آثارن جي کوٽائي ڪندي مليا آهن. پنج هزار سال اڳ موهن جو دڙو جا ماڻهو نڪر جي ٿانون جا ماهر ڪاريگر هئا. جن جي مهارت جا ثبوت مختلف ميوزمس ۾ موجود آهن. جن مان سندن حرفت ۽ هنر، نفاست ۽ نزاڪت بَکي ٿي. ڪاڪو ڀيرو مل ’قديم سنڌ‘ ۾ لکي ٿو :

”رِگ ويد واري زماني ۾ به ڪنڀار هوندا هئا، جيڪي نار لاءِ ڪينگريون ۽ گهر ۾ ڪم اچڻ وارا نڪر جا ٿانون ٺاهيندا هئا.“

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ هن پورهيت ڪي بہ خوب واکاڻيو آهي. جن مرحلن مان نڪر جا ٽانون گذري تيار ٿيندا آهن انهن ڪي دهرائڻ جي هتي ضرورت ڪانہ آهي. شاهه لطيف ڪنڀار جي انهن سمورن مرحلن جو وڏي غور ۽ فڪر سان مشاهدو ڪيو ۽ ان مان ڪيئي نصيحت جا نُڪتا بہ ڪڍي نروار ڪيائين. هيٺ ڪنڀارڪي نهائينءَ يا آويءَ جو ذڪر ڪهڙي نہ سهڻي پيرايي ۾ ڪري ٿو :

نهائينءَ ڪان نيهن، سِکُ منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

لطيف سائين سُر سهڻيءَ ۾ پڻ ڪنڀار جو ذڪر جابجا ڪيو آهي:

ڪچو ڪان ڪنڀار، اوڳي ڳنئو اٽيين
لوڙهيا لک لطيف چي، ڪوڙين ڪارونڀار
ڪ تو ڪني نہ سُئي، پيلي تي پلڪار
اُڪارين آڏار، آرا آڪي واريون

يا

پڪا رچ ڪنڀار جا، پڪي نهائين
مونکي تتائين، پيلو پاڳي آئيو

شاهه صاحب ڪنڀار ڪي ساڳي سُر ۾ ڪُلال بہ ڪوٺيو آهي. جئن فرمائي ٿو:

ڪڍيا جي ڪُلال ، سي پسي خال خوش ٿينءَ

يا

ڪچو ڏيج ڪُلال ڪي، مهہ تي موٽائي

## هاري

هاري اسانجي معاشري ۾ ڪرنگهي جي هڏيءَ واري حيثيت رکي ٿو. هي اهو پورهيت آهي جيڪو زمين جو سينو چيري اَنُ اُپائي ٿو. آنڊي مانجهي ڪوڏر

ڪلهي ڪري محنت ڪري ٿو ۽ خون پسيني جي ڪمائي مان رزقِ حلال حاصل ڪري ٿو. لطيف سائين هن محنت ڪش پورهيت جي شان ۾ ساراهہ جا ڏُڪَ ڀريا آهن.

چنا چڄ هٿن ۾، ڪلهين ڪوڏارا
پورهئي خاطر پنهنجي، اُٿن سوارا

سُر سارنگ سمورو گويا اسان جي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ مسڪين محنتي مارن جي حياتيءَ جي تصوير آهي. جڏهن تاڙي تنوار ڪئي تہ مارو ماڻهن سمجهو تہ مينهن اجهو آيو ڪہ آيو. پوءِ هارين پنهنجا هر ڦار ٺاهي جوڙي رکيا ۽ خوشيءَ ۾ ڪونہ ٿي ماپيا. شاهہ سائين اها منظرڪشي سُر سارنگ جي سٽن ۾ ڪهڙي نہ خوبصورت پيرايي ۾ ڪئي آهي.

مند تي منڊل منڊيا، تاڙي ڪئي تنوار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا

محترم تاج جويو پنهنجي ڪتاب ’باهيون بيراڳين جون‘ ۾ سنڌ جي پورهيت هاري متعلق لکي ٿو.

”شاهہ صاحب جا هم وطن پورهيت آهن. سندن هٿن ۾ هَرَ آهن. اهي مال ڌاري ۽ چاري ان جي کير مکڻ ، اُنَ ڌاس ۽ گوشت وغيره جي وڪري مان پنهنجو پيٽ گذران ڪن ٿا. مرد تہ اهو ڪم ڪن ٿا پر سندن ونيون بہ وانديون ڪونہ ٿيون ويهن. اهي اُنَ ۽ ڌاس مان فراسيون، کٿا، کيس، لوبون، ڪاسا، ڪرڙ جوڙين ٿيون ۽ پرت جو ڪم ڪن ٿيون. شاهہ جا ديس واسي پنڻ کي عيب سمجهن ٿا.“

پنڻ منجهان پَلَ، ڪنهن نہ ڀريا ڪڏهين
مانجهي اهي مَلَ، هَرَ جنين جي هٿ ۾

## ڌوٻي / پريٽ

ڌوٻيءَ جو ڏنڌو ڏاڍو محنت وارو آهي. اڳين دور ۾ هي پورهيت آڏيءَ جو اٿي سياري جي ڏڪڻي توڙي اونهاري جي گرميءَ جي پرواهه ڪئي بغير گهاٽ تي وڃي پاڻي ۾ بيهي ڪپڙن جي گرُ ۽ غلاظت ڪڍي گراهڪن کي صاف ۽ پاڪ ڪري پهچائيندو هو. ان ڪري هن پورهيت کي به خوب ساراهيو ويو آهي. انهن جي ٽَنَ ڪان علاوه مَنَ جي صفائيءَ لاءِ به گواهي ڏني وئي.

ڌوٻي من جا نه ميرا، سڪ جو گهاٽ وسائن
سڪ جو گهاٽ وسائن، دل ۾ درد سمائن

ڌوٻيءَ کي شاهه سائين ’پريٽ‘ به سڏيو آهي. سسئيءَ جي سُرن ۾ هن گهڻو ڪري ’پريٽ‘ جو لفظ استعمال ڪيو آهي. سسئي جئين ته محمد نالي ڪتيءَ جي گهر ۾ پلي نپي جوان ٿي هئي تنهن ڪري هن پاڻ کي پريٽ جي ئي نياڻي سڏايو. جيتوڻيڪ هوءَ وڏ گهراڻي يعني ٻانڀڻ جي ڌيءَ هئي. پنهونءَ جي وڇوڙي تي لطيف سندس دل جي ترجماني هن طرح ڪئي آهي:

پريٽن پالياس، ٻانڀڻ ٻيٽي آهيان
يا
پريٽن جي پاڙي، جاڙ گذاريم جيڏيون

مٿين ٻن بيتن مان طبقاتي ڀيد پاو صاف ظاهر آهي. جيڪڏهن سسئيءَ جي پالنا جو تعلق مزدور ۽ محنت ڪش طبقي سان نه هجي ها ته پنهونءَ جا پائر يقيناً سسئيءَ کي ائين رڻ ۾ رولي نه وڃن ها. پٽائي انهن جذبن کي بيت جي سٽن ۾ هينئن سمايو آهي :

اسين پاڻ پريٽ، پورهيت پنهون ڄام جا
هوت ڪٿوري هيرئون، مون ۾ صابڻ ڇَٽَ
آتڻ منجهه اڳُٽ، ڪانڌ ڪنهنجي مَ ڪري

پر جئين ته پنهونءَ جو ڪو ڏوهه ڪونه هو هن کي ته پائر ٻي خبريءَ جي ڪيفيت

۾ ڪٽي ويا هئا، تنهن ڪري شاهه صاحب ڪيس ڏوهي قرار نه ٿو ڏئي، بلڪ سندس دفاع ۾ فرمائي ٿو :

ڳڏيو ڏوٻين ڏوهه، پنهون پارچو هٿ ۾
اتي آري ڄام جو، قاصد آيس ڪوهه
اي ڪامل ڪم نه سندوءِ، جيئن پهس پڇارين پوتين

هن بيت ۾ ڀٽائي سائين سڌو ڏوٻيءَ جو لفظ استعمال ڪيو آهي.

سُر مومل راڻو ۾ پڻ ڏوٻيءَ جو ذڪر هن ريت آيو آهي :

رچي جي ريٽو ٿيا، ڪين اباڻجن اُوءِ
ڪنپ نه ڪاري تنهن ڪي، جو هالاري هُوءِ
توڙي ڏوٻي ڏوءِ، ته به لالائي نه لهي

هتي هالار جو ذڪر ان حوالي سان آيو آهي جو هالار جي ڪپڙي جو رنگ پڪو هوندو هو. هالار ڪاٺياواڙ جي هڪ علائقي جو نالو آهي.

## وينجهار

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ جتي پنهنجي دور جي معاشري ۽ ماحول، ريتن ۽ رسمن جو ذڪر ڪيو آهي، اتي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت کي به نظرانداز ڪونه ڪيو آهي. زيور سنڌي ثقافت جو خوبصورت حصو آهن. زيورن کي مزيد خوبصورت ۽ ديده زيب بڻائڻ لاءِ انهن تي هيرن موتين جي جڙاوت جو ڪم انتهائي نفاست ۽ نزاڪت وارو آهي جيڪو وينجهار جو ڪم آهي.

وينجهار هيري لعل جا سچا پارکو هوندا هئا. محترم نجم عباسي وينجهارن جي هنر بابت پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو :

”هي هيرن ۾ باريڪ سوراخ ڪندا هئا، جو ڏاڍو باريڪ ۽ نفيس هنر آهي. جهڙو تهڙو ڪاريگر اهو ڪم ڪندي هيرا ڀڃيو وجهي. شاهه صاحب جي دور ۾ سنڌ ديس ۾ غربت ۽ ڏڪار جون اهڙيون حالتون اچي ويون جو ماڻهن کي پيٽ ڀرڻ

لاءِ ڪونه هو ته هيرا جواهر پاڻ جو شوق ڪٿان ڪندا. ان ڪري وينجهارن پنهنجو ڌنڌو بند ڪري ڇڏيو. هو آبدار موتين جا به پارکو هئا ۽ اکين تي خوردبين چاڙهي موتين جي ڪنارن ۽ پاسن جي چڪاس ڪري انهن جو ملهه مقرر ڪندا هئا.“

شاهه سائين اهڙي ماحول جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي :

قدر وارا ڪم ٿيا، ڪُتا خريدار
پاٽيٺ جي پرڪٽا، ويا سي وينجهار
ڪنير پائي اکين ۾، لهن سپ ڪنهن سار
صرافئون ڏار، ماٽڪ ملاحظو ٿئي

ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت لطيف سائين چيو آهي جنهن ۾ ٻڌائي ٿو ته انهن هيري لعل موتي ۽ پکراج جي پارکن جي اُٿي وڃڻ کان پوءِ سندن پويان سيهي جي سجاڻ رکڻ وارا به ڪونه رهيا آهن. هاڻي انهن وينجهارن جي جاءِ اچي لوهارن والاري آهي، جيڪي فقط لوهه تان ڪَٽُ لاهي ڄاڻن. شاهه صاحب فرمايو آهي :

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وندين جي
تنين سندا پويان، سيهي لهن نه سار
ڪٽن ڪَٽُ لوهار، هاڻي انهيءَ پيڻٽين

## ٺاٺارو

پورهيتن ۾ ٺاٺاري جو پورهيو به وڏي محنت ۽ مشقت وارو آهي. هو گهر ۾ استعمال ٿيندڙ ڪُٽِ، ٽامي، پتل ۽ جِست جا ٿانون جوڙي ٿو ۽ پگهل ٽتل ٿانون جي مرمت ڪري انهن کي سجو ڪري ٿو ۽ انهن تان ڪَٽُ يا ڪَسُ لاهي صاف ڪري چمڪائي ڇڏي ٿو. شاهه صاحب پڻ ٺاٺاري جي هنر جو ذڪر پنهنجي رسالي ۾ ڪيو آهي. سُر سامونڊي جي هڪ وائيءَ ۾ فرمائي ٿو :

پلي ڪري آئيو ٽانارو ڏيهاءُ
سي نہ پڄنديون
پڳي ڪُٽِ سڄي ٿي ، لٿي جاڪ ڳراءُ
سي نہ پڄنديون

مٿين وائيءَ جي سٽن مان هڪ سگهڙ گهر ڌياڻي جي سگهڙائپ بکي ٿي. جيڪا ٽاناري جي اچڻ تي خوش ٿئي ٿي. گهَر جي آرائش ۽ زيبائش توڙي استعمال لاءِ ٿانون خريد ڪرڻ کان علاوه پڳل ٿانون کي بہ سڄو ڪرائي انهن تان ڪَٽُ يا ڪَسُ لهرائي ٿي ۽ پوءِ انهيءَ تي خوشي ۽ فخر جو اظهار ڪري ٿي، تہ هاڻي سندس پاڙي واريون ساڻس ڪونہ پڄي سگهنديون، ڇالاءِ تہ وٽس نوان، سنا ۽ سهڻا ٿانون موجود آهن. پراڻي دور ۾ ٽانارا ٿانون جون بڌان ڪٽي وستين واهڻن ۾ وڃي وڪرو ڪندا هئا ۽ پڳل ٿانوَ جوڙيندا ۽ صاف ڪندا هئا. اجان تائين بہ سنڌ جي ڪجهہ علائقن ۾ ٽانارا ويندا آهن.

لطيف سائين جي رسالي ۾ مذڪوره پورهيتن کان علاوه ڪجهہ ٻين هنرمند پورهيتن جو ذڪر بہ موجود آهي. جيئن اوڏ، مگڻهار، شراب چڪائيندڙ وغيره وغيره. پر مقالي جي طوالت جي پيشِ نظر انهن کي ذڪر هيٺ نہ آندو ويو آهي.

## مددي ڪتابن جو وچور


- تحقيق اللغات — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهه جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهه جو رسالو — غلام محمد شهواڻي
- شاهه عبداللطيف ڀٽائي (چند مضمون) ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
- سنڌ جو شاهه — بدر ابڙو
- ٻاهيون ٻيراڳين جون — تاج جويو
- سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف — ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر
- شاهه جي رسالي جو مطالعو — مولانا دين محمد وفائي
- شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ — ڊاڪٽر فهميده حسين

- شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
- قديم سنڌ — ڀيرو مل آڏواڻي
- مقدمہ لطيفي — ڊاڪٽر گربخشاڻي
- سنڌو ماٿر جي سڀيتا — محمد ادريس صديقي
- عرفانِ لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- شاهہ لطيف جي شاعري — ڊاڪٽر تنوير عباسي
- History and culture of sind — Dr. Zakir Khan Ansai
- History of World Civlization — Will Durant

# ٿرين جي خوراڪ ۽ پوشاڪ

دنيا جي گولي تي نظر ڦيرائبي تہ بيشمار ملڪ نظر ايندا، جن ۾ ڪي ترقي يافتہ آهن تہ ڪي ترقي پذير تہ ڪي وري پسمانده. هر ملڪ جي ثقافت وري الڳ الڳ آهي. ثقافت مان مراد آهي ان ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جي خوراڪ، پوشاڪ، رسم و رواج، ٻولي ۽ مذهب. مطلب تہ زندگيءَ جو هر رنگ ۽ ڍنگ. پر جي اجان باريڪ بينيءَ سان ڏسبو تہ هر ملڪ جي مختلف حصن جي ثقافت ۾ وري ٿورو ٿورو فرق ضرور نظر ايندو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چند سٽن ۾ ثقافت جي تعريف هن ريت ڪئي آهي :

”انساني زندگي لاءِ جيڪي شيون ضروري ۽ اهم آهن ۽ جن کي ثقافت جي دائري اندر شامل ڪيو ٿو وڃي مثلن کاڌ خوراڪ، لباس، رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون ۽ رواج، روحاني ترقي ۽ مذهبي پروسا، انهن تي جاگرافيائي حالتون، تاريخ ۽ انساني نسلن جي ارتقائي تاريخ، ٻولي ۽ مذهب گهڻو اثرانداز رهيا آهن.“

برِ صغير جي تاريخ جو مطالعو ڪجي ٿو تہ پراڻي دور ۾ هند ۽ سنڌ ٻہ اهم حصا ليکيا ويندا هئا. سنڌ جون سرحدون ڪراچيءَ کان وينديون ملتان ۽ ڪشمير تائين هونديون هيون. سنڌ جي خوشحاليءَ جو ذڪر ٻڌي دنيا جي ڪيترن ئي وڏن حڪمرانن جي وات ۾ پاڻي پرجي ايندو هو ۽ اهي سنڌ جو رخ ڪندا هئا. موجوده سنڌ پاڪستان جي هڪ صوبي جي حيثيت رکي ٿي جنهن جون حدون سوڙهيون ٿي هن وقت ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين محدود ٿي ويون آهن. صوبي سنڌ کي ملڪ ۾ ريڙهہ جي هڏيءَ واري حيثيت حاصل آهي، جيڪو ملڪي معيشت ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو.

سنڌ کي مکيہ ٽن وڏن حصن سرو، وچولو ۽ لاڙ ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي. انهن ٽنهي حصن جي ثقافت ۾ خاص طور ٿر جي ثقافت منفرد آهي. معاشي لحاظ کان ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان جا مارووڙا اڪثر بک ۽ افلاس جو شڪار رهندا پئي آيا آهن. انهن حصن جي معيشت جو وڏو دارومدار وسڪاري تي آهي. جيتوڻيڪ ٿر کي خداوندِ تعاليٰ معدنيات جي خزانن سان مالامال ڪيو آهي پر هن وقت تائين ڪنهن بہ حڪومت انهن خزانن کي پڌرو ڪرڻ جي زحمت ڪونہ ڪئي آهي، جنهن سان ٿر واسين جي قسمت بدلجي سگهي ٿي.

لطيف سرڪار جتي پنهنجي رسالي ۾ انيڪ موضوع اختيار ڪيا آهن، اتي ٿر جي مسڪين مارووڙن کي بہ ڪونہ وساريو آهي. سُر مارئي ۽ سُر سارنگ ۾ سانگيئڙن جي ثقافت جي ڀرپور عڪاسي ڪيل آهي. هيٺ شاهہ صاحب جي ڪلام مان ٿر واسين جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذڪر ڪجي ٿو.

جڏهن ٿر جي ڳالهہ ڪبي تہ حب الوطني جي لازوال ۽ بيمثال ڪردار معصوم مارئيءَ جو ذڪر ضرور ايندو. هن عمر سومري جي ڪوٽ ۾ ڏوٽ ڏينهن ڏٺا پر سندس لالچ ۾ نہ آئي. ٿرين جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذڪر بہ لطيف سائين جي هن سُر مان ئي گهڻو معلوم ٿئي ٿو.

# خوراڪ

ٿر ۾ هوندءَ تہ خوراڪ جي حوالي سان ڪٽڪ، چانور، جوئر ۽ مڪئي جو استعمال بہ ٿئي ٿو پر ڀٽائي پنهنجي رسالي ۾ ٿر جي علائقي جي مخصوص خوراڪ جيئن فصلن ۾ ٻاجهر ۽ قدرتي غذائن ۾ ڏٿ، ڏونرا، پنير، سائون، توهہ، للر، لنب، پڪا، پيرون، مجر، مڪ، گولاڙا، کهہ، مانڊاٽو مکٽي، سگري، ڊامڻ، ميها، چيڙ، ڦنگيون (ڪنڀيون) کان علاوه کير جو پڻ جهجو ذڪر ڪيو آهي. هيٺ ٿر جي ان خاص قسم جي خوراڪ جي حوالي سان شاهہ سائين جي رسالي مان ڪجهہ بيت پيش ڪجن ٿا.

## ٻاجهر

ٻاجهر اهڙو فصل آهي جيڪو ٿر ۾ وسڪاري ڪان پوءِ ججهو ٿئي ٿو. هي فصل جيتوڻيڪ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ به پيدا ٿئي ٿو پر اتي مستقل خوراڪ طور استعمال ڪونه ٿو ٿئي. جڏهن ته ٿر ۾ ٻاجهر باقاعده خوراڪ طور ڪاڊي وڃي ٿي. هن جو اٽو پيهي ماني پچائي ويندي آهي. ان حوالي سان سُر مارئيءَ مان لطيف سرڪار جو بيت آهي :

پانڌي پرين پنهوار جو ، مون وٽ جو آئو
اٺا مينهن ملير تي ، سپ ڏيهہ سوائو
ٻاجهر پڪي ٻاجهہ تي ، لٿو ڏوڳائو
جو سر تين سجائو، سو هينئڙو هٽ نہ وندري

مارئيءَ وٽ گويا پنهوارن جو پانڌي اچي پهچي ٿو ۽ ڪيس احوال ٿو اوري ته ملير ۾ مينهن جا وسڪارا ٿيا آهن، جنهن سان سپ سولي سڻائي ٿي وئي آهي. ٻاجهر جي فصل پوکڻ سبب صفا سڪار ٿي ويو آهي.

## ٿوهہ

ٿوهہ جو شمار ميوي ڪان علاوه سُتيءَ طور پڻ ٿئي ٿو. ٿوهہ انهن سُتين مان آهي جيڪي سخت ڪوڙو ذائقو رکن ٿيون. ڪڙاڻ جي حوالي سان ٿوهہ جو مثال ڏنو ويندو آهي ته 'اهڙو ڪوڙو آهي جهڙو ٿوهہ' ٿوهہ ٿر ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو. شڪل ۾ گول آهي ۽ ڏسڻ ۾ ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي. ٿر جي رستن واٽن تي عام نظر ايندو آهي. سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي ته 'سهڻا ٿوهہ پٽن پٽن تي پيا آهن.' جنهن جو مطلب اهو ورتو ويندو آهي ته هر وپرو ظاهري سونهن ۽ سوڀيا تي ڀروسو نه ڪجي، اندر جي خبر رکڻ بہ ضروري آهي. ڪي ماڻهو ٿوهہ وانگر ٻاهران ڏاڍا سهڻا نظر

ايندا آهن پر سندن اخلاق ۽ ڪردار ۾ ڪيئي عيب هوندا آهن، تنهن ڪري ظاهر تي نہ وڃجي.

ٿر واسي ٿوهر کي مختلف طريقن سان استعمال ڪرڻ کان علاوه خوراڪ طور پڻ ڪم آڻيندا آهن. ٿوهر جي ماني پچائي بہ کائيندا آهن جيڪا ذائقي ۾ ڪوڙي ڪونہ ٿيندي آهي. اهو اصل ۾ انهن ماڻهن جو ڪمال آهي جو سخت ڪوڙي ميوي مان ڪڙاڻ کي ڪڍي ان جو ذائقو ئي مَٽائي ڇڏين ٿا. مون پڻ ٿر جي دوري دوران اهڙي مانيءَ جو ذائقو ورتو تہ سخت حيرت ٿي.

لطيف، ٿرين جي ان خوراڪ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

مٽن ٿوهر ٿسڪڙا، چڪندڙا اچن
ڪُڙيون کيهہ پَڪُليون، پگهر سين پيرن
ايءُ ور ويڙهيچن ، مون لوڏان ئي لکئو

مارئي پنهنجي مارو ڙن لاءِ چوي ٿي تہ جڏهن اهي ٿوهن جا ٿس يا ننڍا ننڍا ٻِترا ڪري انهن جون وڏيون پريون مٽن تي رکي، پگهر ۾ شل متيءَ ۽ دز ۾ پريل ڪڙين سان گهرن ڏانهن واپس ورن ٿا تہ مان سندن لوڏ مان ئي سڃاڻي ٿي وڃان تہ اهي منهنجا مارو ئڙا آهن.

## ڏٿ، سانئون، لنب

ٿر واسين جي خوراڪ ۾ مٿيون شيون بہ استعمال ٿين ٿيون. جن مان هر هڪ جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

## ڏٿ

ڏٿ ٿر جي انهن سمورن گاهن ۽ ٻوٽن کي ملائي سڏيو ويندو آهي جيڪو ڏڪار جي وقت ۾ مارو ماڻهو وڏي دقت سان ٻُولي پيٽ قوت طور استعمال ڪندا آهن.

## سانئون

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سانئون متعلق ٻڌائي ٿو تہ ”هي سنهڙي سائي داڻي وارو گاهہ آهي جنهن ۾ اَنُ پيدا ٿيندو آهي، جيڪو ٿر ۾ ڪاڏي طور استعمال ڪيو ويندو آهي.“

## لنب

هي پڻ گاهہ جو هڪ قسم آهي، جيڪو سنهڙو ۽ سڌو هوندو آهي، جنهن جي چوٽيءَ ۾ پچڻ وقت چانور جهڙو سنهڙو داڻو ٿئي ٿو. جيڪو ڏٿ طور چانورن وانگر رَڌي ڪائبو آهي.

هيٺين بيت ۾ مٿين ٽنهي شين جو ذڪر ڪندي ٻڌائي مارو ماڻهن جي غربت جو نقشو چٽيو آهي. جن جو گذر روزانو آٽڻ ۽ چاڙهڻ تي هوندو آهي. اهي سٽليون ٿاهي سانئون سُڪائيندا آهن. لنب جي داڻي کي چانورن وانگر پچائي کائيندا آهن. مارئي عمر کي چوي ٿي تہ منهنجي ملڪ جا مارو سگرن، پڪن ۽ پيرن جي رَسُ ۾ پڪل شين کي تنهنجي پلائن کان وڌيڪ ٿا ڀانئين. لطيف سگر، پڪا ۽ پيرون جي لاءِ ’آرهاڙي‘ جو لفظ استعمال ڪيو آهي. آرهاڙي معنيٰ آرهڙ يعني مئي ۽ جون جي گرميءَ وارن ڏينهن ۾ اسرندڙ خوراڪ جون شيون. بيت ملاحظہ ٿئي :

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا
سٽا ڪئو سيد چئي، سانئون سُڪائين
منجهان لنب لطيف چئي، چائر ڪئو چاڙهين
پلاءُ نہ پاڙين، عمر آرهاڙيءَ سين

## سنگر / سگريون

ھي ڪنڊيءَ جي وڻ ۾ ٿينديون آھن جن کي ٿر ۾ سيڪي ڪائڻ جو رواج عام ٿو ڀانئجي. جڏھن وليون وڻ ڦلاريا آھن ۽ ڪِرڙ ٻہ پچي پڪا ٿيندا آھن تہ ان مند ۾ ملير ڄايون سانديڻ رکيل سڱر سَيين واگر سيڪي ڪائينديون آھن. گويا ڪين سيڪيل سڱرين مان سيين جھڙو ذائقو ايندو آھي. لطيف سائين مارئيءَ جي من جي ترجماني ڪندي فرمايو :

پانڌي پرين پھنوار جا، نياپا ني ڪي
ساري ڏيج سرتيين، ياد پونئي جيڪي
وليون وڻ ڦلاريا، ڪِرڙ پَڪا ڪي ڪي
سڱر ڪِيَن سرتيون، سَيين جيئن سيڪي
زير پچي جي ڪي، مِلان پرينءَ پھنوار کي

## پَڪا، پيرون، ميَر، مَڪ

ٿر جي مارن جي غذا ۾ ڪرڙن جي پَڪن کان علاوه ميَر ۽ مَڪَ جو گھڻو ذڪر اچي ٿو. مَڪ مان مراد، ڪبڙ جي ٻور جو پچي پيرن جي صورت اختيار ڪرڻ آھي. پيرون اتر سنڌ جي بہ ڪن حصن ۾ ٿيندو آھي، جيڪو وڏي شوق سان کاڌو ويندو آھي. پيرون ٿر وارن جي تہ من پسند غذا آھي. مَير ۽ مَڪ جو مطلب مختلف ولين جا گل ۽ گونچ ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪي ڪنھن نہ ڪنھن صورت ۾ ٿر ۾ کاڌي طور استعمال ڪيا ويندا آھن. سُر مارئيءَ جي ھيٺين بيت ۾ پَڪن، پيرن، مَير ۽ مَڪ جو ذڪر آيو آھي.

پَڪا پھنوارن ڏي، ميوا، مَير، مَڪَ
عمر آٿت اُڪنڊئو، حال ھماري حق
لوئي ۽ لڪ، سمن سپرين سين

مارئيءَ جو پائر پاسي پيرون چونڊڻ جي خواھش متعلق ھڪ بيت ھن ريت آھي :

تن ساڏوهِين سَڏَ مران، ڏنگا جنين ڏار
پٽي ساڻ پتار، پائر پيرون چونڊيان

## کهه، مانڌاڻو ۽ مکڻي

هي ٿئي ڏٿَ وارن ٿن گاهن جا نالا آهن. جيڪي ڏٿ طور رڌي پچائي کاڌا ويندا آهن. سُر مارئي جو بيت ملاحظہ ٿئي :

ڄُرَنِ چِٽڪَنِ چت ۾، گهارين مٿي گهٽ
کهه، مانڌاڻي، مکڻي، ڏوئن پاسي ڏٿَ
پهنوارڪي پکڙين، وچي ڪريان وَٿَ
ساٽيهه مٿي سَٽَ ، ڪنديس پچي ڳڙن کي

## ڏونرا

قدرت ٿر واسين کي جيڪي غذائون وافر انداز ۾ مهيا ڪري ڏنيون آهن، جن کي ڏٿ بہ سڏيو ويندو آهي، انهن ۾ ڏونرا عام آهن. ڏونرن جي فراواني متعلق سُر مارئي جو هي بيت ڏسو :

تن وِنهين ويڙيچن ۾، سدائين سُڪار
چونڊئو آٽئو چاڙهين، سدا ڏونرن ڏار
جن جو ويڙين سين واپار، سي ڏوٿي هُوَنِ نہ ڏبرا

مارئي پنهنجي ويڙ وارن جي خوشحاليءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿي تہ منهنجا ماروئڙا جهجها ڏونرا چونڊي اچي چاڙهيندا آهن. شال اهي ڪڏهن بُکيا نہ رهن.

## ميها، چيڙ، ڦنگيون

سُر سارنگ ۾ ميهن چيڙن ۽ ڦنگين جو ذڪر آيو آهي. ڪنيين ڪي ٽر ۾ ڦنگيون سڏيو ويندو آهي. مٿيون شيون ٿر ۾ عام جام ٿينديون آهن. لطيف سائين انهن ٿنهي جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي :

منڊ تي منڊل منڊيا، ڪِي اوهيڙن اوڪَ
چاچر ٿي چنن ۾، ميهون چَرن موڪَ
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پوبو پائن طوقَ
ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيئي ٿوڪَ
لاهيين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا

## ڊامڻ

ٿر پاسي هڪ گاهه پيدا ٿئي ٿو جنهن کي ڊامڻ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. مسڪين مارو انهيءَ گاهه جون پاڙون ڪڍي ڏٿ طور کائيندا آهن. سُر سارنگ ۾ شاهه سائين ڊامڻ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي :

پري پٽ تي آئيو، سارنگ سنهج منجها
ڪڙيون ڪنٺهار جئڻ، وڄون اتر وا
سرها سبزا ٿيا، ڊامڻ ڊپ ڪيا
پهري پٽَنِيا، پريائين ڪـُـن ڪراڙ جا

## پنير

پنير هڪ اهڙي سُتي آهي جيڪا عام طور اسانجي اتر سنڌ ۾ رتُ جي صفائيءَ طور پيتي ويندي آهي. ذائقي ۾ تمام ڪوڙي هوندي آهي. لطيف سائين مارئيءَ جي ملڪ ملير جي حوالي سان جنهن پنير جو ذڪر ڪيو آهي لاشڪ اهو ساڳيو ئي پنير آهي بيت هن ريت آهي :

وطن مون ملير، قضا آنديس ڪوٽ
چانڪ پينديس پرينءَ سين، پائر جو پنير
هاڇا ڪئو همير، باالله ني ٿو بند ۾

مارئي عمر سومري سان مخاطب ٿي چوي ٿي ته منهنجو اصل وطن ته ملير آهي. قسمت آڻي هن ڪوٽ ۾ ڪٽي قيد ڪيو آهي. دل ٿي چاهي ته جيڪر پنهنجي پرينءَ سان پائر جو پنير وڃي پيئان. (پائر ٿر جي هڪ علائقي جو نالو آهي) تو مون مٿان ظلم ڪري مونکي ناحق آڻي اسير ڪيو آهي.

ٿر ۾ ڪاڏي طور استعمال ٿيندڙ ٻين شين ۾ گدريون، ڇانهين جو ٻج، ساڳ، سيارچ ۽ گوار اڇي وڃن ٿا. جن جو ذڪر لطيف سائين جي سُر مارئي يا سارنگ ۾ ڪونه آيو آهي. ڊاڪٽر الهنواز ميمڻ پنهنجي مقالي ’ٿري غذائون ۽ صحت‘ ۾ لکي ٿو ”ٿر ۾ برسات جي موسم ۾ پيدا ٿيندڙ شيون جهڙوڪ پپون، ڪونديرِ، للر، مريڙو، ڇانهان، ڇيڙ، گدريون ۽ گوار غذائي لحاظ کان عمدا آهن.“

## کير

کير کي بين الاقوامي مشروبات واري حيثيت حاصل آهي. جيڪو پوري دنيا ۾ غذا طور استعمال ڪيو ويندو آهي. کير ۾ قدرت مڪمل غذائيت وارا جزا رکيا آهن. کير ڏيندڙ جانورن ۾ مينهن، ڳئون، ٻڪري ۽ رڍ اچي وڃن ٿا. ٿر ۾ مينهن ۽ ڳئن کان وڌيڪ ٻڪرين ۽ رڍن جا ڌڻ پاليا ويندا آهن. ٿريلن جي معيشت جو مدار پوکي راهي کان وڌيڪ انهن جانورن تي آهي.

سُر مارئيءَ جي هيٺين بيت ۾ مارئي عمر کي التجا ٿي ڪري ته جيڪڏهن هو ڪيس ڪوٽ مان ڪڍي هيءَ امانت منهنجي ملڪ واسين ڏانهن اماڻي ته جيڪر هڪ طرف مٿائنس حرف لهي پوي ۽ ٻي طرف منهنجي موٽڻ جي خوشيءَ ۾ ماروئڙا کير جون وٽيون پري پيئن.

ميندڙا ڏوهه نه مارئي، آهس من ملير
ڪڏي ته ڪاڻ لهي، هتان هيءَ همير
ڪاڻڙ پيئن ڪير، جي امانت اٽ وڃي

## پوشاڪ

سنڌ جي مختلف خطن ۾ خوراڪ وانگر پوشاڪ ۾ به ڪي قدر نمايان تبديلي نظر اچي ٿي. عام طور تي سڄي سنڌ ۾ خاص طور تي اتر سنڌ جي ٻهراڙين ۾ مردن جي پوشاڪ ۾ گوڏ، پهراڻ، سنڌي ٽوپ، اجرڪ ۽ پٽڪو استعمال ڪيو ويجي ٿو ۽ عورتن جي لباس ۾ شلوار قميص، رئو يا پوتي عام آهي. جڏهن ته ٿر جي مردن توڙي عورتن جي پوشاڪ ۾ مٿين ڪپڙن کان علاوه ڪجهه اهڙيون شيون به ملن ٿيون جيڪي بلڪل مختلف ۽ منفرد آهن. اهي سنڌ جي ٻين علائقن ۾ گهٽ استعمال ٿين ٿيون يا وري بنهه ڪو نه ٿيون ٿين.

### لوئي

سُر مارئي ۾ ٿرين جي پوشاڪ بابت جيڪي بيت ملن ٿا انهن ۾ لوئيءَ جو ذڪر وڌ کان وڌ آيو آهي. لوئيءَ کي لڄ يا سَتر جي نشاني سمجهيو ويندو آهي. هتي مذڪوره سُر ۾ لوئيءَ جي ذڪر وارا چند بيت پيش ڪجن ٿا :

عمر ماروئڙن جا، ٿر ٿر اندر ٿاڪَ
لاٿائون لطيف چي، مٿان لوئيءَ لاڪ
عمر اٿم آڪ، پهرئو ٿي پَنِ چَران

---

عمر ماروئڙن جو، ٿر ٿر اندر ٿانءُ
سپ تنهنجو سومرا، وينا ڳنهن نانءُ

اتي ويندس آنءُ، لوئيءَ لڄ مٿي ڪري

---

پٽ پرھيان سومرا، جانڪيتان جيان
آنءُ ڪيئن لوئي لاھيان، ڪارڻ ٻن ڏينھان
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻئو

---

سون برابر سڳڙا، لونءَ برابر لڪُ
رڀو جنھہ رد ڪئو، ڪوڙ تنھين ڪي ڪک
مون ماروءَ جو مَڪُ، تيل نہ لاھيان تنھنجو

لوئيءَ لاءِ پٽائي ڪٿي ڪٿي ڪٿي جو لفظ بہ ڪم آندو آھي. مثال :

سبي سيبا ڏي، پوريءَ نيھہ نہ لڄئو
ڪٿيءَ وٿيون ڪُٿيون، سبي سيري سي
مچڻ چونن ڪي، لڄايئي ٿر ڄائيون

مارئي جي ڪٿيءَ جون وٿيون بہ ڪسي ويون آھن. جن ڪي ور ور ويٺي ٽوپا ڏئي ڳنڍي. پر عمر جا قيمتي ڪپڙا اوڍي ٿر ڄاين ڪي لڄائڻ نہ ٿي چاھي.

ھڪ ٻي بيت ۾ نہ فقط ڪٿيءَ جو ذڪر آيو آھي بلڪ انھيءَ جي تيار ڪرڻ واري ھنر ڪي بہ بيان ڪيو ويو آھي.

پھنوارن پاٻوھيو، ڪي وَس واھوندن
لٿو سيءُ لطيف چي، ٻڏو ڦن ڦرن
پائر ڏنيون پنيون، ننڍن نوراين
اوءِ ٿا ڪورين ڪنئري، سرتيون مٿان سسن
عمر اُنَ اگھوندري، پاسي ڪانڌ ڪتن
ڪائر ڪتيون خاصيون، اونچيون اُتِ اُڃن
ڪڍيو پيڙ ڳھن، ملير گھرجين مارئي

هن بيت جو حاصل مطلب آهي تہ پائر پاسي رڍن جي ڦرڙن جي نرم، صاف ۽ اڇي اُنَ ڪتري انهيءَ مان خوبصورت ۽ اڇيون ڪٿيون تيار ڪيون وينديون آهن.

لوئي يا ڪٿيءَ لاءِ هڪ ٻيو لفظ ’ڏٻري‘ جو بہ آيو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿلهي پوتي ٻڌائي وئي آهي. گويا اها لوئي يا ڪٿيءَ کان ڪجهہ مختلف آهي. جيئن هيٺين بيت ۾ ڏسو :

ميري جي ڏٻري، مَر مٿي تي هوءِ
متان مارو چوءِ، تہ واچا ويئي وسري

ڏٻري جي معنيٰ سادا، ٿلها، ميرا ڪپڙا بہ ٻڌائي وڃي ٿي. جيئن:

ڪيئن ڏئاريا ڏٻرا، ويندي‌س ڪنهہ وهاه
مون مل مارو ناه، اڇا اوڍيان ڪنهہ کي

مارئي عمر سان مخاطب آهي : ”پنهنجي مارن کان مليل سادا ۽ ٿلها ڪپڙا، جيڪي ميرا ٿي چڪا آهن، ڇا لاءِ ڏوئان! مونکي ڪنهن وهانءَ تي تہ وڃڻو نہ آهي، پوءِ ڪنهن جي ڪارڻ اڇا ڪپڙا اوڍيان.“

لوئيءَ جي لاءِ پاروڙي جو لفظ بہ استعمال ۾ آيو آهي. جيئن لطيف سرڪار فرمايو :

پرم پاروڙي رهي، جنهہ ۾ اڇي اُنَ
تہ پڻ ويني ونڏيان، توڙي پونس ٿُنَ
غافل رک غريب کي، عمر! منجهہ امن
سرتين سان سَمُنَ، آهم اُني مينهڙي

## ڪَنجُرو (چولو)

ٿر ۾ چولي کي ڪنجرو بہ سڏيو ويندو آهي. سُر مارئي مان اهڙا ٿي بيت جن ۾ ڪنجري جو ذڪر آهي سي هيٺ پيش ڪجن ٿا :

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٽيام
اباڻن جي آسري، ڳتي ڪا نہ ڪيام
جا ڏَٽِ ڏِڪيام، تَنهنجي پرور پٽ رهائيين

سهسين سيبا ڪنجري، ليڙون ٽي لوئي
واسي وار نہ ويڙهيان، ڏارين سين ڏوئي
ملير مڙوئي، مرڪي شال ملهائيان

اڳڙيارو ڪنجرو، لوئي سين ليڙن
ههڙو حال وٽي ڪري، وڃان منجهہ ٽرن
مارو مانَ چون، هئي اسانهين آسري

مٿين ٽنهي بيتن ۾ ڪنجري خواه لوئيءَ جي زبون حالت ڏيکاري وئي آهي، چولي کي چتيون لڳل آهن ۽ لوئي ليڙون ٽي وئي آهي پر مارئي اباڻن جي لج رکڻ خاطر نوان ڪپڙا ڪونہ ٽي اوڍي. هوءَ چاهي ٿي تہ اهڙي ئي حال ۾ وڃي مارن سان مِلان تہ مَنَ اهي ائين چون تہ ويچاري اسان جي ئي آسري هئي.

## چُني

ٿر ۾ پوتيءَ لاءِ چنيءَ جو لفظ بہ ڪم ايندو آهي. سُر سارنگ ۾ لطيف سائين فرمايو :

سارنگ سائي سِٽَ ، جهڙي لالي لاک جي
ايءَ سي ابن انگيا ، جنءَ سي چُنيءَ چِٽَ
برسيو پاسي پٽَ ، پريائين ڪُنَ ڪراڙ جا

مٿين بيت جو مفهوم هن ريت آهي تہ رحمت پريا ڪڪر، لاک جهڙو ڳاڙهو روپ وٽي ايريا آهن ۽ چنيءَ جي چِٽَنِ جهڙي ڏيک ڏين ٿا.

لوئي ۽ ڪنجري ڪان علاوه ڀَڙا، چوليون ۽ پولڪا ٽري عورتن جي لباس ۾ شمار ٿين ٿا. اهي پنهنجي ڪپڙن کي رنگ برنگي ڀرت سان نهايت خوبصورت ۽ ديده زيب بڻائين ٿيون.

## مددي ڪتاب


- شاهہ جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهہ جو رسالو — غلام محمد شاهواڻي
- ٿر — مرتب : عبد القادر منگي
- عرفانِ لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- فڪرِ لطيف — مرتب : ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# جدوجهد جو پيغام

لاڪيڻي لطيف جي آفاقي ڪلام جو بغور مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس سمورو ڪلام جدوجهد جو پيغام آهي ۽ شاهہ سائين پيامبرِ جهد و عمل آهي.

هتي آنءُ لطيف سرڪار جي رسالي جي سُرن مان مٿ مان خرار پرکڻ جي مصداق ڪجھ بيت پيش ڪيان ٿو جن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ جدوجهد جو پيغام سمايل آهي.

## سُر ڪلياڻ

رسالي جي ترتيب جي لحاظ کان سڀ کان اول سُر ڪلياڻ رکيو ويو آهي. جيڪو واحد جي واکاڻ سان شروع ٿئي ٿو. منجهس نبي ڪريم ﷺ جي رسالت ۽ احڪامِ دين جو ذڪر ڪيل آهي. ان کان سواءِ انسان کي ان مان جدوجهد جو سبق پڻ ملي ٿو.

زندگيءَ جو صحيح مفهوم عمل سان ئي تعبير ڏنو ويجي ٿو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ اي انسان! جڏهن تون الله جل شانهٗ جي هيڪڙائيءَ ۾ ايمان رکين ٿو تہ پوءِ عملي طور ان تي ڪاربند رهہ ۽ خداوندِ تعاليٰ جي حڪمن تي عمل پيرا رهندي عباداتِ الاهي يعني فرض، واجب ۽ سنتون سر انجام ڏيندو رهہ. ربّ العالمين جي حضور هر وقت توبهہ تائب ٿيءُ. اي غافل! پنهنجي سڀ کان وڏي دشمن، نفس جون واڳون پنهنجي قبضي ۾ ڪري کيس صحيح ڏس تي گامزن ڪر. يعني تن کي تسيو ڏيئي، من جي سڌن کي مارڻ لاءِ جدوجهد ڪر. جيڪڏهن تون ان جدوجهد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي تہ پوءِ توکي دوزخ جي

عذاب جو ڪوبہ خطرو نہ رهندو. ٻين لفظن ۾ تہ ان وقت تنهنجو شمار الله وارن سچن عاشقن ۾ ٿيندو.

وحده لاشريڪ لهہ، چئي چوندو آءُ
فرض، واجب، سنتون، تينئون ترڪ مَ ڀاءِ
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پڄاءِ
نگا پنهنجي نفس کي، ڪا نئين راھ سونهاءِ
تہ سندي دوزخ باھ، تو اوڏيائي نہ اچي

مسلسل جدوجهد سان ئي انسان پنهنجي منزل جي مومل ماڻي ٿو. مقصد جي حصول ۾ طرحين طرحين تڪليفون درپيش اچن ٿيون. ليڪن سچا سالڪ سوريءَ کي بہ سيج مثل ڀائيندا آهن. اهي عشق جي راھ ۾ ڪڏهن بہ پير پٺتي ڪونہ ڪندا آهن. انهن جي نگاھ تہ هميشہ منزل ۽ مقصد تي هوندي آهي. اهي پنهنجي ماڳ رسڻ لاءِ سدائين اڳتي وک وڌائيندا رهندا آهن. هاڻي جڏهن ڪنهن دنياوي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي ماڻهوءَ کي وڏا وَس ڪرڻا پون ٿا تہ پوءِ خالقِ ڪائنات جي قرب حاصل ڪرڻ خاطر ڪيس ڪيڏي نہ جدوجهد ڪرڻي پوندي! سوريءَ کي سيج سمجهڻ سولو نہ آهي.

سوري چڙهڻ، سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان

## سُر يمن ڪلياڻ

سُر يمن ڪلياڻ ۾ شاھ سائين سچي طالب کي پتنگ ڪري پيش ڪيو آهي. فرمائي ٿو تہ سچو سالڪ سڏائڻ سولو نہ آهي، ان لاءِ تہ سِر جو سانگو لاهڻو ٿو پوي، پتنگ جيان پاڻ کي پچائڻو ٿو پوي، مصيبتن جي مَچَ ۾ پاڻ کي اڇلائڻو ٿو پوي، آزمائش جي انهيءَ آڙاھ مان رچي ريتو ٿيڻو ٿو پوي. آخر عاشق پنهنجي

مسلسل جدوجهد سان انهن سمورين تڪليفن تي غالب پئجي ٿو وڃي تڏهن مسَ وڃي ظلمات جي رات جو خاتمو ٿئي ٿو. پرهه ڦٽي ٿي ۽ سڪن جو سج اڀرڻ جا آثار نمايان نظر اچن ٿا پر سمورو وقت عاشق اهي ڪڙا مِنا سورَ اندر جو اندر ۾ سهندو رهي ٿو ٻاهر ٻاڦ نہ ٿو ڪڍي. لاڪيٽو لطيف اهڙي عاشق کي اها ئي هدايت ڪري ٿو.

پتنگ چايين پاڻ کي، تہ جيري پوءِ جاڻي
تان تان تاڻج تَوَ ڏي، جان آڳ نہ اجهاڻي
وسهہ وهاڻي، آڳ نہ ڏجي عام کي

ساڳي سُر ۾ شاهہ سائين اهل الله جو مثال اهڙي محنت ڪش لوهار سان ڏئي ٿو جيڪو جلائيندڙ باهہ جي پرسان ويهي ڌنوڻ کي ڌنئين باهہ جي اُلَن کي اپاري لوهہ ڪُٽي رزقِ حلال حاصل ڪري ٿو پر جيڪڏهن هو نہ ڌنوڻ کي ڌنوندو نہ باهہ جي ويجهو ويهي ان جي تابش ۽ تاءَ جي اذيت برداشت ڪندو تہ پوءِ ان کي محنت ڪش ماهر هرگز نہ سڏيو ويندو. اهڙو انسان ’الڪاسب حبيب الله‘ جي زمري ۾ اچي ڪونہ سگهندو. نہ ئي اهڙي هام هڻي سگهندو.

اهڙيءَ ريت جيڪو الله پاڪ جي عشق جي راهہ ۾ درپيش صبر آزما تڪليفن برداشت ڪرڻ جي قوت نہ ٿو رکي ۽ نفس پليد کي ماري مات ڪرڻ لاءِ ڪائي جدوجهد نہ ٿو ڪري، سو ڪامل مرشد يا اهل الله سڏائڻ جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهي.

ڏوڏا تون نہ ڌنئين، آڳ اوڏو نہ وڃين
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سهين
اُپو ائين چئين، تہ آنءُ آڳڙيو آهيان

زندگي جي تعبير محنت ۽ لڳاتار جدوجهد ۾ سمايل آهي. زندگيءَ جو مقصد متعين ڪرڻ وارا عظيم انسان جهد و عمل جا قائل هوندا آهن. دنيا جا درد ۽ ڏک،

سور ۽ سختيون اهڙن انسانن جي راهه ۾ رڪاوٽ ڪونہ بڻبا آهن. سچي سائينءَ جي سِڪَ رکڻ وارا سالڪ، سورن جي سبق پڙهڻ جا عادي هوندا آهن. اهي سدائين سوچيندا ۽ لوچيندا رهندا آهن. اهڙن انسانن جي ماٺ ۾ بہ مام ڀريل هوندي آهي. اهي هميشہ اها راهه اختيار ڪندا آهن، جنهن سان پرينءَ کي پسي سگهن. ٿورن لفظن ۾ تہ اهي سالڪ سدائين الله پاڪ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مست و مگن رهندا آهن.

جن کي دور درد جو سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن
پنو سو پڙهن، جنهه ۾ پسن پرينءَ کي

سچي سڪ رکڻ وارن الله جي عاشقن کي سدائين ’تون هي تون‘ جي وائي وات هوندي آهي، تنهن ڪري مالڪُ مٿن مهربان هوندو آهي ۽ سدائين سندن سار لهندو آهي. اهڙن پنهنجن پيارن ٻانهن جي مٿان هو سدائين مهرباني جي ڇانو ڪندو آهي. اهو ئي فائق جو فرمان آهي. ’فاذڪروني اذڪر ڪم‘ يعني ’اي ٻندا! تون مونکي ياد ڪر تہ مان توکي ياد ڪريان.‘ اهڙن سچن سالڪن جي ساعت بہ سڄڻ جي سار کان وانجهي نہ هوندي آهي. جنهن مان الله وارن جي مسلسل جهد ۽ سراپا عمل هجڻ جو دليل ملي ٿو. انهن وڏا ڪشالا ڪيدي ۽ لڳاتار محنت ڪرڻ بعد ئي پنهنجي ربّ کي راضي ڪيو آهي.

عاشقن الله جي، سدا وائي وات
’فاذڪروني اذڪر ڪم‘، تن ۾ اها تات
ان ڪان ڪانہ ساعت، سڄڻ ويل نہ وسري

## سُر سريراڳ

سُر سريراڳ ۾ لطيف وڻجاري جي ويس ۾ محنت، مشقت ۽ سچائيءَ جو سبق ڏنو آهي. هو وڻجاري کي تلقين ٿو ڪري تہ اهڙو سچ جو سودو خريد ڪر، جيڪو

پئي پراڻو نہ ٿئي ۽ ڏوراهين ڏيهہ ۾ وڪڻڻ وقت جنهن مان ڇڱو چوکو فاعدو حاصل ڪري سگهين.

درحقيقت پٽ ڏٽي ڀلارو انسان کي سچ جي ساڃاهه ڏئي ٿو. سچائي تي ثابت قدم رهڻ نهايت جرئت ۽ حوصلي جو ڪم آهي جنهن لاءِ وري جدوجهد جي ضرورت آهي. سچائيءَ جو وهنوار ڪندڙ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿئي ٿو. سندس لاءِ اهو عمل نجات جو باعث بڻجي ٿو.

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهہ جي اُبهين

ساڳي سُر ۾ شاهه سائين ڪاهل وڻجاري کي خبردار ٿو ڪري تہ جيڪڏهن هينئر کان سفر جا سانباها ڪونہ ڪيئہ تہ اها غفلت توکي نهوڙي نيندي ۽ پاتال ۾ پهچائي ڇڏيندي. تنهن ڪري هاڻي کان ئي پنهنجي دنگيءَ ۾ وکر جا داڻا وجهي، سفر جا سانباها شروع ڪر.

دراصل شاهه سائين غافل انسان کي سجاڳيءَ جو سبق ڏئي ٿو ۽ کيس عاقبت جي انديشن کان آگاهه ڪري ٿو. فرمائي ٿو تہ جدوجهد وسيلي نيڪين ۽ چڱائين جو ثمر جوڙي ڇڏ. ڪاهل بڻجي نہ ويهہ. خبر ناهي تہ ڪڏهن اوچتو موت مٿان اچي ڪڙڪي تہ پوءِ جيڪڏهن تون حياتيءَ ۾ غفلت ۾ غرق رهين تہ اها توکي تحت السريٰ جي تري ۾ اچلائي ڇڏيندي.

دنگيءَ ۾ داڻا، وني وجهہ وکر جا
وِيرَ چڙهندئي ويسرا، ويهہ مَ ويڳاڻا
هي ننبُ نہ جاڻان، ڪڏهہ هڻندءِ تار ۾

## سُر سهڻي

سُر سهڻي ۾ لطيف سائين بظاهر سهڻيءَ جي جدوجهد جو نقشو چٽيو آهي. فرمائي ٿو تہ سڪٽيون سڏون ڪرڻ واريون تہ ڪيتريون ئي آهن، جيڪي ڪناري تي بيهي ساهڙ کي سارين ٿيون، پر انهن کي پنهنجو ساهه ڏاڍو پيارو آهي، پر جيڪي سِر جو سانگو لاهي، ميهار جي محبّت ۾ دهشت ڀري درياءَ اندر خوشيءَ سان گهڙو ڪٽي گهڙي پون ٿيون انهن جي ئي من جي مراد پڄي ٿي ۽ ساهڙ سندن ساهه جو سهارو بڻجي ٿو.

اصل ۾ لاڪيڻو لطيف سچي سالڪ جي سِڪ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ڪوڙن ڪانئيرن جي نشاندهي فرمائي ٿو. جيڪي فقط سڏون ڪرڻ سان يا زباني خواهش ڏيکارڻ سان ربّ جي رضامندي جا خواهشمند هوندا آهن. پر جيڪي الله جي راهه ۾ سِر جو سانگو ڪونہ ٿا ڪن ۽ خوشيءَ سان پنهنجو جسو مال مباح ڪرڻ لاءِ تيار رهن ٿا. پنهنجي جهد ۽ عمل سان ربّ کي راضي ڪرڻ لاءِ حيلا هلائين ٿا تہ قادر ڪريم بہ پنهنجي ڪرم جي نظر، انهن جي ئي مٿان وجهي ٿو. حاصل مطلب تہ عمل ذريعي ئي انسان پنهنجي عاقبت جو سامان جوڙي سگهي ٿو ۽ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿئي ٿو.

ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن
ڪني سانگو ساهه جو، ڪي گهوريس ڪيو گهِڙن
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي

سهڻي جي سيني ۾ ميهار جي محبّت آنڌ مانڌ لائي ڏني. هوءَ جانيءَ جي جدائيءَ ۾ پئي پچي پڃري، ڪامي ۽ لُڇي. هوءَ ڪو هٿ هٿ تي رکي بس ڪري ڪونہ ويٺي آهي، بلڪ ميهار سان ملڻ لاءِ پئي لوچي ۽ سوچي. اندر ۾ جيڪا پريڻءَ لاءِ پياس اٿس سا تہ پوري ٿيڻ جي ئي نہ آهي. ان اُڃ اُساٽ کي اُجهائڻ لاءِ هن جي آڏو سمنڊ بہ سرڪيءَ مثل آهي.

ساڳيءَ ريت الله وارن جي سموري حياتي سراپا جهد و عمل هوندي آهي. اهي ويسرا ٿي ويهي ڪونہ رهندا آهن. بلڪ ربّ کي راضي ڪرڻ لاءِ سندن اندر ۾ هر

وقت هورا ڪورا هوندي آهي. ان سچي سِڪ جي ڪا انتها ڪونه ٿيندي آهي. هنن جي جدوجهد جو مول مقصد سائينءَ آڏو سرخرو ٿيڻ ڪان علاوه ڪجهه ڪونه هوندو آهي.

ڪامان، پڇان، پڇران، لڇان ۽ لوڇان
تن ۾ تونس پرينءَ جي، پيان نه ڍاپان
جي سمنڊ منهن ڪريان، توءِ سُرڪيائي نه ٿئي

## سُر سسئي آبري

سسئيءَ جا سمورا سُر جدوجهد، جاڪوڙ ۽ ڏورڻ واري ڏَس سان ڀرپور آهن. هڪ بيت ۾ لطيف سائين عقل جي انڌن جو مثال اهڙن ماڻهن سان ڏنو آهي، جيڪي درياهه ڪنڌيءَ رهندي به اڃارا هجن. اهي پنهنجي اُڃ اجهائڻ لاءِ ڪابه ڪوشش ڪونه ٿا ڪن. بلڪ مورڳو پاڻ کي مُئو پيا پائين.

دراصل هن تمثيل جي اوٽ ۾ ڀٽائي صاحب اهڙن بدنصيب ۽ مورک انسانن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي زندگيءَ ۾ سوچڻ ۽ لوچڻ جا قائل ئي نه آهن. جن جي ربّ سان رغبت بنهه ڪونهي. جئن اهي انهيءَ حقيقت کان به بيخبر هجن ته ربّ پاڪ کين ساهه رڳَ کان به ويجهو آهي. ’ونحن اقرب مِن حبل الوريد.‘

اهڙن انسانن کي پنهنجي وجود جي اهميت جو به احساس ڪونهي. اهي بي عمل بيوقوف ماڻهو ڦريلن جيان رڳو پيا دانهون ڪندا آهن. جڏهن ته دنيا جو دستور آ ته جيڪو لوچيندو سو ئي لهندو.

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن
ساها اوڏو سپرين، لوچي تان نه لهن
دم نه سڃاڻن، دانهون ڪن مُئن جئن

سورن جي ستايل سسئيءَ کي سنڌ جو سرتاج شاعر سندس غفلت سببان سرزد ٿيل غلطيءَ جي تلافيءَ جو ڏسُ ڏيندي فرمائي ٿو ته وسلي ٿي ويهي رهڻ

سان پرين تائين پهچي ڪونه سگهندينءَ. پنيور ڪي باهه ڏئي اهي پنڌ پيچرا اختيار ڪر، جن رَندن سان تنهنجي ڪيچ ڏٽيءَ ڪي نيو ويو آهي. انهن پيچرن تي پنهل ڪي وڏي واڪ پڪاريندي هل. ڏورڻ سان ئي هوت پنهونءَ جو ڏس ملي سگهنديءِ.

ٻين لفظن ۾ جدوجهد کان سواءِ مقصد ۾ ڪاميابيءَ جي اميد رکڻ ناداني آهي. مقصد جيترو عظيم هوندو ته جاکوڙ به اوڏي پئماني تي ڪرڻي پوندي.

ويه مَ مُنڌ پنيور ۾، ڪر ڪو واڪو وسُ
ٻانهي ٻاروچن جي، گولي چڙهُ مَ گسُ
ڏورڻ منجهان ڏسُ، پونديئي هوت پنهونءَ جو

فقط زباني محبّت جي هام هڻڻ مان ڪي به ڪين ورندو. گهر ۾ ويهي گهور ٽيڻ سان پرين تائين پهچڻ مشڪل ءِ محال آهي. جيسين ڏونگر نه ڏوريا، ڪشالا نه ڪڍيا، پير نه پٿون ٿيندا تيسين جانب جو جلوو ءِ جمال ماڻي ڪونه سگهبو. سٽلن ڪي ساجن ڪونه ملندو آهي.

ڏونگر نه ڏوري، سڪڻ جون سڏون ڪري
ويٺي گهرِ گهوري، مٿان پرينءَ جندڙو

ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت ملاحظه ٿئي :

ويٺي وَرِ نه پون، ستي ملن نه سپرين
جي رندن مٿي رون، ساجن ملي تن ڪي

## سُر ڪوهياري

غافل انسان ڪي سسئيءَ جي سانحي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. پٽائي پلارو فرمائي ٿو ته جيڪي سسئيءَ وانگر نرم بسترن تي پير ڊگها ڪري سوبل ئي سمهي رهنديون انهن جو سپرين ائين ساٿ ڇڏي ويندو جئين پنهل ڄام سسئيءَ

ڪي سيج ۾ سج ڳڻائي هليو ويو. پوءِ سسئيءَ جي سيني ۾ سورن جيڪي وڏي وڻ ڪيا تن ڪان ڪوئي بيخبر ڪونهي.

انسان جيڪڏهن غفلت ۾ غلطان رهندو ته ڪيس پڇتاءَ جون تريون مهڻٽيون پونديون. سياڻن جو سخن ڪيڏو نه سچو آهي ’جو سوئي گا وه کهوئي گا.‘ لطيف سائين فرمايو :

جڏهن سُتيون جي، پٽر پير ڏگها ڪري
تڏهن تنين کي، ساٿ سُتي ئي ڇڏيو

ساڳي ڪيفيت جو اظهار ڪندي لطيف سرڪار فرمائي ٿو ته اهو ڪميڻين جو ڪم آهي، جيڪي ننڊ جي غلبي سبب جهوٽا ڪائيندڻيون رهن ۽ سوبل ئي پير ڏگها ڪري بي اونيون ٿي سمهي پون. اهڙيون نياڳيون پنهنجي پرينءَ جي پچار کهڙي منهن سان ڪنديون! جيڪي لوچينديون سي ئي لهنديون آهن. زندگي نالوئي جهد وعمل جو آهي.

اي ڪم ڪميڻين، جڻ سمهن پير ڏگها ڪري
لوچين چونه لطيف چئي، هاري! لئه هوتن
ننڊا نياڳن کي، اويالا اچن
سي پنهون ڪوهه پچن، جي سنجهي رهن سمهي

## سُر حسيني

لطيف سائين سسئيءَ کي پنهنجي ڪوتاهيءَ جو شدت سان احساس ڏياري ٿو ۽ ڪيس هدايت ٿو ڪري ته هينئر وقت جو ذرو به ضايع ڪرڻو نه آهي. عظم و همت سان هر قدم اڳ ڄا تل منزل ڏانهن وڌائيندي رهه اها ئي وقت جي تقاضا آهي. هيءَ ويل ويهڻ جي نه آهي. متان تنهنجي مزيد ڪاهلي ڪو وڏو قهر ڪري وجهي ۽ تنهنجي محبوب جي واٽ ۾ ڪا رڪاوٽ بڻجي بيهي ۽ پوءِ پنهل جو پيروئي نه لهي سگهين.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پرين جو

گويا هيءُ هڪ عالمگير پيغام آهي تہ انسان کي سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي هڪ عظم ۽ حوصلي سان مسلسل جدوجهد ذريعي پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان رهڻ گهرجي. ورنہ سستيءَ سبب جيڪڏهن وقت وهي ويو تہ پوءِ وَيَل وِيل کي ورائڻ مشڪل آهي ۽ پوءِ منزل جي راهہ ۾ رڪاوٽن سبب صحيح پيچري جو پتو پوڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو.

## سُر ليلا چنيسر

هن سُر ۾ شاهہ سائين نفس سان جنگ جوٽي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو ڏسُ ڏنو آهي. انسان کي گهرجي تہ ان ڪامل هستيءَ سان لونءَ لائي جيڪا ازل کان آهي ۽ ابد تائين قائم رهندي. اها فقط الله پاڪ جي هستي آهي. اهو هڪ اوکو امتحان آهي، جنهن مان فقط مرد ڪامل ئي وڏي جدوجهد کان پوءِ منزل کي رسندا آهن.

انسان ناقص آهي ۽ سندس سموريون ڪاوشون ۽ ڪوششون بہ نقصن سان ڀريل آهن. سوءِ انهن خدا جي برگزيده بندن جي، جن کي خداوندِ ڪريم غلطين کان آجو رکڻ چاهي. تنهن ڪري انسان کي پنهنجي ارڏاين جو احساس هئڻ گهرجي. پنهنجي ربّ کي ريجهائڻ لاءِ هر دم هيڻاهون ٿي هلڻ گهرجي. ربّ جي رحمت مان هرگز نا اميد ٿيڻو نہ آهي بلڪ جدوجهد ذريعي ٻاجهاري ڏٽيءَ کي راضي رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻي آهي. ليلا کي بہ ڀلارو پٽ ڏٽي چنيسر جي چاهت ورائي حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙو ئي ڏسُ ڏئي ٿو.

جي ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائيج
آسر مَ لاهيج، سجڻ ٻاجهيندڙ گهڻو

سچو طالب پنهنجي مطلوب ۽ محبوب جي مزاج ۽ ناز و ادا جي چڱيءَ ريت خبر رکندو آهي. ليلا کي بہ چنيسر جي مزاج جي خبر هئي تہ هو ڪيترو نہ حساس ۽ غيرتمند انسان آهي. تنهن ڪري هُن پنهنجي جيڏين سرتين کي مخاطب ٿي چيو ٿي تہ متان ڪا ڳهيلي منهنجي چنيسر سان ڏنگي هلي ۽ مغروريءَ جو مظاهرو ڪري. منهنجي محبوب کي تہ هٺ ۽ وڏائي اصل ڪونہ وڻن. هو بيحد حساس آهي، جي ٿورڙي ڳالهہ تي ناراض ٿي پوي تہ ڪيس پرچائڻ لاءِ وڏا هيلا هلائڻا پوندا آهن. ليلا جي زباني لطيف سائين فرمايو :

چنيسر سين چاءُ، متان ڪا منڊ ڪري
ڪانڊ ڪنهين جو نہ وڻي، گيرب ۽ گاءُ
جي ٿڙي ٿورڙياءُ، تہ دوس دسائي داسڙو

## سُر مومل راڻو

سُر مومل راڻو لاڪيڻي لطيف جي انهن سُرن منجهان آهي جن ۾ جدوجهد جو پرپور پيغام مليل ٿو. شاهہ سائين زندگي جي بي ثباتي جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ جنهن زمين جي مٿان اسين گهمي ڦري رهيا آهيون، تنهن جي پيٽ ۾ اسان جا ڪيترا ئي پرين پيارا آرامي آهن. ڪيئي جُنگ جوان انهيءَ ڏوڙ ۾ دفن ٿيا. اسان پنهنجي اکين سان بيٺي اهڙا لڳ ڪانداريندڙ دردناڪ منظر ڏٺا. دراصل حياتي ٻن ڏينهن جو چٽڪو آهي، تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ انهيءَ مختصر وقت جي سرمائي کي خيال سان خرچ ڪريون. حياتيءَ جو مقصد متّعين ڪري محنت، مشقت ۽ جدوجهد سان پنهنجا ٻئي جهانَ سنواريون.

جا پوڻ پيرين مون، سا پوڻ مٿي سجڻين
ڏِڳ لَٿيا ڏوڙ ۾، اُيي ڏٺا سون
ڏينهن مڙيئي ڏون، اُٿي لوچ لطيف چئي

## سُر ڪيڏارو

هن سُر ۾ پيٺائي گهوٽ اهڙن اڏول ۽ اڻڀنگ انسانن جو ذڪر ڪيو آهي جن جو حق جي راهه ۾ هر قدم اڳي کان اڳرو هوندو آهي. اُهي جُنگ جوان ميدان رزم ۾ صف شڪن بڻجي اڳتي وڌندا آهن ۽ دشمن کي ماري مات ڪري موٽندا آهن. اهڙا دلير آدمي سينا سپر ٿي منهن پر ڌڪَ جهليندا آهن. اهڙن سرفروشن جي ونين کي بہ انهن بهادر وَرَن جي چينڻ ۾ خوشي ٿيندي آهي. پٺيءَ پر گهاوَ تہ پاڇوڪڙ ڪائيندا آهن. مرڻ مارڻ جو خيال فقط مهمير ۽ مرد مٺير ئي ڪري سگهن ٿا. اهڙن جوڌن جانبازن جون ونيون پٺيءَ پر کاڌل ڌڪَ کي پنهنجي لاءِ شرمساريءَ جو باعث تصور ڪنديون آهن. اهڙي ئي هڪ ڪونڌر جي ڪنوار جا پنهنجي مرد مٺير لاءِ تاثرات ٻڌائيندي لاکيڻو لطيف فرمائي ٿو:

پڳو آنءُ نہ چئان، ماريو تہ وسهان
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سُنهان
تہ پڻ لڄ مران، جي هُوَنس پٺ ۾

مرد مجاهد کي همٿائيندي شاهه سائين ڪيس يقيني ڪاميابي جي بشارت ڏئي ٿو. ڪيس تلقين ٿو ڪري تہ اي بهادر آدمي جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ ڪاميابي تنهنجا قدم چمي تہ پوءِ دل جا وهم وساري، مڙس ٿي پنهنجي جهد وعمل سان دشمن جي مٿان وِڄُ وانگر ڪڙڪي پئہ. تلوار دشمن جي تلوار سان ٽڪرائي پنهنجي بهادريءَ جا جوهر ڏيکار ۽ دشمن جو ڌڙ سسئيءَ کان ڌار ڪري ڇڏ تہ پوءِ ئي تنهنجو نالو سرفروشن ۾ شمار ٿيندو.

سورهيہ مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار
هڻ پالا وڙهہ پاڪرين، آڏي ڀال مَ ڀار
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين

## سُر آسا

سچي سِڪ جي تقاضا اها آهي تہ طالب کي مطلوب جي ياد سدائين دل ۾ هجي. شاهه سائين اهڙي سچي سالڪ کي تلقين ڪندي فرمائي ٿو تہ دنيا جي وهنوار سان بہ منهن ڏيندو رهہ ۽ هٿ پير بہ هلائيندو رهہ. اکين سان دنيا جي معاملات ۽ مسائل جو مشاهدو بہ ڪندو رهہ. پر انهن سمورن عملن دوران تنهنجي دل محبوب جي ياد سان آباد هئڻ گهرجي. دلبر جو تنهنجي دل ۾ ديرو هجي. جنهن جو هردم ديدار ڪري سگهين. تنهنجي دل ۽ دماغ محبوب جي ياد کان آجا نہ هجن.

ظاهر ٿيو تہ نہ فقط دنيا جي مسائل سان منهن ڏيڻ لاءِ جدوجهد ضروري آهي پر ربّ کي راضي رکڻ ۽ هر دم حاضر ناظر ڄاڻڻ جي تصور تحت پڻ دل جي گهرائي ۽ سچائيءَ سان عمل ڪرڻو آهي.

هٿن سين هاج ڪر، نيڻن سين نهار
اُيا اگھا يار، پس پنهنجا سپرين

صوفياء ڪرام جي عقيدي مطابق حق کي حاصل ڪرڻ ۽ ربّ تائين رسڻ جون چار منزلون ٻڌايون ويون آهن. جيڪي آهن، شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. انهن مان هر هڪ منزل کي عبور ڪرڻ لاءِ انتهائي صبر آزما ۽ ڪٺن امتحانن مان گذرڻو پوي ٿو. پٽ ڌڻي مذڪوره منزلن جي روشني ۾ سالڪ کي صحيح ڏس ڏيندي فرمائي ٿو تہ سڀ کان اول منزل مقصود تي رسڻ لاءِ راهه جو انتخاب ڪرڻو آهي. طريقت تي مدار رکي، شريعت جي حڪمن تي پوري ريت ڪاربند رهڻو آهي. پنهنجي دل کي هميشہ حق ڏانهن مائل رکي، محبوبِ حقيقي جي محبّت کي پنهنجو منزلِ مقصود ٻڌائڻ بعد ئي سالڪ معرفت جو صاحب بڻجي سگهي ٿو. انهن مرحلن دوران انسان کي وڏي جدوجهد جي ضرورت آهي. ڇالاءِ تہ مقصد جا موتي پاتال ۾ پهچڻ سان ئي حاصل ٿي سگهندا آهن.

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻ ڪان پالهو رهين

## سُر رامڪلي

سُر رامڪلي ۾ شاهه سائين عارفن جي عمل جو ذڪر ڪيو آهي. لالچ ڏاڍي بري بلا آهي، جيڪا انسان جي شخصيت کي بري طرح متاثر ڪري کيس اصولن تان ئي لوڏي رکي ٿي. عارفن ۽ عشاقن هميشہ ان بلا کان بچڻ جي تلقين فرمائي آهي. لاڪيڻي لطيف ان ڏس ۾ سالڪ کي آگاهه ڪيو آهي، تہ جيڪڏهن مالڪِ حقيقي جي محبت جي هام هڻين ٿو تہ سڀ کان اول لوڀ ۽ لالچ کي لَتَ هڻي ڇڏ. حرص ۽ هوس کان پٺڀي پاسو ڪر. عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪر. ان حد تائين پاڻ کي ماري ميڻ ڪر جو الله پاڪ جي فرمانبردار ۽ نيڪ ٻانهن جي غلامن جو بہ غلام ٿي گذار. صبر جي تلوار سان ڪيني ۽ ڪدورت کي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏ. جڏهن تون پنهنجي جدوجهد جاري رکندي بغض، ڪيني ۽ لالچ جهڙين برائين کي مليامي‌ٽ ڪندين تہ پوءِ تنهنجو نالو پرينءَ جي پيارن ۾ لکجڻ ۾ ايندو.

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام
صبر جي شمشير سان، ڪر ڪيني کي قتلام
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوتين ۾

## سُر پورب

الله سان عشق رکڻ وارن جو تہ آرام قتل هوندو آهي. هتي پڻ‌ائي اهڙي عاشق سان مخاطب آهي جيڪو فقط سڏون پيو ڪري تہ الله جل شانهہ جي نيڪ ۽

صالح ٻانهَن ۾ سندس نالو شمار ٿئي ۽ هو انعام اڪرام جو مستحق بڻجي. پر انهيءَ لاءِ هو ڪو بہ نوس عملي قدم اختيار نٿو ڪري. منزل تي رسڻ کان اڳ ۾ ئي وچ واٽ تي ٿڪجي پيو آهي، تنهن جي باوجود هو پاڻ کي انعام جو حقدار پيو تصور ڪري. شاهہ سائين کيس هدايت ڪندي فرمائي ٿو تہ ڳهيلا! توکي تہ هردم پنهنجي پرينءَ جي تانگهہ ۾ تاڻ لڳل هئڻ گهرجي. تون فقط خالقِ اڪبر جي حڪمن تي ڪاربند رهي پنهنجي جدوجهد ذريعي ئي خدا جي پيارن ٻانهن جي صف ۾ شمار ٿي سگهين ٿو. مالڪِ حقيقي سان لنوُن لڳاءِ تہ تنهنجي مَنَ جون مرادون پوريون ٿين.

سامي چايين سُک طلبين، سکين نہ سامي
اجان اورين پنڌ ۾ ويٺين وسامي
گر ڪي تون نہ گڏيين، چايين اَنامي
دائم مدامي، پورو رهج پرينءَ کي

## سُر پرڀاتي

دنيا آخرت جي کيتي آهي. انسان هتي جيڪو پوکيندو، سو ئي لڻندو. جَوَ پوکي ڪڻڪ جي اميد رکڻ ناداني آهي. ربّ جي حضور اهو ئي بندو مقبول آهي جيڪو دل جي خلوص سان سندس حڪمن جي بجا آوري ڪري ٿو. مالڪ انهي جي مٿان ئي ڪرم جي نظر ڪري ٿو. ذات پات ۽ رنگ نسل جي بنياد تي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي فوقيت حاصل ٿي نہ ٿي سگهي. سهڻا عمل ئي ڪردار جي ڪسوٽي آهن. ذات تي ڏات هر گز نہ آهي جو وهندو سو ئي لهندو. سٺا عمل ئي انسان جي ڇوٽڪاري جو باعث بڻجن ٿا. مالڪ وڏو مهربان آهي. جيڪي ماڻهو سندس غلامي قبولي پنهنجي عبديت جو حق پوريءَ ريت ادا ڪن ٿا انهن جي مٿان ربّ پنهنجون رحمتون موڪلي ٿو ۽ کين پنهنجي پيارن ۾ شمار ٿو ڪري ڇڏي، پوءِ

اهڙن اڀوجهن جا انگل ۽ آرا بہ مڃي ٿو ۽ سندن عرض بہ اَگهائي ٿو. پلا جيڪي راتيون جاڳي ربّ کي راضي ڪندا انهن جا اوجاڳا اجايا ڪين ويندا!

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي
آريون اڀوجهن جون، سپڙ چام سهي
جو راءَ وٽ رهي، تنهہ جُڪي تان نہ ٿئي

اهو ڪاهلن جو ڪم آهي جو پير ڊگها ڪري سڄي رات سمهي رهن. ننڊ گهٽڻ کي نهوڙيو آهي. مالڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ تہ وڏي جدوجهد جي ضرورت آهي. ڀٽائي سرڪار هيٺين بيت ۾ اهڙي سُتل انسان کي سُجاڳ ڪندي فرمائي ٿو اي ڪاهل! تون ائين ويسلن وانگر سمهي ننڊون ڪيئن ٿو ڪرين! سجاڳ ٿي ويهاڻيءَ ويل اُٿي الف سان اور. اکين مان ڳوڙها ڳاڙي پنهنجي ڪيل ڪوتاهين جي مالڪ کان معافي گهر. ڪهڙي خبر تہ ’سياڻي‘ تنهنجي لاءِ ٿئي بہ الائي نہ! تنهن ڪري اڄ ئي اُٿي ڏٽيءَ در ٻاڏاءِ. جيڪڏهن سياڻي توکي نصيب ئي نہ ٿئي تہ پوءِ تنهنجي هر هڪ شيءِ تہ هتي ئي پئي هوندي مگر تون پاڻ ڪونہ هوندين. نہ موت جي ڪا موسم مقرر آهي ۽ نہ ئي حياتيءَ تي ڪو ڀروسو آهي.

سُتو ڪيئن ننڊون ڪرين، روءِ ويهاڻيءَ روءِ
سيا ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾

## سُر ڏهر

سجاڳي زندگيءَ جو دليل آهي ۽ زندگيءَ ۾ تحرڪ آهي. ننڊ، غفلت ۽ موت جي نشاني آهي، جنهن ۾ جمود ۽ بيحسي آهي. شاهہ سائين سُر ڏهر جي هيٺين بيت ۾ ماڻهوءَ کي سجاڳيءَ جو سبق ڏنو آهي. فرمائي ٿو تہ اي غافل انسان! ايڏو غفلت ۾ غلطان نہ ٿيءُ اها ننڊ توکي نهوڙي نيندي. اُٿي سجاڳ ٿيءُ. محنت، مشقت ۽ جدوجهد سان زندگيءَ جي مقصد تائين رسائي حاصل ڪر. سُتل رهين تہ حياتيءَ جو مقصد ماڻي ڪونہ سگهندين. ربّ جي رحمت جو مستحق تڏهن

ٿيندين جڏھن راتيون جاڳي، نيڻئون نير ھاري پرينءَ کي پرچائيندين. سلطاني سھاڳ ننڊن ڪرڻ وارن کي نصيب نہ ٿيندو آھي.

سُتا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
سلطاني سھاڳ، ننڊو ڪندي نہ ملي

# سُر سورٺ ۾ علامت نگاري

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس سمورا سُر ۽ انهن جا ڪردار بيمثال آهن. لاڪيٽي لطيف انهن سُرن جي اوٽ انسان کي الاهي عشق، بي لوث محّبت، حب الوطني، قرباني، انسان دوستي ۽ صبر جا اهڙا تہ اعليٰ سبق ڏنا آهن جو جيڪڏهن انسان انهن کي هيئين سان هنڊائي انهن تي عمل ڪري تہ هوند پنهنجا ٻئي جهان سوڀارا ڪري سگهي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ شاهه سائين جي ڪلام جي حقيقت متعلق رقمطراز آهي :

” ڀٽائي صاحب پنهنجي صوفيانہ خيال، فڪر ۽ فلسفي کي شعر جي نازڪ ڏوريءَ سان سنڌ جي قديم قصن ۽ ڳُهنين ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيو آهي.“

سُر سورٺ ۾ بيان ڪيل داستان جو مطالعو ڪرڻ سان ان ۾ معنيٰ جا انمول موتي ۽ سچائيءَ جا سبق ملن ٿا. ماڻَ وارن لطيف شناس عالمن ۽ محّققن سُرسورٺ جي قصي کي علامت نگاريءَ جي حوالي سان مختلف زاوين کان ڏٺو آهي. اسان کي هيٺ اهو ڏسڻو آهي تہ سُر سورٺ ۾ شاهه سائينءَ حال توڙي خيال جي نقطہ نظر کان علامت نگاري جي اوٽ ۾ قصي کي ڪيئن پيش ڪيو آهي، تنهن فڪر ۽ فلسفي کي اسان جي عالمن ۽ عاقلن ڪيئن سمجهيو آهي.

ڪردار نگاريءَ جي حوالي سان هن لوڪ داستان جا مُکُ ڪردار چار آهن. سورٺ، راءِ ڏياچ، ٻيجل ۽ انيراءِ ۽ ٻيا علامتي اهڃاڻ آهن ڪتاري، سُرندو،گرنار جو ڪوٽ وغيره.

مولانا غلام محمد خانزئي 'منهاج العاشقين' ۾ علامت نگاريءَ جي حوالي سان هن سُر جي هيٺينءَ ريت معنيٰ ڪئي آهي :

- ڀيجل مان مراد : مرشد ڪامل، جيڪو مريدن کي نفس جي چنبي مان ڇڏائي راهِ راست تي آڻي ٿو ۽ کين مرڻ کان اڳُ مرڻ جو سبق سيکاري ٿو.
- راءِ ڏياچ مان مراد : مراد وند مريد يا صالح انسان، جيڪو ڪامل مرشد جي حڪم تي ڌن دولت کي تِڇ تصوّر ڪري ٿو ۽ حق جي واٽ ۾ سِر جو سودو سَهانگهو سمجهي ٿو.
- سورٺ مان مراد : نفس مطمئن، جنهن کي سِرُ ڏيڻ جي ماهيت جي خبر نہ هئي، جنهن ڪري هن راءِ ڏياچ کي سِرَ جي قرباني ڏيڻ کان منع ٿي ڪئي.
- گرنار جي ڪوٽ مان مراد : هيءُ جهانُ.
- ڀيجل جي ساز جي تندن واري آواز مان مراد :

  ”الست بربڪم قالوبليٰ“ يعني ميثاق واري ڏينهن جي يادگيري.
- ڳتاري، جنهن سان راءِ ڏياچ ڪنڌ ڪٽي ٿو ڏئي مان مراد : ذڪر فڪر لا اله الا الله
- ڏياچ جو ڪنڌ ڪپائڻ مان مراد : هست کي نيست ڪري فنا في الله ٿيڻ يا صفات کي فنا ڪري ذات ۾ گم ٿي وڃڻ.

حضرت مولانا رومي جي مثنوي مان ٻن سٽن جو مطلب هن ريت آهي. فرمائي ٿو :

”مرشد اڌوري حياتي وٺي، ان جي عيوض سَوَ حياتيون بخشي ٿو ۽ اهڙيون نعمتون عطا ڪري ٿو جي تنهنجي خواب خيال ۾ بہ نہ اينديون.“

محترم غلام محمد شهواڻي پنهنجي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جي مُهاڳ ۾ لکي ٿو :

”هن سُر ۾ شاهه هڪ اهڙي سالڪ جو ذڪر ڪري ٿو جنهن نفسِ اماره تي قبضو ڪيو هجي ۽ ڪيس سورٺ جهڙو نفس مطمئنه هجي ۽ ٻيجل جهڙو ڪامل مرشد ملي.“

گويا سندس خيال مطابق راءِ ڏياچ سچي سالڪ جي روپ ۾ آهي.

سُر سورٺ جي هڪ ٻي تمثيلي معنيٰ جا سنڌ ۾ قدري عام آهي سا هن ريت آهي :

- ٻيجل (چارڻ يا مڱڻهار) مان مراد : عزرائيل، جيڪو وقت تي ساهه وٺڻ اچي ٿو ۽ بنان ساهه وٺڻ جي واپس نه ٿو موٽي.
- سورٺ مان مراد آهي : حياتي، جيڪا ساهه وڃائڻ نه ٿي گهري. يا سورٺ آهي دنيا، جنهن جي محبّت انسان کي مجبور ڪري ٿي ته من اڃان ڪو دم جيئي.
- راءِ ڏياچ مان مراد : صالح يا نيڪ بندو، جيڪو دنيا جي رغبت جو ڪوبه خيال نه ڪري. خوشيءَ سان سرِ تسليم خم ڪري ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ سُر سورٺ جي ڪن بيتن جو حوالو ڏيندي ٻيجل جو علامتي ڪردار عزرائيل سان منسوب ڪيو آهي. بيت ملاحظه ٿئي :

سر مڱي سر گهري، سِر ريءَ ٿئي نه صلاح
غريبئون نه گذري، ٿو ماري مير ملاح
نايو نوابن جا، ٿو سوريو ڪڍي ساهه
خالق سنجهه صباح، ڪونه ڇڏيندو ڪڏهن

يا

موٽي مڱڻهار، شال مَ اچين ڪڏهين
اَٽَ ئي پهر اجل جو ڪنڌو منجهه ڪپار
جٿن تو سپ جمار، هنيا ڇٽَ پٽن تي

ٻيجل لاءِ اها علامتي معنيٰ وزندار آهي. بيشڪ ٻيجل ڇٽَ ڀَٽِنِ سان هٽي ڇڏيا.

ڊاڪٽر گربخشاڻي پڻ راءِ ڏياچ ڪي مراد وند مريد ۽ ٻيجل ڪي مرشد ڪامل جي تمثيل طور پيش ڪيو آهي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو پنهنجي ٿيسز ”شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري“ ۾ هن موضوع تي سير حاصل بحث ڪيو آهي. ۽ ان ڪي هڪ ٻي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. لکي ٿو :

”لطيف سائين، راءِ ڏياچ ڪي اهڙي نفس جي علامت طور پيش ڪيو آهي جو موسيقيءَ جي روحاني راحت ڪان بخوبي واقف آهي. هن ڪي اها ٻه ڳالهه آهي ته ٻيجل جهڙي چارڻ، سِرَ جي سئن پنهنجي بڪئي پيٽ پِرڻ ۽ دنيوي سهوليتن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ هنئين آهي.“

هتي ذهن ۾ هڪڙو سوال اُڀري ٿو ته جڏهن راءِ ڏياچ، ٻيجل آڏو نذراني طور هيرا موتي ۽ مال متاع پيش ڪري ٿو ته ٻيجل وراڻيءَ ۾ ائين چو ٿو چوي ته مون وٽ مال متاع جي ڪائي ڳمي ڪانهي. ڇا هيرن جي هڪ ٿالهه ملڻ تي هو بي پناهه دولت جو مالڪ بڻجي ويو هو.!؟

راجا جو راضي ٿئو، تنهن ڏنا وڏا ڏانَ
موتي ڪاريا مڳٽي، طرح تنبي ڪي تانَ
مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪانَ
ڪارڻ ربّ رحمان، سِرُ وڍي سلطان ڏي

ڊاڪٽر سڏايو صاحب سورٺ جي ڪردار ڪي ’نفس لوامہ‘ سڏيو آهي. سندس خيال موجب اهو نفس يعني ضمير هميشہ ’نفس اماره‘ ڪي صحيح ۽ راستيءَ واري رستي تي وٺي هلندو آهي. ان ڪري ڪائنس اهڙو ڪوبہ عمل سرزد ڪونہ ٿيندو آهي، جيڪو انسانيت ۽ شريعت جي برعڪس هجي.

ڪلياڻ آڏواڻي پڻ سورٺ کي نفس جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ هن صاحب اهو چوڻ گهريو آهي گويا سورٺ، راءِ کي قربانيءَ کان باز رکڻ لاءِ گمراهه ڪيو هو. جڏهن ته ائين هر گز نه آهي.

پروفيسر ڀمڀاڻي پڻ ڪلياڻ آڏواڻي تي تنقيد ڪئي آهي. هو صاحب لکي ٿو :

”جن سورٺ کي نفس سڏيو آهي تن جو چوڻ آهي ته ٻيجل مان مراد آهي مرشد. پر ٻيجل ته پئسي جي لالچ ۾ اچي راجا کان سِرَ جي طلب ڪئي. سندس زال هيرن جو ٿالهه وٺي رکيو سو ٻيجل کي ضرور سِرُ وٺڻو هو نه ته راجا سندس سِرُ ڪپائي ها. پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن راءِ ڏياچ کان سِرُ طلبيو.“

پروفيسر ڀمڀاڻي گويا ٻيجل جي ڪردار کي بالڪل نا پسند ڪيو آهي. سندس آڏو ٻيجل هڪ لالچي ۽ خود غرض انسان جو ڪردار هو.

ڊاڪٽر سڏايو صاحب، پروفيسر ڀمڀاڻيءَ سان سهمت ٿيندي رقمطراز آهي :

”پروفيسر ڀمڀاڻي جو رايو منطقي ۽ قابلِ فهم آهي، ڇوته آڪاڻي کي هروڀرو تمثيلي رنگ ڏيڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. عقل جي ڪسوٽي مطابق جيڪا ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي اها هيءَ آهي ته ٻيجل مايا جي موهه ۾ ڦاسي ۽ انيراءِ جي خوف کان انهيءَ ڪُڌي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. لطيف سائين ٻيجل کي هڪ اهڙي علامت ۾ پيش ڪيو آهي ۽ هي هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي فن، فڪر ۽ معلومات مان ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ کان ڪيٻائي نٿو. اهڙا ڪيئي انسان اڄ به سنسار ۾ موجود آهن.

ٻيجل هڪ ماهر سُرندي نواز آهي جنهن کي سُرَ تي مڪمل مهارت آهي. اهو فنڪار پنهنجو فن ٽڪن تي وڪڻي انساني بهتريءَ جي بجاءِ تخريبي سرگرمين ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. ٻيجل جو ڪردار عام مڱڻهار کان مٿي هڪ علامتي روپ ۾ نروار ٿيو آهي. هو مهان شخص راءِ ڏياچ جي سخاوت واري راڄ کان راضي نه آهي،

بلڪ هو دشمن جو ڇاڙتو ۽ ٽڪن تي وڪاڻل آهي. ان ڪري راءِ جي راڄ کي ختم ڪرڻ جي ڪڍ آهي. هن کي اَجل جو ڪُنڊو ڪپار ۾ لڳل آهي.“

لڳي ٿو تہ لطيف سائين بہ ٻيجل جي ڪردار کان ڪو راضي نہ آهي ورنہ شايد ائين نہ چوي ها :

موتي مڱڻهار شال مَ اچين ڪڏهين
ائي پهر اجل جو ڪُنڊو منجهہ ڪپار
جئن تون سڀ ڄمار هنيا ڇَٽَ پَٽِنِ تي

ڊاڪٽر تنوير عباسي پڻ ٻيجل جي ڪردار کان بدظن نظر اچي ٿو. هو لکي ٿو: ”ٻيجل مڱڻهار ناهي، پر اهو مڱڻهار جي حيثيت کان اڳتي وڌي هڪ اهڃاڻ ٿي وڃي ٿو. عام مڱڻهار خطرناڪ ناهي. ان کي اجل جو ڪُنڊو منجهہ ڪپار ناهي. اهو مڱڻهار ڇَٽ پَٽن تي هٽي نٿو سگهي.“

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ”سُر سورٺ جي معنيٰ ۽ حقيقت“ ۾ وري هن سُر جي علامتي معنيٰ کي هڪ ٻي طرف ڇڪيو آهي. جيڪا معنيٰ دل سان لڳي ٿي ۽ ٻَئائي صاحب جي روحاني عظمت کي نظر ۾ رکي ڇئي سگهجي ٿو تہ سندس اشارو ان طرف يقيناً هوندو. ڊاڪٽر صاحب جي علامتي معنيٰ وارو اشارو پاڻ ڪريم ﷺ جي معراج واري واقعي ڏانهن آهي. هن صاحب، نبي مڪرم ﷺ جن جي زمين تان عرشِ عظيم ڏانهن اُسرڻ واري موقعي بابت لطيف سائين جون هي سٽون پيش ڪيون آهن.

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آيو هُون
اُچو تون عرش تي، آنءُ پوڻون مٿي پون
ڪيئن تسندي تون ؟ هيءُ سِرَ سوالي مڱڻو

يا

راجا رنگ محل ۾، جاجڪ سر زمين

ٻنهي جهانن جي سردار جو براق وسيلي معراج تي وڃڻ بابت ڊاڪٽر صاحب هي سِٽ ڏني آهي :

تازي ڏهوس تڪڙو جوهر پيائي زين

جنئن تہ پاڻ ڪريمﷺ جن معراج جو سفر رات ۾ ڪرڻ فرمايو. قرآن حڪيم ۾ آهي ”اَسريٰ بعبده ليلہ“ لطيف سائين فرمايو :

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، رمي هليو رات

اهڙي طرح هڪ منزل تي حضرت جبرئيل جو بيهي رهڻ ۽ مٿي هلڻ کان معذرت ڪرڻ پڻ سُر سورٺ جي هيٺين سٽن مان ظاهر ٿئي ٿو :

ڏاتار ۽ مڱڻي ڪونہ وسيلو وچ

ڊاڪٽر بلوچ صاحب معراج جي مقصد تي روشني وجهندي لکي ٿو:

”هن ذري پرزي ۽ پار پَتي ڏيڻ کان علاوه پٽائي صاحب معراج جي حقيقي مقصد تي بہ روشني وڌي آهي. سندس خيال موجب معراج جا ٻہ مقصد هئا، هڪ حقيقي وصال ٻيو حقيقي راز. جو ان وقت نبي ڪريمﷺ تي کوليو ويو. پٽائي صاحب انهن ٻنهي مقصدن، راز توڙي وصال جو اهڃاڻ ڏنو آهي.

راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاري مهل
انا احمد بلا ميم، سَئن هنئين سائل
ڪنهن ڪنهن هنئين ڪل، تہ هردو ئي هيڪ ٿئي

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکي ٿو :

”معراج ”الانسان سِري وانا سِره“، جو هڪ منظر ۽ مشاهدو هو. معراج صفاتي انسان ۽ حقيقي موليٰ جي هڪ ٻيءَ صفات ۽ ذات جي وحدانيت جو جڻ بيمثال مثال هو.“

## جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو


- منهاج العاشقين — الانا غلام محمد خانزئي
- يادِ لطيف (مقالو: سُر سورٺ جي معنيٰ ۽ حقيقت_ ڊاڪٽر بلوچ)

- شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
- آوازِ لطيف — اطلاعات کاتو ڪراچي
- شاهہ لطيف جي شاعري — ڊاڪٽر تنوير عباسي
- عرفانِ لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- شاهہ جو رسالو — مرتب: ڊاڪٽر گربخشاڻي
- شاهہ جو رسالو — مرتب: غلام محمد شاهواڻي
- شاهہ عبداللطيف (ڊاڪٽر بلوچ) — مرتب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# شاهہ جي نظر ۾ مومل جو مقام

شاهہ سائين جي ’سُر مومل راڻو‘ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ سائين مومل جو ڪردار ٻين سورمين جي ڀيٽ ۾ ٻن حوالن سان منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

1. مومل جي حسن و جمال جي غير معمولي هاڪ.
2. مومل جو پڇتاءُ، انتظار ۽ اوسيئڙو.

لطيف سرڪار ٻين سورمين جو ذڪر ڪرڻ وقت سندن همت، حوصلي، جرئت، پاڪ دامني، حب الوطني، پڇتاءُ وغيره ڪي تمام گهڻو ساراهيو آهي. پر سندن حسن و جمال، سونهن سوڀيا ۽ لباس جي نالي ماتر تعريف ڪئي آهي. جڏهن تہ ’سُر مومل راڻو‘ ۾ لطيف، مومل توڙي سندس سهيلين سرتين جي سونهن ۽ سوڀيا جو ذڪر ڪري ڪين آسماني اپسرائن سان وڃي ملايو آهي ۽ ائين سندن ڪردار کي اَمر بڻائي ڇڏيو آهي.

مومل جي حسن و جمال جا مثال ملاحظہ ٿين :

گُجر ڪي گجميل جون، تارن ۾ تبرون
هٽي حاڪمين ڪي، زور پريون زبرون
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون

يا

مومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ الماس
نہ ڪا عام نہ خاص، جي ويا سي وڍيا

وري مومل ۽ سندس ساٿ ۾ رهندڙ پينرن ۽ سهيلين سرتين جي لباس ۽ سونهن سينگار کي شاهہ سائين ڪهڙي نہ خوبصورت پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها ! هو هميش
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نہ اُجهي

يا

جهڙا پانن پَنَ، تهڙيون سالون مٿن سائيون
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تَنَ
مڙهيا گهڻو مُشڪ سين، چوٽا ساڻ چَندنَ
سُونهَنِ رپي سون سين، سندا ڪامِڻ ڳَنَ
ڪيائين لطيف چئي، وڏا ويس وَرَنَ
منجهہ مرڪيس مَنَ، سوڍي سين سڱ ٿئو

يا

سون ورنيون سوڍيون، رپي رانديون ڪن
اگر اوطاقن ۾ ، ڪٿوريون ڪتنِ
اوتيائون عنبير جا، مٿي تاڪ تڙن
ٻاڻن ٻيليون ٻڌيون، پسيو سونهن سڙن
ٿيا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئہ پرين
اجهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي

شاهہ صاحب جي هن سُر کي چوندا ئي حسن ۽ جمال جو سُر آهن. هن ۾ جمالياتي حسن Aesthatic Beauty ۽ عشق جو برملا اظهار آهي. ان ڪري هي ٻين سُرن کان مختلف ۽ منفرد سُر آهي.

محترم محمد حسين ڪاشف پنهنجي ڪتاب ’ڪنڌيءَ ڪونر ٽڙن‘ ۾ شاهہ سائين جي اهڙي ڪمال حڪمت ۽ بي مثال تخيّل جي ساراهہ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي :

”جيڪڏهن مومل سهڻي ۽ ڪونج جهڙي ڪامڻي هئي تہ سندس ڀيڻ سومل ۽ سرتيون سهجان ۽ مرادي بہ حسن ۾ با مراد هيون. نہ صرف اهي پر سڀ سوڍيون سونَ ورني حسن جو پيڪر هيون. ائين ڄاڻجي تہ ڪونجن جو ويڙهو هو. جن وٽ سونهن ۽ سيتلتا سان گڏ حرفت، ڪيڏ ۽ ناٽ جو بہ نيهو هو.“

ٻي طرف ڏٺو وڃي تہ مومل جي ڪردار متعلق تجزيہ نگارن ۽ ماهر نقادن جي ڪا سني راءِ نظر نہ ٿي اچي. انهن مومل جي ڪردار تي تنقيد ڪئي آهي. پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي پنهنجي ڪتاب ’شاهه جون سورميون‘ ۾ لکي ٿو:

”مومل تہ فقط پيسي ميڙڻ لاءِ ڪاڪ وارو طلسمي ٽڪساٽ اڏيو. هن سمجهيو ٿي تہ ڪوبہ آدمي وٽس پهچي ڪين سگهندو. ناتر جهڙيون حرفتي ٻانهيون هن ڪي منجهائي ڇڏينديون. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ ڪنواري مومل هڪ هلڪي طبيعت واري ڇوڪري هئي، جنهن ۾ سچي عشق ڪان وڌيڪ ظاهري ناز نخرو هو. هوءَ پنهنجي ماڻي ۽ نينهن جي نيش سان آسائتن جو اندر جلائيندي هئي.“

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي پي ايچ - ڊي ٿيسز ۾ رقمطراز آهي :

”هن قصي ۾ لڳي ٿو تہ شاهه صاحب شعوري طور ڪوشش ڪري مومل جي ڪردار جي Image کي مٽيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مومل جي سيرت سان شاهه وڌيڪ محنت ڪئي ٿي ڏسجي.“

دراصل مومل ۾ هڪ سورميءَ وارا گڻ تہ هئا ئي ڪونہ. هن جيڪو مقصد ماڻڻ لاءِ سڄو ٽڪساٽ سِٽيو هو ان جي پٺيان ڪو عظيم مقصد يا سچائي ڪارفرما ڪونہ هئي. اها لطيف جي ڪمال حرفت، حڪمت ۽ عقلمندي آهي جو هن مومل جي جسماني حسن ۽ جمال کي بنياد بڻائي ڪيس سورمين جي صف ۾ شمار ڪري ڇڏيو. ان ڪان سواءِ تہ هن جي آڏو ڪو عظيم مقصد يا اندروني واردات (Inner Feeling) درد، ڳرب، پڇتاءُ يا محبت واري ڪيفيت ڪانہ هئي. تنهن ڪري سندس پڇتاءَ ۾ بہ اهو اثر ڪونہ هجي ها. پر شاهه صاحب مومل

جي حسن و جمال سان گڏ سنڌس پڇتاءَ کي بہ اهڙي درد انگيز پيرايي ۾ پيش ڪيو آهي جو مومل جو ڪردار پنهنجين سمورين اوڻاين پوڻاين باوجود لازوال ۽ اَمر بڻجي پيو آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين پڻ اهڙن خيالن سان سهمت نظر اچي ٿي. لکي ٿي :

”منهنجي خيال ۾ هن سُر ۾ ڪردار جي ظاهري سونهن جي ساراهه شاهه صاحب ان ڪري ڪئي آهي جو ائين نہ ڪرڻ جي صورت ۾ مومل سورمي ڪانہ بڻجي سگهي ها. قصي جي مختلف روايتن کي ٿو ڏسجي تہ منجهس ٻين سورمين واري ڪردار جي تہ ڪا خاصيت ۽ خوبي نظر ئي ڪانہ ٿي اچي. بلڪ پاڻ ڪردار ۾ خامي اٿس. شاهه صاحب ان کي برابر ( Balance ) ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو آهي. ڇاڪاڻ جو هن ۾ ڪردار جي جيڪا خامي موجود آهي ان ڪري ٻين سورمين جهڙي همدرديءَ جي لائق بڻجي نہ ٿي سگهي. سنڌس آهُن داهُنِ ۾ اهو تاثر محسوس ڪونہ ٿئي ها. سنڌس سڪ ۾ سسئيءَ ۽ سهڻيءَ واري سچائي ۽ پاڻ ارپڻ جي چاهنا ڏسڻ ۾ ڪانہ اچي ها. منڊ ڪان وٺي وٽس اها صداقت ڪانہ هئي.“

## مومل جو پڇتاءُ، انتظار ۽ اوسيئڙو

مومل جي ڪردار جي حوالي سان هن سُر جو هڪ ٻيو اهم پهلو مومل جو اهو پڇتاءُ آهي جيڪو راڻي جي رُسامي بعد اندر جي اڌمن جي صورت ۾ سنڌس دل مان نڪتو آهي. جيتوڻيڪ اها ڪيفيت رسالي جي ڪجھ ٻين سورمين جي بہ اظهاريل آهي. جئن هار تي هرڪجي وَرَ وڃائڻ بعد لِيلا جو پڇتاءُ، سسئيءَ جي سويل سمهي رهڻ جي نتيجي ۾ پنهل جي ڪيچ وڃڻ بعد سسئيءَ جو پڇتاءُ ۽ آهہ و زاري. باقي سورمين سهڻي، مارئي، سورٺ ۽ نوريءَ جي ڪيفيت منفرد رهي آهي. پر مومل جي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ لاءِ شاهہ سائين سنڌس پڇتاءَ واري ڪيفيت کي اهڙي تہ موثر نموني پيش ڪيو آهي جو مومل جو اهو پهريون رنگ جنهن ۾ سنڌس طبيعت ۾ لوڀ، لالچ، فريب ڪاري، مڪاري، اٽڪل، چالبازي، ڪوڙو شان

شوڪت ۽ غرور نمايان نظر پئي آيو سو هاڻي بلڪل ئي ختم ٿي چڪو هو. گويا هي مومل جو نئون روپ يا جنم هو. جنهن ۾ هاڻي هوءَ سراپا عجز ۽ نياز بڻجي وئي هئي. هاڻي ماضي ياد ڪري هوءَ هنجون هاري رهي هئي. ڪيس اڪيلائي ڪائڻ ٿي آئي. مومل جي پڇتاءَ جا چند مثال پيش ڪجن ٿا :

رئان ٿي راڻا! هنڌ نهاريو حجرا
پيئي کهه ڪتن تي، ٿيا پلنگ پراڻا
ڏريا ئي ڏوڙ ٿيا، وَرَ ريءَ وهاڻا
جايون گل جبات وڻ، تو ريءَ ڪوماڻا
مينڌرا ماڻا، تو ريءَ ڪنديس ڪن سين

---

ڪاڪ ڪڙهي وڻ وئا، ٻريا رنگ رتول
تو پڄاڻان سپرين ! هينئڙي اچن هول
جي مون سين ڪيئي قول، سي سِگها پارج سپرين

---

ايي اياريام، نڪٽ سپ نئي ويا
هڪ ميو ٻيو مينڌرو، رات سڄي ساريام
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪڍيون

---

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو ايا ٽيئي
راڻو رات نه آئيو ويل ٽري ويئي
ڪوءِ ساڪاڻي راتڙي، جا پرينءَ ريءَ پيئي
مونکي ڏنءِ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍٽ قرارئو

مومل جي پڇتاءَ جو انداز به عجيب آهي. هن سهڻي، سسئي ۽ ليلا وانگر گهر

نہ ڇڏيو بلڪ ڪاڪ ڪنڌيءَ ئي دانهيندي رهي. البتہ ان ۾ لطيف سائين سچي دل وارو پڇتاءُ ستن جي مالها ۾ اهڙيءَ ريت پوبو آهي جو پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي مومل جا ورلاپ ڳاري ٽا ڇڏين.

ڏٽ نہ وجھ ڍول، ڪاٽياري ڪاڪ ڪري
آنءُ اڳيئي آهيان، ٻڌي تنهنجي ٻول
توکي ساري سپرين، رنم منجھ رتول
ٽڪاٽا ۾ ٽول، وسھ ! مون وِہ ٽيا

---

شمع ٻاريندي شبَ، پرھ ٻاکون ڪڍيون
موٽ مران ٽي ميندرا، راٽا ڪارڻ رَبّ
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا

---

وَٽِ سوريندي ولها! ويو تيل ٻري
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙهي
راٽي لاءِ رڙي، وئي وهامي راتڙي

---

تون ڍاٽي ڍٽ ڏٽي، ڍولا تنهنجو ڍٽ
پائي تراڙي توريان، تہ ملڪ نہ تنهنجي مَٽُ
لاهي ڪسر ڪَٽُ، اچي ڪوڙ ڦناتون ڪاڪ ۾

---

ڪاڪ ڪڙهي ورڻ وٺا، لوٿو لڌاٽو
تو پڄاٽان سپرين! آتڻ اجهاٽو
مُين سين ماٽو مناسب نہ ميندرا

لطيف سائين، سچل سرمست جي مومل وانگر راٽي کي ڏوراپا ڪونہ ڏيارا

آھن. ڪيس ڳچو ڪونہ ڪيو آھي. جئن سچل سائين فرمايو :

ھڪ جوءِ ٻي جوءِ، ڇڏين ڪين جوان
اھي ڀي انسان جي ننگن تان نثار ٿيا
يا
ھڪ جوءِ ٻي جوءِ، مرد نہ ڇڏين مينڌرا
تو پڻ پريئڻ پوءِ، ڪوه لڄايو ڪاڪ کي
يا
مومل مھٽي ھاب، راڻا ڪر نہ راءِ تون
جَوئِن کي جواب، مرد نہ ڏين مينڌرا

پر لطيف مومل کي سراپا عجز ۽ نياز ڏيکاريو آھي. جنھن جي مزاج ۾ ھاڻي فقط پڇتاءُ آھي. ھن سمورا ڏوھ پنھنجي حصي ۾ ڪنيا آھن. گھمنڊ ۽ غرور واري مومل مري ويئي.

راڻا رھاڻيون، سوڍا! ويئي ساريان
سھسين سج اُلَٿاَ، راتيون وھاڻيون
ڪوڙين مون ڪاڻيون، ڍولا ! ڍڪي آءُ تون

آخر مومل جي عاجزي ۽ پڇتاءُ انھيءَ حد کي پھچي ٿو جو راڻو سندس رڳ رڳ ۾ رچي وڃي ٿو. پوءِ ھوءَ ھڪ مرحلي تي چئي ٿي ڏئي:

ڪيڏانھن ڪاھيان ڪرھو ؟ چوڏس چٽاڻو
منجھين ڪاڪ ڪڪوري، منجھين لڏاڻو
راڻو ۽ راڻو، ريءَ راڻي، ٻيو ناه ڪو

اسان جا ڪي محّقق مومل سان ھمدردي ڪندي ڪيس معصوم ۽ بيڏوھي ثابت ڪرڻ لاءِ پنھنجا دليل ڏين ٿا. سندن خيال مطابق مومل معصوم ھئي. ھن کي گمراھ ڪرڻ ۾ بنيادي ھٿ سندس سڳي ڀيڻ سومل جو ھيو. سومل ئي حرفت ھلائي مومل کي راڻي کان جدا ڪرڻ ۽ راڻي جي دل ۽ دماغ تي غلط فھمي ۽ ڪٽر

وجهڻ خاطر سچو مانڊاڻ منڊيو هو ۽ مرداڻي لباس ۾ مومل سان سندس ننڊ واري حالت ۾ اچي ستي هئي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو پنهنجي تحّققي مقالي ’شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري‘ ۾ مذڪوره ڳالهه کي هٿي ڏيندي لکي ٿو :

”حقيقت هن ريت آهي تہ مومل پاڻ مرادو ڪو ڏوهه ڪونہ ڪيو هو. پر اهو سچو مانڊاڻ منڊ ڪان سومل جو سٽيل هو. مومل کي مايا جي محّبت، حرفت ۽ چالبازي هجي ها تہ هوند راجانند جي خزاني وارو ڏند فقير کي ڪين ڏئي ها. هوءَ تہ پاڪ پَوتر هئي. سندس دماغ اٽڪلن ڪان صاف هو. اها سومل ئي هئي جنهن ڪيس هٿيار طور استعمال ڪري ڪاڪ محل جوڙي منجهس مومل جي حسن جو وستار ڪري ڏوڪڙ ڪمايا.“

هتي هڪڙو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آيا مومل کي ڏند جي اهميت جي خبر هئي؟ جي خبر هئي تہ پوءِ هوءَ اياڻي ڇئبي جنهن ڏند وڃائي سچي ڪتنب کي ڏوٺ ڏينهن ڏسڻ تي مجبور ڪيو. منهنجي خيال ۾ ائين ڪونہ هوندو. هن پڪ بي خبريءَ ۾ اهڙي غلطي ڪئي هوندي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مومل جي هڪ خطا جو ذڪر هيٺين لفظن ۾ ڪيو آهي :

”مومل جي اها خطا جو راڻي جي اچڻ ويل سومل سان ستي ۽ غفلت واري ننڊ ڪيائين. نينهن جي ناتي ۾ ذرو بہ غفلت روا ناهي.“

سچل سرمست ڪانفرنس خيرپور جي موقعي تي مون پنهنجي مقالي ’سچل سرمست جي سُر راڻو ۾ طالب ۽ مطلوب‘ جي آخر ۾ هڪ ڳالهه ڪئي هئي جيڪا هتي پڻ ورجائڻ مناسب ٿو سمجهان. مون لکيو هو تہ :

”ڪيترا ئي فاضل اديب ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جي لوڪ داستانن جي هر ڪردار ۽ واقعي کي هرو ڀرو روحاني رنگ ڏئي، ان مان پنهنجا روحاني مطلب ۽ معنائون ڪيڻ ضروري سمجهندا آهن. جيڪي تمثيلون بعض اوقات جڙتو ۽

انتهائي غيرمناسب لڳنديون آهن. مثال طور: هن داستان ۾ ڪن صاحبن ’راڻي‘ جي ڪردار جي تمثيل ’حق تعاليٰ‘ سان ڏني آهي ۽ ’مومل‘ کي ’روحاني طالب‘ ڏيکاريو آهي. هاڻي جيڪڏهن اها ڳالهہ صحيح مڃجي تہ پوءِ راڻي کي اصل حقيقت جو پتو پاڻ ئي پئجي وڃڻ کپندو هو جيئن الله پاڪ کي پنهنجي بندن جي هر عمل جي ڄاڻ آهي. هو تہ دلين جو پارکو آهي، پر راڻي کان تہ مختلف اوقات ۾ ڪيئي ڪوتاهيون بہ سرزد ٿيون، جيئن راڻي جي رسامي جو بنياد ئي غلط فهميءَ ۽ جلدبازيءَ واري عمل تي هو. کيس کپندو هو تہ ٻنهي تان لٿو لاهي پڪ ڪري ها ۽ پوءِ موقعي جي تقاضا مطابق عمل ڪري ها، پر هن ائين نہ ڪيو ۽ ڪاوڙ ۾ موٽي هليو ويو ۽ اهو عين انساني عمل آهي. ربّ ڪريم جي ذات تہ ڪوتاهين، غلط فهمين ۽ جلدبازيءَ جي خامين کان مبرا ۽ بلڪل پاڪ آهي، تنهن ڪري اهڙي بي وقتي ۽ اڻ سونهندڙ تمثيل ڏيڻ منهنجي نظر ۾ بلڪل غلط آهي. البتہ مناسب جاءِ تي جڙائيندڙ تمثيل ڏيڻ سان معنيٰ توڙي مفهوم واضح بيهي ٿو ۽ مضمون جي وقعت وڌي وڃي ٿي. ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو پڻ پنهنجي ٿيسز ’شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري‘ ۾ منهنجي ڳالهہ جي تاعيد ڪندي نظر اچي ٿو. هو صاحب لکي ٿو:”جيڪڏهن خدا وندِ ڪريم جي علامت ۾ ’راڻو‘ پيش ٿيل هجي ها تہ اهو خدائي شان جي خلاف آهي، جو حق ۽ سچ جي کيس پروڙ نہ پوي، هو تہ سميع ۽ بصير آهي.“

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ لطيف سرڪار جي ڪلام کي رڳو روحاني رنگ جي عينڪ پائي نہ ڏسون. سندس ڪلام ۾ ٻيون بہ انيڪ فڪري توڙي فني خوبيون ۽ نزاڪتون موجود آهن.


**جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو**

- شاهہ جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهہ جو رسالو — غلام محمد شهواڻي

- شاهه جي شاعري ۾ عورت جو روپ ڊاڪٽر فهميده حسين
- شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
- شاهه جون سورميون پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي
- عرفان لطيف ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- ڪنڌيءَ ڪونر ٽڙن محمد حسين ڪاشف
- سچل سرمست جي سُر راڻو ۾ طالب ۽ مطلوب (مقالو)
ڊاڪٽر بشير احمد شاد ـ (سرمست 22 : مرتب: مولا بخش لاڙڪ)

# اکين جا احوال

الله پاڪ انسان کي جيڪي انمول نعمتون عطا ڪيون آهن، انهن ۾ اکين کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. اکين کي دل جو دروازو بہ سڏيو ويندو آهي. اکيون جيڪي ڪجهہ پَسن ٿيون، انهن جو عڪس دل ۽ دماغ تي سڌو سنئون پوي ٿو. پوءِ ئي انسان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري ٿو. حواسِ خمسہ ۾ اکين جو عمل وڏي اهميت جو حامل آهي. اکين جي اهميت متعلق ٻوليءَ ۾ اسان وٽ ڪيتريون ئي چوڻيون ملن ٿيون. جئن ’نور آ تہ جهان آ نہ تہ انسان قبر جي مثال آ.‘ يا ’اکين جي نعمت جو قدر انڌن کان پڇو‘ وغيره. اکين ذريعي ئي انسان ڪائنات جا منظر پسي سگهي ٿو. گوناگون رنگينيون ڏسي سگهي ٿو. انسان ٻين جي ڪيفيتن جو مشاهدو ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجا جذبا اظهاري سگهي ٿو. دنيا جي هر ٻوليءَ جي شاعرن ۽ اديبن اکين جي موضوع تي پنهنجا ويچار ونڊيا آهن.

سنڌ جي سدا حيات شاعر ۽ مفڪّر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي پڻ پنهنجي ڪلام ۾ اکين جو ذڪر مختلف حالتن ۽ ڪيفيتن ۾ ڪيو آهي. هتي اول اهڙين حالتن ۽ ڪيفيتن جو ذڪر ڪجي ٿو. ان کان پوءِ انهن جا مثال مختلف سُرن مان پيش ڪبا. هتي اهڙن بيتن جي گهڻي تشريح کي غير ضروري سمجهي فقط بيت لکيا ويا آهن، جن جو مختصر مفهوم پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو ئي اسان جي هن مقالي جو اصل مقصد آهي.

سُر يمن ڪلياڻ ۾ شاه سائين محبوب جي اکين جي تمثيل عقاب واري تيز طرارين اکين سان ڏني آهي ۽ انهن اکين ۾ تکا تير يا ٻاري ٻان ڏيکاريا آهن، جن سان گهڻا ئي عاشق ڦٽجي پيا آهن. اهڙي معنيٰ وارا مذڪوره سُر مان بيت پيش ڪجن ٿا.

عقابيل اکين ۾ توکي باري بان
اُپو اڳرايون ڪرين، ماڳُ هٽئو مستان
جانب تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين

—

عقابيل اکين ۾ توکي تِڪا تير
ساجن انهم سينگ سين، ڦٽيئي گهٽا فقير
پئو نه مارج مير! تهجو پهريون ئي پورو ٿئو

—

عقابيل اکين ۾ تير تکا توکي
ساجن انهم سور جي، ڳل نه آ کهه کي
مارين ٿو مونکي، چاڙهي لوهه لطيف چئي

—

عقابيل اکين سين، تير چلايا تو
پئو مر ماري سو جهه جو پهريون پورو نه ٿيي

سُر سهڻي ۾ وري انهن اکين جي اها ڪرامت ڏيکاري وئي آهي ته جن محبت جي واٽ ۾ پنهنجون اکيون وڇائي پوري توجه سان ميهار ۾ مهو رکيون اهي پل ته تار درياءَ ۾ گهڙي پون ته به درياءَ کي مجال نه آهي جو کين ٻوڙي سگهي.

اکيون مهه ميهار ڏي، رکيون جن جوڙي
ري سندَ سيد چئي، تار گهڙي توڙي
تنين کي ٻوڙي، سائر سگهي ڪين ڪي

سُر سسئي آبري ۾ وري لاڪيڻي لطيف آري ڄام جي اکين کي ئي سسئيءَ جو سهارو ڪري پيش ڪيو آهي. سسئي آري ڄام جي اکين سان وندر جا وڻ ڏسي ٿي ۽ پنهنجي پنهل جي پيشاني به پسي سگهي ٿي.

اکيون آري ڄام جون، انڌيءَ سين آهين
هو جي وڻ وندر جا، سي مون سُنهائين
ڏسئو ڏيکارين، پيشاني پنهونءَ جي

---

اکيون آري ڄام جون آهن انڌيءَ ساڻ
پسي ڪنديون پاڻ، پيشاني پنهونءَ جي

سُر حسيني ۾ لطيف سرڪار اکين کي ڏوراپا ڏنا آهن ۽ کين ئي ڏوهي قرار ڏنو آهي تہ پنهل جي وڇوڙي ويل بيٺي ڏٺائون پر رتُ نہ رنيون! انهن ڪاٽين، لوئين اکين ان وقت ڪجهہ بہ نہ ڪيو. هاڻي جڏهن سندن پنهل وڃي پار پهتو آهي تہ مُنيون ماتِ ئي نہ ٿيون ڪن.

اکين کين ڪِئو رَت نہ رنائون!
اِيي ڏٺائون، ڦوڙائبا سپرين

---

ڪاٽيون، لوئيون اکيون، ڪنيون کين ڪڇن
مُنيون مات نہ ڪن، هَيُون رهن هوت ري

سُر مومل راڻو جي هڪ بيت ۾ مومل جي اکين جي تشبيهہ هيرن سان ڏني وئي آهي. جنهن سان هوءَ عام خاص کي وڍيندي ڳتيندي رهي ٿي. هيرو ڪٽڻ جي ڪم بہ ايندو آهي. ٻئي بيت ۾ سندس اکين کي ڪهاڙي يا وڍيندڙ تکي اوزار سان ڀيٽيو ويو آهي، جن سان هن زور ڀريون زبرون هٺي حاڪمن جا ڪنڌ ڪٽيا آهن. جنهن جي گواهي ڪاڪ ڪنڌيءَ پرڏيهن جون قبرون ڏين ٿيون. هڪ مرحلي تي جڏهن مومل جو راڻي سان نينهن اڙجي ويو تہ سندس انهن جادوگر اکين جو جڻ سحر ئي ختم ٿي ويو ۽ ساڳين اکڙين ۾ فقط راڻي لاءِ انتظار ۽ اونو اچي جائگير ٿيو. ڪائنس ڪاڪ جا ڪرشما سڀ وسري ويا.

مومل ڪي مجاز جا، اڪين ۾ الماس
نه ڪا عام نه خاص، جي ويا سي وڍيا

---

گجر ڪي گجميل جون، تارن ۾ تبرون
هٽي حاڪمين ڪي، زور پريون زبرون
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون

---

سوڍي منهنجي ساهه سين، جيڏيون! جئن ڪئو
ڪڙي مون ڪاڪ تي، آسڻ وسرئو
پسان ڪين پئو، تو ريءَ اکڙين سين

سُر سارنگ ۾ لطيف سائين اکين جي تمثيل جُهڙ سان ڏني آهي. يعني اهي نيڻ سدائين آگميا بيٺا آهن. هاڻي جيڪڏهن محبوب اکيون کڻي مرڪي پوي ته سمورا دک درد دفع ٿي وڃن. ٻي بيت ۾ شاهه سائين مينهن سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن تون اکڙين کان وسڻ جو هنر سکي پوين ته هوند رات ڏينهن بس وسندو ئي رهين اصل بَسِ نه ڪرين. گويا محبوب جي فراق ۾ عاشق جو اکيون انئي پهر وسنديون رهن ٿيون.

ڪکر منجهه ڪپار، جُهڙ نيڻئون نه لهي
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهه ملهار
کڻ اکيون کل يار، وڃن سور سَنڌا ڪيون

---

وسڻُ اکين جئن، جي هند سکين مينهه
ته هوند راتو ڏينهه، بَس بونديئون نه ڪرين

---

جهُڙ نيٽئون نہ لهي، ڪڪر هُونِ نہ هُونِ
ساريو سپرين کي، لڙڪ ٻِگلن تي پُونِ
سي مر رويو رُونِ، جن مسافر سپرين

سُر آسا تہ اکڙين جي اپٽار سان ڀريو پيو آهي. هن سُر ۾ لطيف سائين اکين جو مختلف ذاوين کان ذکر ڪري ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. ڪٿي ٿو فرمائي تہ جن اکين ۾ پرينءَ جو پرتوو ڪونهي ۽ دل محبوب جي ياد سان آباد ناهي، انهن سڪٽن ۽ بيسود ماڻهن جو جيئڻ ئي جنجال آهي. ڪٿي وري اهڙين اکين جو ذڪر ٿو ڪري جيڪي گند ڪچري سان ڀريل آهن، پوءِ اهي اهڙي ڪيفيت ۾ پرينءَ کي ڪيئن پسي سگهنديون! ڪڏهن وري پرينءَ کي اکين ۾ ويهاري اکيون ٻوٽي ڇڏڻ جي تمنا رکي ٿو تہ جئن سندس محبوب کي ڪوبہ ڏسي نہ سگهي ۽ پاڻ بہ ڪنهن کي نظر ڪٿي نہ ڀَسي. ڪڏهن وري محبوب کي تارن ۾ تڪيو ڪرڻ ۽ ونين ۾ ويهڻ لاءِ چوي ٿو. اهڙي مفهوم وارا بيت پيش ڪجن ٿا.

پرين نہ اکڙين ۾، هنئون نہ حاضر جن
سي هينئين جاڙ جيئن، نلها ناہر سڪٽا

---

مورک مام نہ ٻُجهٽا، هيڏانهہ هوڏانهہ ڪنِ
سي ڪنئہ پرين پسن، ڪتر جن اکين ۾

---

اکين ۾ ٿي ويهہ، تہ آنءُ واري ڍڪيان
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آنءُ نہ پسان ڪي ٻيو
تارن ۾ ڪر تڪيو، ونين ۾ ٿي ويهہ
اکين ۾ ٿي پيهہ، تہ آنءُ آچارو ٿيان

ساڳي سُر ۾ شاهہ سائين عاشق سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ جيڪي اکيون صبح ويل سج اڀرڻ سان پرينءَ کي نہ ٿيون پسن، انهن کي ڪيڏي ڪانگن جي

حوالي ڪرڻ گهرجي. ڪٿي وري لطيف انهن اکين جا ٿورا ٿو مڃي، جيڪي هر وقت ڪيس پرينءَ جو جلوو ۽ جمال پسائينديون رهن ٿيون. ڪٿي تہ وري پرهه ڦٽيءَ ويل اکين سان پرين پسڻ کي حضوري حج ( حجِ اڪبر) جيترو مقدس عمل ڪوٺي ٿو. وري اکيون جڏهن پرينءَ جو ديدار ڪري واپس ورن ٿيون تہ سندن آرام حرام ٿي وڃي ٿو ۽ هو ٻيهر ڪڏهن بہ سُک سان نہ ٿيون سمهن.

اِپرندي ئي سج، پرين جي نہ پسنديون
ڪيڏي ٻيئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي

---

مونکي اکڙين، وڏا ٿورا لائيا
تہ پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪرَ سامهون

---

اکيون پرينءَ ري، جي ڪي ٻئو پسن
تہ ڪيڏي کي ڪانگن، نوالا نيڻ ڏيان

---

تن نيڻن کي نيرانِ، جن ساجهر سيڻ
جيءُ جسي ۽ جان، ڪرَ حضوري حج ڪئو

---

کي جو ڪهين پارِ، اکيون پَسي آئيون
ٿيون ديوانيون دل ۾ اَپر لڳين آر
تنهان پوءِ قرارِ ، ستيون ڪين سيد چئي

پٽ ڏٺي پلاري سُر آسا ۾ اکين بابت دل کولي احوال اوريو آهي. فرمائي ٿو تہ اکين جون بہ عجب عادتون آهن. پرائي ساٿ جا سور وڃي خريد ڪري اچن. اهي اتي اڙجي ويون جتي هٿيارن جي حاجت ئي نہ آهي. يعني محبوب جون اکيون پاڻ هٿيار مثل آهن. اکين کي گهٽا ئي پيرا منع ڪئي تہ ڪٿي نہ اَڙو پر ننڊ ۾ لوڪُ

لتاڙي وڃي ساڄن کي لڌائون. عاشق لاءِ تہ عذاب ٿيو پر پرينءَ سان پاڻ سو پرچي آيون. لطيف سرڪار هن سُر ۾ ڪتي اُلتي اک ڏارڻ جي تلقين فرمائي ٿو. جي لوڪ لهوارو وهي تہ تون اوڀار ۾ اوچو وَهُہ نئڙت ۽ نهٺائيءَ سان ادب وچان پرينءَ جي پنيان پنيان هل. هڪ بيت ۾ وري اهڙين اکين ڏارڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري جن سان فقط پرينءَ کي پسي سگهجي. ڪنهن بہ ٻي پاسي نهارڻ جي اجازت نہ آهي، ڇوتہ تنهنجو پرين غيرتمند آهي. هڪ بيت ۾ وري فرمائي ٿو تہ سياهيءَ جو سرمو مردن کي نہ ٿو سونهين، اهو تہ عورتن جو مَرَڪُ آهي. تون پنهنجي اکين کي پرينءَ جي جلوي ۽ جمال سان پُر ڪري ڇڏ. مٿين مفهوم وارا بيت پيش ڪجن ٿا.

اکين کي آهين، عجب جهڙيون عادتون
سور پرائي ساٽ جا، وڃيو ويهائين
اُتي لونءَ لائين، جت حاجت ناهي هٿيار جي

---

اکِ اُلتي ڏارِ، ونءُ ابتو عام سين
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وَهُہ اوڀار
منجهان نوچ نهار، پر پنيرو پرينءَ ڏي

---

اکيون سي ئي ڏارِ جن سان پسين پرينءَ کي
ٻي ڏانهن ڪين نهار، گهڻو ريسارا سپرين

---

سرمو سياهيءَ جو رنن کي رهاءِ
ڪاني ڪارائيءَ جي، مڙس ٿي مَ پاءِ
اکين ۾ اتڪاءِ، لالائي لالن جي

سُر آسا ۾ اکين جي متعلق ٻيا بہ ڪيترا ئي بيت ملن ٿا. هتي مختصر طور هيٺ اهڙن بيتن جي فقط اها هڪ سٽ لکجي ٿي جنهن ۾ اکين جو ذڪر اچي ٿو.

اڪڙيون علي الصباح، دوس ديکڻ آئيون

ــــــ

ڪي جو ڪيڏانهن، اڪيون پسي آئيون

ــــــ

ڪي جو وچي ڪال، اڪيون پسي آئيون

ــــــ

اڪڙيون اڪڙين تي، ڏمر ڏوس ڪرين

ــــــ

اڪين ڪي آئون، جان ڪي جُهلون پائيان

ــــــ

اڪڙين آرو، مُنهان پڇي نہ ڪيو

سُر رِپَ ۾ اڪڙين ڪي پرينءَ جي سار ۾ اوجاڳيل ڏيکاريو ويو آهي جيڪي هرگز نہ ٿيون ٻوٽجن.

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکين
اجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين

سُر بروو سنڌيءَ ۾ لطيف سائين اکين کي اهڙو قاتل ڪوٺيو آهي، جيڪي عاشق ڪي ڪوني ڪهي ٿيون ڇڏين. عاشق جي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري باقي وچي ڪرنگهو ٿيون بچائين. مٿان وري حق تي رهڻ ۽ صبر جي تلقين ٿيون ڪن. عاشق مسڪين بہ تڪليفن جا اهڙا تہ عادي ٿي وڃن ٿا جو اهي معشوق کي پاڻ دعوت ٿا ڏين تہ اي محبوب! تون نظرن جا تير چٽائي نشانو وٺي وري واپس نہ ڪر. اکين کي ڇڏي ڏي تہ اهي پنهنجي عادت پٽ پوري ڪن.

ڪوني ڪنائون، اڄ پڻ اڪڙين سين
ماسُ وراهي هليا، ڪرنگل ڇڏيائون
وتوا صو باالحق و توا صو بالصبر، اينءَ اُتائون

مُئي ماريائون، ڪِلي گهائيو سڄڻين

ڪوڙي ڪڻ مَ سپرين! ڪنيئي تان ڪوڙ
عادت جا اڪين جي، سا نيئي نباهج توڙ
مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سڄاڻج سپرين

سُر پورب ۾ شاهه صاحب انهن اڪين جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي جڏهن مرڪندي ڇهري سان پرين مٿي ڪٽي ٿو تہ عاشق جا سڀ ڏڪَ ڏور ٿي وڃن ٿا. عام ماڻهو انهيءَ ڪيفيت کي بک مٿل پائنن ٿا جڏهن تہ پرينءَ جي انهي ادا سان سمورا سور لهي وڃن ٿا.

تِن اڪين اتان سُڪَ، ڪلندي ڪٽن جي
پرين پاڀوهڻ سين، ڏور ڪئا سڀ ڏُڪَ
ماڻهن ليکي بُکَ، سامن سور سنا ڪئا

سُر ڏهر ۾ پڻ اڪين جو احوال ملي ٿو. هڪ بيت ۾ لطيف سائين مگتي کي صلاح ٿو ڏي تہ تون اڪين کي پير ڪري مديني پاڪ وڃي پهچ، جتي پاڻ ڪريمن ﷺ جي جلوي ۽ جمال جي هر سو روشني پکڙيل آهي. اها جمال جي جوت پَسي اُمتين جا نيڻ ٺري ٿا پون. تون بہ گهٽي سِڪَ ۽ اڪير وچان پير پري وڃي اها مقدص زيارت پسڻ جي سعادت حاصل ڪر.

ونءُ مديني مڱڻا، اکيون پير ڪري
جتي ماڻڪي محمد مير جي، جرڪيو جوت ڪري
پَسئو جوت جمال جي، جت اُمتين نيڻ ٺري
پريتئون پير پري، ڪج زيارت ذوق سين

سُر ڏهر ۾ اڪين جي حوالي سان ٻيا بہ بيت ملن ٿا جن ۾ پنهون ڄام ۽ اوٺين جو ذڪر آيو آهي.

اوٺين ڪارڻ اڄ، نيڻ نهارا مون ڪيا
پنهون ڄام پهچ، تہ لاهيون اُڃَ اکين جي

---

نيڻ نهاري مهجا، روئي رَتُ ٽٺا
جي هتان هوت ويا، سي اڇن تان آجي ٿيان

---

نيڻ نهاري مهجا، رَتُ ٽيا روئي
ڏکن جي ڏوئي، آئي هٿ اسونهہ جي

اهڙي ريت شاهہ سائين جي اڪثر سرن ۾ اکين جو احوال اچي ٿو. مگر هن مقالي ۾ ان موضوع جي حوالي سان سرسري جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

# تجنيسِ حرفي جو ڪمال

سنڌي ٻولي جي عالمن ٻوليءَ جي سينگھار طور جيڪي خوبيون ڳڻايون آھن انھن ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت کان علاوه تشبيھون، استعارا، چوڻيون، پھاڪا، مثال، ورجيسيون ۽ تجنيسون وغيره اچي وڃن ٿيون. ھن مقالي جو موضوع ٻوليءَ (شاعري) جي ھڪ خاص خوبي ’تجنيس‘ متعلق آھي. تجنيس جا نمايان ٽي قسم آھن. جن ۾ تجنيسِ حرفي، تجنيسِ تام ۽ تجنيسِ ناقص شامل آھن. انھن سمورين تجنيسن مان تجنيسِ حرفي وري مقبول عام حيثيت رکي ٿي. تجنيسِ حرفي ۾ لفظ ساڳي حرف سان شروع ٿيندا آھن. ھڪ ٻئي سان گڏ ايندا آھن ۽ انھن ۾ معنيٰ توڙي مفھوم جي لحاظ کان ڪي قدر ربط پڻ ھوندو آھي.

لطيف سائينءَ جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو انمول سرمايو ۽ سرچشمو آھي تنھنڪري رسالي مان ٿي فقط تجنيس حرفي وارا بيت چونڊيا ويا آھن ۽ وري انھن بيتن مان مثال طور اھي ستون ڏنيون آھن جن ۾ گھٽ ۾ گھٽ ٽي تجنيسِ حرفي وارا لفظ گڏ آيل آھن. رسالي ۾ تجنيسِ حرفي وارا بيشمار بيت ملن ٿا ۽ سمورن بيتن جي بار بار وضاحت ھڪ طرف ورجاءَ جو سبب بڻجي ھا تہ ٻئي طرف مقالو گھڻو طويل ٿي وڃي ھا، تنھنڪري ھتي ھر ھڪ سُر مان چونڊ ھڪ ٻن بيتن جي لفظن جي وضاحت ڪري ان سُر جا باقي چند بيت بنان وضاحت جي ڏنا ويا آھن. تاھم انھن بيتن جي تجنيسِ حرفي وارن لفظن کي ھيٺان ليڪ ڏئي چِٽو ڪيو آھي. سُرن جي ترتيب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل رسالي مطابق رکي ويئي آھي.

رسالي جو پھريون سُر ڪلياڻ آھي. انھيءَ سُر جو پھريون بيت ئي تجنيسِ حرفي سان سينگاريل آھي.

اول، الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم
والي، واحد، وحده، رازق، ربّ، رحيم
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙئون جوڙ جهان جي

هن بيت جي ٽن سٽن ۾ تجنيسِ حرفي جا چار مثال آيل آهن. پهريون والي، واحد، وحده ٻيو رازق، ربّ، رحيم ٽيون سو ساراهه سچو ۽ چوٿون جوڙئون جوڙ جهان جي. جن مان پهريان ٽي لفظ 'و' سان ٻيا 'ر' سان ٽيان 'س' سان ۽ چوٿان چار لفظ 'ج' شروع ٿين ٿا. معنيٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان بہ انهن ۾ ربط نظر اچي ٿو.

ساڳي سُر مان هڪ ٻيو بيت پيش آهي :

چڙهئو، چڪاسن، چاهه، آڳ ٻرندي آئيا
وهسن واڙي قلَ جئن، محبتي مَچَ لاءِ
آڻئو پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾

بيت جي پهرين سٽ جا پهريان ٽي لفظ 'چڙهئو'، 'چڪاسن'، 'چاهه' تجنيسِ حرفي وارا آهن جيڪي حرف 'چ' سان شروع ٿين ٿا ۽ انهن ۾ هڪ خاص ردم سمايل آهي. سُر ڪلياڻ مان ڪجهه ٻيا مثال :

پاڻهين پسي پاڻ ڪي، پاڻهين محبوب
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تنهه جو

---

سپ ڪنهين ڏانهه سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهه
احدان جي ارڳ ٿئا، سي ڪانهر ڪبا ڪانهه
محب منجهين منَ مانهه، مون اَجاڻندي اُجهئو

طالب ڪسر، سونھ سَرُ، ايءَ روميءَ جي اوطاق
پچين دِرِ فراق، تہ منجهين مشاھدو ماڻيين

سر يمن ڪلياڻ مان تجنيسِ حرفي جو مثال پيش آھي :

عقابيل اکين ۾، تير تکا توکي
ساجن انھيءَ سيگ سين ڦٽيئي گھڻا فقير
ٻئو مَ مارج مير، تھجو پھريون ئي پورو ٿئو

بيت جي پھرين سٽ ۾ تير، تکا، توکي، تجنيسِ حرفي وارا لفظ آھن، جيڪي ٿئي حرف ’ت‘ سان شروع ٿين ٿا. ٽين سٽ ۾ مَ، مارج، مير، ٽي لفظ آھن جن جي ابتدا ۾ ’م‘ اچي ٿو.

ساڳي سُر مان ھڪ ٻيو مثال :

پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان! مار مَ مون
مون ۾ آھين تون، متان تنھنجو ئي توکي لڳي

مٿين بيت ۾ ميان، مار، مَ، مون، چارئي لفظ تجنيسِ حرفي وارا آھن جن جي شروعات ’م‘ سان ٿئي ٿي ۽ پنھنجي اندر ڀرپور معنويت رکن ٿا.

سُر يمن ڪلياڻ مان باقي مثال پيش ڪجن ٿا :

تتو تَنُ تنور جنءَ، تہ ڇنڊي ساڻ ڇماءِ
آٽي آڳِ ادب سين، ٻاري جان جلاءِ
برقعا اندر بازيون، پنھنجون سڀ پچاءِ
لڇڻ لئون لطيف چئي، پڌر ھَڏِ مَ پاءِ
متان لوڪ لڪاءِ، وسالان وِڇ پئي
ھَي ھَي وھي ھُوءِ، من ۾ محبوبن جي
جيرا جوش جلائيا، ٻُڪين مُڪي ٻوءِ
اچي پسو روءِ، جي ويساھ نہ وسھو

سُر ڪنيات مان تجنيسِ حرفي وارن بيتن جا مثال پيش ڪجن ٿا:

تارا ترِ تروڪڙيون، مٿن قلڙيون
وَرِ سي راتڙيون، جي مان اوريون پرينءَ سين

مٿين بيت جي پهرين سٽ جي شروع ۾ تارا، ترِ، تروڪڙيون تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي ٽئي 'ت' سان شروع ٿين ٿا.

سُر ڪنيات مان ٻيا مثال :

اونڌاهي اڌ رات ۾، پرين پسايو پاڻ
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي وئو پڙلاءَ ۾

—

آيو چنڊ چڙهي، چاريءَ جو چيو ڪري
اپيو ات اڙي، جت ڏنائين پرينءَ کي

سُر بروو ۾ تجنيسِ حرفي جا ڪيترا ئي مثال ملن ٿا. جن مان ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا.

ڪري ڪانگ ڪرنشيون، پيرين پرين پئيج
آنءُ جو ڏيئين سنيهڙو، سو وڃ مَ وساريج... الخ

هن بيت جي پهرين سٽ ۾ ٽي ٻن هنڌن تي تجنيسِ حرفي آيل آهي. پهرين حصي ۾ ڪري، ڪانگ، ڪرنشيون ۽ ٻئي حصي ۾ پيرين، پرين، پئيج تجنيسِ حرفي پارا لفظ آهن جيڪي 'ڪ' ۽ 'پ' سان شروع ٿين ٿا. شاهه سائينءَ جو اهو ڪمال چئجي جو هڪ ئي سٽ ۾ اهڙن لفظن جو انتخاب ڪيو اٿس جن ۾ روانيءَ سان گڏ وگڏ تجنيسِ حرفي سان خوبصورت نياءُ ڪري ويو آهي. سُر بروو جا ٻيا مثال:

نيڻ سڪيلا سپرين، پونر، پرون، پالا
چڪيم چاڪ پرينءَ جا، اندر ۾ آلا
يار ميڙين يا الله، جنهن جي صحبت ڪاڻ سڪي هينئون

—

عشق اهڙي ذات، منجهائي مَيَن کي
ڏينهان، ڏورڻ، ڏونگرين، روئن سڄائي رات
اٿئي ويٺي تات، ميان محبوبن جي

———

جن ريءَ سري مَ ساهه، رتي رُس مَ تن سين
هوءِ ڪرهين ڪچج ڪيم ڪين، ڪج سيد چئي صلاح
ٻي ورروهڻ واهه، ڪا توکي آهي تَن ري !

———

منهنجي مداين جي، جي ڳل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿئا، ڏوراپا ڏيئي
ساجن سپيئي، ڊڪيم ڊول ڊلائيون

سُر سريراڳ مان تجنيسِ حرفي جا مثال هن ريت آهن.

اٿي اور الله سين، ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪَچ
ڪڊ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ
ان پر اٿي اچ، تہ سودو ٿئي سڦرو

بيت جي پهرين سٽ ۾ اٿي، اور، الله تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جن ٽنهي جي شروع ۾ ’ا‘ اچي ٿو. ساڳي سُر مان هڪ ٻيو مثال:

جيڪي منجھ جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي
لطف جي لطيف چئي، تو وٺ ڪمي ڪانہ
عدل ڇٽان آنءُ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو

سُر سريراڳ جو هيٺيون بيت تجنيسِ حرفي جي حوالي سان انتهائي خوبصورت ۽ مثالي بيت آهي جيڪو جملي ڇهن سٽن تي مشتمل آهي ۽ انهن مان ٽن سٽن ۾ تجنيسِ حرفي پنهنجي پوري فن سان سمايل نظر اچي ٿي.

هيڪي ٻانهي چت ۾، ٻي جوڙي جوڙ جبار
ڪيڏي اونهي ڪُنَ مان، اي آگي جو آڌار
جهاز جوهرين جو، تنهه پئي مَ ڏي پتار
ننڍا وڏا مڪرا، سڀ پسندا پار
منهه مديني سامهون، جت محمد شاهه موچار
سڀاجهو ستار، ستر سپيئي ڪري

---

وٿي وجهه وڪر جا، دنگيءَ ۾ داٽا
وِيرَ ورندءِ ويسرا، ويهه مَ ويڳاٽا
هي ننڍ نه ڄاٽا، ڪڏهن هٽندءِ ڪُن ۾

سُر سامونڊي مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش ڪجن ٿا :

لڙ لهريون لس ليٿ، جت انت نه آب جو
الله ات مَ اولين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ...... الخ

مٿين بيت جي پهرين سٽ ۾ تجنيسِ حرفي وارا هڪ ئي وقت چار لفظ آيل آهن. لڙ، لهريون، لس، ليٿ جيڪي سڀ ’ل‘ سان شروع ٿين ٿا ۽ انهن لفظن ۾ غضب جي رواني آهي.

سُر سامونڊي مان ٻيو مثال :

ڏٺي ڏياري، سامونڊرين سڙهه سنباهيا
وجهئو ور ونجهه ڪي، روئي وٽجاري
مارينڊم ماري، پرين سور پرينءَ جا

سُر گهاتو ۾ تجنيسِ حرفي جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. جئن هي بيت ملاحظه ٿئي.

گھوريندن گھورئيا، آگھور گھوريائون
مانگر ماريائون، ملاحن منهه سنرا

هن بيت جي ٻي سٽ ۾ مانگر، ماريائون، ملاحن، منهه وارا لفظ تجنيسِ حرفي جا سھڻا مثال آهن، جيڪي چارئي ’م‘ سان شروع ٿين ٿا. سُر گھاتو مان ٻيا مثال :

ائين جا لڏو لوڏ، نہ ايءَ پر گھاتوئڙن جي
ڪُن ڪِلاچيءَ ڪوڏ، سڪ نہ ستا ڪڏھين

---

متو آھين مڇ، ٿلهو ٿئو ٿونا هڻين
تو جا ڏني اڄ، تھ پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا

سُر ڪاهوڙي مان تجنيسِ حرفي جا مثال :

گنجي ۾ گُن گھڻا، پيِر پروڙي پاءِ
ڪاهوڙي ڪڙوئا، نڪا اوڏي ماءِ
جني ڏني جاءِ، تني موٽڻ ميھڻو

پھرين سٽ جا آخري ٽي لفظ پير، پروڙي، پاءِ تجنيسِ حرفي وارا آهن جن جي شروع ۾ حرف ’پ‘ آندل آهي. . . هڪ ٻيو مثال :

جي ڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو
ڇپر ڪونہ ڏي، سوڪڙيون ستن ڪي

هيٺ سُر ڪاپائتي مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش ڪجن ٿا :

تنبائي تاڪيد سين، جن پچايو پاءُ
لسي تند لطيف چي، هلي تن هٿاءُ
ململ منجھان ماءُ، جي سڪيون تن سون ڪئو

مٿين بيت جي ٽين سٽ جي شروع وارا ٽئي لفظ ململ، منجھان، ماءُ تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي ’م‘ سان شروع ٿين ٿا. ساڳي سُر مان ٻيا بيت

هن ريت آهن.

اڄ پڻ اڄهڻ ڪي مرين، نڪي ڳتوءِ ڪال
ارٿ اوڏيائي نہ وهين، محڪم وٺي مال
پوري توسين پال، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا

—

تانسينءَ پڳو ئي پير، جانسينءَ رتو راس ٿئي
بريءَ بيڪاريءَ سين، هاري پاڻ مَ هير
ڪٽ ڪتيندي ڪير، نئين سين نجاڻجي

سُر بلاول مان تجنيسِ حرفي وارا چوندڀ بيت هن طرح آهن :

پيريون پيري پيچ، هي جي منجهان پوريون
ٻئي در ڪنهہ نہ وڃ، ري هاشمي هيڪڙي

بيت جي پهرين سٽ ۾ پيريون، پيري، پيچ تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جن جي شروعات حرف ’پ‘ سان ٿئي ٿي.

اکين سو ئي اوڙڪئو، جو ڪنين سئوم ڳرَنُ
ماءُ منهنجو مَنُ، چام پسند هين پتئو

—

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان
ايءُ آگي جو احسان، جنهہ هادي ميڙيم ههڙو

سُر پرياتي مان تجنيسِ حرفي وارا بيت پيش آهن.

ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، ور وهاٽيءَ ووءِ
سپان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾

مٿين بيت جي پهرين سٽ ۾ ور، وهاٽي، ووءِ ۽ ٻي سٽ ۾ سپان ساز سندوءِ تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جن مان پهريان ’و‘ ۽ پويان ’س‘ سان شروع ٿين ٿا.

الانسان سري واناسره، ان پر اتائين
ڳُجهه ڳُجهاندر ڳالهيون، راز رکيائين... الخ

سُر ڪارايل مان تجنيسِ حرفي وارا بيت پيش آهن.

سَر سُڪي سال ٿيا، هنج هريوئي پير
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي انهيءَ رموز کي

هن بيت جي پهرين سٽ ۾ سَرَ، سُڪي، سال تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي ٽئي ’س‘ سان شروع ٿين ٿا.

سُر ڪارايل جو هڪ ٻيو بيت :

موران موتڻ ميهٽو نوٽي نانگ نہ ڪن
ڪارايل ڪارن ڪي، ڳاراڪئو ڳهن
وٿين وهہ پين، سِڪ سُرڪين نہ لهي

سُر ڏهر ۾ تجنيسِ حرفي وارا ڪيترائي بيت ملن ٿا.

لاڪا لڄ سندياءِ، اوڏ اگلي آهيان
پڪا سي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا

پهرين سٽ ۾ اوڏ، اگلي، آهيان ٽئي ’ا‘ سان شروع ٿين ٿا ۽ تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن. ساڳي سُر مان ہہ وڌيڪ مثال هن ريت آهن:

ريٻارڻ روئي، واڙيءَ وڏا وچڙا
سمورا سوئي، هٽي ساٽ هيڪلي

---

چٽي چيتاري، ڪونج ڪاڇي ڪنڌيين
سگر سو ساري، هئي جنهہ جي هيرئين

سُر سسئي آبري مان تجنيسِ حرفي جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

موتي مران مَ ماءُ ! موتڻ ڪان اڳي مران
لڇي لالن لاءِ، شال پنديس پير تي

بيت جي پهرين سٽ ۾ موتي، مران، مَ ماءُ، موتڻ ۽ ٻي سٽ ۾ لڇي، لالن، لاءِ تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جن ۾ پهرين سٽ وارا لفظ ’م‘ سان شروع ٿين ٿا. جڏهن ته ٻي سٽ ۾ لفظن جي شروعات ’ل‘ سان ٿيل آهي.

تجنيسِ حرفي سان سينگاريل آبري جو هڪ ٻيو بيت :

آڏر نڏر اپري، اسونهين آئون
چٽيا چور چنجن ۾، ٻَرَ ۾ ٻلائون
موٽ پنهون پاهون، متان محب مري وڃان

سُر معذوري مان تجنيسِ حرفي جا مثال ملاحظہ ٿين :

جيڪين چيس جيڏيين، سو نہ ڪئائين ڪَنِ
معذور مرڻ مِنِ، ڪيچين لئہ قبولئو

بيت جي ٻي سٽ ۾ معذور، مرڻ، مِن تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي ٽئي حرف ’م‘ سان شروع ٿين ٿا.

ساڳي سُر مان ٻيا مثال :

راتيان روئي رت ڦڙا، منڊ مرڪي ڏينهہ
اندر نعرو نينهہ، ٻاهر واهہ وڙن سين

—

رڃن ۾ رڙ تي، ڪَرَ ڪَڪي ڪونج
نعرو منجهہ نڪونج، ايءَ تان آهہ عشق جي

سُر ديسي مان تجنيسِ حرفي وارا بيت پيش ڪجن ٿا :

ڏاگهن ڏيرن ڏونگرن، ڏکن آنءُ ڏڏي
پچان پير پنهونءَ جو وڄها وک وڏي
لکي آنءُ لڏي، نا تہ پَٽن ڪير پنڌ ڪري

بيت جي پهرين سٽ ۾ ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن تجنيسِ حرفي وارا لفظ ’ڏ‘ سان شروع ٿين ٿا. ٻي سٽ ۾ پچان، پير، پنهونءَ ۽ وجها، وِڪَ، وڏي وارا لفظ آيل آهن جن مان پهريان ’پ‘ سان ۽ پويان حرف ’و‘سان شروع ٿين ٿا. اهڙي طرح هن بيت ۾ هڪ ئي وقت تجنيسِ حرفي جو استعمال ٿن هنڌن تي ڪيل آهي.

ساڳي سُر مان هڪ ٻيو مثال :

ور واراڪا وچ ۾، لکين آڏو لَڪَ
هوءِ جي آڏا حق، سي ڪندا ڪوهه ڪُنيءَ ڪي

سُر ڪوهياري ۾ تجنيسِ حرفي جا ڪيئي مثال ملن ٿا.

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين
من تن اندر تئن، جئن وڻ وڍي واڍو
اي ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري

بيت جي پهرين سٽ ۾ ڏاڍو، ڏاڍا، ڏاڍايون ٽئي لفظ ڪيڏا نہ وقتائتا ۽ با معنيٰ آهن جيڪي ٽئي حرف ’ڏ‘ سان شروع ٿين ٿا. ٻي سٽ ۾ وڻ، وڍي، واڍو تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي ’و‘ سان شروع ٿيل آهن.

ساڳي سُر مان ٻہ ٻيا مثال پيش ڪجن ٿا :

ڇپر پير ڇنام، آنءُ ڪنهہ ٻرِ هلان ڪيچ ڏي
ڏيرن ڏک ڏنام، ڪين ڏکويس ڏونگرين

---

اچو اچو چون، ’ويهہ‘ وٺا تہ گهورئا
سرتين سانگ سکن سان، مون جئن رت نہ رون
اوءِ مر وينيون هُون، مون سانگا تو سور ٿئا

سُر حسيني مان تجنيسِ حرفي جا مثال ملاحظہ ٿين :

مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نہ ڏين
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نہ تنوارين
هيڏا هاڃا ٿين، بري هن پنهور ۾

بيت جي پهرين سٽ ۾ هڪ ئي وقت تجنيسِ حرفي جا چار لفظ آيل آهن. سڏيندي، سڏڙا، ساٿي، سڏ. جيڪي سڀ ’س‘ حرف سان شروع ٿين ٿا.

سُر حسيني مان ٻيا مثال :

ويٺي مون وئو، لڙي سج لڪن تان
آئون ڏوريندي ڪيترو، پهڻن پير پئو
سورن ساڻ سِهو، اڃي ٿيم جيڏيون

—

لڱم ٻاڻ ٻروچ جو امڙ! پَل مَ مون
سڀ رنگيندِيس رت سين، ڪيچا اوري ٻون
مادر! مٿان مون، لڪن لوڏون لائيون

سُر راڻو مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش ڪجن ٿا :

ڪالهہ گڏيو سون ڪاپڙي، بابو بڪاري
سامي سيلو سِرَ تي، مالها موچاري
ڏيئي ڏڪاري، ڦٽي دل فقير وئو

بيت جي ٻي سٽ ۾ سامي، سيلو سر تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي ٽئي حرف ’س‘ سان شروع ٿين ٿا. سُر راڻو مان ٻيا مثال:

ويٺي ٻاريان ٻانگهہ سين، ڪوڙين اڄ قنديل
هَي هَي هنجون هاريان، منجهان سِڪ سبيل الخ

—

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو چوڏس چٽاٽو
منجهه هين ڪاڪ ڪڪورئي، منجهه هين لڏاٽو
راٽو ئي راٽو، راٽي ري ڪين ٻئو

سُر ليلا چنيسر مان تجنيسِ حرفي جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ميٽي تي موهجي، هاريا! ڳيڙ ۽ هار
ڪوڙين ڪيا ڪيترا، انهيءَ خر خوراڪ
پيري وئو پتار، آيئي ڏنءُ ڏهاڳ جو

مٿين بيت جي ٻي سٽ ۾ ڪوڙين، ڪيا، ڪيترا تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي حرف ’ڪ‘ سان شروع ٿين ٿا.

سُر ليلا چنيسر مان ٻيا مثال :

مٽيو وجهان مچ ۾، هائيءَ هٽان هار
پِري جي پتار، تہ ميريائي ماڻ لهان

---

الا! ڏاهي مَ ٿيان ! ڏاهيون ڏکَ ڏِسن
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪئا

---

سپئي سهاڳڻيون، سپني ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگهار
ڊول تنين جي ڊار، هيناهيون هلن جي

سُر ڪاموڏ مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش ڪجن ٿا.

ڪاج جنين جون ڪکيون، مال جنين جا مڏ
سمي سيئي سيڻ ڪئا، هيٺا جني هڏ
جام پرتئي لڏ، ساٿين جي سيد چئي

بيت جي ٻي سٽ ۾ سمي، سيئي، سيڻ تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن. جيڪي

ٽئي حرف ’س‘ سان شروع ٿين ٿا.

سُر ڪاموڏ مان ٻيا مثال :

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوَڙيون، منهه ميريون ميون
ڀاڪر پائي ڀن ڪي، پاٽي ۾ پيون
جي سام سمي ويهون، تن تان لٿو حرف حساب جو

ــــــ

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوَڙيون منهه نه موچاريون
وٺي ويٺيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون
اُني جون آريون، سمي ري ڪير سهي

سُر سورٺ مان تجنيسِ حرفي جا مثال هن ريت آهن :

ٻئا در ڏيئي ٻن ڪي، آيس تنهني دَرِ
سونهارا سورٺ وَرَ، ڪا منهنجي ڪَرِ
پلا پيري پِرِ، پالهو پنڊ پينار جو

بيت جي آخري سٽ ۾ تجنيسِ حرفي جا ٻه مثال پيش ڪيل آهن. اول پلا، پيري، پِرِ ۽ پوءِ پالهو پاند، پينار. پهريان لفظ حرف ’پ‘ سان ۽ پويان ٽي لفظ ’پ‘ سان شروع ٿين ٿا. سُر سورٺ مان ٻيا مثال:

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو واجو ولاتي
هنئي تند حضور ۾، تنهه پارس پيراتي .... الخ
مٿو مور نه پاڙيان، تنهنجي تند تنوار
سر ۾ سجڻ ناه ڪين، موٽُ مَ مڱڻهار
ڪينهين منجهه ڪپار، لڇيندو ٿو لاهيان

سُر ڪيڏارو مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش آهن :

هوڏاهہ هن هاڪارئو هيڏاهہ هي هٽن
سرنايون ۾ سنڌڙا، ٻنهي پار ٻرن
گهوٽن ۾ گهوڙن، رڻ ۾ لائون لڏيون

مٿين بيت جي پهرين سٽ ۾ هڪ ئي وقت تجنيسِ حرفي وارا ڇهہ لفظ آيل آهن. هوڏاهہ هن، هاڪارئو هيڏاهہ هي، هٽن. جيڪي سمورا حرف ’ھ‘ سان شروع ٿين ٿا. هي تجنيسِ حرفي جو عمدو مثال آهي. ٻيا مثال هن ريت آهن.

محرم موٽي آئيو آئيا تان نہ امام
مديني جا ڄام، مولا! مونکي ميڙيين

ڏنو محرم ماهہ سنڪو شهزادن ٿئو
مڪي مديني ماڙهين، رنو مٿي راهہ
تنهہ واحد ڪي واهہ جو حڪم هھڙائي ڪري

سُر رِپَ مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش ڪجن ٿا :

نہ مون سَوَڙ نہ گبرو، اتر اوتون ڏي
سيءُ سارينديون سي، جني نڌر نجهرا

بيت جي ٻي سٽ ۾ سيءُ، سارينديون، سي تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جن جي شروع ۾ حرف ’س‘ آيو آهي. ٻيا مثال :

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پيڱو آرس اکين
اُجهامئو ٻرن، توکي سارئو سپرين

سئو سُکن ساٽي ڏيئي، ورهہ وهايم هيڪڙو
مون کي تنهہ، نيئي پير ڏيکاريو پرين جو

سُر پورب مان تجنيسِ حرفي جا مثال :

نانگن ڪين نمائيو ناٿُ نمايو نينهہ

مڙهين اُنا مينهہ، جوڳيان سندي ذات کي

مٿين سٽ ۾ نمائيو ناٿ، نمايو نينهہ، تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جيڪي سمورا ’ن‘ سان شروع ٿين ٿا. سُر پورب مان ٻيا مثال:

نڪين نمن ناٿ کي، ناٿ نہ نمائين

جاتڙا ڪن نہ جوڳ کي، جوڳُ نہ جوهارين

آديسي آڏين، اهڃاڻيون الماس جون

---

جي تون چيلو چائيين، تان ٻرِ گروءَ جي پار

هوائون هينگلاج ڏي، ويندي سپ وسار

نانگا ناٿ نهار، سامي وڏي سڪ سين

سُر رامڪليءَ ۾ تجنيسِ حرفي جا تمام گهڻا مثال ملن ٿا. جن مان چند هيٺ پيش ڪجن ٿا :

ڪن قٿ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڪٽ

دونهان جن دکائيا، هلي مٿي هٿ

خاڪ جنين جي ڪٽ، هلو تڪيا پسون تن جا

مٿين بيت جي پهرين سٽ ۾ هڪ ئي وقت تجنيسِ حرفي وارا ڇهہ لفظ آندا ويا آهن. ڪن قٿ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڪٽ جيڪي سمورا حرف ’ڪ‘ سان شروع ٿين ٿا. ساڳي سُر مان ڪجهہ ٻيا مثال :

ڪن ڪپائي ڪاپڙي، جندا ٿيءُ جوان

ڪاهہ تہ لڳئي ڪانُ، نانگن هٿان نينهہ جو

---

ڪن قٿ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، لنگ لانگوٽيا لال

لاهوتي لطيف چئي، موهيا ڪنهہ نہ مال

ههڙا جني حال، هلو تڪيا پسون تن جا

---

اڄ نه اوطاقن ۾، سندي جوڳيان ذات
ڏينهان ڏورڻ ڏک سين، رئڻ سڄيائي رات
تَنِ جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي وئا

سُر آسا مان تجنيسِ حرفي جا مثال هن ريت آهن :

جئن جئن ڏمر ڪن، تئن تئن نشا نينهه جا
محبّت محبوبن، ماڻي مان معلوم ٿئي

بيت جي ٻي سٽ ۾ محبّت، محبوبن، ماڻي، مان، معلوم تجنيسِ حرفي وارا لفظ آهن جن جي شروعات حرف 'م' سان ٿئي ٿي. هيٺ ٻيا مثال ملاحظه ٿين :

ڪَرَ ڪي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٽيارو نڪري
اُيو جو اوناءِ، سِر پر سندي سڄڻين

---

مونکي ماءِ مجاج، پچاري جئن پچئو
هٿن ڇڏي هاڃ، ويئي سار سرير مان

---

جتي' آهه' نه 'ناهه' ڪا، ايءُ خاڪي جو خيال
جانب جو جمال، پسڻا پري ٿئو

سُر مارئي ۾ تجنيسِ حرفي جا ڪيترا ئي مثال موجود آهن، جن مان چند مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا :

اتان اوني آئيو، خبر ڪينءَ ڪري
ٻنهي پاسي ٻاجهه ٿي، پئه مَ منڌ مري
ويندينءَ ويڙ وري، ملير انئي مينهڙين

مٿين بيت جي پهرين سٽ ۾ اتان، اوني، آئيو ءِ ٽين سٽ ۾ ويندينءَ، ويڙ، وري،

تجنيسِ حرفي ورا لفظ آهن جن مان پهريان ٽي حرف ’ا‘ سان ۽ پويان ٽي حرف ’و‘ سان شروع ٿين ٿا.

سُر مارئيءَ مان ڪجهه ٻيا مثال :

پاڇاهي نه پاڙيان، سرتيون سُئيءَ ساڻ
ڏڪي اگهاڙن ڪي، ڪين ڏڪيائين پاڻ
ٻيهر ڄاپي ڄاڻ، اِبِرَ جي اوصاف ڪي

---

هن مند مارو سَنَرا، ڏنگر ڏار رهن
پاٽي پوچ پٽن ۾، پڪي پاند پيين
هِن ڪي لوهه لطيف چئي هوءِ ڪاٿڙ منجهه ڪلن
ڪاٿونبا ڪاڄن، مينهه وسندا موٺ تون

مٿين بيت جي ٻي سٽ ۾ پاٽي، پوچ، پٽن ۽ پڪي، پاند، پيين ڇهئي لفظ حرف ’پ‘ سان شروع ٿين ٿا.

سکو سپ سرتيون، سِپُن مُلا سِيرُ
ٻئو مٿائي مير، اپيون اَبرَ آسري

سُر سهڻي مان تجنيسِ حرفي جا مثال پيش ڪجن ٿا :

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ڇيلهه ٻڌي ڇوتو
منهنجو من ميهار ڪي، پار وڃي پهتو
گوتي ۾ گوتو، مونکي محب ميهار جو

مٿين بيت جي ٻي سٽ ۾ منهنجو من، ميهار ۽ ٽين سٽ ۾ مونکي، محب، ميهار ڇهئي لفظ حرف ’م‘ سان شروع ٿين ٿا.

دهشت دم درياهه ۾، جت هيبت هلاڇو
ورجي ويرين وچ ۾، ڪاڏي وئو ڪڇو

ساهڙ ڇام سچو ساٽي ٽيندم سير ۾

---

ڪارا ڪُن ڪاري تڳي، گرهڙ ڪن گڙڪا
مٿي مٿي مهراڻ جا، دوپارا دڙڪا
ويندي ساهڙ سامهان، جهول ڏنس جهڙڪا
اچي پيئي اتهين، جت سير سندا سڙڪا
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونهان ٽيڙس سير ۾

سُر سارنگ ۾ تجنيسِ حرفي جا انيڪ مثال ملن ٿا جن مان چند پيش ڪجن ٿا :

مون منجهيئي مينهہ، ڪوهہ ڪرينديس ڪڪرين
سرلو سارو ڏينهہ، مون پريان جو نہ لهي

مٿين بيت جي پهرين سٽ ۾ تجنيسِ حرفي جو ٻہ ڀيرا استعمال ٿيل آهي. اول مون، منجهيئي، مينهہ ۽ پوءِ ڪوهہ، ڪرينديس، ڪڪرين. جن مان پهريان لفظ حرف ’م‘ سان ۽ پويان حرف ’ڪ‘ سان شروع ٿين ٿا. وڌيڪ مثال هن ريت آهن :

پيہ پسايو پانهنجو، نظارو ناگاهہ
لٿو ڪٿ قلوب تان، ٿي ورونهڻ واهہ
اميدون ارواهہ، پيہ پسندي پنيون

---

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪديا برج سين
ساز، سارنگيون، سرندڙا، بجائيين برچنگ
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پدام تي
واهند ٿان وڄ ٿي، گڙيون ڏونهہ گنباٿ
ڪنديون ڪاهي ڪَس ڪريو وَڇون ڪريو واٿ

سنگهارن سک ٿئا، لٿي اڄ اساٿ
جهڙ ڦڙ ڏيئي جهاٿ، پُسائينديون پَٽيون

شاهه سائينءَ جي رسالي جو اڃان باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪبو تہ منجهس تجنيسِ حرفي جي سونهن سان سينگاريل وڏيڪ ڪيترائي بيت نظر ايندا. مون هن مختصر مقالي ۾ پڻائي جي فقط چند نمايان سُرن مان اوهان ڪي ان سونهن جا جهلڪا پَسايا آهن.

# سُر يمن ڪلياڻ ۾ علم ۽ عمل جو تصور

عام طور تي علم جي معنيٰ ڄاڻ، خبر يا معلومات ۽ عمل جو مطلب ڪاربند رهڻ يا ڪري ڏيکارڻ ورتو ويندو آهي. پر هتي علم ۽ عمل جا لفظ پنهنجي اندر منفرد معنيٰ رکن ٿا. علم مان مراد اهو علم آهي، جيڪو بندي کي خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿئي ۽ انسان کي زندگيءَ جي مقصد جي تڪميل جو ڏَسُ ڏئي. اهڙي طرح عمل مان مراد عبادت آهي. عبادت اهو عمل آهي جنهن سان انسان پنهنجي مالڪ ۽ خالق ڏانهن رجوع ٿئي ٿو ۽ ربّ جي ربوبيت جو پنهنجي عبديت واري عمل ذريعي اعتراف ڪري ٿو.

علم ۽ عمل جو هڪ ٻئي سان گهرو لاڳاپو آهي. علم کان سواءِ عمل اڌورو ۽ نامڪمل آهي. علم ۽ عمل وري محبت کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. محبّت هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو سيني عملن تي حاوي آهي. محبت جو ڪائنات سان ازلي انگ آهي جيڪو جيڪو تا ابد قائم رهندو. اهو ئي فطري جذبو هڪ طرف انسان جي شخصيت جي تعمير ۽ تڪميل ڪري ٿو ته ٻئي طرف مشيئتِ ايزديءَ مطابق زندگي گذارڻ ۾ مدد ڪري ٿو. مذهب انسان کي محبّت جي ترغيب ڏئي ٿو. دنيا ۾ جن انسانن جو نالو بيحد عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو، تن جي عظمت ۽ مقام جي پس منظر جو جائزو وٺبو ته اسانکي علم، عمل ۽ محبت وارا ٽئي عنصر ڪارفرما نظر ايندا.

هونئن ته شاهه صاحب جو سڄو رسالو علم ۽ عرفان جي کاڻ آهي. پر مون هتي فقط ’سُر يمن ڪلياڻ‘ مان علم ۽ عمل بابت شاهه سائين جي فلسفي جي روشنيءَ ۾ چند بيتن جو انتخاب ڪيو آهي.

لطيف سائين علم جي حصول کي تيسيتائين اهميت وارو نه ٿو سڏي،

جيسيتائين اهو علم، عمل جي صورت اختيار نہ ٿو ڪري. چيو ويندو آهي تہ ’پڙهيو آهي پر ڪڙهيو ڪونهي.‘ اُٺ ڪتابن جا پڙهڻ سان ڪو ماڻهو قابلِ تعظيم ڪونہ ليکبو جيسيتائين هن انهيءَ علم کي هيئين سان هنڊايو نہ آهي. جيڪو علم قلب جي ڪسُ لاهڻ جو باعث نہ بڻجي پوءِ پلي اهو ڪيڏو بہ وسيع چونہ هجي پر ان جي اصل ۾ ڪا اهميت ڪانہ آهي. بقول پٺائي گهوٽ اهو علم وڏيڪ خساري جو سبب بڻجي ٿو جو انسان ورق تہ گهڻا ورائي ڇڏي پر اهو علم سندس انسانيت ۽ نيڪيءَ جي راهہ ۾ ڪا رهنمائي ڪري نہ سگهي. هتي علم مان مراد سطحي، فروعي ۽ ظاهري علم آهي. لطيف سائين فرمايو :

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاڻان ڏوهہ چڙهن، جي ورق ورائن وترا

ظاهري ۽ دنياوي علم مان دنوي فائدا تہ حاصل ٿي سگهن ٿا پر زندگيءَ جو اصل مقصد جنهن لاءِ انسان کي تخليق ڪيو ويو پورو نہ ٿو ٿئي. علم اهو سُقلو آهي جيڪو پرينءَ تائين پُڄائڻ جي واٽ سونهائي. پرين کي پسڻ لاءِ اهڙن پنن پڙهڻ جي ضرورت آهي جيڪي انسان کي سندس مطلوب ۽ مقصود، ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ ڏانهن رجوع ڪن. دنيا ۾ عام طور دنيوي ۽ ظاهري علم ڏانهن رغبت وڏيڪ آهي، ان ڪري شاهہ صاحب اهڙن انسانن ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي فرمايو :

سا سِٽ نہ سارين، الف جنهن جي اڳَ ۾
ناحق نهارين، پنا ٻيا پرينءَ لئي

دنيا اهڙن انسانن کان صفا خالي ڪونہ ٿي وئي آهي، جيڪي زندگيءَ جو مقصد ئي وساري ويٺا هجن. اهڙا خدا جا بندا هن زمين تي هر دور ۾ موجود رهيا آهن، جن اشرف المخلوقات واري شرف جو حق ادا ڪيو ۽ حاڪم جي حڪمن جي پوئواري ڪئي. هنن الست بربڪم ۽ قالوبليٰ وارو قول ڪونہ وساريو ۽ الله سان پنهنجي لونءَ لڳائي. اهڙن انسانن جو ان محبوبِ حقيقي کان سواءِ ٻنهي

جهانن ۾ ڪو مقصود ڪونه هو ۽ ائين اهي سوڙهن پيچرن ۽ مشڪل امتحانن مان پار پئي وڃي پنهنجي مطلوب ۽ مقصود سان مليا. اهڙن انسانن ظاهري علم جي بجاءِ اٿي الف ( الله ) سان اوريو ۽ مقصد جا موتي حاصل ڪيا. لطيف سرڪار فرمايو :

سا سِٽ ساريائون، الف جنهن جي اَڳَ ۾
لامقصود في الدارين، ان پر اتائون
سگر سوناٺون، ٿئا رسيلا رحمان سين

سالڪن جي صحبت ۾ رهڻ وارن کي هميشه اها ئي تلقين ڪئي وئي آهي ته هو فقط پنهنجو ڌيان ان علم جي سرچشمي ڏانهن مرڪوز ڪن جيڪو جيڪو علمِ ڪُل آهي. اهو مرڪز الله پاڪ جي ذات آهي، جنهن جي اسانجي دلين تي حڪمراني آهي. سو جڏهن انسان ان علم ۽ حڪمت جي مخزن ڏانهن پنهنجو توجه مرڪوز ڪندو ۽ ان سان لونءَ لڳائيندو ته ٻين پنن پڙهڻ جي ڪيس ضرورت ئي درپيش ڪانه ايندي. ٻيا علم ازخود سندس سيني ۾ سمائجي ويندا. لاڪيٺي لطيف سچي سالڪ جي حيثيت ۾ اها ئي هدايت فرمائي آهي ته الله جي ياد سان اندر کي اُجاري اڇو ڪرِ، جيڪو خدا رسائيءَ جو بنيادي شرط آهي، ٻيا سڀ ورق وساري ڇڏ.

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا

جئن ته علم جو محور ۽ منبه ربّ پاڪ جي ذات ئي آهي ۽ دنيا جا سمورا علم انهيءَ جي سرچشمي مان ئي ڦٽي نڪتا آهن. انهن علمن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جاڻ جي ڪاڻ ڏانهن ئي رجوع ڪرڻو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪامل يقين، پختي ايمان ۽ بي لوث محبت وچان ان خالق ۽ مالڪ سان لونءَ لڳائبي ته پوءِ ڪوڙين ڪتابن پڙهڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانه رهندي. ڇالاءِ ته انهن ڪتابن وارو علم پڻ ان محور جي ئي مرحونِ منت آهي ۽ ان جو پرتوو پڻ. تنهنڪري اهڙي طالب

لاءِ فقط بسم الله ئي ڪافي آهي. لطيف ان خوبصورت خيال کي بيت جي مالها ۾ پوئي هن ريت پيش ڪري ٿو :

ڪوڙئين ڪتابن ۾، حرف مڙيو ئي هيڪ
جي تو نظر نيڪ، ته بسم الله ئي بس ٿي

ساڳي فلسفي سان ٺهڪندڙ هڪ ٻي بيت ۾ لطيف سائين فرمايو آهي :

تهڙا چاليها نه چاليهه، جهڙو پسڻ پرينءَ جو
ڪهڙي ڪاتب ڪرين، مٿي پنن پيهه
جي ورق ورائين ويهه، ته اکر اهوئي هڪڙو

عمل ذريعي انسان پنهنجي جذبن، اُمنگن عقيدن ۽ نظرين جو اظهار ڪري ٿو. جنت ۽ جهنم جو فلسفو پڻ عمل تي مدار رکي ٿو. بقول علامه اقبال :

عمل سي زندگي بنتي هي، جنت بهي جهنم بهي
يه خاڪي اپني فطرت مين، نه نوري هي نه ناري هي

انسان لاءِ عمل اهو ئي بهتر آهي، جنهن سان هو پنهنجي خلقڻهار کي راضي ڪري سگهي. ٻين لفظن ۾ عمل مان مراد عبادتِ الاهي آهي. عبادت جو معيار ڪهڙو هئڻ گهرجي! تَنهنجو ڏسُ ڏيندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته پنهنجي تنَ کي عبادت گاهه (مسجد) ۽ دل کي محبوب جو مَسڪن بڻائي چڏ ۽ پوءِ اَٺ ئي پهر انهيءَ پرينءَ جي پچار ڪندو رهه ۽ ان عمل جي ايتري ته مشق ڪر جو توکي اها هستي جيڪا پَسڻ کان پري هئي، تَنهنجو جلوو ڪائنات جي هر هڪ شيءِ ۾ نظر اچي. اها فنا في الله واري منزل آهي، جنهن لاءِ وڏي محنت ۽ مشقت، زهد يا تقويٰ جي ضرورت آهي. مذڪوره مفهوم کي لاڪيٽي لطيف هن بيت ۾ فرمايو آهي :

تَنُ ڪُڏي، مَنُ حجرو، ڪيم چاليها رکُ
ڪه نه پوڄيو پوڄين، اَنئي پهر الکُ
تان تون پاڻ پرکُ ! سڀ ڪه ڏانهن سامهم

پوءِ جڏهن انسان مسلسل عملي جدوجهد سان مَنَ جون سَڌون ماري، نفس

پليد تي قابض ٿي شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون منزلون اُڪري فنا واري منزل تي رَسي ٿو تہ پوءِ هر وقت سندس زبان تي حق تعاليٰ جو ذڪر رهي ٿو ۽ هو هڪ ساعت لاءِ بہ غافل نہ ٿو رهي، ۽ ’فاذ ڪروني اذڪرڪم‘ وارو عمل جاري رهي ٿو يعني ٻانهي جي سڏ ۾ مالڪ سڏ ڏئي ٿو. اهڙي انسان کي ربّ العالمين پنهنجن پيارن ٻانهن ۾ شامل ڪري ٿوڇڏي.

عاشقن الله جي، سدا وائي وات
فاذ ڪروني اذڪرڪم، تَنَ ۾ اها تاتِ
ان ڪان ڪانہ ساعت، سڄڻ ويل نہ وسري

عمل ۽ عبادت جي اعليٰ قدرن جي ترجماني ڪندي لاکيڻي لطيف نهايت خوبصورت خيال پيش ڪيا آهن. فرمائي ٿو تہ اي سالڪ ! جيڪڏهن الاهي عشق جي تابش توکي تنور وانگر تپائي ڇڏي تہ صبر جو دامن هٿان نہ ڇڏ. پر ان کي صبر ۽ شڪر جا چنڊا هڻي جهَڪو ڪرِ ۽ ادب واري واٽ وٺي انهيءَ محبت واري مٺي باهہ ۾ پچندو رهہ. پوءِ ايڪانت اختيار ڪري مراقبي ۾ عشق جي راهہ جون ڪٺن منزلون طيءِ ڪندو رهہ. هن سموري واردات کي هر خاص ۽ عام آڏو پڌرو نہ ڪر، متان لوڪ جي چوءِ پچوءِ تنهنجي وصال واري واٽ ۾ رخني جو سبب نہ بڻجي پوي.

جي تتو تن تنور جئن، تہ چنڊي سان چماءِ
آٽي آڳ ادب جي، ٻاري جان جلاءِ
برقئا اندر بازيون، پهجيون سڀ پچاءِ
لڇڻ لنون لطيف چي، پڌر هڏ مَ پاءِ
متان لوڪ لڪاءِ، وصالا وچ پئي

هاڻي جڏهن انسان عمل ذريعي پنهنجي ربّ کي ويجهو وڃي ٿئي ٿو تہ پوءِ سندس طبيعت جو رنگ ئي مٽجي وڃي ٿو منجهس تفڪّر ۽ تدّبر جون خوبيون اُڀري اچن ٿيون. صبر ۽ استقامت سندس شيوو بڻجي وڃن ٿا. درد ۽ سور سندس

ساٿي ٿي رهن ٿا. پوءِ هن جي زبان ۽ قلب تي فقط ذڪرِ الاهي جو ورد رهي ٿو ۽ ائين هو پنهنجي پرينءَ کي پَسندو رهي ٿو.

جن کي دور درد جو سبق سور پڙهن
فڪرَ ڦرهي هٿ ۾ ماٺ مطالعو ڪن
پنون سو پڙهن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ کي

# سُر ڪوهياريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سنيهو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ اهڙو وينجهار هو جنهن جو پورهيو ڪڏهن به پئي پراڻو نه ٿيندو. هن اهڙا ته هيرا ۽ موتي، پارس ۽ پکراج عالم کي آڇيا آهن، جن جو قدر ۽ قيمت، چمڪ ۽ دمڪ هر دور ۾ اڳي کان اڳري رهندي.

شاهه سائين لوڪ داستانن کي پنهنجي رسالي ۾ جاءِ ڏئي هميشه لاءِ اَمر ڪري ڇڏيو آهي. انهن داستانن جي ڪردارن ۾ سڀ کان وڌيڪ جنهن ڪردار کي پنهنجي ڪلام ۾ سمايو اٿس، سو سسئيءَ جو ڪردار آهي. جنهن کان لاڪيڻو لطيف ايتري قدر ته متاثر ٿيو جو سندس حالتن ۽ ڪيفيتن کي پورن پنجن سُرن ۾ پيش ڪيو اٿس.

سسئيءَ جي ڪردار کي منفرد ڪوٺيندي ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي پي ايڇ . ڊي ٿيسز ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“ ۾ لکي ٿي :

” دنيا جي شاعريءَ ۾ سسئيءَ جهڙا ڪردار تمام ٿورا آهن. البته خود سسئيءَ جو ڪردار سنڌيءَ کان سواءِ سرائڪي، پنجابي، بلوچي، راجستاني، ڪڇي، اردو، هندي ۽ فارسي شاعرن ڳايو آهي.“

ترتيب جي لحاظ کان ’سُر ڪوهياري‘ سسئيءَ وارن سُرن ۾ چوٿين نمبر تي آندل آهي. جيڪو جملي ڇهن داستانن ۽ نون واين تي مشتمل آهي. داستان پهرين ۾ 17، ٻي ۾15، ٽين ۾ 8، چوٿين ۾ 11، پنجين ۾ 12 ۽ ڇهين ۾ 13 بيت آهن. اهڙي طرح بيتن جو ڪُل تعداد 76 آهي. اهي انگ اکر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل رسالي ”شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام“ جلد 8 ۽ 9 مان ورتل آهن.

لفظ ’ڪوهيار‘ ڪوهه يعني جبل جي معنيٰ ۾ آيل آهي. هن سُر ۾ ان لاءِ ڏونگر جو لفظ گهڻو استعمال ڪيل آهي. اهي ڏونگر جيڪي سسئيءَ جي انهيءَ اٽانگي

سفر ۾ ڪيس آڏو آيا. ڏونگر لاءِ سسئيءَ جي ٻين سُرن ۾ ڪوهه، روهه، ڇپر، ٽڪر وغيره جا لفظ ڪم آندل آهن. هن سُر جو مُکُ موضوع اها غفلت ڀري ننڊ نياڳي آهي، جنهن سسئيءَ کي اهي ڏوٿ ڏينهن ڏيکاريا. هن سُر ۾ شاهه صاحب پڻ سسئيءَ کي انهيءَ غفلت واري عمل تي خوب ڇينڀ ڪئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر ڪوهياريءَ ۾ بيان ڪيل مُکُ موضوع متعلق لکي ٿو : ”غفلت واري ننڊ ۾ سمهڻ جي سسئيءَ تي ميار، هن سُر جو مُکُ موضوع آهي.“

جٿي جمود، موت جي مثال آهي ۽ تحرڪ زندگيءَ جي معنيٰ رکي ٿو، تٿي ننڊ موت جو دليل ۽ سُجاڳي زندگيءَ جي تعبير آهي. هي دنيا سعي ۽ عمل جي جاءِ آهي. هتي جيڪو لوچيندو سو ئي لهندو. ٻين لفظن ۾ لوچڻ، سوچڻ، ڳولهڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو نالو ئي زندگي آهي.

هونءَ ته پٽ ڏٺي پلاري جو گهٽو ئي ڪلام سجاڳيءَ جي سبق سان ڀريو پيو آهي، پر سندس سسئيءَ متعلق پنجن ئي سُرن ۾ اهو پيغام ڏنو ويو آهي ته مقصد جا موتي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۽ سجاڳيءَ جي سخت ضرورت آهي.

پيرِ ڏِگها ڪري ٻي اونو ٿي سمهي پوڻ واري عمل کي لطيف سائين ڪمينن جو ڪم سڏيو آهي. سسئي ٻه ته ٻي فڪر ٿي سمهي پئي هئي. پٽائي صاحب ساڻس مخاطب ٿي فرمائي ٿو ته اهو ڪمينن وارو ڪم تو ڪيئن ڪيو! پير ڊگها ڪري سوير ئي سمهي پئينءَ. تو هوتن ڪارڻ جاڳي رات اکين تي ڇونه ڪاٽي. اهڙين اڻاسين کي ته ننڊ واري غفلت جي نتيجي ۾ طعنا ۽ ملامتون ئي نصيب ٿينديون آهن. هاڻي جيڪي ننڊ جي ڪڙولن ۾ ڪڙجي وينديون سي پلا پنهونءَ کي ڪيئن پَسي سگهنديون!

اي ڪم ڪميڻين، جٿ ستينءَ پير ڊگها ڪري
ننڊران نماڻين کي، اوپالا اچن

ليٿينءَ ڪيئن لطيف چئي، ھاري ريءَ ھوتن
سي ڪيئن پنھون پسن، جن ڪي ننڊ نيرُ جو

لطيف سرڪار سسئيءَ ڪي مسلسل پنھنجي غفلت ۽ غلطيءَ جو احساس ڏياريندو ٿو اچي. فرمائي ٿو تہ سسئي! تو پاڻ سان وڏي جٺ ڪري ڇڏي جو پيرَ ڏگھا ڪري بي پرواھ ٿي بستري تي پئجي رھينءَ. توکي تہ دروازي لڳ اُيو ٿي ويھي پنھل جو انتظار ڪرڻ گھربو ھو. تنھنجي اندر ۾ اھو ڪتڪو بہ ھئڻ کپندو ھو تہ متان ڏيرن جي من ۾ مير ھجي. اُيي ٿي انتظار ڪرڻ سان شايد تون سندن ڪو پٽڪو ڪا سُر پُر، ڪو آواز ٻڌي وٺين ھا. ڪا مام پروڙي سگھين ھا. تون پلا پنھون جام جي ڪا سڄي سياءِ يا ويجھي مائٽياڻي تہ ڪونہ ھئينءَ. آخر تہ پنھل سان تنھنجو پاند اٽڪيو ھو جيڪو وڏ گھراڻي ۽ سردار جو پُٽ ھو. تنھنڪري تنھنجي اندر ڪي ھڪ اڻچاتل اونو ضرور ھئڻ کپندو ھو. پر اي بدنصيب! تو تہ پاڻ ڪي ننڊ جي حوالي ڪري پنھنجي لاءِ اڻ ڪُٿ درد خريد ڪيو.

وڏي جاڙ ڪياءِ، جئن سُتينءَ پير ڏگھا ڪري
دَرَ پَر اُييين دوست جي، تہ سُر ٻُر ھوند سُياءِ
اصل آري جام جِي، سڳي تون نہ سياءِ
پنھونءَ سين پيياءِ، تون اپاڳي ننڊرون ڪرين

سسئي ڪي جڏھن سندس غفلت جي سزا ملي ۽ مٿس تڪليفن جا پھاڙ ٽٽي پيا تہ ھوءَ ڏيھِن ڪي ڏسَ ڏيڻ لڳي. ھوءَ پنھنجي جيڏين، سرتين، سھيلين سان مخاطب ٿي ڪين چوڻ لڳي، جيڏيون! جيڪڏھن منھنجي مٿان ويساھ ڪيو تہ پنھنجن نيڻن ڪي ننڊ تي اصل نہ ھيرايو. چوتہ ويسرن ۽ بي خبرن جا سڄڻ غفلت واري ننڊ جو فائدو وٺي ھميشہ ھليا ويا. پوءِ وھاڻيءَ ويل لوڪ جا طعنا ۽ ٽُنڪا انھن بي لڄين ڪي سَھڻا پون ٿا. تنھنڪري ھميشہ سُجاڳُ رھو. جئن پرينءَ ڪي پَسي بہ سگھو ۽ لوڪ جي طعنن ڪان بچي بہ سگھو.

اصل اسارن جا، سُتي وَهَيا سيڻ
وهاڻيءَ جا ويڻ، ٿيون لوٺيون سهن لوڪ ۾

چوندا آهن تہ تِرَ جي گُٿي سَوَ چوٽون کائي! سسئي بہ تِرَ تان گُٿي هئي. سو هاڻي هن سرتين کي اهو ڏس پئي ڏنو تہ جيڏيون! ننڊ کي پنهنجو ويري تصوّر ڪجو. متان غفلت ۾ غلطان ٿي سمهي رهو ۽ پوءِ مون وانگر ويهي هَنجون هاريو. ڳوڙها ڳاڙيو ۽ وَيڙِ ۾ ويهي واڪا ڪيو. سُجاڳيءَ جي صورت ۾ ئي اوهان جو پرين اوهان کي حاصل ٿيندو.

ننڊ ويرياڻي هوءِ، جيڏيون جِمَ سمهو
مَچُڻِ مون جئن روءِ، ڪا واڪا ڪئو وَيڙِ ۾

لطيف سائين علامتن جي اوٽ عام انسان کي بہ سجاڳيءَ جو سبق ڏئي ٿو. سسئيءَ جي غفلت ۽ غلطيءَ واري عمل جو اظهار علامتي طور پيش ڪندي ساڻس مخاطب ٿئي ٿو. گويا ڪيس اڳواٽ ئي هوشيار ڪندي فرمائي ٿو. اي غافل! تون غفلت ڇڏي ڏي، اي بي لڄي! تون ڪٿي ننڊ جي گهوماٽن ۾ پنهنجو پيارو پنهل نہ وڃائي ويهي رهين. هو ڇپ ڇپات ۾ نڪري وڃي پنهنجي منزل تي رسي ۽ تون گهٽو پوئتي رهجي وڃي. پوءِ ويني وٽن ۾ واڪا ڪرين. يعنيٰ توکي غفلت سبب مصيبتن جا پهاڙ جهاڳڻا پون.

غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪئن اٿاسي اوجهَرين
هوءِ ڇُپَاتا ڇڙهي وئا، وڃي پهتا توڙ
نيٺين ننڊ اُ ڪوڙ، جَمَ وٽن ۾ واڪا ڪرين

دراصل ان علامت جي اوٽ لطيف سائين عام انسان کي آگاهہ ٿو ڪري تہ مقصد ماڻڻ لاءِ سجاڳيءَ جي سخت ضروت آهي. تنهن ڪري تون غفلت ۾ غلطان ٿي پاڻ کي مصيبتن جي مَچَ ۾ نہ ڦٿو ڪر. ورنہ توکي پشيمانيءَ جا هٿ مهٽڻا پوندا.

انسان جا بہ ويرا آهن. ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن. سسئيءَ کي بہ

جڏهن دردن تپايو پئي تہ ان وقت ڪانئس پنهنجي ڪوتاهي وسري ٿي ويئي. پوءِ پرپٺ پنهونءَ کي پئي ميارون ڏنائين.

ڏونگر ڏوراپو پهرين چونديس پرينءَ کي
پهڻن پير پٿون ڪيا، تريون ڇنيون تو
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو، مونسين جبل ٿو جاڙون ڪري

هونءَ تہ سسئيءَ ڏوراپو ڪنهن حد تائين نهي بہ پيو ڇوتہ پنهل کيس غفلت جي ننڊ ۾ ستل ڇڏي پائرن سان روهہ ڏانهن راهي ٿيو. پر انهيءَ ڏوراپي جي تہ نوبت ئي نہ اچي ها جيڪڏهن هوءَ اکين کي اوجاڳو ڏيئي پنهونءَ جو سيج تي جاڳي انتظار ڪري ها. ٻين لفظن ۾ تہ اهو سسئيءَ جي پنهنجي ئي سُستيءَ ۽ غفلت جو نتيجو هو جنهن کيس پهاڙن جي اٽانگن پيچرن تي پنڌ ڪرڻ تي مجبور ڪيو. سندس پير پٿون ٿيا. تريون ڇلجي پيون ۽ لَتا ليڙون ٿيا. چنڊ جهڙو چهرو ڪومائجي ويو.

سسئي جڏهن ڪيچين کي ڪچو ٿي ڪيو تہ لطيف سرڪار ان گهڙي کيس وري بہ پنهنجي غفلت ۽ ڪوتاهي ياد ڏياري ۽ چيو تہ مئن وانگر سوبلي ئي مُنهن ويڙهي سمهين تہ پاڻ رهينءَ. پنهنجي اکين کي اوجاڳي تي هيرائين ها تہ هر گز توکي هي ڏينهن ڏسڻا ڪونہ پون ها. هاڻي هٿ وڍيءَ کي وساري ڪيچين کي ڳچو پئي ڪرين! هاڻي تہ توکي ايڏي غفلت ۽ غلطيءَ جو ازالو ڪرڻو ئي پوندو.

منهن ويڙهي مئن جئن، سُتينءَ سنجهي ئي
اوجاڳو اکين کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئي
هٿان تو پيئي، ٿي ڳچو ڪيچين کي ڪرين

سُر ڪوهياريءَ ۾ لطيف سائين انسان کي سسئيءَ جي ان صبر آزما ۽ عبرت انگيز سانحي مان سُجاڳي جو سبق سکڻ جي هن ريت هدايت فرمائي ٿو :

جيڪي سسئيءَ وانگر نرم بسترن تي پير ڊگها ڪري سوبل ئي سمهي

رهنديون، انهن جو سپرين ائين ساٿ ڇڏي هليو ويندو. جئن پنهل ڄام، سسئيءَ کي سيج ۾ سُتجي ڇڏي هليو ويو.

جڏهن سُتيون جي، پٽر پير ڏکها ڪري
تڏهن تنين کي، ساٿ سُتي ئي ڇڏيو

لطيف سرڪار ان رات جي اهميت متعلق سسئيءَ کي سُڌِ ڏيندي چوي ٿو تہ توکي ڪپندو هو تہ اها رات مهمانن سان گڏ ويهي گذارين ها. پر تو تہ اها رات اکين تي ڪاٽڻ بجاءِ غفلت ڀري ننڊ ۾ گذاري. تڏهن تہ توکي ان غفلت جي نتيجي ۾ اهي ڏوٿ ڏينهن ڏسڻا پيا.

ليل نہ جاڳين لک سين، ڪُلي نومُ ڪئاءِ
قُم تي پهچ قريب کي، اِجلس تو نہ جُڳاءِ
مُني مهمانن سين، ويهي رات وِهاءِ
جيلاهہ ننڊ نئاءِ، تي روز روئين ٿي راهہ کي

ساڳي ئي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي.

ليل نہ جاڳينءَ لک سين، سُتينءَ رات سڄي
هتان هوتاڻين جيون، ويون خُرزينُون ڪڄي
پوري تو پڄي، سَبَبِ ڪنهہ ساٿ مِڙين

آخر هڪ مرحلي تي سسئيءَ کي پنهنجين ڪمين ۽ ڪوتاهين جو شدت سان احساس ٿيو. هاڻي هوءَ بي حد شرمسار هئي. پر هن همت ڪونہ هاري. همت ۽ حوصلي جي پيڪر هيءَ نحيف نماڻي عورت وِيرئون وير وَڏ هئي. اڳتي وڏندي رهي. هن کي هاڻي اهو بہ احساس ٿيڻ لڳو هو تہ پنهل ڄام سان پلا سندس حجت جي واٽ ڪهڙي! هن تہ پاڻ کي جهڙي تهڙي پائين ٻاروچن جي ٻانهي سڏائڻ ۾ فخر محسوس پئي ڪيو. پاڻ کي هيچ ۽ نيچ سڏيو. جانب جي تہ جُتيءَ مَٿُ بہ پاڻ کي ڪونہ پانيو. پلا جنهن محبوب سان اَزلَ جو انگ هجي، ان کي ڪو وساري بہ سگهجي ٿو ڇا!

جيهي جي تيهي، تہ بہ ٻانهي ٻاروچن جي
حجت هوت پنهونءَ سان، مون ڪميڻيءَ ڪيهي
هو جا پائن پير ۾، تنهن جُتيءَ نہ جيهي
وِساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان

## مددي ڪتاب


- شاهہ جو رسالو ـ شاهہ جو ڪلام (جلد 8_9) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
- شاهہ جو رسالو مرتب: غلام محمد شهواڻي
- شاهہ جي شاعري ۾ عورت جو روپ ڊاڪٽر فهمده حسين
- لطيف جو پيغام ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي
- عرفانِ لطيف ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# تشبيهن جي سونهن

تشبيهه مان مراد آهي هڪ شيءِ جي ٻي شيءِ سان سندس ڳڻن ۽ اوڳڻن ۾ هڪ جهڙائي ڏيکارڻ. پوءِ اهي ڳڻ يا اَوڳڻ ڪهڙي بہ نوعيت جا هجن. مثلاً قد بت، شڪل شباهت، رنگ ڍنگ، عادات اطوار وغيره وغيره. سولن لفظن ۾ ٻن اسمن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪرڻ کي تشبيهه چئبو. ڪنهن بہ سڌريل ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ تشبيهه جو استعمال عام هوندو آهي. ڪٿي چئجي تہ تشبيهون ادبي ٻوليءَ جي جان هونديون آهن. پنهنجو مطلب ۽ مفهوم سمجهائڻ لاءِ بہ تشبيهن جو سهارو وٺڻ ضروري هوندو آهي. اسان جي سنڌي زبان تشبيهن جي دولت سان مالا مال آهي.

لطيف سائين جي رسالي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان جا سمورا سُرَ تشبيهن سان ٽمٽار آهن. تشبيهون بہ اهڙيون تہ موزن مناسب ۽ موقعي مهل توڙي مفهوم جي لحاظ کان آنديون ويون آهن جو پڙهندڙ حيران ٿي وڃي ٿو ۽ لطيف سائين جي مشاهدي کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. هتي رسالي جي ڪجهہ سُرن مان خوبصورت تشبيهن جا مثال پيش ڪجن ٿا. جنهن مان لاڪيٽي لطيف جي فن، فڪر ۽ مشاهدي جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سُر يمن ڪلياڻ جو هڪ بيت آهي.

ڪاتب لکن جيئن، لايو لام الف سين
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾

لام ( ل ) کي الف ( ا ) سان ملائڻ جون بہ صورتون آهن. هڪ ’لا‘ ۽ ٻي ’لا‘. لطيف سائين لام کي الف سان ملائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري. هتي پهرين شڪل ۾ لام ۽ الف ڌار بيٺا آهن. يا انهن کي ڌار ڪري سگهجي ٿو. جڏهن تہ ٻي شڪل ۾ لام ۽ الف اهڙي صورت اختيار ڪئي آهي جو انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ئي نہ ٿو سگهجي. جي انهن کي ڌار ڪبو تہ انهن جي شڪل ئي بگڙي ويندي. لاڪيٽي

لطيف محبوب جي عاشق جي روح ۾ رچي وڃڻ واري تشبيهہ ان ڪاتب جي لام الف واري ڳانڍاپي سان ڏني آهي. جنهن مان سندس فڪر جي بلنديءَ جو پتو پوي ٿو.

سهڻي ڪي ميهار جي محبّت ماري وڌو هو. ويتر وڇوي جي واءُ تہ سندس حواس ئي خطا ڪري ڇڏيا هئا. ميهار سان ملاقات کي بہ مدت گذري چڪي هئس، تنهن ڪري سخت پريشان هئي. لطيف سرڪار کي سندس انهيءَ آنڌ مانڌ جو بخوبي احساس هيو. جنهن جو اظهار بيت جي هيٺين سٽن ۾ ڪيائين.

ڏني ڏينهن ٽئام، کهہ جاڻان کهڙا پرين
ولين جئن وريام، گندر غم پرين جا

سهڻيءَ کي پرين جي غم ۾ گوندر گهيري ويا هئا، جنهن جي تشبيهہ لطيف سائين کهڙي نہ خوبصورت انداز ۾ ڏني آهي. جئن وليون وڻن ۾ ويرم ئي نہ ڪنديون آهن. وڻ ويڙهيءَ جو ئي مثال ونجي تہ اها ولِ ڪيترو نہ تيز رفتاريءَ سان وڻن کي وڪوڙي ونندي آهي. سهڻيءَ کي غمن گوندرن ائين وڪوڙي ڇڏيو هو.

سهڻيءَ جي سيني ۾ ميهار جي محبّت جي ميخ اٽڪيل هئي. ميهار سندس من موهي وڌو هو. جئن هن پارس بڻجي سهڻيءَ کي سون بڻائي ڇڏيو هجي. هوءَ ميهار جي اهڙي محبّت لاءِ ڪيتري ٿورائتي آهي. سندس دل جي ترجماني ڪندي لطيف سرڪار خوبصورت تشبيهون ڏئي ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. ان پلي جي پالن جي پهرين تشبيهہ سانوڻ ۾ درياءَ جي انهن لهرين سان ڏئي ٿو جن کي شمار ڪري ئي نہ ٿو سگهجي. ٻي تشبيهہ ٿر جي واريءَ جي ذرن سان ڏني اٿس جيڪي پڻ اڻ ڪٿ آهن. ٽين تشبيهہ تِرِ وارن سان ڏئي ٿو جن کي ڳڻي سگهڻ مشڪل ۾ محال آهي. پر سهڻي، ميهار جا انهن کان بہ وڌيڪ ٿورا ٿي ڀائئين. لطيف سائين فرمايو :

سانوڻ لهريون، ٿر واري، تِرِ وار
انهائي اَپارَ، مون سين پلي پال ڪئا

سسئي ۽ پنهونءَ جو ٻہ مثالي عشق هو. پنهون جڏهن سسئيءَ کان ڌار ڪيو ويو تہ هي نماڻي نار مشڪلاتن هيٺ اچي ويئي. انهن تڪليفن سان منهن مقابل ٿي جيڪي عورت ذات جي اُڪارڻ کان ئي مٿي هيون. لطيف سرڪار سسئيءَ جي سورن کان بي خبر ڪونہ هو. بلڪ هن ان موقعي تي سندس همت وڌائڻ لاءِ ساڻس مخاطب ٿي چيو:

متان مُئي ! چڙهين، پريتڙو پاڻا
ڇاپن جئن ڇاڻا، تون پڻ هوئج تن جيئن

يعني سسئي متان گهبرائجي انهيءَ پريت جي پيچ کي چُني ڇڏين. بلڪ تنهنجو پنهونءَ سان اهڙن جاڙن جهڙو ڳانڍاپو هئڻ گهرجي، جيڪي هڪ ٻئي سان ٻٺُ هوندا آهن ۽ هڪ ٻئي تان جان نڇاور ڪندا آهن. پريت جي پيچ جي جاڙن ٻارن جي هڪ ٻئي سان محبّت سان تشبيهہ ڪيڏي نہ خوبصورت لڳي ٿي. لفظ 'ڇاڻا' جاڙن جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي.

سسئيءَ جو ٻہ اچي پربت پهاڙن سان واسطو پيو هو. اڻانگا ۽ اڻ سنوان پٿريلا رستا، جن سندس پير پٿون ڪري ڇڏيا هئا، پر هيءَ عورت ذات ڪري ٻہ ڇا پئي سگهي! انهن سمورين صعوبتن کي تقدير جو ليک سمجهي پئي وکَ وڌائي. هوءَ ڏونگر کي ڏوراپو پئي ڏئي تہ تو مونسان وڏيون ڏاڍايون ڪيون آهن. لطيف سائين سندس اندر جي ڪيفيت کي سُرُ ڪوهياري جي بيت ۾ هن ريت سمايو آهي.

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايون ڪرين
مون تَنَ اندر تئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو
ايءُ ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري

بيت جي ٻي سٽ ۾ لاڪيڻو لطيف سسئيءَ جي مٿان جيڪي مصيبتن جا پهاڙ ڪريا پئي ۽ انهن سندس اندر ۾ جيڪي وڍَ ٿي وڌا تن جي تشبيهہ واڍي جي وڻ وڍڻ واري عمل سان ڏئي ڪمال ڪيو آهي.

سُر حسيني ۾ پڻ خوبصورت تمثيلن وارا بيت ملن ٿا. هڪ بيت ملاحظہ ٿئي

:

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساڃن وسري
تہ مَرُ لڳي لوهَہ، ٿر ٻا ٻيهو ٿي مران

سسئي پنهنجو پنهل هڪ ساعت لاءِ بہ وسارڻ کي اذيت ناڪ موت برابر سمجهي ٿي. اهڙي موت جي تشبيهہ ’لوهَ‘ ۾ ٿر ٻاٻيهي جي موت سان ڏئي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ ٿر ۾ وسڪارو نہ ٿيڻ واري ٽوٽ سوڪَ واري مند ۾ جڏهن سخت گرم جهولي وگهي ڪانءَ جي پئي اَڪِ نڪرندي آهي تہ اهڙي ماحول ۾ ٿر جو هڪ ننڍڙو پکي ٻا ٻيهو خشڪي ۽ پياس وگهي نهايت درد ڀرئي آواز ۾ مسلسل دانهيندي پَٽَ تي ڪري پنهنجي جان ڏيندو آهي. اهڙي خوبصورت تشبيهہ ڏيڻ سان شاهہ سائين جي باريڪ بينيءَ واري مشاهدي ۽ مطالعي جو پتو پوي ٿو.

سسئيءَ بابت ساڳي سُرَ ۾ هڪ ٻيو تمثيلي بيت آيل آهي جنهن ۾ سسئي پنهنجي اڀري، ڪمزور ۽ معصوم هجڻ جو اعتراف ڪندي انهن سورن ۽ سختين سان مخاطب ٿي چوي ٿي تہ مونکي ايڏو نہ ستايو مان اڳ ۾ ئي نحيف، نٻل ۽ ڪمزور آهيان. لطيف سائين سسئيءَ جي اهڙن ڳرن ڏکن جن سندس جيءَ کي جهوري وڌو آهي، جي تمثيل پاڻيءَ ۾ لوڻ سان ڏني آهي. يعني جئن لوڻ پاڻي ۾ وجهڻ سان پنهنجي وجود وڃائي ويهندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ڳري ويندو آهي، ائين سسئيءَ جي جندڙيءَ کي ڏکن ڳاري ڇڏيو آهي. بيت جون سٽون هن ريت آهن :

سورَ ! مَ ڏي ڏوڙ، آنءُ آهيان اڳهين ڪانهري
جا ڀِرِ پاڻيءَ لوڻ، سا ڀِرِ منهنجي جندڙي

مومل ۽ راڻي جي بہ مثالي محبّت هئي. مومل جو راڻي کان سواءِ روح ريڌو ئي ڪونہ ٿي. هوءَ هر وقت سندس لاءِ منتظر هوندي هئي. تيل قليل جا ڏيئا ٻاري ٻانگن تائين اوسيئڙي ۾ رهندي هئي. لطيف سائين کي سندس انهيءَ تڙپ ۽ بيقراريءَ جو بخوبي احساس هو تنهن ڪري هن مومل جي ان بيقراريءَ ۽ راڻي سان سندس روح جي ٻنڌڻ جي تمثيل ان ٻيڙيءَ سان ڏني آهي، جنهن کي ڪناري تي

لنگرانداز ڪري ڪِيرن سان جڪڙي مضبوط ڪيو ويندو آهي. مومل جو روح راڻي وٽِ ائين سوگهو هو. هاڻي هن ويهڻ وِهُ مثل ٿي پائيو تنهن ڪري هر وقت ويٺي نير وهايائين. لطيف سائين مٿين روداد کي بيت جي سٽن ۾ هيئن بيان ڪيو آهي :

راڻي سندو روح ۾، پسوا! پڳهه پئوم
پيڙيءَ جئن پڌي وئو، سڌو ساهه سندوم
ويهڻ وِهُ ٿئوم، جاڳيو ٿي جر هاريان

مارئي لطيف سائين جو لاثاني ۽ لافاني ڪردار آهي جنهن جو محور ۽ مرڪز ساڻيهه جي سِڪَ آهي. وطن، جنهن لاءِ پناهي صاحب فرمايو ’ حيف تنين تي هوءِ، وطن جن وساريو‘. ڌرتيءَ سان انسان جو ازلي ۽ ابدي رشتو آهي. عمر جي قهري ڪوٽ ۾ مارئي وطن واسين کي هر ساعت پئي ساريو. اتان جي گولاڙن ۽ گاهن کي ياد پئي ڪيو. سندس بُتُ بند ۾ هيو باقي ساهه پساهه مارن وٽ هو. هينين بيت ۾ پلاري پٽ ڏٺي مارئي جي محبّت جو مثال سِبڻَ واري سئيءَ سان ڏئي ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. سئي جيڪا بظاهر اسان جي آڏو هڪ معمولي ۽ ننڍڙي شيءِ آهي، ان جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪري پڙهندڙ جون اکيون کولي ڇڏيون آهن. جنهن مان لطيف سائين جي باريڪ نگاهي جو پتو پوي ٿو. مارئيءَ جو ساهه مارن سان سنهي سُئيءَ واري توپي وانگر ڳنڍيل آهي.

سنهي سُئيءَ سبيو، مون مارن سين ساهه
ويٺي ساريان سومرا! گولاڙا ۽ گاهه
هينئون منهنجو هِت ٿئو، هُتِ مٿي ۽ ماهه
پَکَنِ منجهه پَساهُ، قالب آهي ڪوٽَ ۾

سُر مارئيءَ جي هڪ بيت ۾ شاهه صاحب هڪ ئي وقت ٻه تشبيهون ڏنيون آهن. بيت ملاحظہ ٿئي :

جَرَ ۾ سپون جيئن، آهن اَبَرَ آسري
جيئن ڪونجون سارين روه کي، مون تن اندر تيئن
هُتِ واعدا وچڻ جا، هِتِ نہ پانئيم هيئن
ڪوٺي ويهان ڪيئن ! جي نظر بندياڻي نہ هئان

بيت جي پهرين سِٽَ ۾ سانگين جي سڪ جو مثال سمنڊ واري سِپَ سان ڏنو ويو آهي، جيڪا مهر پرئي مِينهن جي ڦڙي لاءِ آسائتي هوندي آهي ۽ سمنڊ جي سطح تي اچي ان جو انتظار ڪندي آهي. ٻي سِٽَ ۾ وري جئين وَلرَ کان وڇڙيل ڪونج پنهنجي روه کي ساريندي آهي، مارئيءَ جي منَ ۾ مارن لاءِ بہ اهڙي سِڪَ ۽ آنڌ مانڌ آهي.

ساڳي سُر ۾ هڪ نهايت خوبصورت تمثيلي بيت ملي ٿو. جنهن ۾ لطيف سائين مارئيءَ جو پنهنجي مارن سان من جي ڳانڍاپي جو مثال ڳنڍير ۾ ڳنڍيين سان ڏنو آهي. يعني جيئن ڳنڍير جون ڳنڍيون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل يا جڙيل هونديون آهن، تيئن مارئي جو من مارو‍ئڙن سان جُڙيل آهي.

جئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تئن مون منُ مارو‍ئڙن سين
سي مارو‍ئڙا ٿرِ ٿيا، جي ڳٽن جا ڳهير
تنن رِيءَ همير! گهنگهر گهاريا ڏينهڙا

نوري پنهنجي صورت توڙي سيرت ۾ سيني وصفين سهڻي هئي. ان ڪري ئي هن پنهنجي نياز توڙي ناز سان ڄام تماچيءَ جي جيءَ ۾ جايون جوڙيون. مُنهن مهانڊي ۾ هوءَ مهاڻي تہ لڳي ئي ڪانہ ٿي. وري هن جو منڊ ڪان ئي رنگ ڍنگ شاهاڻو هو. تنهن ڪري هوءَ ڄامَ وٽ بہ پٽَ راڻي ٻڻجي ويئي. لطيف سرڪار نوريءَ جي ان حيثيت جي تشبيهہ سرندڙي جي وچ واري سَڳي يا تار سان ڏني آهي. جڏهن تہ سُرندي ۾ پاسن کان ٻيون بہ تارون هونديون آهن، پر وچ واري تار جي اهميت ئي اور هوندي آهي، جو وچين سڳي سورڻ سان ئي ساز جو سُرُ جُڙندو آهي. شاهہ سائين جي سُر ڪاموڏ مان هيٺيون بيت ملاحظہ ٿئي :

هٿين پيرين ارڪٽي، مُنهن نہ مهاٽي
جيئن سَڳو منجهہ سرندي، تيئن راٽين ۾ راٽي
اصل هئي ان ڪي، اهل جاماٽي
سمي سجاٽي، پيڙو ٻَڏس ٻانهہ ۾

ظاهري توڙي باطني معنيٰ جي لحاظ کان سُر سارنگ لطيف سرڪار جو شاهڪار سُر آهي. جنهن ۾ ٻين انيڪ خوبين سان گڏ خوبصورت منظر ڪشي ۽ تشبيهات جو رنگ جا بجا نظر اچي ٿو. جيئن هن بيت ۾ ڏسو تہ شاهہ صاحب ڪيئن مِينهن ڪي نِينهن سان مشابهت ڏئي ڪمال ڪيو آهي.

مِينهان ۽ نِينهان، ٻئي اکر هيڪڙي
جي وسڻ جا وَس ڪري، تہ ڪڪر ڪن ڪيهان
بادل ٿي بيهان، جي آگمُ اچڻ جا ڪري

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مِينهن ۽ نِينهن جي تمثيل کي هن ريت سمجهايو آهي :

”مِينهان، مينهن جو جمع ۽ نِينهان، نينهہ جو جمع آهي. مينهن ۽ نينهن ائين برابر آهن جو ٻنهي جي اچڻ جي ڪا مند ڪانهي. ٻئي جڏهن اچن تہ اچي وڃن. جڏهن وَسي تڏهن وَس. نِينهن بہ جڏهن لڳي تہ لڳي وڃي. وسڪاري کان اڳُ ڪڪر جُڙي ڪينهان ڪندا آهن، جيڪي وسڻ جا آثار هوندا آهن.“

سُر رِپَ جي هينين بيت ۾ لطيف سائين محبوب جي وڇوڙي جي ڪيفيت لاءِ ڪيڏي نہ خوبصورت تشبيهہ ڏني آهي :

اُتي جنءَ مورن، اويڙِ ولهارن ۾
سا پِرِ گوندر ڪن، جهہ ڦوڙائو سڄٽين

يعني جيئن هيناهينءَ يا نشيب واري علائقي ۾ مِينهن وسڻ سان ايڙِ ايري پوندي آهي، گل گاهہ ٻوٽا ڦٽي پوندا، ائين ئي محبوب جي وڇوڙي ۾ عاشق جي اندر

۾ غمن ۽ گوندرن جا گونچ ڦٽي پوندا آهن. فراق جو غم عاشق جي اندر کي گهائي رکندو آهي.

ساڳي ئي سُر ۾ شاهه سائين جو هڪ ٻيو بيت ملي ٿو جيڪو تشبيهه جي حوالي سان شاهڪار بيت آهي. فرمائي ٿو :

ٻُرهَ ۾ ٻڃهو روءِ، پڌر وِجهه مَ پرينءَ ري
سورن سيڙُ هوءِ، هِيڙا ڪُمَ ڪڻن ۾

هتي لطيف سائين عاشق کي تنبيهه ٿو ڪري تہ دکن دردن جي روداد پرينءَ کان علاوه ڪنهن ٻي آڏو پيش نہ ڪر، بلڪ اڪيلائيءَ ۾ پاڻ سان سورَ وينو سَلِ ۽ پاڻ منجهہ سورن سانڍڻ جي سگهہ پيدا ڪر. اهي سور تو وٽ ايترا تہ ڪنا ٿي وڃن جو تون انهن سان پرچي وڃي. انهن سورن جي شمار جي تشبيهہ پٽ ڏٽي ڪُمن جي ڪڻن سان ڏئي ٿو. ڪُمُ ڍنڍن ۽ تلائن ۾ اُپرندڙ ٻوٽي جي وَلِ جي گول گُبي کي چئبو آهي جنهن ۾ گهاٽا سنهڙا ڪنا ڳوڙهو ٿيل هوندا آهن.

مٿين تشبيهہ تي غور ڪجي ٿو تہ لطيف سائينءَ جي باريڪ بينيءَ وري اڪِ کي داد ڏيڻو پوي ٿو. هن پاڻيءَ جي تري ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ عام ۽ بظاهر خسيس شيءِ کي دردن جي ڳاڻيٽي سان تشبيهہ ڏئي عامَ جي توجہ جو مرڪز بڻائي ڇڏيو.

سُر رِپَ جو ئي هڪ بيت پيش ڪجي ٿو جيڪو پنهنجي اندر تشبيهہ جي لحاظ کان وڏي معنيٰ رکي ٿو.

چيتاريان چُڻڪن، وساريان نہ وسرن
ويرون تار ڏکن، سجڻ پڳي هڏ جئن

شاهہ سائين عاشق جي پيڙا جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ هو جئن جئن پرينءَ کي ياد ٿو ڪري تئن تئن سندس سيني ۾ نوان نوان درد اُتپن ٿين ٿا. وسارڻ تہ سندس وَسَ ۾ ئي نہ آهي. انهن سورن جي اُپرڻ جو مثال ويرون تار پاڻيءَ سان ڏئي ٿو معنيٰ تمام گهڻو ستائيندڙ درد. ان درد جي تشبيهہ لطيف سرڪار پڳل هَڏ سان

ڏئي ٿو. يعني جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪو هڏ ڀڄي پوي ته ان ۾ مسلسل درد رهندو آهي. عاشق جي اندر کي به هر ساعت ائين درد ستائيندو رهي ٿو.

لطيف جي تشبيهن جو به جواب ناهي. هو پرينءَ جي حسن و جمال، نفاست ۽ نزاڪت جي تشبيهه خوبصورت گلن ٻوٽن ۽ سهڻن رنگن واري پٽ پٽ پريل ريشمي گڄَ سان ڏئي ٿو. اهڙي پرينءَ کي وساري ويهڻ عاشق جي وَس ۾ ناهي، ڇو ته محبوب سندس مَنَ ۾ ديرو دمايو آهي. سُر رِپَ جو هيٺيون بيت ڏسو :

گوني ۽ گُوني، پرين پٽائين گڄَ جئن
جي منجهوني، سي ڪيئن وڃن وسري

پرينءَ جي ياد دل مان وساري ويهڻ مشڪل ۽ محال آهي. عاشق جي دل ته محبوب جي ياد سان ئي آباد هوندي آهي. لطيف سائين طالب ۽مطلوب جي روح جي ڳانڍاپي جي تمثيل کوهي نار سان ڏئي ٿو. فرمائي ٿو ته جهڙي ريت ڪچي کوهيءَ تي چڙهيل نار مان واري گاڏڙ پاڻي وهندو آهي ۽ ان واريءَ کي پاڻيءَ کان جدا ڪري ڪونه سگهبو آهي، اهڙي طرح محبوب جي ياد به عاشق جي رڳ رڳ ۾ رچي ويندي آهي. سُر رِپَ جو ئي هڪ بيت آهي :

جئن سي کوهيءَ نار، وهن واريءَ گاڏئان
هينئڙو پريان ڏار، نبيريانس نه نبري

محبت جي واٽ ۾ جيڪي مشڪلاتون درپيش اچن ته انهن کي صبر سان سَهڻو آهي. عامَ ۾ واويلا ڪرڻي نه آهي. ان ۾ ئي عاشق جو معراج آهي. شاهه سائين سُر رِپَ ۾ عاشق کي ڪنڀر جي جي آويءَ کان نينهن جو سبق سکڻ جي تلقين ڪري ٿو. جهڙي ريت آويءَ ۾ اندر ته ڏينهن رات باهه جا آڙاهه پيا ٻرندا آهن پر ٻاهر ٻاڦ به ڪانه نڪرندي آهي. انهيءَ ٻاڦ سانڍڻ جي نتيجي ۾ ئي مٽيءَ جا ڪچا ٿانون پچي پڪا ٿي پوندا آهن. اهڙي ريت عاشق کي به پنهنجي اندر عشق جي آڳ سانڍڻي آهي. ان جي ٻاڦور هرگز ٻاهر ڪڍڻي نه آهي. پوءِ جڏهن هو عشق جي آڙاهه مان رچي ريٽو ٿي نڪرندو تڏهن هن جي آڏو دنيا جي ڪائي طاقت بيهي

نہ سگهندي ۾ هو عشق جي مملڪت جو بي تاج بادشاهہ بڻجي ويندو.

نهائينءَ ڪان نينهن، سِڪُ منهنجا سپرين
سَڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

سُر بروو سنڌي ۾ پڻ تشبيهن جا ڪيئي مثال ملن ٿا. انساني رشتن ۾ ڪي ماٺهو ويجهو رهندي بہ ڏور محسوس ٿيندا آهن ڇالاءِ تہ انهن سان محض سماجي تعلق رهندو آهي. پر جن سان اندر جي اوت ۾ روح جو رشتو ڳنڍيل هوندو آهي، اهي ڏور هوندي بہ هميشہ دل جي آڳر تي موجود هوندا آهن. محض رسمي تعلقات وارن انسانن ڪي شاذ و نادر ئي ياد ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ محبوبن جي ياد وسارڻ جي ئي نہ هوندي آهي. لطيف سائين عاشق سان معشوق جي ان تعلق ۾ ڳانڍاپي جي تشبيهہ ڪُنڍي مينهن جي سڱن جي صفا گول ونگ سان ڏئي ٿو.

ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين
ڪي سنيرجن نہ ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور
جنءَ مينهن ڪُنڊيءَ پور، تنءَ دوست واراڪو دل سين

سُر بروو سنڌي جو هڪ ٻيو خوبصورت تمثيلي بيت هن ريت آهي :

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جنءَ لوهارن لپيٽيو
منهنجو جيءُ جڙي، سپريان سوگهو ڪئو

هن بيت ۾ شاهہ صاحب سچي سپرينءَ سان نينهن جي ناتي جي تمثيل لوهہ جي ڪڙي سان ڏني آهي. جهڙي طرح لوهار لوهہ جا ڪيترائي ڪڙا ناهي انهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي مضبوط زنجير جوڙيندو آهي. اهڙي طرح عاشق جو جيءُ محبوب سان جَڙيل هوندو آهي.

سُر رِپَ وانگر سُر برووسنڌي ۾ بہ تشبيهہ وارا اڪيچار بيت ملن ٿا. هيٺ پيش ڪيل بيت تشبيهہ جي حوالي سان شاهڪار بيت آهي.

اڄ پڻ انگيم انگ، هٿان حبيبن جي
ساڄن ريءَ سرتيون، روح نہ رچن رنگ

جاني آيو جوءِ ۾، منجهان نينهن نسنگ
جا پَرِ ساڻي سنگ، سا پَرِ سورن سان ٿئي

بيت جي پهرين سِٽ ۾ اج پڻ انگيم انگ مان مراد آهي تہ اج منهنجو محبوب منهنجي جسم ۽ جان جو مالڪ بڻجي ويو. هاڻي مونتي مالڪيءَ جي دعويٰ ٻيو ڪوبہ ڪري نہ ٿو سگهي. اهڙي مالڪيءَ جو مثال ان ريت ڏئي ٿو تہ جئن ڪنهن اَن جو انبار ڦتين جو ڍڳُ يا ڪو ٻيو مال انگي چڙهيو آهي. يعني ان تي نشان ڪڍي پنهنجي رکواليءَ هيٺ آڻيو آهي. جئن ڪو ٻيو ان جي مالڪيءَ جي دعويٰ نہ ڪري سگهي يا چورائي نہ سگهي. ائين محبوب منهنجي تن ۽ من جو مالڪ بڻجي ويو آهي. بيت جي چوٿين سٽ ۾ 'جا پَرِ ساڻي سنگ' مان مطلب آهي تہ محبوب جي اهڙي ڪرم نوازيءَ سبب منهنجن ڏکن سان اهڙي حالت ٿي آهي جهڙي سارين ۽ ڪڻڪ جي سنگن سان ٿيندي آهي. جڏهن ساڻو ڪندا آهن تہ موڙيون ٺاهي سنگ واري چوٽي تختي تي سٽيندا آهن جنهن سان سنگ سڄي ختم ٿي ويندا آهن ۽ انهن مان داڻا ڇڻي ڌار ٿي ويندا آهن. منهنجا ڏکَ بہ ائين ڇڻي ختم ٿي ويا آهن.

سُر ڪاراڻل ۾ تشبيهن وارا بيت ملن ٿا. هڪ تمام معروف بيت آهي. جنهن ۾ پنور جو گل سان عشق جو ذڪر آهي. جنهن جي تمثيل ان طالب سان ڏنل آهي جيڪو پنهنجي مطلوب کان دور ٿو رهي. پر سچي سِڪ ۽ محبّت آخر ڪيس پنهنجي محبوب تائين رسائي ٿي ڇڏي.

ڪونر پاڙون پاتار ۾، پنور پري آڪاس
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس
تنهن عشق کي شاباس، جهن محبّتي ميڙيا

جيئن ڪنول گل جون پاڙون پاتال ۾ هونديون آهن. پر پنور پاڻي کان مٿي آڪاس ۾ پيو اڏرندو آهي پر سندس چاهت ڪنول گل سان هوندي آهي. پر قدرت ان جي سچي محبّت ۽ چاهت سبب فاصلي کي قربت ۾ مَٽائي ٿي ڇڏي.

سُر ڪاراڀل ۾ لاکيڻي لطيف سچار انسانن جي تمثيل مورن ۽ هنجن سان ڏني آهي. جڏهن تہ ڪوڙن ۽ ڪُپتين جو مثال ڪانئرن سان ڏئي ٿو. فرمائي ٿو :

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو
انهن آکيرن تي، ويٺا چپ چڙهي
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو

يعني اهي مور ئي مري ويا ۽ نہ ئي ڪو هنج رهيو آهي. انهن جي جاءِ اچي چبرن ۽ ڪوڙن ڪانئيرن ورتي آهي. معاشري ۾ نظر ڦيرائڻ سان اها حقيقت روز روشن وانگر پڌري نظر ٿي اچي. انمول انسانن جي روز بروز گهٽتائي ٿيندي ٿي وڃي. اهي مورن جهڙا مٽيادار مرد پنهنجا محبوبي منهن لڪائي وڃي ابد ۾ آرامي ٿيا. انهن جي جاءِ ناعاقبت انديش ۽ بي عمل ڪوڙن انسانن اچي والاري آهي.

# سُر رِپ ۾ وڇوڙي ۽ ويراڳ جا ورلاپ

الله تعاليٰ انسان کي اهڙي فطرت تي پيدا ڪيو آهي، جو هو وقت ۽ حالتن مطابق تبديل ٿيندڙ ڪيفيتن سان منهن مقابل ٿيڻ جي سگهه رکي ٿو. ٻين ڪيفيتن کان علاوه خوشي ۽ غم انسان جي زندگيءَ جون به اهم ڪيفيتون آهن. هر خوشيءَ جي تعاقب ۾ غم آهي ۽ هر غم جي پڄاڻيءَ تي خوشيءَ جي اندلٺ اُڀري بيهي ٿي. جيڪا عام طور عارضي هوندي آهي. گويا انسان جي زندگيءَ ۾ خوشيءَ کان وڌيڪ غمن ۽ پريشانين جو حصو آهي.

هر غم جي پنهنجي نوعيت آهي. ڪڙا غم انسان جي اندر کي اُجاري اڇو ڪري ڇڏيندا آهن گويا هو رَڃي ريتو ٿي پوندو آهي. فراق ۽ جدائيءَ جو غم وري ٻين سمورن غمن تي حاوي هوندو آهي. غم جي اهميت ۽ افاديت متعلق ويهين صديءَ جو ڏاهو ۽ عظيم فلاسافر خليل جبران پنهنجي خيالن جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

”غم هڪ بيش بها نعمت آهي. جيڪو هر هڪ کي ميسّر ڪونه ٿيندو آهي. مان پنهنجي غم تي فخر ڪريان ٿو. جڏهن منهنجو غم پيدا ٿيو ته مون گهڻي احتياط ۽ وڏي محنت سان سندس پرورش ڪئي. منهنجو غم پرورش ڪانپوءِ تمام طاقتور ۽ خوبصورت بڻجي پيو. منهنجي غم جي زبان فصيح هئي ۽ منهنجي زبان به منهنجي لڪل درد جي خوبصورت طريقي سان ترجماني ڪندي هئي. ليڪن افسوس جو منهنجو غم به ٻين فاني شين وانگر فنا ٿي ويو.“

لاڪيٽي لطيف پڻ اهڙي ئي غم سان شناسا هو. تنهن ڪري ئي شايد هھڙو اظهار ڪري ويٺو :

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت
مَنَ اَندر جا لوچ، مڇڻ ملڻ سان ماني ٿئي

پيٽ ڏٽي پنهنجي درد وارن اڏمن جو اظهار ’سُر رِپ‘ ۾ ڪيو آهي. رِپ جي معنيٰ وڏي پربت جيڏي آفت ٻڏائي وجي ٿي. ٻين لفظن ۾ اهڙو دشمن جنهن جي ڏسڻ سان ڏهڪاءُ طاري ٿي وڃي. هن سُر ۾ وڇوڙي ۽ فراق جي اُپٽار ڪيل آهي، تنهنڪري جدائيءَ جي صبر آزما غم کي ’رِپَ‘ سڏيو ويو آهي. هتي جدائيءَ مان مراد روح جي ربّ کان جدائي آهي. روح کي جسم جي قفس ۾ قيد ڪيو ويو جتي هو پڃري بند پکيءَ جيان بيتاب ۽ بيقرار آهي. عالمِ ارواح ۾ روحن پنهنجي ربّ سان رهاڻيون ٿي ڪيون. هاڻي جسم جي قيد ۾ هنن لاءِ اها جدائي غم جو پهاڙ بڻجي پئي آهي. روح هڪ ولر کان وڇڙيل ڪونج جيان ڏکن جي ڏِيل ۾ پيو گذاري. سچي سالڪ جي روح جي دانهن حضرت مولانا رومي جي مثنوي ۾ بيان ڪيل بانسريءَ جي درد انگيز سُر جي صدا جهڙي آهي، جيڪا سَرَ کان ڪَٽجي جدائيءَ جا ڏنپ سهي، ڪاتين جي ڪورَ هيٺ اچي ٿي، تنهن کان پوءِ ئي منجهانئس اهڙي درد ڀري دانهن نڪري ٿي.

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ علامت نگاري جي خوبي سموري رسالي ۾ نظر اچي ٿي. هن گهڻو ڪري علامت جي اوٽ ۾ ئي روحاني پيغام رسائڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي. سُرُ رِپَ ۾ پڻ شاهه سائين روح جي علامت طور هڪ اهڙي آسوندي عورت جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي محبوب جي فراق ۾ لڇي ۽ تڙپي ٿي، ۽ سندس من ميلاپ لاءِ ماندو آهي. وڇوڙي جي سورن، سورمي جو سَنڌ سَنڌ سيڪي ۽ لونءَ لونءَ لَوئي ۽ لوساٽي ڇڏي آهي. ڀلا سڄڻن کان ڏار ڏکن جي ڏيهه ۾ اڪيلو گهارڻ ڪو سَهنجو ڪم آهي!

سچن سالڪن جو روح بہ اهڙي طرح هن دنيا جون صعوبتون اڪيلو سهندو رهي ٿو ۽ سدائين سچي سپرينءَ جي وصال لاءِ واجهائيندو رهي ٿو. لطيف سائين فرمايو :

ڪڙه ۾ قطارون ڪري، سورن لايا سير
مون جِهي گهاري ڪير، هيڪلي ريءَ سڄڻين

اڄ سڄڻن کي ياد ڪري نماڻيءَ جا نيڻ ٽمي پيا آهن. مٿس غمن جا ڪڪر ڪارونڀار ڪري بيٺا آهن. محبوب جي محبّت سندس چِتُ چريو ڪري رکيو آهي. هو ڪيس ساري ۽ پڪاري ٿي ته اي سڄڻ! مون وِلهيءَ جي ڪا واهر ڪر. اچي ڪا مون ڏکويل جي سار سنڀال لهه. تنهنجي ياد وڏ ڦڙي وانگر وسي پئي آهي ۽ مونکي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ڇڏيو اٿس.

عارف ۽ عشاق به مولا جي محبّت ۾ ائين زار و قطار روئندا آهن. اهي به اهڙي ريت مالڪ در ملتجي هوندا آهن ته مٿن ڪا ڪرم جي نظر ٿئي ۽ سڀ ڏولاوا ڏور ٿي وڃن. لطيف سائين اهڙن لطيف جذبن جي عڪاسيِ اِجهوهن ريت ٿو ڪري :

ڪڪر منجهه ڪپار، جُهڙُ نيٽون نه لهي
اڄُ منهنجي چِتِ، اُتا مينهن اپار
آءُ سڄڻ لهه سار، ورهه ويڙهي آهيان

پيلا جن کي جيءَ ۾ جهوري لڳل هجي، اول ته انهن جي نيڻن جي ننڊ ئي حرام هوندي آهي. پر جي اهڙيون اکڙيون ڪڏهن ننڊاکڙيون ٿينديون به آهن، تڏهن به ٻوٽجي وري هڪدم پٽجي وينديون آهن. ڇا لاءِ ته کين سدائين محبوب جو اونو ۽ انتظار هوندو آهي، ۽ اهڙا طالب پنهنجون اکڙيون محبوب جي واٽن ۾ وڇايو ويٺا هوندا آهن، ته ڪڏهن ٿا قريب قُرب پريا قدم پري اچي سندن اڳڻ اُجارين. لطيف سائين فرمايو :

نيڻ نه ننڊون ڪن، پڳو آرس اکين
اُجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين

آسونديءَ پنهنجي دل کي پريںءَ لاءِ پريشان ٿيڻ کان سَوَ وار منع ڪئي. پر جنهن دل ۾ عشق جي لوري ۽ جهوري لڳل هجي اها دل ته هزار ڀيرا جهلَ پلَ جي باوجود به پرين جي پچار کان پاڻ پَلي ڪانه سگهندي آهي. بلڪ 'جئن ٿڏ تئن وَڌ ' جي مصداق انهي جهوريءَ ۾ وڌيڪ جهجهڻ لڳندي آهي ۽ هڪ پَلَ لاءِ به پرينءَ

جي ياد پاڻان پري ڪري ڪونہ سگهندي آهي. ڳهيلي دل ڪي جيترو جهوريءَ ڪان جهلبو اوترو اها جهوريءَ وچان جهڄڻ لڳندي. پٽ ڏٺي انهي جذبي جو اظهار بيت جي ٻن سٽن ۾ ڪهڙي نہ خوبصورت انداز ۾ ڪري ٿو :

پل پل ۾ پليانس، پل نہ رهي پرينءَ ريءَ
جن جهوريءَ ڪان جهليانس، جهڄيو تن جهوري پوي

پرين جي ياد وساري ويهڻ پنهنجي وَس ۾ ئي ناهي. جهڙي ريت ڪچي ڪوهہ تي چڙيل نارَ مان واريءَ گاڏڙ پاڻي وهندو آهي ۽ ان واريءَ واري لڙاتيل پاڻيءَ ڪان واريءَ ڪي سولائيءَ سان جدا ڪري ڪونہ سگهبو آهي. اهڙي ريت پرينءَ جي ياد طالب جي رڳ رڳ ۾ ائين رچي ويندي آهي جو ان ڪي ڪڍي ڇڏڻ يا وساري ويهڻ ممڪن ئي نہ آهي. پرين تہ جيءَ ۾ جايون جوڙي ويهندو آهي. لطيف سرڪار اهڙي عمدي تمثيل هن ريت ڏني آهي :

جئن سي ڪوهي نار، وَهَن واريءَ گاڏئان
هيڙو پريانءَ ڏار، نبيرياس نہ نبري

مسلسل اوسيئڙي ۽ انتظار سبب سالڪ جي اندر ۾ سُپرينءَ سان سلڻ لاءِ سوين ڳالهيون نسرجي پونديون آهن. ڪيئي ڏک ۽ ڏوراپا اپري ٻيهندا آهن. آخر اهي وڏي وڻُ ٿي ويندا آهن. ملاقات ڪان محروميءَ سبب سالڪ اهي سور سڄڻ سان سَلي ڪونہ سگهندو آهي. سندس منَ ۾ مونجهہ متل هوندي آهي، تہ مَنَ ڪو موقعو ملي تہ اندر جي اَورَ سپرينءَ سان اوريان ۽ محبوب سان ڪي گوشائتا گفتا ڪريان. اهڙيون پاڪيزه ۽ راز جون ڳالهيون ڏارين سان تہ ڪري بہ ڪونہ ٿيون سگهجن! اهڙي آسرونديءَ جي اندر جو احوال پٽ ڏٺي بيت جي ٻن سٽن ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو :

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون
پر سي مون نہ ڪيون، گوشي پرين نہ گڏيا

جنهن سالڪ کي فراق جي چوٽ رسي هجي، تَنهنجي غم ۽ گوندر، فراق ۽

انتظار جي تشبيهہ پيتائي گهوٽ کهڙي نہ عمدي پيرايي ۾ ڏني آهي. فرمائي ٿو تہ جهڙي ريت مينهن وَسڻ کانپوءِ غير آباد زمينن ۾ قدرتي طور جهنگلي گاهہ ٻوٽا ۽ وڻ ٽڻ اپري بيهندا آهن، يا ڪچي جي زمين تي اُني کان پوءِ فصل اوپڙ ڪائي اپرندو آهي، اهڙي ريت عاشق جي اندر کي محبوب جي فراق سبب غمَ ۽ گوندر وڪوڙي ويندا آهن. بيت جون سٽون هن ريت آهن :

اُني جٿن مُورَن، اوپڙ ولهارن ۾
سا پَرِ گوندر ڪن، جہ ڦوڙائو سڄڻين

جيستائن محبوب سان ملاقات ڪانہ ٿي هيس، تيسيتائين آسائتي جي اندر ۾ انيڪ اڌما اٿندا رهيا. ڪيئي خواهشون ڪَرَ موڙي اٿيون. محبوب سان ميلاپ ٿيس تہ جبل جيڏي جدائي ۽ صبر آزما ڪيفيت جون ڳالهيون، ڏک ۽ ڏوراپا چڱيءَ طرح ياد ڪري ساري سنڀالي کيس ٻڌائينديس. پر جڏهن ساهہ سيباڻي سپرينءَ اچي سندس اڱڻ اُجاريو تہ ان بي بدل خوشيءَ سبب هن جا سڀ اولا ئي لهي ويا. سمورا دک درد ۽ ڏوراپا ڪانئس وسري ويا. هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ مٿس وڇوڙي ۽ ويراڳ جي ڪا گهڙي آئي ئي ڪانہ هجي. هونءَ بہ محبوبن سان ڦورا ڦولبا ئي ناهن. لطيف سائين آسائتي جي اندر جي اها ڪيفيت هن ريت بيان فرمائي آهي :

چيتياري چونيداس، ڳالهيون سَيوئي سڄڻين
جہ مقابل ٿياس، تہ سڀ وڃنم وسري

طويل انتظار بعد جڏهن وڇوڙي جي ماريل آسائتيءَ جو محبوب موٽي اچي ساڻس ميلاپ ٿئي ٿو تڏهن هوءَ کيس التجا ڪندي چوي ٿي تہ اي منهنجا سپرين! منهنجي مٿان پنهنجي ڪرم جي نظر قائم رک ۽ مون تي پنهنجي مهربانين جو رحمت ڀريو مينهن سدائين وسائيندو رهہ جٿن منهنجي اندر مان سمورا خام خيال، وهم ۽ وسوسا لهي وڃن. محبوب ! تنهنجي ميلاپ سان تہ منهنجا سالن جا غم الم سڀ ڏور ٿي ويا آهن.

مون تان لاهه مَ سپرين، اکين جا آگم
ڪري ملار مينهن جئن، وسي لاهه وهم
تو ڏني مون غمَ، ڏينهن جا ڏور ٿئا

عشق انسان جي اندر کي اُجاري ٿو. شخصيت کي نکاري ٿو ۽ صبر، تحّمل ۽ بردباري سيکاري ٿو. جيسيتائين انسان ۾ صبر جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي تيستائين هو سور ۽ سختيون سهڻ جي لائق ئي نہ ليکبو. صبر ۽ بردباري عشق جي اولين تقاضا آهي. محبّت جي راهه ۾ جيتريون مشڪلاتون درپيش اچن انهن کي صبر سان سهڻو آهي. ڪلي عام واويلا مچائڻي نہ آهي ۽ نہ ئي ٻاهر ٻاڦ ڪڍڻي آهي.

لاکيڻي لطيف ڪنيز جي آوي (نهائين) کان نينهن جو سبق وٺڻ جي تلقين ڪئي آهي. جهڙيءَ ريت آويءَ ۾ اندر ڏينهن رات باهه ٻرندي آهي پر ٻاهر ٻاڦ بہ ڪانہ نڪرندي آهي ۽ انهيءَ ٻاڦ سانڍڻ جي نتيجي ۾ ئي مٽيءَ جا ڪچا ٿانوَ پچي پڪا ٿي پوندا آهن. اهڙي ريت عاشق کي پنهنجي اندر ۾ عشق جي آڙاهه کي سانڍڻو آهي، ۽ ان جي ٻاڦ ٻاهر ڪڍڻي ئي نہ آهي. پوءِ جڏهن هو عشق جي آڙاهه ۾ رچي ريٽو ٿي نڪرندو تڏهن هن جي آڏو دنيا جي ڪائي طاقت بيهي ڪانہ سگهندي ۽ هو عشق جي مملڪت جو بادشاهه بڻجي ويندو. الله پاڪ پنهنجن اهڙن سچن عارفن ۽ عشاقن کي ئي وڏا رتبا عطا ڪندو آهي ۽ انهن جو جڳ سلامي هوندو آهي.

نهائينءَ کان نينهن، سِکُ منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

حضرت مولانا جلال الدين رومي پنهنجي معرڪتہ الآرا تصنيف ’مثنوي‘ جي ٽين دفتر ۾ ڏُکَ جي فلسفي کي نصيحت جي انداز ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي :

”اي انسان! توکي خدا تعاليٰ جيڪي سُکَ عطا ڪيا آهن، سي انهيءَ لاءِ آهن تہ سُکن ۾ پلجي تون امتحان وارن ڏکن سهڻ جي لائق ٿئين. جڏهن امتحان وارا ڏُکَ

صبر ۽ شڪر سان سهي وڃي پارِ پوندين، تڏهن يقين ڄاڻ تہ تون دائمي سُکَ ماڻڻ ۽ روحانيت جي اعليٰ درجي تي پهچڻ جي لائق ٿي پوندين.“

## مددي ڪتاب

- شاهه جو رسالو — غلام محمد شهواڻي
- پٽ جو شاهه — ايچ ــ ٽي سورلي / عطا محمد ڀنڀرو
- جامع سنڌي لغات (جلد پنجون) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- عرفانِ لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- علمي خزانو — (ترجمو: مثنوي مولانا روم) (ڀاڱو ٽيون) غلام محمد شهواڻي
- ڪلياتِ خليل جبران — مرتب : ملڪ اشفاق

# سُر ڪاپائتي ۾ وقت جي وقعت ۽ پيار پريي پورهئي جو پيغام

لاڪيڻي لطيف جي آفاقي ڪلام جو بغور مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس سمورو ڪلام جهدوعمل جو بهترين پيغام آهي ۽ سُر ڪاپائتي ان جو اعليٰ آدرش آهي. ڪاپائتي چرخي تي سُٽ ڪتيندڙ عورت کي سڏيو ويندو آهي. شاهه سائين جي رسالي جي ٻين سُرن جيان هن سُر تي پڻ علامت نگاري جو عنصر غالب نظر اچي ٿو. ڪاپائتي محنت ۽ مشقت جو هڪ مثال آهي. شاهه صاحب ڪاپائتيءَ جي ڪردار جي اوٽَ ۾ انسان کي پيار پريي پورهئي جو سبق ڏنو آهي.

دنيا آخرت جي کيتي آهي. انسان جيڪي پوکيندو سو ئي لڻندو. اهو هڪ عالمگير اصول آهي. محنت جو صلو ضرور ملندو آهي. پر محبت کان وانجهيل محنت جو مثال بنان کنڊ جي کير جهڙو آهي. جڏهن محنت ۾ محبت جو عنصر شامل هوندو تہ گويا سون تي سهاڳي وارو ڪم ٿي ويندو. دنيا جي برک فلسفي خليل جبران پيار پريي پورهئي متعلق نهايت قيمتي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هو چوي ٿو :

”محنت جو بهترين مظاهرو محبت آهي. قدرت ڏينهن رات محنت ڪندي رهي ٿي، انهيءَ لاءِ تہ انسان بہ سبق سکي. ڇوتہ حياتي امنگ کان سوا بي معنيٰ، اُمنگ عقل کانسواءِ انڌو، عقل محنت کان سواءِ خالي دهل ۽ محنت محبت کان سواءِ هڪ عذاب آهي. ڪوري ڪپڙو ٿو اُڻي، ڪيس گهرجي تہ هڪ هڪ تار اهڙي محنت ۽ محبت سان وجهندو رهي، جو ڄڻ تہ اهو ڪپڙو پنهنجي محبوب لاءِ ٿو تيار ڪري. رازو گهر ٿو ناهي. ڪيس هر هڪ سِرَ اهڙي پريم سان هڻڻ گهرجي ڄڻ تہ ان گهر ۾ سندس پريتم اچي رهندو.“

هن سُر ۾ پڻ شاهہ صاحب ڪاپائتيءَ کي پيار پريي پورهئي لاءِ تلقين ڪئي آهي. جنهن کي چرخو چوري، سُٺ ڳتي پنهنجي محنت جو معاوضو حاصل ڪرڻو آهي. هي دنيا سعي ۽ عمل جي جاءِ آهي. هتي انسان کي مقصد جا موتي ميڙڻ لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙڻو پوي ٿو. دنيا جي وهنوار ڏانهن نظر ڪٽي نهاربو تہ اسان کي اهو ئي اصول ڪارفرما نظر ايندو. زندگيءَ جو صحيح مفهوم عمل سان ئي اُجاگر ٿئي ٿو ۽ حياتيءَ جي تعبير سخت محنت ۽ مسلسل عمل ۾ ئي سمايل آهي.

مبادا ڪو چوي تہ هن سُر جو ڪو باطني مفهوم نہ آهي. شاهہ صاحب فقط پورهئي جي عظمت بيان ڪرڻ خاطر ڪاپائتيءَ جو مثال ورتو آهي تہ آنءُ عرض ڪندس تہ ائين هرگز نہ آهي. ڇالاءِ تہ اسان کي هتي ڪيترا ئي بيت ملن ٿا جيڪي دنيا جي ’محنت ۽ اجوري واري اصول‘ تي ڪونہ ٿا ٺهڪن ۽ انهن کي اسين محض ظاهري معنيٰ تائين محدود رکي ڪونہ ٿا سگهون. مثال هڪ بيت آهي :

جا سنهو نہ سِڪي، سا مَرُ رندا ئي روڙي
سٺُ تنين جو سڦرو، وٺا تارازي توري
ٿلهي ۽ ٿوري، ويچاريءَ سان وڙ ٿئو

هاڻي دنيا جي وهنوار ۾ آيا اهڙو ڪو واپاري تي سگهي ٿو، جيڪو فقط انهي جذبي تحت ٿلهي منجهيل ۽ سادي ڪتيل سُٽَ جو پورو پورو اُجورو ڏئي ويچاريءَ تي وَڙَ ڪري، جو پائين تہ اهو سٺ ان ڪاپائتيءَ محبت پري جذبي سان ڳتيو هوندو. اها تہ فقط الله جي ذات ئي آهي جيڪا اگلڙن تي اهڙا احسان ڪندي رهي ٿي. زماني جي وهنوار ۾ تہ جيڪو جيتري محنت ڪندو ان کي اوترو اجورو ملندو. لهاذا ان حقيقت کان انڪار ڪري ئي نہ ٿو سگهجي تہ شاهہ صاحب جي رسالي جي ٻين سُرن جيان هي سُرُ پڻ روحاني رازن رمزن جو ڀنڊار آهي، سُر جي باطني معنيٰ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان ۾ انسان لاءِ سُجاڳيءَ جو سبق سمايل آهي. زندگيءَ جي مقصد جي نشاندهي ٿيل آهي. وقت جي وقعت ٻڌايل

آهي محنت ۽ مشقت جي تلقين ڪيل آهي ۽ سالڪ کي سئين راهه سونهايل آهي.

سجاڳي زندگيءَ جو دليل آهي ۽ زندگي جي معنيٰ تحرّڪ آهي. جڏهن ته ننڊ، غفلت ۽ موت جي نشاني آهي ۽ موت جي معنيٰ جمود ۽ بي حسي آهي. وقتُ وڏي وِٿَ آهي ۽ وَيَل ويلَ واپس ورڻي نه آهي. شاهه صاحب هن سُر ۾ سُٽُ ڪتيندڙ عورت کي وقت جي وقعت ٻڌائي ٿو ۽ ڪيس وقت جو قدر ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. چوي ٿو اي ويسلي! وينڌي وقت نه وڃاءِ. اُتِ جيترو به سُٽُ ڪَتي سگهين ته ڪَتي وٺُ چوته هر ڪا ڪاپائتي سُٽُ ڪَتيندي ئي سهڻي لڳي ٿي. جن کي محنت جي عظمت جو احساس هوندو آهي اهي ڪپهه جي پوڻيءَ کي هٿن کا جدا ئي ڪونه ڪنديون آهن.

جان ڪتين تان ڪَتِ، هي هڏ وهاڻي
ڪاپائتي سڀ ڪا، ڪتي سيباڻي
ڄاتو جن ڄاڻي، تن هٿان پِهي نه ڇڏي

ڏٽيءَ در به اهي ئي اگهامن ٿا جيڪي وقت جو قدر ڪندي جهد و عمل جو دامن هٿان نه ٿا ڇڏين. اهڙن انسانن کي ئي عارف ۽ اهل الله سڏيو ويندو آهي.

پٽائي گهوٽ ڪاپائتيءَ کي ويندڙ وقت جو احساس ڏياريندي فرمائي ٿو وقت ڪنهن جو انتظار ڪونه ڪندو آهي. تنهنڪري وقت جو قدر ڪر. اُٿي چرخو چورِ. محّبت سان محنت ڪرِ. ويڳاڻين جيان ويهي نه رهُ. جيڪڏهن تو اڄ محنت ڪانه ڪئي ته سپاڻي صراف تنهنجو اڏوگابرو ۽ بي توجهيءَ سان ڪَتيل سُٽُ تنهنجي مُنهن تي موٽائي هڻندا. پوءِ ان وقت توکي پشيمانيءَ جا هٿ مهڻا پوندا.

هي هڏ وهاڻي، تون ڪڙه ڪالوٽي ڏينهن کي
اٿي اور ارٽَ سين، ويهه مَ ويڳاڻيڄ
ته صراف سپاڻي، موٽائي هڻنئي نه مُهه تي

دراصل شاهه سائين غافل انسان کي ڏونڌاڙي سُجاڳ ڪري ٿو ۽ ڪيس آگاهه

ٿو ڪري تہ حياتيءَ جو سڄُ اُلهڻ وارو اٿئي، تنهن ڪري اُٿُ ڪو عاقبت جو فڪر ڪرِ. ويسرن وانگر نہ ويهہ. پنهنجي نيڪ اعمال ذريعي ربّ کي ريجهاءِ. ورنہ تنهنجا اهي رياڪاريءَ وارا فعل ۽ گيرب گاڏڙ عمل قيامت واري ڏينهن تنهنجي مُنهن تي موٽائي هنيان ويندا.

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب اهڙي ڪاپائتيءَ سان مخاطب آهي جنهن پنهنجو ويٺي وقت وڃايو آهي. ڪيس فرمائي ٿو اي نادان! ڪتڻ وارن ڏينهن ۾ تون سولي ٿي سمهي رهينءَ. اهي نهايت ڪارائتا ڏينهن تہ تو غفلت ۾ گنوائي ڇڏيا، چرخي کي چورڻ لاءِ تون سندس ويجهو ئي نہ وئينءَ. هاڻي ڀلا ڪهڙي مُنهن سان صراف جي آڏو ايندينءَ! اُتي ڪهڙو سودو سلينديئ‌ءَ!!

سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن
اَرٽَ اوڏي نہ ٿئين، ڀوري! ڀوري سينءَ
ڪنڌ ڪڻنديءَ ڪيئن، اڳڻ عجيبن جي!

انسان پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن غفلت ۾ گذاري ٿو ڇڏي جيڪي انتهائي ڪارائتا ۽ عبادت ڪرڻ جا ڏينهن آهن. ڇالاءِ تہ جوانيءَ جو هڪڙو سجدو ٻڍاپي جي ڪيئي سجدن تي حاوي آهي. ڀٽائي ڀلارو دراصل اهڙي ئي انسان سان هم ڪلام آهي. فرمائي ٿو اي هنيلا هوڏي نادان انسان! ربّ جي آڏو سِرُ جهڪائڻ خاطر تون پنهنجي حياتيءَ جي عرصي مان وقت ڪڍي ڪونہ سگهين. جوانيءَ وارو ملهائتو دور گمراهيءَ ۾ گذاري ڇڏيئہ. احڪم الحاڪمين جي حڪمن جو تو ذرو خيال ڪونہ ڪيو. رڳو رُڄ ڀنيان ڊوڙندو رهين. هينئر تنهنجي حياتيءَ جو سج ٽيپهريءَ تي پهتو آهي. پوءِ ڀلا ربّ ذوالجلال جي آڏو ڪهڙو ڪنڌ کڻي هلندين! عاقبت موچاري ڪرڻ لاءِ ڪهڙو ثمر ساڻ ڪنيون اٿئي!!

ڀٽ ڌڻي ڪاپائتيءَ کي جڏهن اجان بہ غافل ٿو ڏسي تہ کيس خداوندِ تعاليٰ جي بخشيل نعمتن جو احساس ڏياريندي فرمائي ٿو تہ اي ڪم عقل ضدي عورت! مولا مهربان توکي سون جهڙا هٿ عطا ڪيا آهن، پوءِ تون ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي

انهن سان چرخو چوري سُٽُ چونڊ ٿي ڪتين. اهي گهمريون ۽ گوهيون ڇڏي، محبت ڀري محنت جو مظاهرو ڪر. جيئن مرڪندڙ مُنهن سان صراف کي سُٽُ ڏيئي پنهنجي پورهئي جا پئسا وٺي سگهين.

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوه نہ ڪتين رڍ
ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪر، گهٽيون گوهيون ڇڏ
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪيون هند مٽائين

مذڪوره بيت جي باطني مفهوم ۾ وڏي معنيٰ جا موتي رکيل آهن. الله تعاليٰ انسان کي بيشمار نعمتن سان نوازيو آهي ۽ ڪيس بري ڀلي جي تميز بخشي آهي. ربّ جا اهي احسان وسارڻ جوڳا نہ آهن. انسان کي شڪراني طور خلقڻهار جي حڪمن جي بجا آوري ڪرڻي آهي. شاهہ صاحب اهڙي بي شڪري انسان سان مخاطب آهي. جيڪو الله جي انهن نعمتن جو ڪو قدر نٿو ڪري ۽ پنهنجي جهد و عمل سان ربّ کي راضي نٿو ڪري. فرمائي ٿو تہ اي سرڪش انسان! خالقِ اڪبر تہ توکي پنهنجي نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي. پوءِ تو الله جي احڪام جي پابندي چونہ ٿو ڪرين. اُٿ غفلت جي غار مان نڪري گوشائتو ويهي خالقِ ڪائنات جا ڳڻ ڳاءِ ۽ ذڪر فڪر ڪر. پنهنجي جهد و عمل سان خلقِ خدا جي خدمت ڪري سچي سائينءَ آڏو سرخرو ٿيءُ تہ جيئن يومِ حساب تنهنجي نيڪ اعمال جو صلو مالڪ توکي عطا ڪري.

جڏهن ڪا ڪاپائتي پنهنجي پورهئي تي ناز ڪري غرور ۽ تڪّبر جي تاثرات سان سنهو ڪتي صرافن آڏو آڻي ٿي تہ سندس دڪو ئي داخل ڪونہ ٿو ٿئي. سندس غرور گاڏڙ محنت ضايع ٿي وڃي ٿي. ڪتڻ سان گڏ ڪنبڻ ضروري آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو :

چاوت پائي چِتَ ۾، سنهو ڪتيو جن
تن جو صرافن، دُڪو داخل نہ ڪيو

جنهن ’مان‘ ڪئي سو منو. وڏائي فقط هڪ ربّ جي ذات کي سونهين. باقي

انسان کي پنهنجي عملن تي تڪّبر ۽ غرور ڪرڻ جو ڪو حق نہ آهي. ڇوتہ سندس اهڙا عمل جن ۾ خود نمائيءَ جو عنصر شامل آهي اهي بارگاهِ الاهي ۾ هر گز قابلِ قبول نہ آهن.

پر جڏهن ڪاپائتي من ۾ محبّت پائي پيار پريو پورهيو ڪري ٿي تہ صراف سندس اڻ توريو ئي اگهائي ٿا ڇڏين. پوءِ ڀل ان جو سُٺُ سادو ۽ ٿلهو ئي ڳتيل ڇونہ هجي. شاهہ صاحب فرمايو :

محبت پائي مَنَ ۾، رنڍا روڙيا جن
تَنِ جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو

جڏهن ڪو انسان پنهنجين سمورين ڪمين ڪوتاهين جي باوجود خلوصِ دل سان ربّ پاڪ کي ياد ڪري ٿو تہ بخشڻهار سندس انهن ڪمين ڪوتاهين تي پرده پوشي ڪندي مٿس ڪرم جي نظر ڪري ٿو ۽ اهڙي انسان جا ڳيرب ڳاڏڙ عمل اگهي وڃن ٿا. الله تعاليٰ انسان جي دلين جو پارکو آهي.

# سُر ڪارايل ۾ سچن سان صحبت جو سبق

لطيف سائين جو رسالو عقل وارن انسانن لاءِ ڪيمياگريءَ جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ اهڙا مفيد نسخا تحرير ٿيل آهن، جو انهن تي عمل ڪرڻ سان انسان کي انمول روحاني خزانا هٿ اچي سگهن ٿا، ۽ هو هفت عقليم جي ڏٽيءَ کان به وڌيڪ دولتمند ٿي سگهي ٿو. لاڪيڙي لطيف جو ڪلام روحاني رازن ۽ رمزن جو هڪ بي انت بحر آهي. جنهن ۾ ماهر غواص ٽبي هڻي پاتال ۾ پيهي مقصد جا موتي ميڙي وٺن ٿا. هن مها ساگر مان ڪوبه غواص ناامید ۽ نراس ٿي ڪونه موٽيو آهي. بلڪه هر هڪ کي پنهنجي فهم ۽ فراست آهر محنت ۽ محبت جي موٽ ضرور ملي آهي.

’سُر ڪارايل‘ پڻ اهڙن ئي انمول موتين سان مزّين آهي. ’ڪارايل‘ جي لفظي معنيٰ لاءِ لطيف جي پارکن مان ڪن ’مور‘ لکيو آهي ته ڪن وري ’ڪارو هنج‘. بهرحال ٻئي پکي پنهنجي سونهن سوپيا توڙي عادتن ۽ خصلتن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. البته ’سُر ڪارايل‘ ۾ مور سان منسوب فقط ٻه ٽي بيت ملن ٿا. جڏهن ته هنج جي حوالي سان ڪيترا ئي بيت موجود آهن.

’هنج‘ مان سالڪ جي مراد مرشد ڪامل آهي. جيڪو انسانن کي سئين راهه سونهائي ٿو. ڪائنات جي سڀ کان ڪامل ۽ اڪمل هستي نبي ڪريم ﷺ جن جي آهي. جتان رُشد و هدايت جا چشما ڦٽي نڪتا. سموري امت ۾ حضورِ اقدس ﷺ جن جي بابرڪت ذات ارفع ۽ اعليٰ آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن رهبرن جا رهبر ۽ مرشد ڪامل هئا.

’ٻگهه‘ مان مراد عام دنيوي انسان آهي. جيڪو ٻگهه وانگر دنيا جي ’ڊونڊ‘ جو متلاشي رهي ٿو. ڪيس دنيا جو فڪر سدائين دامنگير رهي ٿو. جڏهن ته هنج پنهنجي غذا پاتال مان حاصل ڪري ٿو. هنج جي نظر عميق تائين رهندي آهي.

تانگھي ۾ ٽُڙٻُڻ تي تہ هو هريل ئي ناهي. هو هميشہ اونهي ۾ رهڻ جو عادي آهي. سچي سالڪ کي بہ فقط الله پاڪ جي ذڪر فڪر ۾ انسان ذات جي خدمت مان روحاني غذا حاصل ٿئي ٿي. هو دنيا جي ڍونڍ ڏانهن نظر کڻي بہ نٿو نهاري.

اڪڙيون اوڙاهہ ۾، اُپو تڪي تار
پٿون جي پاتار، هنج تنين جو هيرئون

هيٺين بيت ۾ شاهہ صاحب اهي انسان سان مخاطب آهي، جيڪو تذبذب جي ڪيفيت ۾ مبتلا آهي. دنيا جي رنگ و بو کان بہ پاڻ پلي نہ ٿو سگهي. ٻئي طرف مالڪ جي محبت جو بہ خواهشمند آهي. پنهنجي ’هستيءَ‘ کي ’نيست‘ ڪرڻ کان بہ قاصر آهي، جو دنيا جي دولاب جو مٿس رنگ چڙهيل آهي. عاقبت جي نتيجي کان بہ خوفزده آهي، جنهن ڪري ربّ ڏانهن رجوع ٿيڻ جا بہ خيال رکي ٿو. پٺائي گهوٽ ڪيس هدايت ٿو ڪري تہ وهمن ۽ وسوسن ۾ وڪوڙيل ڇوٿو رهين! نڳيءَ وارو لبادو لاهي ڦٽو ڪر. جن انسانن هٺُ ۽ غرور جي غلامي قبولي آهي ۽ ’آئون‘ ۽ ’اسين‘ جي خول ۾ جڪڙيل آهن، انهن کان پڇجي پاسو ڪر. انهن جي صحبت توکي نهوڙي نيندي. تون تہ اهڙن سئين واٽ جي سُونهِن جي وچي لڙهہ لڳ، جيڪي تنهنجي رهنمائي ڪري توکي واحد جي ويجهو وٺي وڃن. مرشد ڪامل جو اهو ئي ڪم آهي.

وينو جيئن وماسين، حيرت پئي مَ هڏ
لاتيون جي لباس جون، سي ڇپائي ڇڏ
’آئون اسين‘ ڪن جي، پاسي تن مَ اڏِ
تَنُ طالبن گڏِ، تہ ويجهو ٿين وصال کي

سچن سالڪن جي صحبت ۾ جيڪو ساءُ آهي، تَهنجي پروڙ تہ تنهن کي ئي پوندي، جيڪو انهيءَ محبت جو مزو چکي چڪو هوندو. شاهہ صاحب انهيءَ لذت کان آشنا هو تنهن ڪري ٻين انسانن کي انهيءَ انمول نعمت جو احساس ڏياريندي فرمائي ٿو : جيڪڏهن هڪ ڀيرو تنهنجي صحبت الله وارن سان ٿي پوي ۽ انهن

جي منزل ۽ مقام پروڙي وٺين تہ هوند جيڪا سچي چاهت جي چٽنگ تنهنجي چولي ۾ دکي رهي آهي سا پيڙ ٻڌجي پڙڪي پوي، تنهنجي دنيا ئي بدلجي وڃي ۽ عام ماڻهن واريون عادتون ئي مٽائي ڇڏين ۽ انهن جي صحبت کان سُري پاسو ڪرين.

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارين
ٻگهن سين ٻيهار، ٻيلهہ نہ ٻڌين ڪڏهين

هنج پکي جو ٻين عام پکين کان مانُ مٿاهون آهي. سندس خصلتون خصوصي آهن ۽ اهي خصلتون مڙني هنجن ۾ هڪ جهڙيون آهن. ڇالاءِ تہ هنج مڙيو ئي هنج آهن. اهي جنهن بہ تلاءَ يا ڍنڍ تي رهندا آهن ان کي اُجاري ڇڏيندا آهن ۽ اهڙو سَرُ سرهو ٿي پوندو آهي.

اهڙيءَ ريت خداوندِ ڪريم جي نيڪ ٻانهن ۾ انبياء، اولياء، غوث، قطب، قلندر ۽ ابدال اچي وڃن ٿا. جن مڙني جو مانُ مٿاهون آهي. سيئي الله پاڪ جا پيارا ۽ برگزيده بندا آهن. هر هڪ پنهنجي محنت مطابق مقام حاصل ڪيو آهي. سيني جو پنهنجو پنهنجو درجو آهي. ڌرتيءَ جي جنهن بہ خطي تي انهن پيلارن جو قيام رهي ٿو ۽ اهو خطو پيلائي ۽ برڪت وارو ٻڌجي پوي ٿو. اتان فيض جا درياء وهي نڪرن ٿا، جنهن مان پريت جا پهيڙا پُر جام پيئن ٿا.

هنجَ مڙيوئي هنجَ، ميرو منجهن ناهہ ڪو
جتي رهن سنجهہ، سو سَرُ ڪن سَرهو

سرورِ ڪائناتﷺ جن جي هستي دنيا جي مٿان رحمت جو ڪکر ٻڌجي وسي. جنهن رحمت مان ڪيترن اڃايلن جي اُڃَ اُساٽَ اجهي، ڪيئي سينا سيراب ٿيا ۽ محبت جي متوالن پُر جام پيتا. جيتوڻيڪ پاڻ ڪريمﷺ جن کي دنيا مان وصال فرمائي 14 سوَ سالن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي پر سندن اهو فيض جو درياءُ اڃان تائين جاري ۽ ساري آهي ۽ تا ابد جاري رهندو. حتاڪہ حشر ۾ بہ پاڻ ئي حامي ٿيندا.

شريعت جو پابند سالڪ اڄ بہ سندن ڏسيل صراطِ مستقيم تي گامزن آهي. عشقِ رسول ﷺ سندس شخصيت کي عجب رنگ لائي ڇڏيو آهي. اهڙي محبت جي رمز کي ڀلا عام ماڻهو ڇا سمجهي سگهندو! عميق سان الفت تہ هنجَ کي ئي هوندي آهي باقي ڪنگ کي کهڙي ڪَرَ تہ انت ۾ کهڙو انمول خزانو لڪل آهي.

سَرَ سُڪي سال ٿيا، هنجُ هريو ئي ڀيرُ
ڪنگ ويچارو ڪيرُ، جو رسي انهيءَ رمز کي

عام انسان دنيا ۾ هزارها نفساني خواهشن جي پنجوڙ ۾ جڪڙيل رهي ٿو. جيڪي ڪيس شڪار وانگر لقمو بڻائڻ چاهين ٿيون. طرح طرح جا سبز باغ ڏيکاري لالچائن ٿيون. راهِ راست ۾ رڪاوٽون وجهي ان تان هٽائڻ لاءِ هزار حيلا هلائين ٿيون. عام انسان انهيءَ پنجوڙ مان جان ڇڏائڻ جي اٽڪل کان نا آشنا آهي. تنهن ڪري پاڻُ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ وڌيڪ پاڻ کي ڦاسائي وجهي ٿو ۽ آخر اتان نڪرڻ هن جي لاءِ مشڪل ۽ محال ٿي پوي ٿو ۽ هو رحمان جي بجاءِ شيطان جي غلامي اختيار ڪري ويهي ٿو. پر حق جا متلاشي ۽ پرستار الله ۾ آسرو رکي توڪّل جو ترهو ٻڌي انهن باطل قوتن سان جنگ جوٽين ٿا. 'سچ جي ٻيڙي لُڏي پر ٻڏي ڪانہ'، جي مصداق هو انهن لهرين لوڏن مان آخر اُڪري پار پون ٿا ۽ سندن نالو لاهوتن ۾ لکجي ٿو. توڪل جا ٻيڙا هميشہ پار ٿيا آهن.

سَرَ ۾ پڪي هيڪڙو پاڙهيڙي پنجاهه
سندي آس الله، لُڏي لهرين وچ ۾

ڪڏهن تہ وري هن دورنگي دنيا جي دولاب ۾ مانجهي مڙس بہ منجهي پيا. ظاهري ڏيک ويک تي هرڪجي زندگيءَ جي مقصد کان منهن موڙيندي اهڙي آڙاهه ۾ وجي ڪريا، جتان مهمير بہ موٽي ڪونہ سگهيا. پٽائي گهوٽ انهيءَ مفهوم کي کهڙي نہ سهڻي تمثيلي انداز ۾ پيش فرمايو آهي.

جهڙيءَ ريت ماري پکي ڦاسائڻ لاءِ ککن ڪانن جو ڪوڙو پکي تيار ڪري

جيئرن جاڳندن پڪين ڪي دلبو ڏئي ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ڪندو آهي ۽ پوءِ ويچارا پڪي جيئن پاڻُ ڇڏائڻ لاءِ لڇندا ڦتڪندا آهن، تئين وڏيڪ ڦاسندا ويندا آهن. اهڙي ريت دنيا جي ڏيڻ ۾ ڦاسڻ کان پوءِ انسان جئن ڦتڪندو آهي تئين پنهنجي اٽڪاٽائيءَ سبب وڏيڪ ان ۾ غرق ٿيندو ويندو آهي. شيطان لعين جي گرفت مٿس مضبوط ٿي ويندي آهي.

دلبو منجهہ درياءَ، پکي پسي آئيا
ويچارا! ويساهہ، آٽي اُتِ اڙائيا

دنيا ۾ ڪيئي انسان ’ٻاهر ماڪي اندر ٻور‘ جي مثال ملندا. جن جي مُنهن تي تہ مُرڪ هوندي آهي پر سندن اندر ۾ تکا ڪات هوندا آهن، اهڙن ٻهروپن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ بہ اکِ جي ضرورت آهي. عام انسان هنن جي ظاهري زبان ۽ مُنهن جي ميٺاج مان ڌوکو کائي ويندو. پر اندر جي اک رکندڙ فهم ۽ فراست جا صاحب الله جا پيارا ٻانها، اهڙن انسانن جي رڳ رڳَ مان واقف هوندا آهن. جنهن ڪري اهي سچا سالڪ، انسان ذات کي انهن ترڪتالن جي ڦندن ڦيرن کان بچڻ جي تلقين ڪندا رهندا آهن. ڀٽائي ڀلاري پڻ اهڙن انسانن کان خبردار ڪيو آهي. فرمائي ٿو تہ انهن ٻهروپن جي ظاهري روبي ۽ ڏيک ويک تي ويساهہ ڪري نہ ويهہ. انهن کي بي ضرر نہ ڄاڻ، اهي انسانيت جا دشمن واسينگن جو اولاد آهن، جن جي جَهڙپ سان هاٿي بہ ڦتڪي دمُ ڏئي ڍيري ٿي پوي. يعني وڏي کان وڏو طاقتور انسان بہ انهن جي مڪاريءَ جي وارَ کان پاڻُ بچائي نہ ٿو سگهي، تنهن ڪري تون ويسلو ٿي نہ ويهہ.

سنها ڀانءِ مَ سَپَ، وياءَ واسينگن جا
جنين جي جهڙپَ، هاٿي هنڌان ئي نہ چُري

دنيا جي ناقدر شناسيءَ سبب سچا لوڪَ لڏيندا ٿا وڃن. ڪوڙن ۽ ڪُپَتي انسانن جو عدد وڌندو وڃي ٿو. لاڪيٽي لطيف سچار انسانن جي تشبيهہ ’مور‘ سان ڏني آهي ۽ انهن کي ’هنج‘ بہ سڏي ٿو. جڏهن تہ ڪوڙن جو مثال ڪانئرن سان ڏنو اٿس. فرمائي ٿو : اهي مور مري ويا ۽ نہ ئي ڪو هنج ئي باقي رهيو آهي. انهن جي

جاين تي چٻرا اچي قابض ٿيا آهن. افسوس  معاشري ۾ نظر ڦيرائڻ سان اها حقيقت روز روشن وانگر عيان ٿئي ٿي تہ هتي قحط الرجال آهي. ملهائتن ماڻهن جي روز بروز گهٽي ٿيندي رهي ٿي ۽ انهن جي اها ڪمي شدت سان محسوس ڪئي وڃي ٿي. اهي مورن جهڙا مٽيادار مرد پنهنجو محبوبي مُنهن لڪائي وڃي ابد ۾ آرامي ٿين ٿا ۽ انهن جون جايون ناعاقبت انديش ۽ ڪوڙا بي عمل انسان اچي والارين ٿا.

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو
انهن آکيرن تي وينا چٻَ چڙهي
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو

# صنعتن جو استعمال

جهڙي ريت نثر جي سينگار لاءِ علم بديع و بيان جون خوبيون مثلاً تشبيهون، استعارا، ڪنايا، پهاڪا، اصطلاح، چوڻيون ۽ تجنيسون وغيره تمام ضروري آهن، اهڙيءَ ريت شاعريءَ ۾ پڻ ڪي صنعتون استعمال ٿينديون آهن. صنعت جي معنيٰ آهي هنر يا حرفت. شاعري هونءَ ئي هڪ ڏکيو هنر يا فن آهي. شاعري جي مخصوص صنعتن جي استعمال سان وري شاعري جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ هيڪاندو اضافو اچي ٿو ۽ ان کي چار چنڊ لڳي وڃن ٿا. ان کان علاوه فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت شاعريءَ جون اهڙيون خوبيون آهن جيڪي ڪنهن به شاعر کي وڏن شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهارين ٿيون.

لطيف سرڪار جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندس ڪلام مذڪوره صنعتن کان علاوه ٻين به ڪيترين ئي اهم صنعتن سان سينگاريو پيو آهي. اهڙين صنعتن جو انگ تمام گهڻو آهي هتي ڪجهه صنعتن جي وصف بيان ڪري رسالي مان انهن جا مختصر مثال پيش ڪجن ٿا.

## فصاحت

فصيح ڪلام اهو آهي جنهن ۾ هر هڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي جنهن جي اچارڻ ۾ زبان کي ڪا به هٽڪ هبڪ يا تڪليف نه ٿئي. اهو نمونو نه فقط ڪڏهن ڪڏهن پر هميشه شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نه ته سندس ڪلام کي فصيح نه چئبو.

لطيف سائين جي ڪلام ۾ فصاحت جي خوبي اتم موجود نظر اچي ٿي. مثال طور هيٺيان به بيت ڏسو :

پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان! مار مَ مون

مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي
ڪاتب لکن جيئن، لايو لام الف سين
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾

مٿين ٻنهي بيتن ۾ سمورا الفاظ اهڙا استعمال ٿيل آهن جن جي اچارڻ ۾ زبان کي ڪابہ هٽڪ يا هٻڪ محسوس ڪانہ ٿي ٿئي.

## بلاغت

بليغ ڪلام ان کي چيو ويجي ٿو جيڪو وقت ۽ حال مطابق هجي. شاعر کي انساني سياءَ جي سمورين ڪيفيتن کي اهڙي صفائي ۽ چٽائيءَ سان خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجي جو پڙهندڙن توڙي ٻڌندڙن جو ڌيان ڪُڇي وڃي. اهڙي صورت هر دور لاءِ هڪ جهڙي هجي.

ڀٽ ڌڻي جي ڪلام مان بلاغت جا بيشمار مثال ڳڻائي سگهجن ٿا. جيئن :

وڳر ڪئو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾
پَسو پکيئڙن، ماڙهوئان ميٺ گهڻو
ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مانُ
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهہ اچئو ان جي

مٿين ٻنهي بيتن ۾ بيان ڪيل ڪيفيت هر وقت ۽ هر دور لاءِ آهي.

## سلاست

سليس ڪلام اهو آهي جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن جيڪي هر پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي لاءِ آسان هجن. ٻين لفظن ۾ تہ شاعريءَ ۾ روز مرهہ جي ٻولي استعمال ڪيل هجي. شعر جو مطلب ۽ مفهوم هر ڪو پنهنجي علم، عقل ۽ فهم مطابق سمجهي سگهي.

لطيف سائين جي ڪلام ۾ اها خوبي عام نظر اچي ٿي. بہ مثال ملاحظہ ٿين:

اکين ۾ ٿي ويهہ، تہ آئون واري ڏيکيان
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پسان کي ٻيو

---

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿيئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو

## جدت

جدت مان مراد ندرت، نواڻ يا اڇوتو ۽ نئون خيال آهي. شاعر جي ڪلام ۾ مضمون اهڙا منفرد هجن، جن تي ٻين شاعرن طبع آزمائي ڪانہ ڪئي هجي. يا ٿورن ڪئي هجي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙا مثال جا بجا پکڙيا پيا آهن.

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شال مَ ملان هوت
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سان مانئي ٿئي

---

سانوڻ لهريون، ٿر واري، تر وار
انهائي اَپار، مون سين پلي پال ڪئا

ڏورڻ کان پوءِ بہ نہ لهڻ جي تمنا ۽ محبوب سان نہ ملڻ واري خيال ۾ ڪيڏي نہ جدت ۽ ندرت سمايل آهي. ٻي سٽ ۾ ان جي سببن ۾ پڻ نواڻ نظر اچي ٿي. اهڙي طرح ٻي بيت ۾ محبوب جي ٿورن جو شمار سانوڻ جي لهرن، ٿر جي واريءَ جي ذرن ۽ مٿي جي وارن جي ڳڻپ سان ڏئي بيت ۾ جيڪا ندرت آندي آهي اهڙي نواڻ پٺائي کان اڳ ۾ شايد ئي ڪنهن آندي هجي.

## تشبيهہ

تشبيهہ مان مراد ڀيٽ ڪرڻ آهي. جڏهن هڪ شي کي ٻيءَ شيءِ سان قد بت، گڻ اوگڻ وغيره سان ڀيٽيو وڃي تہ ان کي تشبيهہ يا تمثيل چئبو آهي، جنهن لاءِ

جيئن، جيان، جهڙو، وانگي، وانگر، وانگيان ۽ جڻ جا الفاظ ڪم ايندا آهن. لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ اهڙيون اڻ ڳڻيون تشبيهون ڪم آنديون آهن جن جو مثال ئي نہ ٿو ملي. جيئن :

ڪڙو منجھہ ڪڙي، جڻ لوهارن لپيٽيو
منهنجو جيءُ جڙي، سپريان سوگهو ڪيو

—

سورَ مَ ڏي ڏوهڻ، آئون اڳيئي ڪانهري
جا پَرِ پاٽيءَ لوهڻ، سا پر منهنجي جندڙي

—

پيئي ڪٽي پساهہ، ڏکي ڏيئي وَٽِ جئن
اڄ ڪہ سنجھہ صباح، چندا ڪي تہ منڌ مئي

مٿين بيتن ۾ عاشق جو محبوب جي جيءَ کي جڪڙي رکڻ جي تمثيل ڪڙو منجھہ ڪڙي سان يا جندڙي ۾ سورن جي سمائجي وڃڻ جي مشابهت پاٽيءَ ۾ لوهڻ جي ڳري وڃڻ يا وري ڏکيءَ جو ڏيئي جي وٽ وانگر هوا سان جنگ جوٽي پساهہ پورا ڪرڻ سان ڏئي شاهہ سائين ڪمال ڪري ڇڏيو آهي.

## استعارو

استعارو جي معنيٰ اڌارو وٺي ڏيڻ آهي. ٻين لفظن ۾ جڏهن هڪ شي کي ٻيءَ شي جهڙو هوبهو ڪري پيش ڪجي تہ اهڙي ترتيب کي استعارو چئبو. مرحوم غلام محمد شهواڻي مطابق ” جيڪڏهن پيٽ اهڙي نمايان ۽ ڪليل نہ هجي بلڪہ خفيف ۽ لڪل هجي تہ ان کي بہ استعارو ئي چئبو.“

هن صنعت جو استعمال بہ لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ هنڌ هنڌ نظر اچي ٿو. مثال :

ماڻڪ مَٿُ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو

حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نا ويندوم

معروف شاعر ۽ اديب حافظ محمد احسن چنه مٿين بيت مان استعاري جو مفهوم هيٺينءَ ريت بيان ڪيو آهي :

”هت ماڻڪ مان مراد هيرو جيڪو جبلن مان لڀندو آهي، سو نہ آهي. ڇوته اهو حشر جي حساب ۾ ڪيئن ڪم ايندو! تنهن ڪري اهو سرورِ ڪائناتﷺ لاءِ اشارو آهي، جنهن کي اڌاري معنيٰ ڏئي استعاري جي صنعت ۾ لکيو ويو آهي ماڻڪ.“

اهڙي ريت استعاري جو هڪ ٻيو مثال ڏسو :

ساٿي نہ پسان سي، جي هٿم هينئين ٽوڙيون

هتي ساٿين کي هينئين جي ٽوڙين جهڙيون نہ بلڪ خود ٽوڙيون (سهارو) ڪري ٻڌايو آهي.

## تجنيسِ حرفي

جڏهن نثر توڙي نظم جي سٽاءَ ۾ لفظ جو پهريون حرف ساڳيو هجي ۽ اهڙا لفظ اڪثر هڪ ٻي جي پٺيان اچن ۽ هر هڪ لفظ پنهنجي اندر ڀرپور معنيٰ رکندو هجي تہ اهڙي ترتيب کي تجنيسِ حرفي چئبو آهي.

لطيف سائين جي ڪلام ۾ هيءَ صنعت ڪمال درجي تي پهتل آهي. هتي تجنيسِ حرفي وارن لفظن هيٺان ليڪ ڏئي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ اهڙن بيتن مان فقط تجنيسِ حرفي واريون سٽون ڏنيون آهن.

والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم (ڪلياڻ)

ڪري پاڻ ڪريم، جوڙئون جوڙ جهان جي (ڪلياڻ)

پاڻهي پَسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب (ڪلياڻ)

عقابيل اکين ۾، تير تڪا توکي (يمن ڪلياڻ)

اونداهي اڌ رات ۾، پريڻءَ پَسايو پاڻ (ڪنيات)

## تجنيس ناقص

شعر جي سٽن ۾ جڏهن اهڙا لفظ اچن جن جي شڪل صورت هڪ جهڙي هجي ۽ ساڳين ۽ هڪ جيترن حرفن تي ٻڌل هجن پر اعرابن جي حوالي سان انهن جا اچار الڳ نڪرندا هجن ته اهڙي ترتيب کي تجنيسِ ناقص سڏبو آهي.

شاهه سائين جي رسالي مان مثال جو بيت :

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڌو ڪيو

بيت جي هن سٽ ۾ هڪ لفظ جيڪو و ۽ ر تي ٻڌل آهي ٽي ڀيرا آيو آهي پر اعرابن ڏيڻ بعد انهن جي معنيٰ ۾ فرق اچي ٿو وڃي. پهريون آهي ’وَرَ‘ جنهن جي معنيٰ مڙس آهي. ٻيو آهي ’وَرُ‘ يعني ڏِنگُ ۽ ٽيون به ’وَرُ‘ آهي جنهن جو مطلب آهي ڦيرو چڪر يا وڪڙ. سسئي پئي چيو ته منهنجي مڙس ۾ ڪو ڏنگ ڪونه هو پر اصل چڪر ڏيرن هلايو جو پنهل مونکان جدا ڪري ويا.

## تجنيس تام

تام جي معنيٰ ڪامل يا پورو آهي. شعر ۾ جڏهن به يا ٻن ڪان وڌيڪ لفظ اهڙا ڪم اچن جيڪي لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ هڪ جهڙا هجن مگر معنيٰ ۾ مختلف هجن ته ان کي تجنيس تام چئبو آهي. شاهه سائينءَ جي رسالي ۾ ان جا ڪيترا ئي مثال ملن ٿا. جيئن :

جا هڙ اندر جيءَ، سا هڙ ڏني ساهه کي
سا هڙ ڇڙي نه ساهه جي، سا هڙ ساهڙ ري
ساهڙ ميڙ سميع، ته سا هڙ ڇڙي ساهه جي

هن بيت ۾ لفظ ’ساهڙ‘ ڇهه دفعا ڪم آندل آهي. ظاهر ۾ لفظ جي معنيٰ هڪ ته سهڻيءَ وارو ساهڙ يا ميهار آهي ۽ ٻي معنيٰ پريت واري ڳنڍ آهي.

## تجنيس زائد

جڏهن شعر ۾ ٻه لفظ هڪ جنس جا حرفن ۽ حرڪتن ۾ هڪ جهڙا هجن، مگر هڪڙي ۾ ٻي کان هڪ حرف زياده هجي. پوءِ اهو منڍ ۾ وچ ۾ يا پڇاڙي ۾ ئي چونه هجن. اهڙي ترتيب کي تجنيس زائد چئبو آهي.

لطيف سرڪار جي ڪلام ۾ تجنيس زائد جا مثال ملن ٿا.

گهوريندي گهور پئا، آگهور گهوريائون
مڪر ماريائون، مارن مهه سنرا

مٿين بيت ۾ گهور ۽ آگهور ۾ اکر "الف" زياده آهي.

## صنعت تضاد

تضاد جي معنيٰ مخالف يا برخلاف آهي. جڏهن شعر جي سٽن ۾ هڪ ٻي جي برخلاف يا مخالف معنيٰ يا ضد وارا الفاظ ڪم آڻجن ته اهڙي صنعت کي صنعت تضاد چئبو آهي.

لطيف سائين جي ڪلام مان صنعت تضاد جا مثال ڏسو جن ۾ هڪ ئي سٽ ۾ تضاد وارا ٻئي لفظ اچن ٿا.

هونديان هوت پري، اوڏو آهي اڻ هوند کي

مٿين سٽ ۾ هوند ۽ اڻ هوند هڪ ٻئي جا ضد آهن.

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل

هتي وحدت ۽ ڪثرت متضاد آهن.

نه ڪا ابتدا عبد جي، نه ڪا انتها

هن سٽ ۾ ابتدا ۽ انتها هڪ ٻئي جا ضد آهن.

هيٺ اهڙو بيت ڏجي ٿو جنهن جي ٻن سٽن ۾ متضاد لفظ اچن ٿا.

پرينءَ سندي پار جي، مڙئي منائي

ڪانهي ڪڙائي، چکي جي چيت ڪري

هتي پهرين سٽ ۾ مٺائي ۽ ٻي سٽ ۾ ڪڙائي متضاد لفظ آهن.

## صنعت ابهام

ابهام جي معنيٰ آهي وهم ۾ وجهڻ يا منجهائڻ. جڏهن شعر ۾ ڪي لفظ يا عبارتون اهڙيون ڪم آڻجن جن جون ٻه معنائون هجن، هڪڙي ويجهي ۽ ٻي پري. ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جو ڌيان نزديڪ معنيٰ تي وڃي پوي پر شاعر جو مقصد پري معنيٰ وارو هجي.

شاهه سائين جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيئي مثال ملن ٿا. جيئن:

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار

پي پيالو اُڃَ جو اڃ سين اڃ اٿيار

پنهون پاڻ پيار، تہ اڃ سين اڃ اجهائيان

مٿين بيت ۾ اڃ لفظ جو تڪرار آهي. جنهن جي ظاهري معنيٰ ۾ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جو ڌيان تاس يا پياس ڏانهن ڇڪجي ويندو، جيڪا نزديڪ معنيٰ آهي پر شاعر جو مقصد عشق واري اڃ ۽ ميلاپ واري ڪيفيت آهي.

## صنعت ڪنايہ

ڪنايہ جو مطلب رمز يا اشارو آهي. جڏهن شاعر ڪن لفظن يا عبارتن ۾ اهڙي رمز يا اشارو رکي جنهن جي جيڪڏهن اصلي معنيٰ نہ بہ ونجي تہ بہ درست هجي تہ اهڙي صنعت کي صنعت ڪنايہ چئبو آهي. هن صنعت ۾ وڏي فنڪاري درڪار هوندي آهي. پٽ ڌڻي مذڪوره صنعت سان بہ خوب نڀايو آهي. مثال طور هيٺيون بيت ڏسجي :

اسان تِتان آهيون، جتي کهنبو ناهه

جي وڃون منجهہ وهاڻ، تہ پڻ مٿئون لوئيون

هي سُر مارئي جو بيت آهي جنهن ۾ بظاهر ته مارئي پنهنجي ديس جي ويس جو ذڪر ٿي ڪري ۽ عمر کي ٻڌائي ٿي ته اسان جي لوءِ ۾ کهنبا ڪپڙا ڪونه هوندا آهن. وهاڻ ي وچڙ وقت به مٿي تي لوئيون ڍڪيون ويندا آهن. پر ڪنايه طور مراد هيءَ اٿس ته اي عمر! مونکي هتي تنهنجا کهنبا ۽ قيمتي ڪپڙا ڍڪڻا ئي نه آهن.

## صنعت تجاهل عارفانه

صنعت تجاهل عارفانه نهايت دلچسپ صنعت آهي. هن صنعت مطابق شاعر هر ڪا حقيقت ڄاڻڻ باوجود بظاهر پاڻ کي بي خبر رکندو آهي ۽ هو خوبصورت ۽ معنيٰ دار لفظن سان شعر کي سينگاري پيش ڪندو آهي.

لطيف سائين پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ هن صنعت کي نهايت سهڻي نموني استعمال ڪيو آهي. مثال ۾ هي شعر ڏسو :

سِرُ ڍونڍيان ڌَڙ نه لهان، ڌڙ ڍونڍيان سِرُ ناهه
هٿ ڪرايون آڱريون، ويا ڪپجي ڪانهه
وحدت جي وهاڻ، جي ويا سي وڍيا

هتي شاهه صاحب کي جيتوڻيڪ پنهنجي سِر، ڌڙ هٿ، ڪاراين ۽ آڱرين جي هئڻ جي بخوبي خبر آهي مگر محويت ۽ استغراق سبب پاڻ کي بي خبر ڄاڻائي ٿو ۽ چوي ٿو ته مونکي ته خبر ئي نه آهي ته منهنجا اهي عضوا ڪٿي آهن.

## صنعت مراعات النظير

جڏهن ڪنهن شعر ۾ هڪ ئي هنڌ اهڙا الفاظ استعمال ڪيا وڃن جن جي هڪ ٻي سان پاڻ ۾ مناسبت هجي ۽ اهي پنهنجي اندر پرپور معنيٰ رکندا هجن ته اهڙي صنعت کي مراعات النظير چئبو آهي. ڀٽائي جي رسالي مان مراعات النظير جو مثال پيش ڪجي ٿو.

ڪاتي جا قريب جي، سا هڏ ڇيري ڇم

عاشق پنهنجو لحم، الله ڪارڻ وڍئو

هتي ڪاتيءَ جي ذڪر سان هڏ، ڇم ۽ لحم (گوشت) جا لفظ پاڻ ۾ مناسبت رکن ٿا.

## صنعت مجاز مرسل

جڏهن شعر ۾ ڪنهن شي جي عام نالي وٺڻ بدران ان ڏاتوءَ يا شيءِ جو نالو ورتو وڃي جنهن مان اها جڙيل آهي ته اهڙي صنعت کي مجاز مرسل چئبو آهي.

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مجاز مرسل جا انيڪ مثال ملن ٿا.

اي ڪرم جو ڪاڍو، نا ته پٿر ڪير پنڌ ڪري

هتي 'جبل' جي بدران پٿر جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

ٻيو مثال ڏسو :

مارين ٿو مونکي ! چاڙهي لوهه لطيف چئي

هتي لوهه مان مراد تير آهي. يعني تير جي بدران لوهه جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. تير اصل ۾ ته لوهه مان ئي ٺهيل هوندو آهي.

اُپيون اوري پار ڏي، ڪوڙيون ڪک پچن

هتي 'ترهي' بدران ڪک لفظ استعمال ڪيل آهي. سهڻي ٿي چوي ته سڪٽي سڏ رکڻ واريون درياءَ جي اوري پر ٻيهي ترهي جو انتظار ڪنديون رهن ٿيون.

## صنعت تضمين

جڏهن ڪو شاعر پنهنجي شعر کي سينگارڻ ۽ وڌيڪ وزندار بڻائڻ خاطر ڪنهن ٻي وڏي شاعر جي شعر مان سٽ وٺي ته اهڙي صنعت کي تضمين چئبو.

شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ صنعت تضمين جا مثال به ملن ٿا. جيئن :

سهڻي گهڙي سِير ۾ ٻهون نهاري ٻنگ
سِر در قدم يار، فدا شد چہ بجا شد. وصل اهو ئي ونگ
رات جنين جو رنگ، الا! سي اڪاريين
هتي پٽائي صاحب فارسي جي شعر مان سٽ ورتي آهي.

## صنعت حسنِ تعليل

هيءَ معنوي ۽ مخفي حقيقت ڏانهن اشارو ڪندڙ صنعت آهي. جنهن ۾ شاعر ڪنهن مشهور ۽ معلوم سبب کي ڇاڏي واٽي ڇڏي، پنهنجو خيالي سبب ڏيندو آهي، جيڪو معنيٰ مان ظاهر ٿيندو آهي. جڏهن ته ظاهري لفظن مان ڪو پتو ڪونہ پوندو آهي. شاه جي ڪلام مان صنعت حسنِ تعليل جو هڪ خوبصورت مثال پيش آهي :

ادا ڙي ٻانڌي، توکي ڪڙهان ڪہ پاڻ کي
سوڏي خبر سڄڻين، تو ڪا تڙ آندي؟
تون پاتارئان پانڌي،اسان پنڌ پريںءَ ڏي

مٿين بيت جو تعلق سهڻيءَ سان آهي، جيڪا درياءَ جي وهڪري ۾ وهي ايندڙ ٻنڊ سان مخاطب آهي ۽ کيس پاڻ وانگر ميهار جو پانڌيڙو ٿي سمجهي، پر کيس ڪناري تي نہ ٿي ڪڍي. هوءَ ڪانئس پڇي ٿي تہ منهنجي ساهڙ جو ڪو سنيهڙو تہ ڪونہ آندو اٿئي؟ جي نہ تہ پوءِ منهنجو پنڌ پري آهي مان اڳتي وڃان ٿي. ٻُنڊ کي نہ ڪڍڻ، ان کي ڏوراپو ڏيڻ بلڪہ ان تي الزام رکڻ جو کهڙو نہ مناسب سبب بيان ڪيو اٿس.

## صنعت تلميح

هن صنعت ۾ شاعر پنهنجي شعر ۾ قرآن حڪيم جي ڪا آيت، نبي

ڪريم ﷺ جي ڪنھن حديث يا ڪنھن قصي ڏانھن اشارو ڪندو آھي.

لاڪيڙي لطيف جو رسالو ھن صنعت سان ڀريو پيو آھي. مثال طور ٻہ بيت پيش ڪجن ٿا :

سو ئي راھ رد ڪري، سو ئي رھنما
وتعز من تشاءُ، وتذل من تشاءُ

ھتي ٻي سٽ ۾ قرآن ڪريم جي آيت مبارڪ ڏني وئي آھي.

ٻيو مثال :

نہ ڪھ ڄايو ڄام ڪي، نہ ڪو ڄام وياءُ
ننڊي وڏي گندري، سين آھ سياءُ
لم يلد ولم يولد، ايءُ نجابت نياءُ
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو

مٿين بيت جي ٽين سٽ ۾ قرآن ڪريم جي آيت 'لم يلد ولم يولد' آيل آھي.

## صنعت سوال و جواب

ھن صنعت ۾ شاعر ھڪڙي شعر ۾ سوال پڇندو آھي ۽ ٻي شعر ۾ وري پاڻ ئي ان جو جواب ڏيندو آھي. لطيف سائين جي رسالي ۾ اھڙا بيت پڻ ملن ٿا. سُر سھڻيءَ مان ھي مثال ڏسو :

سوال وارو بيت :

متان گھڙين سھڻي ! اڄ درياھ ۾ دم
ڪاري رات ڪُنن ۾، ڪھڙو اٿئي ڪم؟
متان ڄاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين

جواب وارو بيت :

پڇي پاڙي واريون، ڪوھ ڪريندو ڏمُ

ڪاري رات ڪنن ۾، آهه ڪاٽيارين ڪمُ
هي هڏو ۽ چم، گهورئو محب ميهار تان

## صنعت مبالغو

جڏهن شاعر پنهنجي تعريف يا ذڪر ڪندي تمام گهڻو مبالغو ڪري جيڪو حد کان وڌيڪ، نا ممڪن يا عقل ۽ عادت جي برخلاف هجي اهڙي صنعت کي صنعت مبالغو چئبو آهي. هونءَ ته شاعريءَ ۾ هڪ حد تائين مبالغو مباح سمجهيو ويندو آهي جنهن سان شعر جي سونهن ۽ ڪشش ۾ اضافو ايندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن شاعر هن صنعت جي استعمال ڪندي گهڻي وڌاءَ کان ڪم وٺندو آهي.

لطيف سرڪار پڻ هن صنعت جو استعمال ڪيو آهي جنهن جا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. جيئن :

چار تراريون چيلهه سين، ٻڌي ٻه پاڳون
اڳين جون آڳيون، ڪونر ڪِلي ۾ موڪيون

هتي چيلهه سان چار تراريون ۽ مٿي تي ٻه پڳون ٻڌڻ صنعت مبالغو آهي.

## صنعت تفسير

جڏهن ڪو شاعر پنهنجي شعر ۾ ڪي اهڙا مبهم لفظ آڻي جن جو تفسير يا بيان ڪرڻ ضروري ٿي پوي ۽ شاعر انهن لفظن جو تفسير انهن سٽن ۾ پاڻ ئي ڪري وجهي ته اهڙي صنعت کي صنعت تفسير چئبو آهي. ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ مان هن صنعت جو مثال پيش ڪجي ٿو :

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪهه پرياڻ
ونحن اقرب من حبل الوريد، تنهنجو توهين ساڻ
پنهنجو آهي پاڻ، آڌو عجيبن ڪي

هن بيت ۾ ’هوت تنهنجي هنج ۾‘ جو تفسير ٻي سٽ ۾ ’ونحن اقرب من حبل الوريد‘ (الله تعاليٰ اسان کي ساهہ رڳ کان بہ ويجهو آهي) جي لفظن ۾ ڏنل آهي. ۽ ’تنهنجو توهين ساڻ‘ سان مفهوم کي وڌيڪ واضح ڪيو ويو آهي. پٺائي بيت جي ٽين سٽ ۾ سڄي مطلب کي چٽو ڪري پيش ڪيو آهي.

## صنعت ممتنع

اهو شعر جو بظاهر پڙهڻ ۾ آسان هجي پر ان جي معنيٰ پراهين ۽ مشڪل هجي. هيءَ صنعت ڏسڻ ۾ تہ سولي لڳندي آهي پر لکڻ ۾ ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي ڇالاءِ تہ هن جي معنيٰ ۽ مطلب ڳجهو رکڻو پوي ٿو.

لطيف سائين جي شاعريءَ مان صنعت ممتنع جو مثال پيش ڪجي ٿو:

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهہ ۾

مٿيون بيت جيتوڻيڪ بظاهر پڙهڻ ۾ آسان آهي جنهن احد ۽ احمد جي وچ ۾ فقط ميم جو فرق ڏيکاريو ويو آهي پر انهيءَ فرق کي معلوم ڪرڻ لاءِ سڄو عالم گهري سوچ ۾ گم آهي. هتي اهڙي ريت ان کي ڳجهو رکي پٺائي صنعت ممتنع سان نهايت خوب نڀاءُ ڪيو آهي.

## صنعت مڪرّر

جڏهن شعر ۾ ساڳيو لفظ بہ يا وڌيڪ ڀيرا اچي ۽ هر ڀيري پنهنجي پنهنجي معنيٰ ڏيکاري تہ اهڙي صنعت کي صنعت مڪـرّر چئبو آهي. هن صنعت جا شاهہ صاحب جي رسالي مان مثال هن ريت آهن.

’مون‘ مهين ۾ سپجي، مون کي ’مون‘ جڳاءِ
مهين جي سا جاءِ، مهين منجهان مون ٿئي

مٿين بيت ۾ پهرين ’مون‘ جو اشارو ربّ پاڪ جي ذات ڏانهن آهي جيڪو انسان جي ساھ رڳ کان بہ ويجهو آهي. ٻي ’مون‘ جو مطلب خدا تعاليٰ جي ڪبريائي ڏانهن آهي. ان ذاتِ واحد جي وڏائي جي اڳيان بندي جي مان ڪائي حيثيت نہ ٿي رکي. تنهن ڪري ان ئي هستي کي مون جڳائي ٿي.

## صنعت سياقت الاعداد

شعر ۾ جڏهن ڪي عدد ترتيبوار توڙي بي ترتيب ڪم آڻجن يا ڪي صفتون يا ڳالهيون شمار ڪرڻ ۾ اچن تہ اهڙي صنعت کي سياقت الاعداد چئبو آهي.

شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ هن صنعت جا بہ ڪجھ مثال ملن ٿا. جيئن :

اٺ ويري، اوٺار ويري، ٿيان ويري ٽيڙم ڏير
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پير
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن الهي ڪئي اَوير
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سنوان ڪيا نہ سير
ستون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نہ وڏي وير
واهيري جي وير، ڇلون ڪريان ڇپرين

## صنعت ارسال المثل

صنعت ارسال المثل اهڙي صنعت کي سڏبو آهي جنهن ۾ شعر جي سٽن ۾ ڪو پهاڪو يا مثال ڪم آندو وڃي. جڏهن هڪ ئي بيت ۾ بہ پهاڪا يا مثال ڏنا وڃن تہ ان کي ارسال المثلين چئبو آهي.

ڀٽائي گهوٽ جي ڪلام ۾ اهڙا ڪجھ بيت ملن ٿا جن ۾ پهاڪا يا مثال ڪم آندل آهن. جئين :

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري

جنين جي ورونهن، سڄڻ آيو مان ڳري

مٿين بيت جي پهرين سٽ 'ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري' سنڌي ٻوليءَ ۾ ضرب المثل طور استعمال ٿيندو آهي.

## صنعت ترجمه

جڏهن شعر ۾ ڪنهن هڪڙي ٻوليءَ جو بيت / شعر يا مصرع ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ آڻجي ته اهڙي صنعت کي صنعت ترجمو چئبو آهي.

لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ اهڙا انيڪ مثال موجود آهن. جيئن مولانا رومي جي مثنوي جي پهرين ٻئي بيت جو ترجمو پڻ ڏٺي هن ريت ڪيو آهي:

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري
هن پَڻَ پنهنجا سارِيا، هي هنجون هڏن لئه هاري

مولانا رومي جي فارسي زبان ۾ لکيل مثنوي جون سٽون آهن:

بشنو از بے چوں حکایت می کند
وائے از جدائی ها شکایت می کند

## مددي ڪتاب


- شاهه جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهه جو رسالو — غلام محمد شهواڻي
- علم بديع (ڇاپو ٽيون) — ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
- بحر الفصاحت — مولوي محمد نجم الحسن
- سنڌي ويا ڪرڻ (ڀاڱو چوٿون) — مرزا قليچ بيگ
- املهه ماڻڪ (ڀاڱو پهريون) — مرزا قليچ بيگ
- پيهي منجهه پاتال — ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف — ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر
- عرفانِ لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# انساني عضون جو ذڪر
# ۽ انهن جي معنوي حقيقت

انسان، جنهن کي الله تعاليٰ سموري مخلوق ۾ اعليٰ ۽ اشرف ڪري خلقيو آهي، سو روح ۽ جسم جو مرڪّب آهي. روح کان سواءِ جسم اڌپورو ۽ جسم کان سواءِ روح اڌورو هو. جيتوڻيڪ روح جي تخليق ته جسم جي تخليق کان به اڳ ۾ ٿي هئي. جڏهن اجان الله پاڪ جسم کي ڪونه خلقيو هو تڏهن به روح عالمِ ارواح ۾ موجود هئا. پوءِ امر ربّي سان روح جسم جي قالب ۾ داخل ٿيا ۽ ائين انسان جي تخليق ٿي. معلوم ٿيو ته روح ۽ جسم جو رشتو قديم آهي. انسان کي خداوندِ تعاليٰ فعلاً مختيار بڻائي موڪليو. سندس فعل ۽ قول جو تعلق جئين ته جسم سان ئي آهي، تنهن ڪري سٺن يا برن عملن جي جزا يا سزا به جسم کي ئي ملي ٿي. روح پاڪ آهي، تنهن ڪري اهو هر سزا کان آجو آهي.

جسم جي هر عضوي جو وري جدا جدا عمل آهي ۽ هر ڪو عضوو پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿو. انسان جي جذبن جو اظهار عضون ذريعي ئي ممڪن آهي. شاعر جِي انهن جذبن توڙي عضون جي نقل و حرڪت تي گهري نگاھ رهي ٿي، جنهن جو اظهار هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي ڪري ٿو. شاعرن جي سرتاج ۽ سرواڻ ان ڏس ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. سندس ڪلام ۾ انساني عضون جي عمل ۽ ڪيفيت جو با معنيٰ ۽ خوبصورت اظهار ملي ٿو. هيٺ رسالي جي مختلف سُرن مان مختصر طور اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا.

## سُر ڪلياڻ

سُر ڪلياڻ جو هڪ بيت آهي :

اصل عاشق پهچي، سسي نہ سانديين
لاهيو سِر لطيف چئي، ساهه سلاڙئو ڏين
ڪُلنئون ڪاتين، پڇن پوءِ پريتڻو

هن بيت ۾ انساني جسم جي ۽ عضون سسي (سِرُ) ۽ ڪلهن جو ذڪر آيو آهي. عشق جي واٽ ۾ عاشقَ پنهنجي جان پياري ڪونہ ڪندا آهن بلڪ هو تہ پنهنجو سِرُ ڪلهن وٽان ڪوري محبوب جي آڏو پيش ڪندا آهن ۽ ائين محبّت جي واٽ ۾ سُرخرو ٿيندا آهن. اهو ئي محّبت جو معراج آهي. عشق هميشہ قربانيءَ جو طالبو هوندو آهي.

ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت پيش آهي :

اصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانڍڻ ڪم
سئہ سسنئان اڳرو، سندو دوسان دم
هي هڏو ۽ چم، پِڪَ پريان جي نہ پڙي

هن بيت ۾ سِرَ کان علاوه هڏي ۽ چَمَ جو ذڪر پڻ آيو آهي. عاشق پنهنجو سِرُ سانڍي ڪونہ رکندا آهن. هو تہ دوست جي هڪ ساعت يا دم جي ميلاپ بدلي پنهنجون سئہ سسيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ پنهنجي هڏ ۽ چم يعني پنهنجي وجود کي پريںءَ جي پِڪَ برابر بہ ڪونہ سمجهندا آهن.

سُر ڪلياڻ جي هيٺين بيت ۾ هٿ ۽ وات جو ذڪر آهي :

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تهجي
فاذڪروني اذڪرڪم، ايءَ پروڙج بات
هٿ ڪاتي، ڳڙ وات، پيچڻ پَرِ پرينءَ جي

يعني جهڙي طرح عاشق کي اندر ۾ هر پل محبوب جي تار ۽ تنوار لڳل هوندي آهي ساڳي طرح توڙي يار بي پرواهہ آهي تہ بہ پنهنجي عاشق کي ياد ڪندو رهندو آهي. قرآن ڪريم ۾ بہ الله پاڪ پنهنجن بندن لاءِ فرمايو آهي تہ ’اوهان مونکي ياد

ڪريو تہ مان اوهان کي ياد ڪندس.‘ انهيءَ قربت ۽ محبّت کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

محبوب کي هٿ ۾ توڙي جو ڪاتي آهي جنهن سان عاشق جي مٿان ظلم ڪندو رهي ٿو پر تڏهن بہ هو پنهنجي مٺي گفتي سان هن جو حال بہ پڇندو رهي ٿو. اها ئي سندس ادا ۽ عادت آهي.

## سُر يمن ڪلياڻ

سُر يمن ڪلياڻ جو بيت آهي :

ڪانڌين، ٽانڊين ٻاٻرين، پڇان مَرُ پيئي
جيرا، جگر، بڪيون، سيخن ۾ ٽيئي
ويڄئون ويئي، ٿي وهيٽي سڄڻين

مٿين بيت جي ٻي سٽ ۾ انساني جسم جي ٽن اهم عضون جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيرا، جگر ۽ بڪيون انساني زندگي جي بقا ۾ يقيناً وڏي اهميت رکن ٿا. لطيف سرڪار سچي سالڪ جي اندر جي اذيت واري ڪيفيت جو اظهار ڪهڙي نہ خوبصورت پيرايي ۾ ڪيو آهي. ڳنڍيءَ ۽ ٻبر جي ٽانڊن تي گويا جيرا، جگر ۽ بڪيون سيخن ۾ پيون پچن ۽ پڄرن ٿيون. انهيءَ جو علاج ويڄن ۽ طبيبن کان بہ زور ٿي ويو آهي. هاڻي تہ سڀ ڪجهہ فقط سڄڻن جي ئي اختيار ۾ آهي.

اذيت ۽ تڪليف جي تمثيل ڳنڍيءَ ۽ ٻبر جي ٽانڊن سان ڏئي لطيف سائين ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. مٿين ٻنهي وڻن جي ڪاٺيءَ جي ٽانڊن جي تپش ۽ تاءُ ٻين ڪاٺين کان وڌيڪ سخت ليکيو ويندو آهي. ٻي طرف اهڙن ٽانڊن تي جسم جا ٿي انتهائي نازڪ ۽ نرم عضوا پچندي ۽ پڄرندي ڏيکاريا ويا آهن.

هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي :

سِر جو سيخئو سڄڻين، پِرِ پيڏيءَ ڏيئي

ڪانُ ڪرنگر ڪپئو، پکن سِر پيهي
جيرا، جگر، بڪيون، پاسارڙا ڀيئي
ويڄنئون ويئي، ٿي وهيٽي سڄڻين

هن بيت ۾ جيري، جگر ۽ بڪين کان علاوه جسم جي ڪجهه ٻين حصن پيڏي، ڪرنگهي ۽ پاسيرين جو به ذڪر آيو آهي. محبوب پيڏيءَ پر وبهي تير جو ٽُز نشانو ورتو جيڪو ڪرنگهي ڪان ٿيندي جيري، جگر ۽ بڪين کا لڙي پاسيرين تائين وڃي پهتو ۽ انهن سڀني عضون کي گهائل ڪري رکيو. هاڻي عاشق جي اهڙي حالت جو علاج حڪيمن جي وس ۾ ڪونه رهيو آهي وري به ان جو معالج محبوب ئي ٿي سگهي ٿو.

## سُر ڪنيات

هن سُر جي هيٺين بيت ۾ هڪ ئي وقت اکين، نڪ ۽ پيشانيءَ جو ذڪر آندو ويو آهي :

چنڊ چوانءِ حق، جي مَنو مور نه پائين
ٻه اکيون ٿيون نڪ، تو ۾ ناهي پيشاني پريءَ جي

سُر ڪنيات ۾ چنڊ سان خطاب وارن بيتن ۾ لطيف سائين جو محبوب نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات والا صفات آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جي شبيهه مبارڪ جا ڳڻ ڳائيندي هو چنڊ کي چوي ٿو ته منهنجي محبوب جهڙو نڪ نقشو تو وٽ ڪٿي آهي! تنهنجو چهرو ته داغدار آهي.

## سُر سسئي آبري

هن سُر جو هڪ بيت آهي جنهن ۾ لطيف سائين ڳِن جو ذڪر ڪهڙي نه خوبصورت پيرائي ۾ ڪيو آهي :

ڳِنُ ٿيءُ، ڪيچن ڪيچئو ڪچ مَ تا ڪچن

اشارتون ان جيون، سُڪوتان سڄڻ
وٺان ويهي تن، سڻ تہ سوز پرائيين

لطيف سرڪار طالب کي تنبيهه ٿو ڪري تہ ڳالهہ ٿي پئہ، يعني پوريءَ طرح ڳالهہ ڏيئي غور سان ٻڌ. جيڪي محبوب فرمائين ٿا. تون ڪجهہ نہ ڪُڇُ نہ ئي تون پنهنجا دليل ڏي بلڪ جيڪي هو ٿا چون اهو ٻڌ. هو توکي اشارن ۾ ڪجهہ ٻڌائڻ ٿا چاهين. ماٺ ڪري سڪون سان ويهي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندين تہ سِڪ ۽ سوز پرائيندين.

## سُر معذوري

هن سُر جو هڪ بيت آهي :

ڪنڌا مون پيرن ۾، توٽي لک لڳن
آڱر آڱوٺي نہ مڙي، ڇپون پير ڇنن
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نہ پائيان

هن بيت ۾ هڪ ئي وقت پيرن، آڱرين ۽ آڱوٺن جو ذڪر آيو آهي. سسئي جا سمورا سُر سوز سان پريا پيا آهن. هن مسڪين پنهل کي ڏوريندي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا، پوءِ بہ هوءَ مضبوط ارادي سان اڳتي وڌنڌي رهي. هن جا ارادا اٽل هئا. هن چيو پئي تہ پل پيرن ۾ لکين ڪنڊا لڳن، آڱريون ۽ آڱوٺا ڦٽجي پون ۽ جبل منهنجي پيرن کي پٿون ڪري پر پرينءَ واري پنڌ ۾ پيرن ۾ جُتي بہ ڪونہ پائيندس.

ساڳي سُر جي هڪ بيت ۾ هٿن پيرن سان گڏ گوڏن جو پڻ ذڪر آيو آهي.

هٿين پيرين مونڙين، هلج ساڻ هيين
عشق آري ڄام جو نباهي نيين
جان جان ٿي جيين، تان پاڙج ڪو مَ پنهوءَ سين

لطيف سائين سسئي جي رهنمائي ڪندي ڪيس فرمائي ٿو تہ آري ڄام جو عشق نباهڻ خاطر هٿن پيرن ۽ گوڏن پر هلندي رهہ پر ان دوران تنهنجي دل جي تار

پنهنجي پنهل سان ضرور ڳنڍيل هجي. يعني دل جي جذبي سان اڳتي وڌنڌي رهه. جيستائين تنهنجي سرير ۾ ساهه آهي تيستائي ڪنهن به ٻي کي پنهل جو ثاني نه سمجهه.

ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت آهي جنهن ۾ هٿن پيرن ۽ مونن کان علاوه پيشانيءَ جو پڻ ذڪر آيو آهي :

هٿين پيرين مونڙين، ڪهج پر قُدام
وچ وسيلو ناهه ڪو اوري آري ڄام
هيين لائي هام، پاڙج ڪو مَ پنهونءَ سين

هٿ قدام جي معنيٰ پيشاني آهي بيت جو باقي مفهوم ساڳيو آهي.

## سُر ڪوهياري

هن سُر جي هيئين بيت ۾ پيرن جو ذڪر آهي :

جڏهن سُتيون جي، پٽر پير ڏگها ڪري
تڏهن تنيين کي، ساٿ سُتي ئي ڇڏيو

لطيف سائين سسئي جي حوالي سان عام انسان کي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته اوهان کي سسئي جي غفلت مان سبق سکڻ گهرجي. جيڪا پٽرٽين تي پير ڏگها ڪري غفلت جي ننڊ ۾ غلطان رهي ته ڪيس ساٿ ستي ئي ڇڏي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿي ويو.

اهڙي طرح هڪ ٻي بيت ۾ اکين ۽ ڇهري جي اپٽار ڪيل آهي:

سُتيءَ سنجهي ئي، مهه ويڙهي مُئن جئنءَ
اوجاڳو اکين کي، ڄاتوءِ نه ڏيئي
هٿا تو پيئي، ٿي ڳچو ڪيچين کي ڪرين!

جڏهن سسئي مئلن وانگر منهن ويڙهي سويري ئي بي فڪر ٿي سمهي رهي ۽ اکين کي اوجاڳو ئي نه ڏنائين ته نتيجي ۾ مٿس مصيبتن جا پهاڙ ڪري پيا پر هن

ان لاءِ ڪيچين کي قصوروار ٿي سمجهو. هن کي شڪايت هئي ته هو کيس ننڊ ۾ ڇڏي ويا. پٺائي هن بيت ۾ سسئي کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڏياري ٿو ته اها پوڳنا توکي پنهنجي غفلت سبب ڪاٽڻي پئي آهي، ڪيچين جو ته ڪوئي قصور ئي ڪونهي.

## سُر حسيني

هيٺين بيت ۾ هٿن، ڪراين ۽ آڱرين جو ذڪر آيو آهي :

ڪُهه ڄاڻان ڪُهه ٿئو، ڪيڏانهن تي وڃان
هٿ، ڪرايون، آڱريون، موڙئون سڀ پچان
ٻئن گهر ٻچان، مون هاريءَ هوت وڃائيو

سسئي جڏهن پنهل جي تلاش ۾ گهران نڪتي ته کيس انهيءَ اوچتي حادثي تي حيرت هئي. هن دل ۾ پئي چيو ته هي اچانڪ ڇا ٿي ويو! مان آخر ڪيڏانهن ٿي وڃان؟ پوءِ ستت ئي جڏهن هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ته کيس پاڻ تي سخت غصو آيو ۽ هن ڪاوڙ وچان پنهنجي هٿن، ڪراين ۽ آڱرين کي مروٽي پچڻ جي پئي ڪئي. کيس ان وقت ڀنڀور جي ٻين گهرن جي سُک ۽ آرام وارو منظر ياد اچي ويو جتي هر طرف خوشين ۽ مبارڪن وارو ماحول هوندو هو.

هن سُر جي هڪ ٻي بيت ۾ ڪُلهن ۽ مٿي جو ذڪر آيو آهي:

ڪلهن ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اگهاڙو
منهنجو ڪڄاڙو، ڀينر هن ڀنڀور ۾

سسئي پنهنجي پنهل جي پويان ڀنڀور ڇڏي اڻ ڄاتل ۽ اڻانگن رَندن ۽ راهن تي رواني ٿئي ٿي. هاڻي ڀنڀور ۾ سندس لاءِ ڪا ڪشش ئي ڪانه رهي آهي. هلندي هلندي سندس پوتي ليڙون ليڙ ٿي وڃي ٿي ۽ چولي ڪلهن کان ڦاٽي پوي ٿي. هوءَ اهڙي حالت ۾ مٿي اگهاڙي جهنگ ۽ جبل ۾ ڀٽڪندي رهي ٿي.

## سُر ليلا چنيسر

هيٺين بيت ۾ هڪ ئي وقت ڪنن، ڳچيءَ، ٻانهن ۽ وارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

سونا ڪُرَ ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار
ٻانهوٽا ٻانهن ۾، سينڌ سٽيا وار
تيلاھ پيءِ پچار، ڪاند مهجي چڙي

ليلا چنيسر جي قصي ۾ عورت جي زيورن سان غير معمولي رغبت ۽ پيار واري فطري ڪمزوري ڏيکاريل آهي. ليلا، نوَ لکي هار تي هِرڪي پنهنجو ورُ وڃائي ويهي ٿي، هوءَ پڇتاءَ بجاءِ ڪنن ۾ سونا پنڙا (ايرينگ) ڳچيءَ ۾ سونا هار ۽ ٻانهن ۾ ٻانهوٽا پائي سينڌ ڪي سٽيو رکي، هار سينگار جا سمورا لوازمات پورا ڪري ٿي، ان ڪري ئي هوءَ چنيسر جي دل تان ڪري پئي ٿي. ڪانڌ جي اهڙي رسامي باوجود هوءَ پنهنجي فطرت هٿان مجبور آهي ۽ هار سينگار ڪان ڪونہ ٿي مڙي.

## سُر سورٺ

سُر سورٺ جي مٿين بيت ۾ مٿي يا سِرَ جو ذڪر ڪيل آهي.

مٿي اتي مهجي، جي هئا سِرن سوَ هزار
تہ تنهنجي تند تنوار، هر هر وڍئم هيڪڙو

ٻيجل پنهنجي سرندي سان راءِ جي روح کي ايترو ريجهائي وڌو هو جو هو ان ساز جي سُرَ عيوض هڪ سِرُ تہ ڇا پر سوين سِرَ واري واري قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

مٿي يا ڪنڌ جي حوالي سان هڪ ٻيو بيت پيش آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻيجل جي ساز جو سُرُ ٻيجل جو ڪاٺُ ۽ راءِ ڏياچ جو ڪنڌ ٽئي ملي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا آهن. بيت هن ريت آهي:

ٽيئي پرچئا پاڻ ۾، تند، ڪٺارو، ڪنڌ

تنهن جهو ئي ناهه ڪين، جو تو چارڻ ڪئو پنڌ
اي شڪر الحمد، جنءَ مٿو گهريوءِ مڱتا!

ٻي سٽ ۾ راءِ ڏياچ ٻيجل سان مخاطب ٿي چوي ٿو تہ تنهنجي پنڌ جو تہ مان قدر ۽ قيمت ڏئي ئي نہ ٿو سگهان. ڏٺيءَ جا لک شڪرانا جو تو مونکان سِرَ جي قرباني گهري جيڪو مون وٽ موجود آهي، پر جيڪڏهن ڪا اهڙي شي گهرين ها جيڪا مون وٽ موجود ئي نہ هجي ها تہ پوءِ منهنجي لاءِ وڏو لاچار ٿي پوي ها.

## سُر پورب

هن سُر جي هيٺين بيت ۾ هيانوَن يا دل جو ذڪر ڪيل آهي :

ڪڏي ڪانگا تو ڏيان، هِيون ساڻ هٿن
وڃي ڪاءُ ولات ۾، اڳيان عجيبن
پرين مانَ چون، هنءَ قربان ڪير ٿي

عاشق پنهنجي محبوب ڏانهن ڪانگل کي قاصد بڻائي ٿو موڪلي ۽ کيس پنهنجي دل هٿن سان ڪوري ڪڏي ٿو ڏئي ۽ چوي ٿو تہ منهنجي دل کڻي ولايت ۾ وڃي محبوبن اڳيان ڪاءُ. مَنَ پرين توکان پڇي وٺن تہ هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي آهي.

## سُر ڪيڏارو

هن سُر جي هڪ بيت ۾ ڪلهي، ڪرنگهي ۽ ڪنڌ جو ذڪر آيل آهي :

مير مدينئا نڪري، رڙهيا مٿي رَند
گهوڙا تن گهوٽن جا، پرئا مٿي پنڌ
جتي رهيا راتڙي، سي سنهارا هنڌ
ڪُلا، ڪرنگر، ڪنڌ، جهرن جهونجهارن جا

اهلبيت ڪرام مديني پاڪ کان قافلي جي صورت ۾ ڪوفي لاءِ روانا ٿيا.

گهوڙن تي سوار هي مختصر قافلو صبر آزما تڪليفن وارا پنڌ ۾ منزلون ڪندو اڳتي وڌندو رهيو. لطيف سرڪار انهن منزلن وارن ماڳن کي مبارڪ سڏي ٿو. جڏهن انهن بهادرن ۾ جيالن جو قافلو ڪربلا جي پڙ ۾ پهتو تہ تمام گهٽي ٿڪاوٽ سبب انهن سر فروشن جا ڪلها، ڪرنگها ۾ ڪنڌ ڏکڻ لڳا.

ساڳي سُر جي هڪ ٻي بيت ۾ حضرت امام حسين عہ جي سونهاري ۾ دندان مبارڪ جو بيان آندل آهي.

ڏاڙهي رَتُ رتياس، ڏند تہ ڏاڙهوءَ گلَ جنءَ
چوڏهين ماهہ چنڊ جنءَ، پِڙَ ۾ پاڳڙياس
ميڙي ۾ محمد مير جي، مر مَرڪي ماس
تهہ سورهيہ کي شاباس، جو متي پِڙَ پرزا ٿئو

ڪربلا جي پِڙ ۾ حق ۽ باطل جي هن معرڪي ۾ ظالم يزيد جي جرار لشڪر جي مقابلي ۾ امامن سڳورن جي مختصر لشڪر جا سرفروش پنهنجي سرن جي قرباني ڏئي شهادت جو جام نوش ڪندا رهيا. آخر حضرت امام حسين عہ پاڻ دشمن جي لشڪر جي سامهون آيو ۽ ڪيترن ئي دشمنن جا سِرَ تن کان جدا ڪيائين. آخر دشمن جي هڪ وارَ جي نتيجي ۾ امام سائين جي سونهاري مبارڪ رت ۾ ريٽي ٿي پئي ۽ ڏند مبارڪ رتُ جي ڳاڙهن نشانن سبب ڏاڙهوءَ گل جيان ڏِکَ ڏئي رهيا هئا ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ امام سڳوري جي دستار مبارڪ چوڏهينءَ جي چنڊ جيان جرڪي رهي هئي. آخر حق جي راهہ ۾ حضرت امام حسين سِرَ جي قرباني ڏئي سُرخرو ٿيو. قيامت ڏينهن نبي ڪريمﷺ آڏو امام سائين جي امڙ حضرت فاطمتہ الزهراؓ جي منهن مبارڪ تي مرڪ هوندي ۽ سندس ڪنڌ ان عظيم قربانيءَ سبب اوچو هوندو.

## سُر رامڪلي

شاهہ جي هن سُر جي هيٺين بيت ۾ ڪنن جو ذڪر آيو آهي.

هي جي ڪن ڪپار جا، سوڌو سي نہ سٽين
اندر جي آهين، سڻ سنيهو ان سين

لطيف سرڪار ڪن ڪٽ ڪاپڙين سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ توهان ڪي هي جيڪي ڪپار ۾ ظاهري ڪَنَ آهن اهي صحيح معنيٰ ۾ حق جو هوڪو سٽي ڪونہ ٿا سگهن، انهن ۾ اها صلاحيت ئي ڪونہ آهي. اندر جي ڪنن سان سچڻن جو سنيهو ٻڌڻ جي ڪوشش ڪريو. اندر جي ڪنن مان مراد ضمير جي سجاڳي آهي. ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت ڏسو:

هي ڳن گاڏها وڪٽي، ڪن هي ٻيا ڳنهيج
تنين ساڻ سٽيج، پريان سندي ڳالهڙي

## سُر مارئي

هن سُر جي هيٺين بيت ۾ ٻانهن جو تذڪرو آيو آهي :

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون
سون برابر سڳڙا، مونکي ٻانهن ٻڌائون
عمر جو آئون، پَٽُ ڪنءَ پرهيان سومرا

مارئي، عمر سومري سان مخاطب آهي. ڪيس چوي ٿي تہ مون تہ ڪيت سان اباڻن واري ساڳي لوئيءَ ۾ لائون لڏيون آهن. ان موقعي تي منهنجي ٻانهن ڪي جن رنگين سڳڙن سان سينگاريو ويو هو انهن سڳڙن ڪي جڏهن مان سون جي مَٽُ ٿي پائيان تہ پوءِ اي عمر! مان تنهنجا پَٽَ جا قيمتي ڪپڙا ڪيئن اوڍينديس. ان مان مارئيءَ جي پنهنجن اباڻن سان غير معمولي اڪنڊ ۽ اڪير جو پتو پوي ٿو.

## سُر ڍهر

هن سُر جي هيٺين بيت ۾ ڳلين جو ذڪر آيو آهي :

ڪُنڍي ڳلين وچ ۾، جڏهن هئين جن

موتي مون پرين، ڪيڻ جي ڪانه ڪئي

عام طور مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪُنڍي ڪم ايندي آهي، جيڪا مڇيءَ جي ڳليءَ ۾ ڦاسي پوندي آهي. مٿين بيت ۾ اهڙي ڪُنڍي محبوب، عاشق جي ڳلين ۾ هٽي ڪيس سوگهو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيڻ جي صفا نه ٿو ڪري. گويا هن عاشق لاءِ اها سزا مقرر ڪري ڇڏي هجي.

ساڳي سُر ۾ ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي :

ڪُنڍي ڳلين وچ ۾، جڏهن هنيائون
اڦٽ نه ماريائون، ڏور ڏئي ويا ڏک جي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مٿين سٽن جي تشريح هن ريت ڪري ٿو:

”محبت جي مهراڻ ۾ محبوب جڻ گهاتو ٿي اچي عاشق ڪي ڳلين ۾ ڪُنڍي وڌي آهي. جئن ڪنڍي لڳل مڇي ٻه جيئري پئي پاڻيءَ ۾ لڙهندي ۽ ايذاءَ سهندي پر مرندي ڪانه آهي تئن محبوب جي هنيل ڪنڊي عاشق جو ٻه اهڙو ئي حال ڪري ٿي. “

# قادرِ مطلق جي هستيءَ جو تصور

قادرِ مطلق جي هستي ڪائنات جي ذري ذري ۾ لڪل هوندي بہ ظاهر آهي. روحاني علم جي اک رکندڙن لاءِ سندس نور جو ظهور هن عالمِ رنگ و بو جي جملي شين ۾ نمايان آهي، جنهن جي تجلي اهي ئي محسوس ڪري سگهن ٿا، جن روحاني عشق جي پاتال ۾ غواص جيان غوطا هڻي، سچي محبّت جا ماڻڪ موتي ميڙيا آهن. اهڙي مرد مومن جي نگاهه هر لحظي جانب جو جمال پسي ٿي ۽ هر طرف کيس انهيءَ حقيقي محبوب جو نور نظر اچي ٿو. پوءِ اهڙي وقت تي اهو عاشق بيساختہ چئي ڏئي ٿو :

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪڙس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون

سڪ جو سودو سوڏيندي سچو سالڪ جڏهن عشق جي امتحان جون سموريون منزلون اکري پار پوي ٿو، تڏهن هو جڻ تہ ڪوري مان پچي رچي ريٽو ٿيو پوي ۽ کيس ٻي ڪنهن بہ هستيءَ جي طلب ۽ تات ڪانہ ٿي رهي. سندس دل ۾ فقط مالڪِ حقيقي جي محبّت لاءِ جڳهہ رهي ٿي. هاڻي کيس ڪنهن بہ دنيوي علم جي لوڙ ڪانہ ٿي رهي. کيس دنيا جي هر چيز ۾ پاڪ پروردگار جو پرتوو پوندو نظر اچي ٿو ۽ سندس زبان تي تون ئي تون جو ورد رهي ٿو.

ڪيو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري

سچي عشق جي منزل عاشق ئي ڄاڻن ٿا. دنياوي عشق ۾ بہ عقوبتون سهڻيون پون ٿيون. تڏا ساهہ ڪڄن ٿا. ڳوڙها ڳڙن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن پٿر ۽ ڪنڊا بہ قبول ڪجن ٿا. جبل جهاڳڻا پون ٿا ۽ صحرائن جو سفر مقدر بڻجي ٿو. پر حقيقي عشق ان کان ڪئي ڀيرا وڌيڪ قربانيون گهري ٿو. من جون سڌون ماري، دنيا جي لوڀ

لالچ کي لت هٽي، شريعت، طريقت ۽ حقيقت جون منزلون اُڪري انسان وڏين صبر آزما سَٽن سهڻ بعد مس وڃي معرفت کي رسي ٿو. انهن منزلن طئي ڪرڻ ۾ جيڪي ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا، اهو هر ڪنهن جو ڪم نہ آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو:

عشق نہ آهي راند، جو ڪيڏن ٻيرو
سسي نيزي پاند، اڇل تہ اڌ ٿئي

جيڪي عارف اهي سموريون منزلون طئي ڪري وڃي پار پهچن ٿا، تن جي مٿان الاهي رازن جي حقيقت کُلي پوي ٿي ۽ کين وڻ ٽڻ توڙي ڪک پن مان فقط ’هو‘ واري هڪڙي ئي وائي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ۽ جڏهن طالب، مطلوب ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي ٿو تہ ان وقت زماني جي ڪوتاهہ نظريءَ سبب الزام تراشي جي جواب ۾ سندس جسم جي رڳ رڳ مان هي آواز اڀري ٿو ”هن زماني ۾ ڪيئي منصور آهن، تون ڪيترن کي سوريءَ جو سينگار بڻائيندين.“

جر تڙ تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي
سپيئي شي ٿيا، سوريءَ سزا وار
همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهين

حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ سچ جي سوداگرن جيڪي جتن ڪيا، جبل جهاڳيا، وندر ووڙيا، ڪٺيون ڪفنيون ۽ بيراڳڻيون ڪٽي جوڳ ڪڍيا، سامين جي سنگت ۾ تپشائون ڪيون، لاهوت ۽ هاهوت جا ڦيرا ڪيا، فاقا ڪڍيا، مالائون جپيون ۽ ڪننا پاتا، تن مٿان تہ ڪتان بہ حقيقت جا راز کين کليا. پر جڏهن ڪنهن سالڪ جي نظر پنهنجي وجود جي اٿاهہ گهرائين ۾ رسي تہ مٿس حجاب جا پردا کلي پيا. جنهن محبوب کي ڳولڻ لاءِ هن جر ٿر هڪ ڪيو هو سو ڪيس ساهہ جي رڳ کان بہ ويجهو نظر آيو. راهرو پنهنجي منزل تي رسي خود منزل بڻجي ويو. ان وقت کيس پنهنجون سموريون ڪاوشون ڪمتر نظر آيون. انهيءَ معرفت جي منزل ماڻڻ تي پٽائي فرمائي ٿو:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪهہ پرياڻ
ونحن اقرب من حبل الوريد، تنهنجو توهين ساڻ
پنهنجو آهين پاڻ، آڏو عجيبن ڪي

منزل تي رسڻ لاءِ آسان ۽ سنئون سڌو رستو اختيار ڪرڻ ۾ ئي عقلمندي آهي، زندگيءَ جون حقيقتون ۽ روحانيت جا راز جهنگلن ۾ ڀٽڪڻ ۽ دنيا کان ڪٽجي وڃي رهبانيت اختيار ڪرڻ ۾ ملي ڪونہ سگهندا. بلڪ هن دنيا جي گهہ ڀيهہ ۾ رهي، زندگيءَ جي تلخ تجربن مان گذرندي ۽ نفس پليت جي هزارين خواهشن کي ٺڪرائي، زندگي جي حقيقتن ۽ خالقِ حقيقي جي قربت ۽ ڪمال حاصل ڪري سگهجن ٿا. پاڻ ۾ پيهي ’مان‘ کي مارڻ سان ئي تائيدِ ايزدي حاصل ٿي سگهي ٿي. پنهنجي ’فاني‘ وجود کي ’باقي‘ ۾ ضم ڪرڻ سان ئي روحانيت جا راز کلي پون ٿا ۽ سالڪ کي پنهنجي وجود اندر ئي مقصود ملي وڃي ٿو.

ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو پوري پائيو
پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وڻڪار
ڏاريا پائنج ڏار، پڇ پريان ڪر پاڻ تون

ڪيترا يوگي ۽ جوڳي جن جي دل ۾ حق کي حاصل ڪرڻ جي اڻ تڻ هوندي آهي، سي پنهنجي مطلوب ۽ مقصود کي ماڻڻ لاءِ تن کي تسيا ڏئي، من جي مهس ماري، دنيا جي جهنجهٽن ۽ قرب ڪارين کان دور، لڪن ۽ لنگهن کي پيچرو بڻائي، وندر ووڙي، جهنگل جهاڳي، ڪن خاص آستانن يا مڪانن جا وڃي مڪين ٿيندا آهن. ۽ سموري زندگي انهيءَ جستجو ۾ گذاريندا آهن، پر ڪين حاصل ڪي ڪين ٿيندو آهي، معرفت جا موتي تہ انهن جي هيئين جو هار ۽ ڳچيءَ جو سينگار بڻبا آهن، جيڪي دنيا جي معاملات سان منهن ڏيندي، حقوق العباد تي عمل پيرا رهي، وقت ڪڍي ايڪانت ۾ ويهي نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان ربّ کي ريجهائڻ ۽ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اکين مان نير وهائيندا آهن ۽ اهڙي ريت من کي اجاري اڇو ڪندا آهن.

لطيف سائين بہ مذڪوره مرحلن مان گذريل پيو پائنجي. انهيءَ ڪري ئي انهن يوگين ۽ جوڳين کي محبوب جي مسڪن جو صحيح ڏس ڏئي رهيو آهي.

چو ويجين وٽڪار، هٿ نہ ڳولهين هوت کي
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻي پار
ٿي سَتي ٻڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو

عارف جي اک ڪائنات جي ذري ذري ۾ پنهنجي حقيقي محبوب جو جمال پسي ٿي ۽ ڪيس هر ڪا شيءِ خالقِ ڪائنات جي مدح خوان نظر اچي ٿي. ”ڪک پن ڪن اقرار، اسين ٻانها تون ڌڻي.“

هاڻي جڏهن جو سالڪ تي روحاني رازن جي اپٽار ٿي آهي تہ ڪيس انهن سمورن وٿاڻن ۾ بہ ساڳيو ئي نور نظر اچي رهيو آهي.

وورڙيم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي
والله بِڪُل شيءِ محيط، اي آرياڻي اهڃاڻ
سڀ ۾ پنهون پاڻ، ٻيو ناهہ ٻروچ ريءَ

# سُر ڪاموڏ جو روحاني راز

شاھ سائين جو سمورو رسالو معرفت جي موتين سان ٽمٽار آهي. وري سنڌ جي لوڪ داستانن کي جيڪا دائمي حياتي لاڪيٽي لطيف بخشي آهي، تَنھنجو تہ مثال ملڻ محال آهي. انھن داستانن جي اوٽ سمجھ وارن ۽ سالڪن لاءِ بيشمار روحاني راز پنھان آهن.

لطيف سائينءَ جي سُر ڪاموڏ ۾ بظاهر تہ ’نوري ۽ ڄام تماچي‘ جو داستان بيان ڪيل آهي. پر اصل ۾ انسان کي پنھنجي حيثيت جو احساس ڏياريو ويو آهي ۽ ’هست‘ کي ’نيست‘ ۾ تبديل ڪري هن دنيا ۾ عجز ۽ انڪساريءَ، نوڙت ۽ نياز سان هلڻ جو سبق سيکاريو ويو آهي.

شاھ جي رسالي جو مرتّب مرحوم غلام محمد شاهواڻي ’منهاج العاشقين‘ جي حوالي سان سُر ۾ آندل تشبيهن، ڪناين ۽ علامتن جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو :

- ڄام تماچي ــــــ ربّ جي پاڪ ذات
- نوري ــــــ مومن جو روح يا مردِ ڪامل
- ڪينجهر ــــــ هيءُ جهان
- ڄام جو نوريءَ سان ناتو ــــــ ذات جي صفات طرف ڪشش

هتي نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي قصي دهرائڻ جي ضرورت نہ آهي. البتہ ايترو ضرور چئبو تہ نوريءَ جي حسن ۽ جوانيءَ کان وڌ جنھن ڳالھ سمي ڄام جي سيني ۾ سِڪ جي سلي کي سيراب ڪيو سا نوريءَ جي نئڙت ئي هئي. نوريءَ جي فطري سادگي ۽ عجز انڪساريءَ ڄام جو من موهي وڌو ۽ ڪِڪيءَ هاڻين کارين ۽ ڇيڄيءَ هاڻين ڇڄن تان اٿاري ڪٺي پنھنجي پٽ راڻي بڻايو.

هڪ غريب گندري جڏهن سمي سردار جي راڻي بڻجي وڃي ٿي، تڏهن بہ

سندس طبيعت ۾ ڪو گيرب ۽ گاءُ ڪونہ آيو. بلڪ اڳي کان بہ وڌيڪ حلم ۽ هيڻاهين سان هلڻ لڳي. پنهنجي اصليت کي ڪونہ وساريائين. هوءَ پاڻ کي عيبدار ۽ خطاوار سمجهندي رهي. متس دولت ۽ حشمت جو نشو ڪونہ چڙهيو. هيءَ غريب گندري سمي ڄام جي انيڪ احسانن جا ڳڻ هر وقت ڳائيندي رهي. حاڪم جي من تي حڪمراني ڪرڻ جي باوجود انهيءَ احساس هيٺ سدائين ڪنبندي رهي تہ ڪٿي هو مون مسڪين جا عيب قطاري، مونکان منهن نہ موڙي ڇڏي. تنهن ڪري ڪيس هر وقت نوازش جي نگاهه رکڻ لاءِ التجا ڪندي رهي.

تون سمون، آنءُ گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ
پسي ڪِڪيءَ ڪوڙ، متان ماڱر متئين

رب العالمين وٽ بہ انسان جو عجز ۽ انڪساري ئي درڪار آهي. چالاءِ تہ مالڪِ حقيقي جي ڪبريائيءَ آڏو انسان جي حيثيت ’ڪين‘ برابر آهي. سو جڏهن هو پاڻ کي ’ڪين‘ تصور ڪندو، تڏهن ئي ربّ جي رحمت جو حقدار ٿيندو. جن ’مان‘ ڪئي سي مُنا. جيڪي انسان پنهنجي ’هستيءَ‘ کي ’نيستيءَ‘ ۾ تبديل ڪندا آهن، انهن تي ئي ربّ ڪريم پنهنجي خاص ڪرم جي نظر ڪندو آهي ۽ سندن رتبا وڌائيندو آهي.

لطيف سائين نوريءَ کي اهڙي عاجز انسان جي علامت طور پيش ڪيو آهي، جنهن کي پنهنجي اڻ مين اوڻاين جو شدت سان احساس هجي. انهيءَ ڪري ئي هوءَ تماچي تڙ ڏٺيءَ کي التجا ٿي ڪري تہ اي سما سردار! متان مون مسڪين مهاٽيءَ جي اوڻائين کي آڏو آڻي مون کان مهنڙو مَٽي ڇڏين.

تون سمون، آنءُ گندري، مون ۾ عيبن ويهہ
پسي مِڻڪي ڏيءَ، متان ماڱر متئين

انسان کي خطا جو گهر سڏيو ويو آهي. هو ڪيترو بہ متي وڃي ۽ کيس ڪيتري بہ عزت، شهرت ۽ دولت حاصل ٿئي پر پوءِ بہ انسان آهي. الله پاڪ جي

عظمت ۽ وڏائيءَ آڏو هن کي هميشہ حلم ۽ هيڻاهيڻ سان هلڻو آهي. پنهنجين ڪمين ۽ ڪوتاهين جو عاجزيءَ سان اعتراف ڪرڻو آهي.

لاڪيڻي لطيف جي مشاهدي واري اک جو اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. جڏهن هو ڪينجهر ڪناري رهندڙ غريب گندرين جي سقيم حالي، شڪل و شباهت توڙي ڪرت ۽ ڪاروبار جي منظر ڪشي ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوَڙيون ڪوٺي ٿو. جيڪي ڪِڪيءَ جون ڪارين ڪٺي واٽن تي وجي ويهن ٿيون. پوءِ اهڙين ڪوجهين ۽ گدلين گندرين جا انگل ۽ آرا فقط سمون ڄام سلطان ئي سهي ٿو. لطيف انهيءَ تخيّل کي لفظن جي مالها ۾ پوئي هن ريت پيش ڪري ٿو :

ڪاريون ڪوجهيون، ڪُوَڙيون، مور نہ موچاريون
وٺي ويٺيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريو
انين جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي؟

هتي ڪارين، ڪوجهين، ڪُوَڙين مان لطيف سائين جي مراد اهي گنهگار، عيبدار، اَبوجهہ ۽ اَڳِلڙا انسان آهن، جن جي مڙني مداين کي درگذر ڪري ربّ العالمين مٿن شفقت جو پاڇو ڪندو رهي ٿو. ڇا لاءِ تہ هو غفور الرحيم آهي. هو فقط عبادت گذارن ۽ نيڪوڪارن جو ربّ نہ آهي، بلڪہ هو تہ ربّ العالمين آهي. تنهن ڪري مالڪ سائين ڪِنن ڪوجهڙن ٻانهن مٿان بہ رحمت جو ڪڪر وسائيندو رهي ٿو.

اهڙي طرح "سُر ڪاموڏ" جي هڪ بيت ۾ حضرت ڀٽائي گهوٽ فرمايو آهي :

ڪوءِ سميون، ٻِن سومريون، جي اچن اوچي ڳاٽ
وَرُ سي ڪينجهر ڄائيون، جن تماچيءَ جي تاٽ
راڻين مُلا رات، ماڻڪ مي پرائيو

بيت جي ظاهري معنيٰ ۾ انهن سمين ۽ سومرين راڻين جو ذڪر آهي، جيڪي پنهنجي منصب جي گهمنڊ ۾ اوچي ڳاٽ هلن ٿيون ۽ فخر وچان ڪنهن

ڪي بہ پاڻ جهڙو نہ ٿيون سمجهن. لطيف سائين انهن جي مقابلي ۾ ڪينجهر ڪناري وسندڙ مين، مهاڻين ۽ غريب گندرين کي بهتر ٿو ڀانئي جن پنهنجي اصليت ڪانہ وساري آهي ۽ سدائين سندن زبان تي ان محسن مهربان تماچيءَ جو نالو آهي، جنهن مٿن اڻ ميا احسان ڪيا آهن. پوءِ سمي ڄام بہ مغرور راڻين کي نذر انداز ڪري غريب گندريءَ جي نياز ۽ نئڙت کان متاثر ٿي کيس نعمتن سان نوازي ڇڏيو.

بيت جي باطني ۽ روحاني معنيٰ تي غور ڪجي ٿو تہ ربّ سائين جي حضور بہ اوچي ڳاٽِ هلڻ وارن انسانن کي نهنديو ويو آهي. وڏائي فقط هڪ ربّ جي ذات کي سونهي، باقي مخلوق تہ سندس غلام آهي. غلام کي پنهنجي آقا آڏو ڪنڌ کڻي هلڻ جي هرگز اجازت نہ آهي. غرور ۽ تڪبّر تہ شيطان جو شيوو آهي. نمرود، فرعون، هامان ۽ يزيد دنيا جي تاريخ جا اهڙا ڪردار آهن جن روءِ زمين تي پنهنجي طاقت، حشمت، وڏائي، ظلم ۽ بربريت جا بدترين رڪارڊ قائم ڪيا. پر انهن جي عبرت ناڪ اَنت جا گواهہ بہ تاريخ جا ورق ئي آهن.

لطيف نوريءَ جي ڪردار کي هيڻاهين ۽ حلم، نياز ۽ نئڙت، عجز ۽ انڪساري جو مثال ڪري پيش ڪيو آهي. جنهن ڪري نوريءَ جو ڪردار لازوال ۽ بي مثال بڻجي پيو آهي. جئين ڄام سمي کي نوريءَ جي ان نياز واري ادا موهي ڇڏيو ۽ کيس فرش تان کڻي عرش تي رسايو. اهڙي ريت الله تعاليٰ وٽ بہ انهن ئي انسانن جو قدر آهي جيڪي سندس ربوبيت آڏو پنهنجي ڪمين ۽ ڪوتاهين جو تهِ دل سان اعتراف ڪن ٿا ۽ ان حاڪم جي حڪمن جي پوئواريءَ ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪندا رهن ٿا. پوءِ اهڙن ئي خوش بخت انسانن جي مٿان ربّ ڪريم پنهنجي رحمتن، برڪتن ۽ نعمتن جي پالوٽ ڪري ٿو ۽ کين وڏا مرتبا عطا ٿين ٿا.

سمي ڄام سلطان جو بہ اعليٰ مقام آهي. ڪنهن گندريءَ ڪو هن کي ڪونہ ڄڻيو آهي، نہ ئي مهاڻن مان سندس ڪو اولاد آهي. تِنهن جي باوجود هو نوريءَ جي

ناتي سان سيني گندرين جو ڇڻ ڪو عزيز ٻڻجي پيو آهي، ۽ هو سيني تي مهربان آهي. هن سيني کي اَڏي ڇڏيو آهي.اها سندس شرافت ۽ انسان دوستيءَ جي انتها آهي. هن جي وڏائيءَ جي اها حد آهي جو هن غريب گندريءَ ۾ سمين راڻين جو درجو هڪ جهڙو ڪري ڇڏيو آهي. ڄام تماچيءَ جو تخت ڪو رواجي نہ آهي بلڪ وڏي شان ۽ دٻدٻي وارو آهي. لطيف سائين فرمايو آهي :

نہ کھ چايو ڄام کي، نکو ڄام وياءُ
ننڍي وڏي گندري، سين آهہ سياءُ
”لم يلد ولم يولد“، ايءُ نجابت نياءُ
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو

خداءِ ذوالجلال جي ذات ”لم يلد ولم يولد“ جي صفات رکي ٿي. باري تعاليٰ جي نظرِ ڪرم بہ هر خاص و عام تي آهي. هو پنهنجي پيارن جي صدقي جنهن کي چاهي بخشي ڇڏي. ڪائنس ڪو پڇڻ وارو نہ آهي. هو تہ بي پرواهه بادشاهه آهي. جنهن جو اندر اُجرو ڏسي ٿو تنهن کي ڇڪي پنهنجن پيارن منجهان بڻائي ٿو ڇڏي. سندس عظمت، حڪمراني ۽ جاهه و جلال جو ڪو حد حساب ئي ڪونهي. هو تہ سيني کان عظيم آهي.

هڪ ٻي بيت ۾ شاهه سائين ڄام تماچيءَ جي حڪمرانيءَ ۽ وقار جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ هي سڄو تڙ تماچي ڄام جو آهي ۽ هن تڙ جو حڪمران، مالڪ ۽ مختيار آهي. تڙ واسين ۽ غريب گندرين کي سندس ئي تہ سهارو آهي. تنهن ڪري تڙ واسين کي گهرجي تہ هو ان سخي ۽ عادل حاڪم جا ڳُڻ ڳائيندا رهن. جيڪي ان سخي مرد جي ساراهه جو حق ادا ڪندا اهي ئي انعام اڪرام جا مستحق ٿيندا.

تڙ تماچي ڄامَ جو، تماچي تڙ راءِ
تماچيءَ جي تڪيي، تون تماچي ڳاءِ
تہ تون تماچياءِ، تماچي تڙ لهين

بيت جي باطني معنيٰ تي غور ڪبو تہ ان جو مطلب ۽ مفهوم ڪجهہ هن طرح ٿيندو. تڙ مان مراد هي جهان آهي. تڙ راءِ جو مطلب حاڪم آهي. حاڪم جو اشارو ان احڪم الحاڪمين ڏانهن آهي. جهان ۾ نيڪوڪار، بدڪار، ارڏا توڙي اَڳِلڙا سڀ رهن ٿا. جهان جو خالق ۽ مالڪ ربّ ڪريم آهي. لطيف سائين ان خالقِ حقيقي جي مخلوق سان مخاطب ٿيندي هدايت ٿو فرمائي تہ سمورن انسانن جو اَجهو ۽ آسرو ان مالڪ جي ذات ئي آهي. تنهن ڪري انسان جي مٿان فرض عائد ٿو ٿئي تہ هو پنهنجي مقصود ۽ مطلوب ڪي ويجهو ٿي عارفن ۽ سالڪن جو درجو ماڻڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوشش ڪندو رهي. ان حاڪم جي حڪمن جي پابندي ڪري مقصدِ حيات حاصل ڪري.

ڪينجهر ڪناري رهندڙ مهاڻا جن جو اَٿَ ئي پهر پاڻيءَ سان واهپي سبب رنگ ڪاراتجي ويل ۽ سندن جسم ۽ ڪپڙن ۾ ڪِڪيءَ ۽ ڇڇيءَ جي بدبوءِ. انهن وٽ نوريءَ جهڙي سهڻي ستابي ۽ نياز جي پيڪر جو پيدا ٿيڻ ويرانيءَ ۾ گل ٽڙڻ کان گهٽ ڪونہ هو. شاهہ صاحب نوريءَ جي انفراديت جو ذڪر نهايت خوبصورت پيرايي ۾ هن ريت ڪيو آهي.

هٿين پيرين ارڪٽي، مهہ نہ مهاڻي
جٿن سڳو وڄ سرندڙي، تٿن راڻين ۾ راڻي
اصل هئي ان ڪي، اهل ڄاماڻي
سمي سڃاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾

بيت جو ظاهري مطلب تہ پڌرو آهي تہ نوري سيني وصفين سهڻي هئي. منهن مهاندن ۾ مهاڻي مور ڪونہ ٿي لڳي. ٻين راڻين ۾ بہ سندس حيثيت منفرد هئي. لطيف سائين ان حيثيت جي تشبيهہ سُرندڙي جي سڳي سان ڏئي وڏي ندرت ۽ نازڪ خيالي کان ڪم ورتو آهي. نوريءَ جي روش ۽ ڍنگ (اٿڻي ويهڻي) بہ وڏ گهراڻين جهڙو هو. اهو ئي سبب هو جو سمي ڄام سندس خوبين کان متاثر ٿي ڪيس ڪٽي پنهنجي راڻي بڻايو.

بيت جي باطني معنيٰ هن ريت ٿيندي ته جيڪي انسان دنيا ۾ وڏا روحاني رتبا ماڻيندا آهن، اهي پنهنجي عادات و اطوار توڙي صورت ۽ سيرت ۾ منڊ ڪان منفرد هوندا آهن. اهي عام انسانن سان رهڻ باوجود عام ڪونه هوندا آهن. اهڙن ئي انسانن کي ربّ پاڪ عام انسانن مان ڪٽي پنهنجن پيارن ۽ خاص ٻانهَنِ ۾ شامل ڪري ڇڏيندو آهي.

# سُر ديسي جو مطالعو

لطيف سرڪار پنهنجي رسالي ۾ سپني ڪان وڌيڪ جنهن سورميءَ ڪي ساراهيو سا آهي سسئي. اهو ئي سبب آهي جو سندس ساراهہ ۾ سڄا سارا پنج سُر چيا اٿس. سسئيءَ وارن سمورن سُرن جو بنيادي پيغام جدوجهد جو سبق آهي. تاهم هر سُر ۾ ٻيا بہ انيڪ رنگ نظر اچن ٿا. ديسي لفظ جي معنيٰ ڏيهي آهي. هي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي جيڪا ديپڪ راڳ جي خاندان مان ٻڌائي وڃي ٿي.

مون سُر ديسي مان جن موضوعن کي فوڪس ڪيو آهي تن ۾ جدوجهد کان علاوه خود احتسابي، تقدير، ڪلچر جي عڪاسي، تشبيهات، ندرت ۽ نازڪ خيالي اچي وڃن ٿا.

دنيا ۾ جدوجهد ۽ جاکوڙ سان ئي ماڻهو پنهنجي منزل ماڻي سگهي ٿو. هتي بازي اهو کٽندو جيڪو پنهنجي ننڊ ڦٽائيندو. هن جهان ۾ سالڪ جا مکيہ ٽي دشمن آهن. نفس، دنيوي تعلقات ۽ خودي. سسئي جا بہ بنيادي طور ٽي دشمن هئا : ڏير، ڏاگها ۽ ڏونگر. قصي ۾ ڪم آيل ڪردارن، واقعات ۽ حالات جي روحاني تمثيل هن ريت ٻڌائي وڃي ٿي :

- پنهون ——————— مطلوب يا محبوبِ حقيقي
- سسئي ——————— حق جو طالب يا سچو سالڪ
- درياءُ ——————— ماءُ جي جهولي
- ڪٽي ——————— مرشد ڪامل
- وندر ۽ وڻڪار ——————— ڪشالا ۽ مشڪلاتون
- ڪيچ ——————— محبوب جي منزل ۽ مڪان
- ڏاگها، ڏير ۽ ڏونگر ——————— نفس، دنيوي تعلقات ۽ خودي

جهڙي طرح سسئي معمولي غفلت سبب سنگ لاخ زمين تي پنهنجا مينديءَ

رتڙا ھٿ پير پٿون ڪرايا، وندر ۾ وٽڪار ووڙيا، پٻ ۾ ھاڙھي جي پُر پيچ پيچرن تي پنڌ ڪيا ۽ آخر محبّت جي واٽ ۾ مري پاڻ ملھايو. تڏھن مَس وڃي پيتار جي پِرِ حاصل ڪئي ۽ پرين پنھل کيس پنھنجو ڪيو. اھڙيءَ طرح جڏھن ڪو نيڪ انسان معمولي غفلت سبب خداوندِ تعاليٰ جو قرب گنوائي ٿو ويھي تہ پوءِ وري ساڳي مرتبي حاصل ڪرڻ لاءِ کيس وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي تڏھن مَس مَس وڃي ساڻس پرين پرچي ٿو.

سسئيءَ کان سھوَ اھا ٿي جو شادي جي ٻنڌڻن ۾ ٻنڌجڻ کان پوءِ سيج تي پنھونءَ جو انتظار ڪندي ڪندي کيس ننڊ اچي نھوڙيو ۽ ھوءَ غافل ٿي سمھي پئي. ڀلا کيس ڪھڙي ڪَرَ تہ اھا گھڙيءَ جي غفلت سندس لاءِ زندگيءَ جو روڳ بڻجي پوندي، ورنہ سِڪ ۾ انتظار جي ڪيفيت ۾ سمھڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ پيو ٿئي. پر چوندا آھن تہ انھيءَ ننڊ نياڳيءَ وڏن ڇپاتن جي ڇيلھہ بہ ڇٻي ڪري وڌي، سو انھيءَ غفلت واري گھڙيءَ سسئيءَ جو سُک ۽ چين برباد ڪري ڇڏيو. لطيف سائين سندس دل جي ڪيفت کي بيت جي ٽن سٽن ۾ ھن ريت سمايو :

سِڪي جان سُتياسِ، تا سِڪَ سمھڻ نہ ڏي
جاڳي سُتيسِ جن لئہ، سي آيا تان نہ اٿياسِ
پيئر آنءُ پلياسِ، نہ تہ سِڪ سمھڻ ڇا لڳي!

## خود احتسابي

سسئيءَ کي جڏھن پنھنجي غفلت جو احساس ٿيو تہ ھن خود احتسابي جو عمل اختيار ڪيو ۽ پنھنجي غلطين کي شمار ڪرڻ لڳي تہ جڏھن مون ڏينھن جو پنھونءَ جي پائرن جو قافلو ڏٺو تہ اُنَ جي مھار کي چوٽيءَ جي وارن سان زنجيرن وانگر مضبوط ڪري ڇونہ ٻڌو. جيڪڏھن ائين ڪريان ھا تہ ھوند منھنجو پنھل مونکان پري نہ ڪري وڃن ھا.

اڱڻ متي اوبرا، جڏھن ڏاگھا ڏٺئي ڏينھن

ونئي سَرڪَ سسئي، ويھہ ويھاڻيءَ سينءَ
چوٽيءَ سين چانگن ڪي، جَڙِ زنجيرن جيئن
تہ ھوت تنھنجو ھينءَ، پنھون نيائون نہ پاڻ سين

ھن نماڻيءَ ڪي اھڙا بہ خيال اچڻ لڳا تہ جيڪڏھن انھن گورن جي گوڏن ڪي وارن سان ونگي چڏيان ھا تہ ھي جبل جا اٽانگا پنڌ ۾ ڪشالا ڪيڏا ئي ڪونہ پون ھا.

اگھڻ مٿي اوپرا، ڏنئي جڏ توڏا
ونگيئہ نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا
تہ لڪن جا لوڏا، ھوند نہ سَنئہ سسئي!

سسئي ويچاري تہ ڪڏھن سوچي ئي نہ پئي سگھي تہ ڪو پنھل ڪانئس ائين پري ٿي ويندو. ھن پنھونءَ جي ڀائرن ڪي تہ مھمان ٿي ڀانئيو. ڪيس اھا توقع نہ ھئي تہ اھي ڏير ھن لاءِ وَيرَ ثابت ٿيندا ۽ مٿس ڪھل ڪرڻ بدران ڪيس ائين ڪُھي ويندا. ھن ڀانھيءَ ڪي سورن جو سامان ڏئي رات جي پيٽ ۾ جتَ ساڻس وڏي زيادتي ڪري ويا. ھن پنھنجي پنھل ڪي تہ ھر وقت پاڻ وٽ رکڻ پئي گھريو.

مون ڀانئيو مزمانَ، ھميشہ ھوندا پرين
ڪُھي ڪميڻيءَ ھلئا، ڪھل ڪيائون ڪانہ
ڏيئي ويا ڏاھ ڪي، سورن جو سامان
جورو رات جوان، جيڏو جَتَ ڪري وئا

## ازل جو انگ

سسئيءَ جو اھو پختو ايمان ھو تہ پنھل سان سندس ازل جو انگ آھي. جڏھن ربّ پاڪ روحن ڪي تخليق ڪيو تہ سندس روح عالمِ ارواح ۾ پنھل جي روح سان ڳانڍاپيل ھو. ميثاق واري ڏينھن اھو ازل جو انگ لکيو ويو ھو. سسئيءَ ڪي حضرت علي رضہ جي ان قول ۾ پڪو ڀروسو ھو تہ ’جڏھن ڪو انسان ڪنھن شيءِ جي

طلب ڪري ٿو ۽ ان لاءِ لوچي ٿو ته اهو ضرور لهي ٿو.' هوءَ پنهونءَ جي پيزار (جُتي) تان پاڻ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي پر ڪيس هڪ پيرو پنهل سان ملڻ جي شديد تمنا آهي. جنهن لاءِ هوءَ پنهنجين جيڏين سرتين کي به دعا ڪرڻ لاءِ عرض ڪري ٿي.

جڏهن ڪن فيڪون، تڏنئو آرياڻي ارواح
انگ اڳهين لکئو، منهنجو ميثاقاهه
من طلب شيئاً وجد وجد، اُتو علي شاهه
اجان ان حديث جو آسرو مون آهه
پنهونءَ جي پيزار تان منهنجو موت مباح
سرتيون دعا ڪجاهه، مانَ ميڙائو مون ٿئي

توڙي جو سسئي پنهنجي غلطيءَ ۽ غفلت تي پشيمان هئي پر، هن انهيءَ سڄي واردات کي قسمت جي ڪوتاهي تي تصور ڪيو. چوي ٿي ته جي منهنجو مقدر نه ڦِٽي ها ته هي ڪنن ڏينهن ڏسڻا ئي ڪونه پون ها. ڏيرن جو ڪهڙو ڏوهه! اُنن توڙي اونيئڙن کي ڪهڙي مجال!! وير ته انهن جي وَسِ ئي نه آهي پر لوهه قلم جي لکئي کي مان ڪميڻي ڪيئن ٿي مِٽائي سگهيس.

ڇا جي ڏِنگا ڏير، منهنجو ڏينهه ڏنگو مَ ٿئي
اُنن اُنيئڙن جي، ڇا وهيڻو وير
هيءَ ڪميڻي ڪير، جا اَمُرَ کي آڏو ڦِري

مقدر جو ئي فيصلو سمجهندي هڪ ٻي بيت ۾ هن ريت اظهاري ٿي :

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آنءُ ڏڏي
پچان پير پنهونءَ جو، وجهان وک وڏي
لکئي آنءُ لڌي، نا ته پٽن ڪير پنڌ ڪري!

## جدوجهد

سسئي عزمِ مصمم جو مثال ھئي. ھن پختو ارادو ڪيو ھو تہ پنھل کي پڄان نہ پڄان پر ھر قدم اڳي کان اڳيرو ئي ھوندو. پنھنجو سمورو وَسُ ھلائيندسِ تہ ڪنھن پرِ منزل تي رَسي سگھان، پر جي ان ڳَنن سفر ۾ رڙندي روئندي موت مٿان اچي ويو تہ بہ گھاٽي جو سودو نہ آھي. جستجوءَ ۾ جان وڃي تہ وڃي. منَ مُئي پڄاڻان ساٿ ۾ ساڪ ملي ۽ اھا ڳالھہ ڳائڻ ۾ اچي تہ ويچاري سسئي پنھل پڄاڻان رائي ۾ رَڙي مُئي.

پڄان جي نہ پڄان، وڃڻ سين وَس ڪريان
سگر مانَ سُڄان، تہ رائي ۾ رَڙي مُئي

جبلن جا آڏا ترڇا دشوارگذار رستا جن سسئيءَ جا پير پٿون ڪري ڇڏيا ھئا. پر ھن پُر عظم عورت ھمت ڪانہ ھاري، سندس قدم اڳي کان اڳرو ھو. منزلون طئي ڪندي پنھل کي ان آسري پڪاريندي رھي تہ من منھنجي ڪا ڪوڪ پرينءَ جي ڳَننَ تائين پھچي. پلا سندس وَسَ ۾ تہ فقط واڪا ئي ھئا.

آڏا ترڇا آھڙا، ڏونگر کي ڏاڪا
ڪيم آھ عجيب کي، سِڪَ منجھان سا ڪا
پٿي ھتيڪي ھوت کي، ڪوڪ ڪنين ڪا ڪا
منھنجو وَس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو

سسئيءَ جي ھمت ۽ حوصلي کي داد ڏيڻ کان سوا رھي نہ ٿو سگھجي. ھوءَ جبل جي پُر پيچ پيچرن کان خوفزده ڪانہ ٿي ٿئي، بلڪ سندس اندر جا احساس اھي آھن تہ سندس ۽ پنھل جي درميان رڪاوٽ بڻجي جبل پل پيو جَڪَ ھٽي تہ ھو ڪو مونکي آڏو اچي روڪي بيھاريندو. اھڙا لکين لَڪَ ھجن تڏھن بہ سُپرينءَ جي سِڪَ ۾ سمورا اُڪري پار پونديسِ.

جبل ماري جَڪَ، جو آڏو عجيبن کي
توٽي لڪن لڪَ، سپ لنگھنديس سِڪَ سين

ھڪ نحيف ۽ نفيس عورت ايڏا ڪشالا ڪڍي! في الحال تہ عقل دنگ

رهجي ٿو وڃي، پر هن پُر عظم عورت تہ مٿير مردن کي بہ ڇيهہ ڏئي ڇڏيو.

مرد جنهہ مات ڪئا، سسئيءَ لنگهئو سو
جبل وڏو جو نِوَڻ مڙيئي نيهہ کي

سسئي جي همت، حوصلي، جرئت ۽ عزم جو اظهار لطيف سرڪار بيت جي هينئين ٽن سٽن ۾ ڪهڙي نہ سهڻي پيرايي ۾ ڪيو آهي. فرمائي ٿو :

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪئو
نهاريندِيس نڪري، ٻوٽن ڪارڻ ٻَرُ
آڏو ٽڪرَ ٽَرُ، متان روهہ رتيون ٿئين

سسئي چوي ٿي تہ منهنجي پنهل جو تہ ڪو قصور ئي ڪونهي. مون سان تہ ڏيرَ، ويرَ وجهي وڙهيا جو منهنجو پيارو پنهل دغا سان مونکان جدا ڪري ويا. پر مان تہ پنهنجي پنهونءَ کي ووڙڻ خاطر بر بيابان ۽ جهنگ جبل لتاڙي وڃي پارِ پونديس. انهن قافلي وارن اُنن کي اڪيلي سِر ئي تلاش ڪنديس. پوءِ رستي ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ جبلن ۽ ٽڪرن سان مخاطب ٿي چوي ٿي تہ منهنجي آڏو نہ اچو. منهنجي عزم جي سامهون رڪاوٽ نہ بڻجو تہ ڪٿي منهنجو عزم اوهان کي پرزا پرزا نہ ڪري ڇڏي. بيت جي آخري سِٽَ ۾ لفظ ’ٽَرُ‘ ۾ ڪيتري نہ جرئت نظر اچي ٿي.

## ڪلچر جي عڪاسي

ماضيءَ ۾ اسان جي معاشري ۾ ڪي اهڙا ساٿ سنوڻ ۽ رسمون مروج رهيون آهن، جيڪي اسان جي نج ڳوٺاڻي تهذيب جو حصو هيون. جيئن چيو وڃي ٿو تہ جڏهن ڪو ماڻهو مسافريءَ تي روانو ٿيندو هو تہ جي واٽ جي ساڄي پاسي ۽ ساڄي هٿ تي تتر تنواريو تہ سٺائو يا سياڳو سنوڻ ليکبو هو ۽ جنهن مقصد لاءِ گهران نڪتو آهي سندس اهو مقصد پورو ٿيندو پر جي تِتِر کاٻي پاسي کان ٻوليو تہ سنوڻ اٽائو ليکبو ۽ مطلب پورو نہ ٿيندو. اهڙي صورت ۾ مسافر کي پنهنجي

ماڳ ڏانهن موٽڻو پوندو هو ورنہ سندس راهه ۾ رڪاوٽون پيش اچڻ جا امڪان هوندا هئي.

مذڪوره سنوڻ ڪي خيال ۾ رکي سسئي آس ٿي ڪري تہ جنهن ساٿ ۾ سندس پيارو پنهل آهي ان ساٿ جو جبلن مان اُڪرندي ڄل سنوڻ سڄايو يا سٺائو ٿئي ۽ تتر ساڄي پاسي کان ٻولي :

ڪرڙا ڏونگر ڪھ گهٽي، جت رڻ تتو رائو
تِتِر ٿئي مَ تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو
جڏ ڄام پنهون ڄائو، تڏ ٿئو سولو تالع ساٿ جو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ”ٿر ۾ مالهاريءَ جو سنوڻ مشهور ۽ مروج آهي، جنهن مطابق ڪنهن پاسي ويندي جيڪڏهن واٽ تي ملاري پکي کٻي پاسي کان اڏاڻو ۽ سڄي پاسي ويو تہ سنوڻ سولو پائنبو. گويا واڏائي ملي تہ اڳتي وڃجي سفر سڦلو ٿيندو، پر جيڪڏهن ملاري ساڄي طرف کان اڏاڻو ۽ کاٻي پاسي ويو تہ سنوڻ اولو ليکبو، هاڻي اڳتي نہ وڃجي جو انهيءَ ۾ ئي بهتري آهي.“

مٿين سنوڻ جي پس منظر ۾ سسئي مالاري پکيءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ پنهل جي قافلي آڏو کاٻي پاسي کان اڏامي ساڄي پاسي نہ وڃجانءِ. بلڪ ساڄي پاسي کان اُڏي کاٻي پاسي وڻ جي ٽاري ڏانهن وڃجانءِ، جيئن قافلي وارا ان کي بد سنوڻ سمجهي ڪجهہ وقت لاءِ بيهي رهن يا تڪڙو اڳتي نہ وڌن تہ من مان اڻ سونهين انهيءَ بهاني وڃي ڪيچ ڏٽيءَ کي گڏجان.

سڄي هٿ ساٿين جي، مَ وانءُ مالاري
ڏائي جا ڏيرن جي، مٽج سا ٽاري
مانَ ورمن وچ ۾، اولاٽي آري
اَسونهہ ويچاري، ڪھ پَرِ مڙي ڪيچ کي

## تشبيهات

سُر ديسي ڪي لطيف سائين خوبصورت تشبيهن سان سينگاريو آهي. مثال طور بيت جون هي ٻہ سٽون ڏسو :

پيئي ڪٽي پساهہ، ڏکي ڏيئي وٽِ جئن
اڄ ڪ سنجهہ صباح، چندا ڪي تہ منڊ مئي

ڏيئي جي وٽ جڏهن ٻري ٻري باقي وڃي بچندي آهي ۽ سندس روشني جهيڻي ٿي ويندي آهي تہ بہ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ هوءَ هوا سان مهاڏو اٽڪايو بيٺي هوندي آهي پر آخر شڪست کائي وسامي ويندي آهي. سورن جي ستايل سسئي بہ پنهل جي تلاش ۾ ڏينهن رات سرگردان رهي ۽ آخر ڏيئي جي وَٽِ جيان سندس ساهہ پساهن تي پهتو ۽ هوءَ ڪنهن وقت بہ دارالبقا ڏانهن راهي ٿي پئي سگهي. ڪيڏي نہ تز ۽ خوبصورت تشبيهہ آهي.

سسئي دل جي هٿان مجبور هئي، ان پڪو قصد ڪيو هو تہ هن واٽ ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين جدوجهد جاري رکندي. سندس واسطو بہ سنگلاخ پهاڙن سان پيو هو. وٽس تہ ڪو اوزار بہ ڪونہ هو جنهن سان ٽڪر ٽاڪي سگهي. لطيف سائين پهاڙن جي هيبت ۽ حشمت کي هاٿي سان تمثيل ڏني آهي. جانورن ۾ وڏ کان وڏ سگهارو ۽ متارو جانور هاٿي ئي تہ آهي. لطيف سرڪار فرمايو :

ڪوڏر نہ ڪاتي، جنهہ سان ٽڪر ٽاڪيان
جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبت جو هاٿي
پنهونءَ جا پاتي، سا جَڙَ جيئري نہ لهي

## ندرت ۽ نازڪ خيالي

آخر ۾ سُر ديسيءَ مان ندرت ۽ نازڪ خياليءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو :

گسڙَ ٿئي مَ گَس، پٽي پوءِ مَ پرينءَ تي
جنهہ سَرِ ساجن سپرين، تهہ اُتَ مَ لڳي اُس
پنهون پاڪَ پُرسَ، هوت نہ ڪجن هيڏيون

سسئيءَ کي پنهل سان اڻ ميو پيار هو. هن اهو بہ ڪونہ ٿي برداشت ڪيو تہ قافلي جي هلڻ سان جيڪا دسڙ يا دز اڏندي آهي سا سندس پرينءَ تي پوي. هوءَ نہ رڳو پنهل لاءِ اهڙا جذبات رکي ٿي بلڪ جنهن اُٺَ تي سندس سپرين سوار آهي تنهن اُٺَ لاءِ چوي ٿي تہ شل ان کي اسَ بہ نہ لڳي. هوءَ پنهنجي پنهل کي پاڪ پُرس يعني اعليٰ درجي جي اوصاف جو مالڪ سڏي ٿي. آخر ۾ ڪيس ڏوراپو بہ ڏئي ٿي تہ اي پنهل! توکي مونسان ايڏيون جنيون ڪونہ پيون جڳائين.

## جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو

| | |
|---|---|
| ○ شاهہ جو ڪلام شاهہ جو رسالو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ○ شاهہ جو رسالو | غلام محمد شاهواڻي |
| ○ شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو |
| ○ شاهہ لطيف ۽ سنڌي ثقافت | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر |
| ○ عرفانِ لطيف | ڊاڪٽر بشير احمد شاد |

# سُر آسا جو مطالعو

شاهہ لطيف جي رسالي جا سمورا سُر علم ۽ حڪمت، شعور ۽ آگهي توڙي فن ۽ فڪر سان ٽمٽار آهن جن مان ڪي سُر هندستاني راڳڻين تي ٻڌل آهن جن ۾ ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، ڪنيات، ڪاموڏ، سورٺ، ڪيڏارو، سارنگ، بروو، پرڀاتي ۽ آسا اچي وڃن ٿا.

رسالي جي ٻين سرن جيان ’سُر آسا‘ پڻ روحاني رمزن ۽ الستي رازن جو پيغام آهي. جنهن ۾ الله پاڪ جي وحدانيت جي واکاڻ ڪيل آهي. مشرڪن کي سنئين راهہ سونهائڻ جو سبق سمايل آهي. خالص خدا ڪارڻ عبادت جا اصول ڏسيل آهن. حلم ۽ هيٺاهينءَ سان هلڻ جي تلقين ٿيل آهي. نفس کي نابود ڪرڻ جا گُر ٻڌايل آهن. انسان کي پاڻ سڃاڻڻ جو ڏس ڏنل آهي. اکين ۾ عجيبن جي ناتي ۽ نينهن جو ذڪر بہ ٿيل آهي تہ اکين جون عجب جهڙيون عادتون بہ ٻڌايل آهن. وحدت الوجود جي نظريي جي پرچار بہ ڪيل آهي. يٽ جي گهوٽ ٻڌايو آهي تہ دنيا حق جو پاڇو آهي ۽ ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ آهي سو سڀ خدا جي نور جو مظهر آهي.

متيون سڀ منجهاءِ، پاڻُ ڇڏي اُو جاڻ تون
پهرين پاڻ پٽون ڪري، پرين پوءِ پڇاءِ
وحدت ساڻ وڃاءِ، ڪثافت ڪثرت جي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر آسا جي معنويت ۽ حقيقت بابت رقمطراز آهي :

”سُر آسا هڪ وڏو معنوي سُر آهي ۽ ان ۾ مجاز ۽ حقيقت بابت گهڻا معنوي اشارا ڏنل آهن. هن سُر ۾ ڪنهن روايتي پس منظر ۽ ماحول بدران تصوف جي

رازن ۽ رمزن وارو فڪر سمايل آهي، جنهن ۾ مجاز ۽ حقيقت جي مثالن، صوفيانه فڪر جي اُلٽن اشارن ۽ سالڪن جي سلوڪ وارين منزلن ۽ مرتبن جا اُهڃاڻ ڏنل آهن.“

الله پاڪ انسان جي اندر عجب اسرار رکيا آهن. کيس سموري مخلوق ۾ شرف وارو ڪري خلقيو آهي. حديث قدسي ۾ اچي ٿو : ”الانسان سري وانا سره“ يعني انسان منهنجو (الله تعاليٰ) ڳُجهه آهي ۽ آنءُ سندس ڳُجهه آهيان. شاهه صاحب وحدت الوجود جي نظريي جو قائل هو. جنهن نظريي مطابق انسان، خالقِ ڪائنات جي تخليق جو مظهر آهي. انهي اسرار کي فقط علم ۽ معرفت جا صاحب ئي پروڙي سگهن ٿا. جئن پٽ ڌڻي فرمايو:

هُو پڻ ڪينهين، هِنَ ري، هي نه هُنَهان ڌار
الانسان سري وانا سره ، پروڙج پچار
ڪندا وٺا تنوار ، عالمَ، عارف اهڙي

انسان جسم ۽ روح جو مرڪب آهي. جسم فاني آهي، جڏهن ته روح باقي آهي. روح ازل کان آهي ۽ ابد تائين رهندو. جهڙي ريت انسان جي پيدائش روح جي پيدائش يا شروعات نه آهي، اهڙي طرح سندس موت، روح جو موت يا پڄاڻي نه آهي. جڏهن خالقِ ڪائنات انسان جي جسم کي تخليق ڪرڻ ڪيو هو، تڏهن به روح عالمِ ارواح ۾ موجود هئا. موت انسان جي جسم جي فنا ٿيڻ جو نالو آهي. جسم جي فنا ٿيڻ سان روح فنا ڪونه ٿو ٿئي. بلڪ جسم جي فنا ٿيڻ بعد روح، عالمِ ارواح ۾ واپس وڃي آرامي ٿئي ٿو. اصل اهميت روح کي آهي ۽ روح رب جي اَمُر هيٺ آهي. جن انسانن الله پاڪ جي ذات کي ڪونه سڃاتو ۽ اهڙي اسرار کي ڪونه ڄاتو سي پنهنجي هائيءَ هڃي ويا ۽ اهڙي گمراهيءَ ۾ غرق ٿيا، جتان وري واپس ڪونه وريا.

الله جي نيڪ بندن آڏو اهڙي عبادت بي معنيٰ آهي جنهن ۾ انسان خوديءَ جي غلاميءَ کان جان ڇڏائي ڪونه سگهيو آهي. لاڪيٽي لطيف اهڙي مفهوم کي

کهڙي نہ سهڻي پيرايي ۾ ادا ڪيو آهي. فرمائي ٿو تہ جيسين تون خديءَ جو بندو آهين تيسين تنهنجي عبادت (نماز) ناقص آهي. پنهنجي دل مان سمورا غير گمان ڪڍي، باطل حيلا وسيلا ترڪ ڪري، وهم ۽ وسوسا وساري اندر کي اجرو ڪر. ان کان پوءِ ئي رب جي اطاعت ۽ عبادت جو صحيح معنيٰ ۾ حق ادا ڪري سگهندين.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناه نماز
سپ وڃائي ساز، تِهان پوءِ تڪبير چئہ

لطيف سائين جي مٿين بيت جي روح تائين پهچڻ لاءِ مان دنيا جا ٻہ مثال پيش ڪندس. بادشاهه جي درٻار ۾ سندس دربان ڪيڏي تابعداري ۽ احترام سان سِرُ جهڪايو بيٺا هوندا آهن. اهي شاهه جي هر فرمان تي لبيڪ چئي حڪم جي پوئواري ڪندا آهن. اهڙي ريت فوج جو سپاهي پنهنجي ڪمانڊر آڏو ڪيئن چابڪدستيءَ سان حڪم ۾ ٻڌل هوندو آهي. جنهجو مطلب ٿيو تہ بادشاهه جو دربان توڙي فوج جو سپاهي پنهنجي فرض جي سرانجاميءَ وقت پاڻ ارپي ڇڏيندا آهن. حڪم عدوليءَ جي صورت ۾ کين جوڳي سزا پڻ ملندي آهي.

هاڻي ڏسجي تہ انسان کي ان شهنشاهِ حقيقي جي درٻار ۾ ڪيتري نہ عجز ۽ انڪساري، حلم ۽ هيناهين سان سَر بَسجود ٿيڻ کپي. عبادت جو مطلب فقط اونڌا سوان سجدا ڏيڻ هرگز نہ آهي، بلڪ خداوندِ ڪريم جي شانِ ڪريمي کي تصور ۾ رکي ان ذات جي آڏو اهڙي نموني جهڪڻو آهي جئن جهڪڻ جو حق صحيح نموني ادا ڪري سگهجي. لطيف سائين جو سُر آسا ۾ ساڳي مفهوم وارو هڪ ٻيو بيت پڻ ملي ٿو.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود
وڃائي وجود، تِهان پوءِ تڪبير چوءِ

الله تعاليٰ کي انسان جي جيڪا وڏ کان وڏ عادت پسند آهي، سا آهي انسان جو عبديت جو حق ادا ڪرڻ. عبديت معنيٰ ٻانهپ. ٻانهو يا غلام پنهنجي آقا جي

حڪمن جي پوئواري ڪندو آهي ۽ ان کي پنهنجي خوشنودي ۽ خوشي سمجهندو آهي. لطيف سائين هينئين بيت ۾ اهڙن ئي نيڪ ٻانهن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ٻانهپ جو پورو پورو حق ادا ڪيو. انهن پنهنجي ’مان‘ کي ماري وجود وڃائي ڇڏيو ۽ فنا في الله ٿيا. اهڙي منزل تي رَسڻَ لاءِ انهن کي ڪيترن ئي ڪٺن مرحلن مان گذرڻو پيو. من جون سڌون ماريائون. نفساني خواهشن کي ختم ڪيو. شريعت، طريقت ۽ معرفت جون دشوارگذار ۽ صبر آزما منزلون طيءِ ڪري جڏهن حقيقت کي رسيا تہ مٿن روحاني راز کليا. پوءِ اهي اول فنا في المرشد پوءِ فنا في الرسول ۽ آخر ۾ فنا في الله ٿيا. جڏهن ڪو انسان فنا في الله واري منزل کي پهچندو آهي تہ پوءِ هو ظاهري عبادتن ۽ رياضتن جي حد کان ٻاهر نڪري ويندو آهي. هاڻي سندس سمورو وجود خالقِ حقيقي جي ذڪر ۽ ثنا ۾ محو ٿي ويندو آهي. بقول لاڪيڙو لطيف پوءِ اهڙن انمول انسانن جي لاءِ ظاهري عبادتون ڪا معنيٰ ئي نہ ٿيون رکن. اهي قيام، قعود ۽ سجدن کان بالا ٿي وڃن ٿا. انهن کي پلا اهو رنگ ڪئين لڳو!؟ تنهن لاءِ شاهه سائين فرمايو تہ انهن پنهنجي بود کي نابود ڪيو. يعنيٰ پنهنجي وجود ۽ هستيءَ کي نيست ڪيو. پنهنجي انانيت کي ماريو ۽ الله جي حڪمن جي پوئواري ڪئي، تڏهن ئي ان ابدي هستيءَ سان ميلاپي ٿيا.

جن وڃايو وجود، سي فنا ٿيا في الله ۾
نہ تن قيام نہ قعود، نہ ڪي ڪن سجود
جيلاهه ٿئا نابود، تيلاهه گڏيا بود کي

مسلمان سڏائڻ تہ سولو آهي پر سچو مومن بڻجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پڻائي پلاري نهايت بيباڪيءَ سان اهڙن انسانن کي تنبيهہ ڪئي آهي تہ فقط ڪلمو پڙهي الله پاڪ تي ايمان آڻڻ جي دعويٰ ڪرڻ خام خيالي آهي. جيسيتائين تنهنجي دل ۾ دغا ۽ دُوئي آهي ۽ تون شيطان جو طابع آهين، تيسيتائين مومن بڻجي نہ ٿو سگهين. پوءِ بظاهر ڇونہ تنهنجي شڪل و صورت مسلمانن جهڙي هجي. تنهنجو اندر اجرو نہ آهي تنهنڪري تون رحمان جو نہ پر شيطان جو غلام آهين. تنهنجي

دل جو ڪفر اڃان قائم آهي، تنهنڪري تون سچي مسلمان سڏائڻ جي هام هڻي نہ ٿو سگهين.

ان پر نہ ايمان، جئن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
مُنهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين

انسان ڪهڙي بہ مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندو هجي، ڪهڙي بہ مذهب جو پيروڪار هجي، ڪيس پنهنجي نظريي، عقيدي ۽ مذهب سان سچو رهڻ گهرجي. حضرت ڀٽائي گهوٽ ابتدائي دور ۾ حق جي تلاش ۾ جڏهن جوڳين ۽ سامين سان لاهوت، هاهوت ۽ گرنار جا پنڌ ڪيا. وندر ووڙيا، جبل جهاڳيا ۽ڪشالا ڪڍيا، تڏهن ڪيس هندو مذهب جي پيروڪارن کي ويجهو کان ڏسڻ جو موقعو مليو. شاهه سائين محسوس ڪيو تہ انهن مان اڪثريت اهڙن جي هئي، جيڪي اصل ۾ پنهنجي مذهب سان سچا نہ هئا. انهي ڳالهہ ڀٽائي صاحب کي ڏاڍو ڏکوئيو. اهڙي موقعي تي هن پنهنجي احساسات جو اظهار هن ريت ڪيو آهي :

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافرَ مَ ڪوٺاءِ
هندو هڏ نہ آهين، جڻيو تو نہ جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين

مٿين بيت ۾ شاهه سائين ڪفر سان ڪوڙن انسانن کي تنبيهہ ڪندي فرمايو تہ توهان کي ڪافر ڪوٺائڻ جو ڪو حق ئي ناهي ڇالاءِ تہ توهان پنهنجي ڪفر سان سچا نہ آهيو. جڻيو پائي تلڪ لڳائڻ توهان کي نہ ٿو سونهين. ڇوتہ توهان هندو سڏائڻ جي لائق ئي نہ آهيو. سندر جو تلڪ تہ انهن جي پيشاني تي سونهندو جيڪي شرڪ سان سچا هجن.

دنيا ۾ ڪيئي ٻهروپيا انسان گذارين ٿا، جن جو ظاهر هڪڙو تہ باطن ٻيو هوندو آهي. اهڙن ئي انسانن لاءِ سياڻن چيو "ٻاهر ٻولي هنجهہ جي، اندر ڪارو ڪانءَ." اهي ظاهري طرح شڪل و صورت مان وڏا متقي ۽ پرهيزگار لڳندا آهن،

اهڙي ڀھروپي انسان کي شاھ سائين تلقين ڪندي فرمائي ٿو تہ ”اي پٽڪيل انسان! اهڙي خام خبيث نفس پليد کي پنهنجي اندر مان ڪڍي ڦٽو چونہ ٿو ڪرين!“ هتي اشاروشيطاني قوتن ڏانهن آهي جيڪي انسان کي ورغلائي گمراهي جي غار ڏانهن ڌڪي ڇڏيندیون آهن. هاڻي جيڪڏهن انسان شيطاني حملن کان پاڻ بچائيندو تہ پوءِ سندس ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو ٿي پوندو. لطيف سائين فرمايو :

مھ تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيس، ڪڍي ڪوھ نہ ڇڏيئن

سچائي اهڙي قوت آهي جنهن سان انسان ڪنهن بہ معاملي جي حقيقت تائين رسي سگهي ٿو. جن انسانن حقيقت پسندي ۽ سچائيءَ جو سهارو ورتو، تن جي سوڀ ٿي. انهن جو اندر اجرو ٿي ويو. اهڙن انسانن کي زندگيءَ جو مقصد ملي ويو. دنيا جي ظلمات ۾ انهن کي نور نظر آيو ۽ ائين اهي رب اللعالمين وٽ سرخرو ٿيا. پٽ ڌڻي فرمايو :

سُرمون سفيديءَ جو جڏهن پاتو جن
تڏهن ڏٺي تن، اڃائي عالم ۾

اکين جو ڪم ڏسڻ يا مشاهدو ڪرڻ آهي. اهي هر نيڪ ۽ بد کي ڏسن ٿيون. پنهنجي توڙي پرائي ڏانهن نهارين ٿيون. پر پٽائي گهوٽ اهڙين اکين رکڻ جي تلقين ٿو ڪري جيڪي فقط پرينءَ کي پسن. غير ڏانهن نهارڻ کي بہ گناھ تصور ڪن. فرمائي ٿو تہ اهڙيون اکڙيون ڏارِ جن سان پنهنجي محبوبِ حقيقي جو مشاهدو ڪري سگهين، ڪنهن غير ڏانهن نگاھ ڪٽي بہ نہ نهار، ڇالاءِ تہ تنهنجو پرين نهايت غيرتمند آهي. اهو تنهنجي اهڙي عمل کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندو.

اصل اشارو ربّ جي ذات ڏانهن آهي. انسان کي انهي خالق ۽ مالڪ سان لونءَ لڳائڻ کپي. ڪنهن بہ غيرالله ڏانهن هرگز واجهائڻو نہ آهي. الله پاڪ جي ذات وڏي

غير تمند آهي جيڪا ڪڏهن گوارا نہ ٿي ڪري تہ سندس خلقيل ٻانهو ڪائنس علاوه ڪنهن ٻئي ڏانهن مشڪل ڪُشائي ۽ حاجت روائي لاءِ واجهائي ۽ ڪنهن ٻي ڪي سندس پاڪ ذات سان شريڪ ڪري.

اڪيون سي ئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي
ٻي ڏانهن ڪيمَ نهار، گهٽو ريسارا سپرين

سچي سالڪ جي تقاضا اها آهي تہ طالب کي مطلوب جي ياد سدائين دل ۾ هجي. پٽائي گهوٽ اهڙي عاشق کي تلقين ڪندي فرمائي ٿو تہ تون دنيا جي وهنوار سان بہ منهن ڏيندو رهہ. ڪمن ڪارين ۾ بہ پنهنجا هٿ پير هلائيندو رهہ. اکين سان دنيا جي معاملات جو مشاهدو بہ ڪندو رهہ پر انهن سمورن عملن دوران تنهنجي دل محبوب جي ياد سان آباد هجي. محبوب جو تنهنجي دل ۾ ديرو هجي. جنهن جو هر دم تصور ۾ ديدار ڪندو رهين ۽ تنهنجو دل ۽ دماغ ساعت لاءِ بہ پرين جي ياد کان وانجها نہ هجن. اها ئي سچي سالڪ جي تقاضا آهي.

هٿن سان هاج ڪر، نيڻن سين نهار
ايا اڳٽا يار، پَسُ پنهنجا سپرين

شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ حضرت مولانا رومي جو ذڪر وڏي عقيدت ۽ احترام سان ڪيو آهي. ڪيس پنهنجي مرشد واري حيثيت ڏني آهي. چيو وڃي ٿو تہ پٽ ڌڻي کي ٽي ڪتاب هر وقت ساڻ هوندا هئا، جن ۾ قرآن حڪيم ۽ شاهہ ڪريم جي رسالي کان علاوه ٽيون ڪتاب مولانا رومي جي مثنوي هئي. مولانا جي مثنوي علم ۽ عرفان جو خزانو آهي. لطيف سرڪار پنهنجي رسالي ۾ مثنوي مان ڪي عقل پريا نقل پڻ ڏنا آهن.

سُر آسا ۾ مثنوي جو مشهور نقل، بيت جي چئن سٽن ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي :

مُئي هاٿيءَ سين مامرو، اچي پيو انڌن
مناڙين هٿن سين، اکين ڪين پسن

في الحقيقت فيل کي، سڄا سڃاڻن
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري

مثنوي ۾ اصل نقل ڪجهہ هن ريت آهي تہ ”چئن انڌن گهگهہ اونداهيءَ ۾ مئل هاٿيءَ کي سڃاڻڻ لاءِ هٿن سان ڇهيو ۽ هر هڪ پنهنجي پنهنجي اندازي مطابق رايو قائم ڪيو. هڪ هاٿيءَ جي ٽنگن کي ڇهيو تہ چيائين هاٿي ٿنڀي جهڙو آهي. ٻئي جا هٿ هاٿيءَ جي ڪنن ۾ پيا تنهن چيو تہ هاٿي وڃڻي وانگر آهي. ٽين جا هٿ سونڍ ۾ پيا تنهن رايو قائم ڪيو تہ هاٿي نلڪي وانگر آهي. چوٿين جا پڇ ۾ هٿ پيا تنهن چيو تہ هاٿي رسي جهڙو آهي.

لطيف سائين مٿين نقل مان عقل جو نُڪتو اهو بيان ڪيو آهي تہ جز کي جاچڻ سان ڪُلَ جي ڪَلَ ڪانہ پوندي. جيڪي ’ڪُلَ‘ کي ڇڏي جز کي چنبڙيا تن کي اصل حقيقت حاصل ڪانہ ٿي. ’ڪُلَ‘ کي سڃاڻڻ لاءِ اندر جي اک رکڻ وارن سالڪن ۽ صالحن جي صحبت ضروري آهي. جيڪي ظاهري اکين وارن انڌن کي بہ سئين ڏڳ لڳائي سگهن ٿا.

لطيف سرڪار پنهنجي رسالي ۾ ڪئي اهڙيون تہ ڪمال جون تشبيهون ۽ ترڪيبون ڏنيون آهن جو پڙهندڙ جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. مثال طو سُر آسا جو هيٺيون بيت ڏسو :

جي پائين پرينءَ مڙان، تہ سِڪ چوران ڪي تاتِ
جاڳڻ جشن جن کي، سُک نہ ساري رات
اجهي ٻجهي آئيا، وائي ڪن نہ وات
سَلَي سوريءَ چاڙهئا، بيان ڪن نہ بات
توڙي ڪُسن ڪاتِ، تہ بہ ساڳي سَلِن ڪين ڪي

چور کي هر معاشري ۾ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. ڇالاءِ تہ سندس چوريءَ واري عمل کي ڪنهن بہ صورت ۾ ساراهي نہ ٿو سگهجي. پر ڏسو تہ شاهہ صاحب چور جي اهڙي نفرت ڀري ۽ ڪُڌي عمل مان بہ ڪهڙو خوبصورت ۽ مثبت

مفهوم ورتو آهي. هو سچي سڪ رکڻ واري طالب سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ جي تون پرينءَ تائين پهچڻ جي خواهش رکين ٿو تہ پاڻ منجهہ چورن واريون عادتون پيدا ڪر. جيڪي ساري رات سک سان ڪونہ سمهندا آهن بلڪہ جاڳڻ کي جشن ڪري پائيندا آهن. هو چوريءَ تي وڃڻ کان اڳ اهي پنڌ پيچرا ۽ مشڪل گس ۽ رڪاوٽون ڏسي پَڪَ ڪري ايندا آهن جن سان انهن کي چوريءِ لاءِ وڃڻو پوندو آهي. چوندا آهن تہ ”سوءِ راتيون چور جون هڪ رات ساڌ جي.“ سو آخر هڪ ڏينهن پڪڙجي بہ پوندو آهي. پوءِ ڪائنن چوري اوڳاڇڻ لاءِ مٿن سخت تشدد ڪيو ويندو آهي. پر هو ڪوشش ڪري ٻاڦ ٻاهر ڪونہ ڪڍندا آهن. پر جي مٿن اهڙي نوبت اچي بہ ويندي آهي جو کين اوَس چوري واپس ڪرڻي پوي تہ بہ چوريءَ واري اصلي شيءِ واپس نہ ڪندا آهن بلڪہ چوندا ”ساڳي نہ ويڳي واپس ڪندا سون.“ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مطابق دراصل اهي چوراٽي ڏنڏي جا بہ خاص اصطلاح آهن.

چورن جي مٿين عمل مان سالڪ کي اهو سبق ڏنو ويو آهي تہ تون سڄيون سڄيون راتيون جاڳي صبح ڪر ۽ انهي اوجاڳي کي پنهنجي لاءِ سعادت تصور ڪر. پرينءَ تائين پهچڻ لاءِ انهن سچن سالڪن وارن اختيار ڪيل مشڪل ۽ دشوارگذار پنڌن پيچرن کان واقف ٿيءُ ۽ انهن اٽانگن پنڌن لاءِ پاڻ کي ذهني طور تيار رک. پوءِ انهيءَ سچي محّبت جي حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنجي مٿان پل جانِ ليوا تڪليفون چونہ اچن پر دانهن نہ ڪر. ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍ. سڀ تڪليفون صبر سان سهندو رهہ. شاهہ صاحب انهن تڪليفن کي سَلَ ڪڍي سوريءَ تي چاڙهڻ ۽ ڪات سان ڪُسڻ وارن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

جن انسانن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ۽ پنهنجي ’مان‘ کي ماري مات ڪيو سي فنا في الله ٿي ويا. انهن معرفت جون اعليٰ منزلون ماڻيون. اهڙن انسانن الله پاڪ جي حڪمن جي بجا آوري ڪري پنهنجي عبديت جو صحيح حق ادا ڪيو ۽ علم وعرفان جا صاحب بڻجي ويا. انهن کي جيڪا روحاني منزل حاصل ٿي ۽ جيڪي

سندن درجا بلند ٿيا، جيڪي عجب اسرار انهن ڏٺا، تن جو ذڪر ڪرڻ انهن لاءِ مشڪل ۽ محال آهي. ڇالاءِ تہ ربّ جي ذات بي مثل آهي. لطيف سائين اهڙي ڪيفيت جو اظهار بيت جي ٽن سٽن ۾ هن ريت ڪيو آهي :

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي ٿئا، صورت پڻ سيئي
ڪبي ات ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي

# سُر ساموندي ءَ جو مطالعو

لطيف سائين جو ڪلام عالمگير پيغام آهي. سندس رسالو عقل وارن انسانن لاءِ ڪيمياگري جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ اهڙا مفيد نسخا تحرير ٿيل آهن جن تي عمل ڪرڻ سان انسان کي انمول خزانا حاصل ٿي سگهن ٿا. سنڌ جي سدا حيات شاعر پنهنجي ڪلام ۾ جتي پنهنجي دور جي ماحول ۽ ريتن رسمن جو ذڪر ڪيو آهي اتي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن توڙي رومانوي داستانن کي بہ نظر انداز ڪونہ ڪيو آهي. بلڪ سنڌ جي لوڪ داستانن کي جيڪا دائمي حياتي لاڪيٽي لطيف بخشي آهي تِنهن جو مثال ملڻ محال آهي.

شاهه سائين جي ڪلام جو تجزيو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هو هڪ وڏو جهان ديد انسان هيو. سندس مشاهدي جي قوت عام شاعرن کان گهڻو مٿي هئي. سير سفر دوران هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو ان جو باريڪ بينيءَ سان مشاهدو ڪيائين. سُر ساموندي پڻ ان جو سهڻو مثال آهي.

شاهه صاحب جي رسالي جو مولف محترم غلام محمد شاهواڻي سُر ساموندي جي مضمون بابت رقمطراز آهي :

”سر ساموندي ۾ وڻجارن ۽ سندن وهن جو احوال عمدي پيرايي ۾ ڏنل آهي. شاهه جيڪو زال ذات جي جذبن ۽ امنگن جو نقش هتي ويهي چٽيو آهي تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سفر ڪندي شاعر اکيون اُپٽي ۽ ڪن کولي موحول جو گهري نظر سان مشاهدو ۽ مطالعو ڪندو پئي ويو. ڪراچيءَ جي لاڙي حصي جو مغل پيئين وٽ جيڪو ساموندين جي ويڙهيل وهن ۽ منڌل منڌن جو حال هن اکين سان ڏٺو هو تنهن جي هن سُر ۾ چٽي تصوير نڪتل آهي. وڻجارين جي من جو مونجهارو، اندر ۾ اٿندڙ ۽ پل پل پوندڙ پور، ڪانڌن جي ڦوڙائي ۾ آڳي اڳيان التجائون، سندن صحيح سلامت واپس ورڻ لاءِ قسمين قسمين حيلا ۽ تپشائون،

تڙن تي ورن ورڻ لاءِ اوسيئڙو ۽ انتظار، بندر تي ناکئن کان پڇائون، پيرن تي پڙ پاسڻ، دريا تي اَکا پائڻ، چوواٽن تي ڏيا ٻارڻ وغيره. انهن جو نهايت دل سوز ۽ رقت آميز نموني ۾ بيان ڪيو آهي.“

مون پنهنجي مقالي ۾ سڀ کان اول وڻجارن جي ونين جي اندر جي اڌمن جو نفسياتي جائزو پيش ڪيو آهي. جنهن کان پوءِ وڻجارن جي مسلڪ ۽ مذهب بابت ڪناڪيڙ ڪئي اٿم ۽ آخر ۾ سُر سامونڊي جي روحاني راز جي اُپٽار ڪئي آهي.

خوشي ۽ غم انساني زندگيءَ جا ٻہ اهم پهلو آهن. انسان پنهنجي حياتي دوران انهن ٻنهي ڪيفيتن سان همڪنار رهي ٿو. هر خوشي جي تعاقب ۾ غم آهي ۽ هر غم جي پڄاڻيءَ تي خوشيءَ جي انبلڻ اپري بيهي ٿي. جيڪا عام طرح عارضي هوندي آهي. هونءَ بہ خوشيءَ جي مقابلي ۾ غم جي عمر طويل ٿئي ٿي. فراق ۽ جدائيءَ جو غم ٻين سمورن غمن تي حاوي هوندو آهي.

اڄ سڪ جي ستايل ۽ فراق جي ماريل وڻجاري جيونيءَ جنهن جو وَرُ سهسين سُڪائن کانپوءِ مس مس وري آيو آهي، سا نہ ٿي چاهي تہ سندس محبوب چند ڏينهن جي قيام بعد وري کيس وڇوڙي جو داغ ڏئي هليو وڃي. پر ”جي وڃون وڃون ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو.“ وڻجارا جن جو ڪم ئي ڏورانهن ڏيهن سان آهي، سي پيلا ڪيترو وقت ترسي پوندا. آخر تہ کين سفر سِڌارڻو ئي آهي. تنهن ڪري انهن وٽ سدائين سفر جا سانباها هوندا آهن ۽ اَنئي پهر هو ڪنهن نئين سفر جي تياريءَ لاءِ پيا پاڻ ۾ پچار ڪندا آهن. اڄ پڻ هو وري اسهڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
انئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو

اهو منظر ونيءَ لاءِ ويراڳ ۽ وڇوڙي جي واٽ ٻڌائي ٿو. هوءَ پنهنجي جيجل ماءُ سان مخاطب ٿي چوي ٿي تہ وڻجارا وري ڪنهن سفر تي اُسهڻ جون تياريون

ڪري رهيا آهن. سندن ارادو اٽل پيو پائجي. هنن منهنجي روح راڙي ۽ ميڙ منٿ ڪئي ته مهت ڪونه ڏنو. جيجل! مان انهن سمنڊ جي مسافرن کي پلا ڪيترو جهلي پلي سگهان ٿي، جن ٻيڙن جا سڙهه به کولي انهن کي بحرِ بي ڪنار جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
هلڻ هارا سپرين، رئان تان نه رهن
آئون جهليندي ڪيترو، آيل! سامونڊين
پڳهه ڇوڙي جن، وڌا ٻيڙا ٻار ۾

سامونڊي سفر تي روانا ٿي چڪا آهن. انهن جون ڳالهيون ياد ڪري هوءَ تڙ تي گوندر ۾ گذاري رهي آهي. سامونڊين جي تار ۽ تنوار سندس من موهي ڪري رکيو آهي.

سامونڊي ساري، مٿي تڙ گذاريان
مونکي ٿي ماري، انهن سندي ڳالهڙي

هاڻي ته وڻجاري جي ونيءَ جي دل ۾ سِڪ جو سَلو وڏي وڻ ٿي ويو آهي. اها ڏکن ڏَڏل پنهنجي پياري پيتار جي انتظار ۾ تڙپي تانگهي ۽ تاڻي ٿي ته اوچتو سندس نظر سمنڊ جي سطح ڪان سرڪندي پنهنجي سامونڊين جي جهاز جي سڙهه تي وڃي پوي ٿي. سندس جان ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو. هوءَ وڏيءَ سِڪ ۽ اُتساهه مان اچي ماءُ کي ٻڌائي ٿي ته آيل! اِجهو پنهنجا سامونڊي سڄڻ اچي ماڳ پيڙا ٿيا آهن. مون جاني جي جهاز جا سڙهه سڃاتا آهن. پر شل منهنجو محبوب به ان جهاز ۾ خير سان موجود هجي.

سڙهه سڃاڻئو چوءِ، ماءِ سامونڊي آئيا
مانَ منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾

ونيءَ جو ورُ ته وري آيو آهي ۽ ڪيس سک جون ڪي ساعتون نصيب ٿيون آهن پر آخر هو هتي ڪيترو وقت ترسندو. ڪي پهر ڪي ڏينهن! ۽ اهي پهر ۽

ڏينهن تہ وڻجاري جي ونيءَ لاءِ جڻ اک ڇنڀ ۾ گذري ويندا ۽ سندس سڪ سيني ۾ اڌوري ئي رهجي ويندي. اوسيئڙو ۽ انتظار تہ سندس ازلي ساٿي آهن.

...... ۽ اجهو اڄ پرھ ڦٽيءَ جو وڻجارن ڪنهن نئين سفر جو تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. انهن جي تياري ڏسي سهاڳڻين جو هينيون هارجي پيو آهي. سندن دل غمن جي اٿاهہ گهراين ۾ ٻڏي رهي آهي. اهڙي سهاڳڻ پنهنجي غم الم جو اظهار پنهنجي رازدار ۽ غمگسار ماءُ سان ڪندي چوي ٿي تہ پياري امڙ! سامونڊين جي تياري ڏسي ۽ سندن جدائي ۽ تڪليفن جو تصّور ڪري منهنجا تہ ٻڳچَ ٽا ڳرن. هنن جي اسهڻ کان پوءِ ڪين ياد ڪري مان تہ مري وينديس.

وڻجارن وري، پرھ پڳهہ ڇوڙيا
اوليون پسي ان جون، پَيَرَم ٻڳچ ڳري
وينديس ماءُ مري، ساري سامونڊين کي

هاڻي وڻجاري جي ونِي پنهنجي مجازي خدا جي جدائيءَ بعد جيڏين سرتين سان مخاطب آهي، وڻجارا سفر سڌاري چڪا آهن انهن وٽي پڃاڻان نہ اهي تڙ آباد آهن ۽ نہ بينڪن ۾ بهاري آهي. نہ ئي وري ساهہ سيباڻن سامونڊين جي منڙي گفتار پئي ٻڌجي. اي سهڻيون سرتيون! سامونڊين کي ساري منهنجو من ملول ٿي پيو آهي ۽ دل تي غمن جا پهاڙ ڪري پيا آهن. جدائيءَ جا ڦٽ اُڪڙي ۽ اُڌڙي پيا آهن. اي منهنجيون پاڙي واريون پينرون سامونڊين جي سِڪَ ۽ سوز صفا ماري ڇڏيو آهي.

نہ سي تڙ اوطاق، نہ وايون وڻجارن جون
سرتيون سامونڊين جا، اڄ پڻ چڪيم چاڪ
ماريهون فراق، پاڙيچون پرين جا

سڪ جي ستايل سورميءَ جو من ميلاپ لاءِ ماندو آهي. سندس دل ۾ اها ئي طلب ۽ تات آهي تہ جيڪر منهنجو محبوب هاڻي واپس ورڻ جي ڪا واٽ واري ۽ جلد اچي مون سان ملي، جئين منهنجي گهايل من جي مراد پوري ٿئي. مان

پنهنجي محبوب سان دل کولي روح رهاڻيون ڪريان. هو پنهنجي دل جو اڌمو اندر ۾ سانڍي ڪانہ ٿي سگهي، سو پنهنجي پياري آيل سان مخاطب ٿي چوي ٿي. پياري امڙ! جيڪڏهن منهنجو وَرُ پنهنجو وڙُ ڪري اچي منهنجو اڱڻ اجاري تہ هوند مان ساڻس ڳلي لڳي فراق ۽ جدائيءَ جا سمورا احوال اوريان.

جيڪر اچي هاڻ، تہ ڪيان روح رچنديون
آيل! ڍوليي ساڻ، مند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان

فراق جي اهڙي ڪيفيت جون بي انت ساعتون گذري ويون. ساعتن مان پهر ٿيا ۽ پهرن مان ڏينهن. ڏينهن مهينن ۾ مٽجي ويا ۽ هاڻ تہ سندس صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو آهي، جو سَر بہ نسري رهيا آهن ۽ اُتر جون ٿڌڙيون هوائون گُهلي رهيون آهن. هن پنهنجي محبوب جي اچڻ جي آس ۾ سوين سُڪائون باسيون آهن.

سَرَ نِسريا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون

ايترن پيرن پيٽڻ ڪان پوءِ وڻجاريءَ جو ورُ وٽس وري آيو آهي. سندس لاءِ گويا سکن جو سج اُڀري پيو آهي، پر ڪيستائين! ڪي پهر ڪي ڏينهن.

...... ۽ اهي ڏينهن آخر اچي پورا ٿيا، جيڪي خواب وانگر گذري ويا. اڄ وڻجارا وري ڪنهن نئين سفر جي لاءِ سنبري رهيا آهن. هوءَ پنهنجي ڪانڌ کي آزيون نيزاريون ڪري ٿي تہ ڍوليا واپس ورڻ جي وائي وساري ڪجهہ عرصو تہ مونسان گذار. پر موٽ ۾ کيس مايوسي ئي ملي ٿي. پوءِ هوءَ آخري اميد طور پنهنجي ور جي آيل سان مخاطب ٿي کيس سفارش ٿي ڪري تہ منهنجو پرين ٻارهن مهينن ڪان پوءِ مس مس مون وٽ وري آيو آهي ۽ اجهو وري هو نئين سفر جا سانباها پيو ڪري. تون ئي کيس اهڙي ارادي کان موڙي وجهہ. ڇا تون کيس جهلي پلي ڪونہ ٿي سگهين!

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نہ پلين!
آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي.

## وڻجارن جو مذهب

سنڌ جو معروف اديب ۽ عالم پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم پنهنجي مقالي ”شاهه ڀٽائي جو رسمن بابت مطالعو“ ۾ سر سامونڊيءَ ۾وڻجارن جي وستيءَ، مروّج ريتن ۽ رسمن بابت لکندي سندن مذهب ۽ عقيدن تي به روشني وڌي آهي. هو صاحب لکي ٿو :

”سر سامونڊيءَ ۾ انهن سڀني حقيقتن، رسمن رواجن جي خبر پوي ٿي جي ان وقت موجود هئا. مثلاً اهي سامونڊي اڪثر سياري جي مند ۾ سمنڊ جو سفر ڪندا هئا. جڏهن منجهس ڪوبه شور ۽ شر نه هوندو هو ۽ پاڻي مانيٽو هوندو هو. اڪثر هو پنهنجي سفر کي ڏياريءَ جي ڏڻ گذارڻ بعد جاري رکندا هئا. جئن ڀٽائي صاحب فرمائي ٿو :

ڏئي ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا
وجهو وَرَ ونجهه کي، روئي وڻجاري
مارينديءِ ماري، پرهه سور پرينءَ جا

بدوي صاحب وڌيڪ لکي ٿو :

”هي سامونڊي اڪثر ڇهه مهينا سفر ڪندا هئا ۽ بهار ۾ موٽندا هئا. جئين شاهه سائين فرمايو آهي :

لڳي اُتر اوهريا، واهوندن ورن
آئون گهٽو ئي گهوريان، سودو سامونڊين
اگهڻ جن اچن، عيد ورتي ان کي

”ڇهن مهينن جو اوسيئڙو ڪو ٿورو نه آهي. وڻجاريون پنهنجن ورن لاءِ رات ڏينهن پيون نهارينديون هيون. معلوم ائين ٿو ٿئي ته اهي وڻجارا اڪثر هندو هوندا هئا، ڇوته شاهه ڀٽائي انهن جي رسمن جو ذڪر افراط سان ڏئي ٿو. هندو عورتون جڏهن آسائتيون هونديون آهن ته ڄَر تي آڪا پائينديون آهن. آتي جا ڏيئا ناهي

مٿن سندر جا ٽڪا ڏئي گھر مان ٻاري ٿالھيءَ ۾ رکي جَرَ تي وجي رکي ايندڙيون آھن. سنڌ ۾ اڪثر ڪوھن تي سھاڳڻيون ھندو عورتون ميڙ ڪري ھيءَ رسم بجا آڻينديون آھن. شاھ صاحب انھن ڏانھن اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

اُيبون تَڙِ پوڄين، وھون وڻجارن جون
آڻيون اَڪا ڏين، ڪٿوري سمونڊ ڪي

"ٻي رسم ھندن ۾ آھي تہ اھي پيڙ جي وٽن ۾ ٻاڙھي ڪپڙي جون جھنڊيون ٽنگيندا آھن. انھيءَ لاءِ تہ سندن آس پوري ٿئي. ڀٽائي گھوٽ فرمائي ٿو :

جَرَ تَڙِ ڏيئو ڏي، وڻ ٽڻ ٻڌي وائنٽيون
الا! ڪانڌ اچي، آسائتي آھيان

مرحوم بدوي صاحب جي راءِ سورنھن آنا صحيح نظر اچي ٿي تہ وڻجارن جي اڪثريت جو تعلق ھندو مذھب سان ھو. ڇوتہ ساڳي سُر مان ٻيا بہ ڪي بيت ملن ٿا جن ۾ ھندن جي رسمن رواجن جو ذڪر آيو آھي. مثلاً چکيا تي چڙھڻ جي رسم جنھن ڪي ستي لڪڙي سڏيو ويندو ھو. جنھن ۾ مڙس جي مري وڃڻ تي سندس زال پڻ باھ ۾ ٽپو ڏئي پنھنجو انت آڻي سَتي بڻبي ھئي. لطيف سائين ان رسم کي چِّيءَ چاڙھڻ سڏيو آھي. فرمائي ٿو :

سي ئي جوين ڏينھن، جڏھن سجڻ سفر ھليا
رئان رھن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪيءَ
مونکي چاڙھي چِّيءَ، وئو وڻجارو اوھري

ان ڪان علاوه ٻين بہ ڪن بيتن ۾ ڏيئن ٻارڻ ۽ اَڪا وجھڻ جو ذڪر اچي ٿو. جئن ھينئيون بيت ملاحظہ ٿئي :

جا جَرِ جاتون نہ ڏئي، ڏيئا نہ موھي
سڏون ڪوه ڪري، سا پنھنجي ڪانڌ جون

تاھم اھڙا بہ بيت بہ ملن ٿا جن مان ظاھر ٿئي ٿو تہ وڻجارن ۾ مسلمان بہ ھئا.

مثال طور هيٺين بيت ۾ ڏسو. وڻجاري جي ونڻي پنهنجي محبوب کي الوداع چوڻ لاءِ تڙَ تي بيٺي آهي. پرين پڳهہ چوڙيا آهن، هوءَ الله جي آسري کين روانو ڪري رهي آهي ۽ انهن لاءِ دم دم دعائون ڪندي الله ۾ اها آس رکي ٿي تہ سندس محبوب وٽس وري ضرور موٽي ايندو.

مون اُڀي تَڙِ پاس، پرين پڳهہ چوڙئا
هو الله هار اهريا، آئون دم دم دعا ڪندياس
آس نہ لاهينديس، موٽي ايندا مان ڳري

## روحاني راز

سُر ساموندڙيءَ جي باطني معنيٰ ۽ مقصد تي نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ پٽ ڏٺي پلاروهن سُر ۾ سچي سالڪ کي مسلسل جدوجهد جو سبق ڏئي ٿو ۽ ان واٽ ۾ مرشد ڪامل جي لڙهہ لڳڻ جي تلقين ڪري ٿو. ملڪوتي منزل ماڻڻ لاءِ عارف کي الائي ڪيترن ڪٺن مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. طريقت جي هن اوکي ۽ پيچيده پيچري پار ڪرڻ ۾ صاحبِ دل معمولي لغزش جي ڪري مورانهون منزل کان پري ٿي ويندا آهن.

لطيف سائين سُر ساموندڙي ۾ انهن ملاحن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ اهي ڪنهن نئين سفر تي اُسهڻ کان اڳ ڪنهن سونهين کان رهبري وٺي پوءِ روانا ٿيندا آهن ۽ ائين ڪرڻ سبب هو ڪڏهن بہ منزل کان ڪونہ ڀٽڪيا ۽ سدائين ڪامياب ۽ ڪامران رهيا. هتي سونهين مان مراد مرشد ڪامل آهي. جيڪو سالڪ کي سئين واٽ سونهائيندو آهي. ڀٽائي سائين فرمايو :

سڙهہ ٿي سبيائون، بندر جن تڙن تي
ملا معلّم خبرون، پڇي پوريائون
سُتڙ سونيائون، اَوَتڙ ڪنهن نہ اوليا

سنڌ جو معروف محقق ۽ عالم جناب مير محمد پيرو پنهنجي مقالي "سر

ساموندي جو روحاني راز“ ۾ رقمطراز آهي :

”هونءَ تہ شيطان انسان جو ازلي ۽ وڏو دشمن آهي ۽ ڪيس انساني عروج ڪڏهن بہ پسند نہ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو سراسر بدي آهي. ان ڪري شيطان عام انساني اقدار ڪان مٿي اهلِ دل ۽ عارف جو تہ خاص ويري هوندو آهي ۽ سندس هميشہ اها ڪوشش هوندي آهي تہ هو اهڙي عارف کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت ملڪوتي منزل ماڻڻ ڪان اڳ هيٺ ڪيرائي، يا اهڙي عظمت حاصل ٿيڻ ڪان روڪي وجهي. حضرت شيخ عبد القادر جيلاني فرمايو تہ هڪ دفعي آنءُ جڏهن بغداد جي ڪنڊرن ۾ الله جي عبادت ۾ مصروف هوس تہ اوچتو آسمان ۾ جُهڙ ٿي ويو ۽ ان سان گڏ بجلي چمڪڻ لڳي. ايتري برسات وسي جو ڪنڊر پاڻيءَ سان ڀرجي ويا. اوچتوئي اوچتو آسمان ۾ اُهاءُ ٿيو ۽ آواز آيو تہ ’اي عبد القادر! اسان تنهنجي زهد ۽ عبادت مان ايترا تہ خوش آهيون جو اڄ ڪان پوءِ توتان عبادت معاف.‘ مون هڪ دم لا حول والا قوت چيو. منهنجو پڙهڻ ۽ شيطان جو ظاهر ٿيڻ. چيائين تہ ’اي عبد القادر! توکي پنهنجي علم بچائي ورتو نہ تہ ان جاءِ تان مون ڪيئي قطب راهہ تان هٽائي ڇڏيا.‘ اتي مون وري کيس چيو تہ ’نہ مونکي پنهنجي علم نہ پر پنهنجي ربّ جي فضل بچائي ورتو.‘

## مددي ڪتاب


- شاهه جو رسالو — غلام محمد شاهواڻي
- شاهه جو رسالو (گنج) — ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
- سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف — ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر
- شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
- عرفانِ لطيف — ڊاڪٽر بشير احمد شاد
- پيهي منجهہ پاتال — ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book